# سنڌي
# ٻال ساهتيہ




ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي

# سنڌي ٻال ساهتيہ

## (ورهاڱي کان وٺي ۱۹۹۲ تائين)

ساهت جي قرب ڀرين سنڀالن
جناب امر جليل صاحب
هوندراج بلواڻي

ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي

بمبئي يونيورسٽيءَ جي پي.ايڇ.ڊي. ڊگريءَ لاءِ منظور
ٿيل تحقيقي مقالو

# SINDHI BALSAHITYA

**(Children's Literature in Sindhi)**
**(1947-1992)**

**DR. HUNDRAJ BALWANI**

**March 2005**

**1st Editon Copies : 500**

**Price : Rs. 65/-**

**Published by :**

**HUNDRAJ BALWANI**

172, Maharathi Society, Sardarnagar, Ahmedabad-382475.
Phone : 22862765

Type Setting :

**SCAN COMPUTERS**

3, Radhyshyam Apartment, Patia,
Naroda Road, Ahmedabad-382345.
Phone : 22806776 Mobile : 9327007002

Printed at :

**MODERN PRINTERS**

Naroda, Ahmedabad.

---

Published with financial assistance from
National Council for Promotion of Sindhi Language,Vadodara-390007.
vide sanction letter No. 8-17-2-1/NCPSL/04 H.B., dated 24-5-04
Copy rights vests with the Author

# هن تحقيقي مقالي جو خيال

سنڌيءَ ۾ هيلتائين جيڪو ٻال ساهتيہ شايع ٿيو آهي تنهن جي باري ۾ ڪي بہ خاطريءَ جهڙا انگہ اکر ۽ ٻي ڄاڻ اسان وٽ موجود ڪانهي. ان ڪري نتيجو اهو نڪتو آهي تہ سنڌي ٻال ساهتيہ جي، تعداد توڙي معيار جي خيال کان ڪيتري اوسر ٿي آهي تنهن جي مڪمل ڄاڻ نہ ملي سگهي آهي ۽ نہ ئي تڪ تور ٿي سگهي آهي. هن مقالي ذريعي ورهاڱي کان وٺي ١٩٩٣ جي سال تائين ڇپيل ٻال ساهتيہ جا انگہ اکر، ڄاڻ، تفصيل وغيزه ڏيئي ان جو اڀياس ڪيو ويو آهي.

هن مقالي ۾ هيٺين ڳالهين کي شامل ڪيو ويو آهي :

(١) ٻال ساهتيہ جي وياکيا ڏيئي، ان جي سڏانتڪ پهلن جي ڇنڊڇاڻ ڪئي ويئي آهي. ٻال ساهتيہ لکڻ لاءِ ٻال منووگيان ڪيترو ۽ ڪهڙو رول ادا ڪري ٿو، ٻال ساهتيہ جو عمر گروپن سان ڪهڙو واسطو آهي، ٻال ساهتيہ-ششو ساهتيہ-ڪشور ساهتيہ جو مطلب ڇا آهي، ٻال ساهتيہ لکڻ لاءِ ڪهڙن ڪهڙن عناصرن جي ضرورت ۽ اهميت آهي، انهن سيني ڳالهين جي سمجهاڻي ۽ خيال ڏنو ويو آهي.

(٢) ورهاڱي کان اڳہ ٻال ساهتيہ جي ڪهڙي اِستٿي هئي، تنهن جو خيال اچي ۽ ٻال ساهتيہ جي هيلتائين جي وڪاس ياترا ۾ ڪابہ ڪڙي باقي نہ رهي، ان نڪتہ‌نظر کان ورهاڱي کان اڳہ جي زباني ٻال ساهتيہ کان وٺي ڇاپي هيٺ آيل ٻال ساهتيہ جو مختصر احوال ڏنو ويو آهي.

(٣) ٻال ساهتيہ جي سيني صنفن جهڙو ٻال گيت، ٻال ڪهاڻي، ٻال ناول، ٻال ناٽڪ، ٻال جيوني ساهتيہ، گيان‌وگيان، سير سفر، اتهاس کان ويندي پرولين ۽ ٽوٽڪن وغيره جي سڏانتڪ اوکہ دوکہ ڪري، هيلتائين ڇپيل ڪتابن جي پوري وچور ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي ۽ انهن سيني جي استٿيءَ ۽ اوسر جو جائزو ورتو ويو آهي.

(٤) ٻارن جي رسان جو سلسليوار اتهاس ڏيئي سيني ٻال رسالن جي خوبين چاهي مرياداڻن تي نظرثاني ڪئي ويئي آهي. هن اڀياس ۾ ٻال رسالن سان گڏ اخبارن ۽ مخزنن ۾ ايندڙ ٻال وڀاڳن ۽ ديش جي مختلف سنڌي اِسڪولن مان نڪرندڙ اسڪول مخزنن کي بہ شامل ڪيو ويو آهي.

(٥) ٻال ساهتيه جي وڪاس ۾ چوڏس ڦهلاءَ جي ڏس جي ذريعي سان گڏ سرڪاري ادارن ۽ غيرسرڪاري سنستائن جو کهڙو حصو رهيو آهي، تنهن جي جاچ ڏيئي، ان تي نظرثاني ڪئي ويئي آهي.
(٦) ٻين ٻولين مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي آيل ٻال ساهتيه جي وچور ڏيئي هيلتائين ٿيل ڪم جي جاچ ڏني ويئي آهي.
(٧) ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ ڇپيل ٻال ساهتيه جو تفصيلي سميت مختصر احوال ڏنو ويو آهي جيئن ٻال ساهتيه جي ابياسين لاءِ، ان سان واسطو رکندڙ مکيه ڪڙين مان ڪابه ڪڙي باقي نه رهي.
(٨) ٻال ساهتيه جي مختلف دورن جو پهريون ئي دفعو خيال ڏنو ويو آهي.
(٩) سنڌيءَ ۾ ٻال ساهتيه جي ضرورت، اهميت، ڀومڪا ۽ مقصد وغيره جهڙن مُدن جي به جوڳن هنڌن تي اوڪ ٻوڪ ڪئي ويئي آهي.
(١٠) ٻال ساهتيه اشاعت ۾ ٻين چيزن جيان، اوتري ئي اهميت رکندڙ- تصويرن، رنگ روپ، قد بت، ڇپائيءَ وغيره جهڙين باريڪ ڳالهين جو ذڪر ڪري، ان جي پراڊڪشن واري پهلوءَ جو مهتوَ سمجهايو ويو آهي.
(١١) هن ابياس ۾ احڙا خاڪا به شامل آهن جن ۾ ورهاڱي کان پوءِ جي لکيل، ڇپيل، اصلوڪي توڙي انواد ٿيل ٻال ساهتيه، ٻارن جي رسالن، اسڪول مخزنن، ٻارن جي ڪالمن، ريڊيو تان پرسارت ٿيل ٻال ناٽڪن جي وچور، سلسليوار سنه مطابق ڏني ويئي آهي.
(١٢) هرهڪ وشيه بابت پنهنجون جاچنائون ۽ ٻيون حقيقتون بيان ڪري، ان جي وڪاس جي پهلن کي اُجاگر ڪيو ويو آهي.
(١٣) ٻال ساهتيه سان واسطو رکندڙ ڪوبه اهم مُدو، هن مقالي جي دائري کان ٻاهر رکي، اڻڇهيل نه ڇڏيو ويو آهي.

هيڏي وڏي تحقيقي ڪاريه لاءِ گهربل ڪيترو ذخيرو هِٽ-ڦٽ ٽڙيو پکڙيو پيو هو. سنڌي لئبررين به يا ته بند آهن يا پوين پساهن تي آهن. ٻال ساهتيه تي لکيل ڪي ليکه موجود آهن، جي گهڻو ڪري ادوڳابرين حقيقتن جي آڌار تي لکيل آهن ۽ انهن ۾ ڪافي غلطيون آهن. ان ڪري گهربل ذخيرو هٿ ڪرڻ لاءِ تمام گهڻيون ڪوششون ڪيون ويون. ڪيترو ذخيرو دوستن وٽان مليو ويو. انهن سڀني جي آڌار تي هن مقالي ۾ تفصيل ۽ احوال ڏيئي تاثرات درج ڪيا ويا آهن. ممڪن آهي ته ڪي ڪتاب رهجي ويا هجن. مقالي ۾ عربي سنڌيءَ سان گڏ ديوناگريءَ ۾ ڇپيل ٻال ساهتيه کي به

شامل ڪيو ويو آهي. ديوناگري ڪتابن جي نالن ڏيان (د) نشاني ڏيئي، ان طرف ڌيان ڇڪايو ويو آهي. ان طرح ڪوشش ڪري سموري ٻال ساهتيہ ڪي ذڪر هيٺ آندو ويو آهي. ڪنهن ڪتاب سان واسطو رکندڙ اشاعت جي سال وغيره بابت ڪا ڄاڻ ميسر نہ ٿي سگهڻ جي حالت ۾، يا اها ڪتاب ۾ ٿي ڇپيل نہ هئڻ جي حالت ۾ - نشاني ڏني ويئي آهي.

مٿين تفصيلن مان، اُميد تہ هن مقالي جو مختصر خيال ايندو.

آخر ۾ هڪ خاص ڳالهہ. هن مقالي جو دائرو ۱۹۹۲ تائين هئڻ ڪري ان کان پوءِ جي ٻال ساهتيہ کي هن ۾ شامل نہ ڪيو ويو آهي.

**- هوندراج بلواڻي**

## شڪرگذاري

شڪرگذار آهيان —

- ڊاڪٽر ديال آشا جو، هن مقالي کي پنهنجي سونهپ سان مڪمل بڻائڻ ۾ سمپورڻ سات ۽ سهڪار ڏيڻ لاءِ؛
- ڊاڪٽر پريم پرڪاش جو، مقالي کي رٿائتو بڻائڻ لاءِ پنهنجون ڪارائتيون صلاحون ڏيئي، ڪوجناتمڪ ڪاريہ ۾ منهنجي مدد ڪرڻ لاءِ؛
- دوست شيام رامرکياڻيءَ جو، هر قسم جي مدد ڪرڻ لاءِ؛
- ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ جو، ڊيڪن ڪاليج جي لئبرريءَ مان ڪيترا ڪتاب ميسر ڪري ڏيڻ لاءِ؛
- ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتيءَ جو، هميشهہ اُتساهت ڪرڻ لاءِ؛
- شري ڄيٺانند لعلواڻي ۽ شريمتي سشيلا لعلواڻيءَ جو، ’گل ڦل‘ جا ڪتاب ۽ ٻيو ٻال ساهتيہ موڪلڻ لاءِ؛
- شري رامچند ڀاڳچنداڻيءَ جو، نوجوان منڊل جي لئبرريءَ مان ڪتاب ميسر ڪري ڏيڻ لاءِ ۽ اُتساهت ڪرڻ لاءِ؛
- ڊاڪٽر موهنلعل شرما جو، ’مکڙيون‘ جا انڪ موڪلڻ لاءِ؛
- دادا دکايل ۽ دادي ڪرشنا ڀمياڻيءَ جو؛ ديوناگري رسالا ميسر ڪري ڏيڻ لاءِ؛
- شري ديپچندر بيلاڻيءَ جو، ديوناگري ٻال ساهتيہ موڪلي سهڪار ڏيڻ لاءِ.

**- هوندراج بلواڻي**

# فهرست


ص.ن.

باب پهريون

**ٻال ساهتيہ جو خيال**

| | |
|---|---|
| ٻال ساهتيہ جي وياکيا | 15 |
| وڏن جو رول | 19 |
| ٻال منووگيان | 21 |
| ٻال منووگيان جا ڪي اهم پهلو : | |
| ٻار جو ڀاشا گيان | 23 |
| ٻار جي سمجهہ شڪتي | 24 |
| ڪتنب ۾ ٻار جو استان | 25 |
| ٻار جون ورتيون ۽ مشغوليون : | |
| (۱) ڪلپنا | 26 |
| (۲) جگياسا | 27 |
| (۳) سنگرهہ ورتي | 28 |
| (۴) اهم ورتي | 28 |
| (۵) چتاييتي | 29 |
| (٦) نقل | 29 |
| (۷) سرجڻ ورتي | 30 |
| ٻال منووگيان جي چاڻ سان ٻال ساهتيہ جي رچنا | 30 |
| عمر گروپ جو خيال | 31 |
| (الف) ششو ساهتيہ | 33 |
| (ب) ٻال ساهتيہ | 34 |
| (ث) ڪشور ساهتيہ | 35 |
| ٻال ساهتيہ جا عناصر : | |
| (۱) موضوع يا وشيہ وستو | 35 |

(٢) ياشا 36
(٣) شئلي ۽ پيشڪش 37
(٤) وندر ۽ آنند 38
(٥) سڪيا 38
ٻال ساهتيہ رچنا 39

## باب ٻيون

## (الف) ورهاڱي کان اڳ جي سنڌي ٻال ساهتيہ جو وڪاس : مختصر احوال

شروعات 45
ترجمن جو دور 46
اصلوڪو ٻال ساهتيہ 47
پستڪ مالهائون 49
ٻارن جا رسالا 49

## (ب) ورهاڱي کانپوءِ جو سنڌي ٻال ساهتيہ : مختلف دؤر

پنررچنا جو دؤر 52
اُميدن جو دؤر 53
وڪاس جو دؤر 54

## باب ٽيون

## ٻال گيت

ٻال گيت جي وياکيا 55
سٺي ٻال گيت جا گڻ 56
سنڌيءَ ۾ ٻال گيت 57
ٻال گيتن جا قسم : 62
(١) پرارٿنا گيت 64
(٢) قدرت جا گيت 65
(٣) پکين پسن جا گيت 65
(٤) راند روند جا گيت 66

| | |
|---|---|
| (۵) متن مائٽن تي گيت | 67 |
| (٦) ڪمين ڪاسبين تي گيت | 67 |
| (٧) مهاپرش جا گيت | 68 |
| (٨) قومي گيت | 69 |
| (٩) ڏٽن وارن جا گيت | 69 |
| (١٠) ٻال جيون جا گيت | 70 |
| (١١) سائنس جي وشيہ تي گيت | 71 |
| (١٢) سنڌي ٻوليءَ تي گيت | 71 |
| (١٣) آکاڻي گيت | 72 |
| (١٤) پروليون گيت | 73 |
| (١٥) نيتي سکيا وارا گيت | 73 |
| (١٦) نواڻ وارا گيت | 74 |
| (١٧) لوليون ۽ پرياتيون | 76 |
| (١٨) ششو گيت | 78 |
| (١٩) ٻال لوڪ گيت | 81 |
| ٻال گيتن جي ٻاشا ۽ شئلي | 82 |
| ڪي جاچنائون ۽ حقيقتون | 83 |
| **باب چوٿون** | |
| **ٻال ڪهاڻي** | |
| ٻار ۽ آکاڻي | 89 |
| ٻال ڪهاڻيءَ جا عناصر : | 90 |
| (١) موضوع يا وشيہ وستو | 90 |
| (٢) گفتگو | 91 |
| (٣) پاتر سرشٽي | 91 |
| (٤) ماحول | 92 |
| (۵) شئلي | 92 |
| (٦) ٻاشا | 93 |

ٻيون اهم ڳالهيون :
(الف) ٻال ڪهاڻيءَ ۾ فئنٽسي 93
(ب) ٻال ڪهاڻيءَ ۾ جملن جو دهراءُ 94
(ڀ) ٻال ڪهاڻيءَ جو سرو 94
سنڌي ٻال ڪهاڻي 95
ڪن ٻال ڪهاڻين تي هڪ نظر 113
ٻال ڪهاڻيءَ جا قسم : 124
(١) اتهاسڪ آکاڻيون 125
(٢) پوراڻڪ آکاڻيون 126
(٣) پسن پکين جون آکاڻيون 127
(٤) ويرتا جون آکاڻيون 127
(٥) وگيانڪ آکاڻيون 128
(٦) جاسوسي آکاڻيون 128
(٧) ٻال جيون جون آکاڻيون 128
(٨) مذاقي آکاڻيون 129
(٩) اصطلاحن ۽ پهاڪن جون آکاڻيون 130
(١٠) لوڪ ڪهاڻيون 131
(١١) پري ڪٿائون 137
(١٢) چترڪٿائون 140
(١٣) مني ڪهاڻيون 143
ڪٿا ڪٿن 143
ڪي جاچنائون ۽ حقيقتون 144

## باب پنجون

## ٻال ناول

ٻال ناول جا ٻه مکيه جزا :
موضوع 149
ڪردارنگاري 149

سنڌي ٻال ناول 150
ٻال جيون جا ناول 151
مذاقي ناول 154
راجا راڻين جا ناول 155
ساهس ڀريل ناول 160
قصا 161
ڪي جاچنائون ۽ حقيقتون 161


## باب ڇهون
## ٻال ناٽڪ


ٻال ناٽڪ جا عناصر :
(۱) وشيہ وستو 165
(۲) گفتگو 165
(۳) پاتر 166
(۴) ڀاشا نندي شئلي 166
سنڌي ٻال ناٽڪ 166
ٻال ناٽڪن جا قسم :
(۱) اسٽيج ناٽڪ 171
(الف) ايڪانڪي ناٽڪ 171
(i) ٻال جيون جا ناٽڪ 171
(ii) سماجڪ ناٽڪ 172
(iii) قومي ناٽڪ 173
(vi) اتهاسڪ ناٽڪ 173
(v) پؤراڻڪ ناٽڪ 174
(vi) مذاقي ناٽڪ 174
(vii) نواڻ وارا ناٽڪ 174
(ب) وڏا ناٽڪ 175
(۲) ريڊيو ناٽڪ 176

(۳) پڙهڻ لائق ناٽڪ 178
(۴) گهر اڱڻ جا ناٽڪ (جهلڪون) 179
(۵) ٻارن دواران خلقيل ناٽڪ 180
(٦) مونولاگ 180
ٻال رنگ منچ 181
ٻال ناٽڪ تي ڪي نوٽ 182
باب ستون
ٻال ساهتيہ جون ٻيون صنفون
(۱) جيوني ساهتيہ 183
(الف) آتم ڪٿائون 183
(ب) جيون چرتر 184
(۲) گيان وگيان 190
(۳) راند روند جو ساهتيہ 193
(الف) سوچناتمڪ راند ساهتيہ 194
(ب) پريرڻادايڪ راند ساهتيہ 194
(۴) چُٽڪلا يا ٽوٽڪا 194
(۵) پروليون ۽ ڳجهارتون 197
(٦) سير سفر 199
(۷) اتهاس 200
(۸) متفرقہ 201
باب اٺون
ٻارن جا رسالا
ٻال رسالا 202
سنڌيءَ ۾ ٻال رسالا 203
اخبارن/مخزنن ۾ ٻارن جا ڪالم 218
اخبارن ۽ مخزنن جا خاص انڪ 222
اسڪول مخزنون 223

کي حقيقتون ۽ جاچنائون 226

باب نائون

پال ساھتيہ جي وڪاس ۾ چوڏس ڦھلاءَ ذريعن ۽ سنستائن جو يوگدان

١. چوڏس ڦھلاءَ جا ذريعا :

(١) آڪاشواڻي 228

(٢) دوردرشن 233

(٣) آڊيو-ويڊيو ڪئسيٽس 233

٢. سرڪاري اِدارا :

(١) اين.سي.اِي.آر.ٽي. 234

(٢) سينٽرل هندي ڊئريڪٽوريٽ 236

(٣) جدا جدا راجين جون اڪاڊميون :

(الف) راجستان سنڌي اڪاڊمي 237

(ب) ڀاشا نيامڪ/گجرات ساھتيہ اڪاڊمي/گجرات سنڌي اڪاڊمي 238

(پ) مڌيہ پرديش سنڌي ساھتيہ اڪاڊمي 240

٣. غير سرڪاري سنستائون :

(١) ٻالڪن جي ٻاري 240

(٢) ٻال سنڌو سرڪل 241

(٣) ٻيون سنستائون 242

باب ڏھون

ترجمو ٿيل ٻال ساھتيہ

هنديءَ مان ترجمو ٿيل ٻال ساھتيہ 251

گجراتيءَ مان ترجمو ٿيل ٻال ساھتيہ 254

ٻين ڀارتي ڀاشائن مان ترجمو ٿيل ٻال ساھتيہ 258

وديشي ٻولين مان ترجمو ٿيل ٻال ساھتيہ 259

کي حقيقتون ۽ جاچنائون 260

## باب يارهون
## ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ ڇپيل ٻال ساهتيہ :
## مختصر احوال


| | |
|---|---|
| ٻال گيت | 264 |
| ٻال ڪهاڻيون | 266 |
| ٻال گيتن ۽ ٻال ڪهاڻين جا گڏيل مجموعا | 267 |
| ٻيو ٻال ساهتيہ | 268 |
| ٻارن جا رسالا | 269 |
| پبليڪيشنس | 270 |
| سنڌي ادبي بورڊ | 271 |
| اِداره گلشن ادب | 272 |
| سنسار پبليڪيشن | 272 |


## باب ٻارهون
## ڪن مخصوص نُڪتن جي مدنظر
## سنڌي ٻال ساهتيہ : تاثرات


| | |
|---|---|
| حاصلاتون ۽ محدودگيون | 274 |
| ٻال ساهتيہ جي تنقيد | 276 |
| پراڊڪشن | 276 |
| آخر ۾ | 279 |
| • مددي ڪتاب | 280 |

# جدا جدا خاڪن جو سلسلو


| | |
|---|---|
| خاڪو-١ ٻال گيتن جي ڇپيل مجموعن جي وچور | 59 |
| خاڪو-٢ اصلوڪين ٻال ڪهاڻين جا مجموعا : هڪ ئي ليکڪ | 96 |
| خاڪو-٣ اصلوڪين ٻال ڪهاڻين جا مجموعا : جدا جدا ليکڪ | 101 |
| خاڪو-٤ جدا جدا مجموعن ۾ شايع ٿيل ٻال ڪهاڻيون | 106 |
| خاڪو-٥ لوڪ ڪهاڻين جا مجموعا | 132 |
| خاڪو-٦ ٻال ناولن جي وچور | 150 |
| خاڪو-٧ ٻال ناٽڪن جي ڪتابن جي وچور | 166 |
| خاڪو-٨ جدا جدا رسالن وغيره ۾ ڇپيل ٻال ناٽڪ | 169 |
| خاڪو-٩ ريڊيو تان پرسارت ٿيل ٻال ناٽڪ | 177 |
| خاڪو-١٠ جيوني ساهتيه جي وچور | 185 |
| خاڪو-١١ گيان وگيان جي ڪتابن جي وچور | 190 |
| خاڪو-١٢ ٽوٽڪن ۽ چُٽڪلن جا سنگرهه | 196 |
| خاڪو-١٣ ٻارن جا رسالا | 204 |
| خاڪو-١٤ اخبارن ۽ مخزنن ۾ ٻال وڀاڳن جا تفصيل | 219 |
| خاڪو-١٥ اسڪولي مخزنن جي وچور | 223 |
| خاڪو-١٦ اين.سي.اِي.آر.ٽِي. طرفان ٻال ساهتيه جو انعام حاصل ڪيل ڪتابن/دستخطن جي وچور | 235 |
| خاڪو-١٧ ترجمو ٿيل ٻال ساهتيه جي وچور | 244 |

باب پهريون

# ٻال ساهتيہ جو خيال

ٻار ڪنهن بہ قوم جو نہ صرف قيمتي سرمايو آهن پر ان سان گڏ ان قوم جي مستقبل جا اڏيندڙ بہ آهن. جيڪڏهن ڪنهن بہ قوم جو آئيندو اڏٽو هجي تہ ان لاءِ ٻارن جي صحيح پرورش، قوت‌بخش خوراڪ ۽ صحت جي سنڀال وغيره سان گڏ تعليم ۽ تربيت ڏانهن بہ ڌيان ڏيڻ ضروري آهي. انهن ڳالهين ذريعي ٻارن جو نہ صرف شاريرڪ پر مانسڪ وڪاس بہ ٿئي ٿو. سنا ۽ معياري ڪتاب هنن جي ذهني وڪاس لاءِ ڪارگر ساڌن آهن. اهڙا ڪتاب ڏيئي ٻارن جي سمجهہ شڪتي، گيان، اخلاق وغيره جهڙن گڻن ۾ اضافو آڻي سگهجي ٿو.

اڄ دنيا جي هرهڪ ٻوليءَ ۾ ٻارن جي لاءِ اڪيچار ڪتاب نڪرن ٿا. ٻارن جي لاءِ لکيل اهو ساهتيہ، يعني ٻال ساهتيہ اڄ جي زماني ۾ گهڻي اهميت رکي ٿو.

## ٻال ساهتيہ جي وياکيا

’ٻال ساهتيہ‘ لفظ ’ٻال‘ ۽ ’ساهتيہ‘ـ انهن لفظن مان ٺهيو آهي. ٻال ساهتيہ کي سمجهڻ کان اڳ انهن ٻن لفظن کي جدا جدا ڪري سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون.

اينسائڪلوپيڊيا برٽينيڪا موجب، ٻال ساهتيہ ۾ ’ٻار‘، ١۴ يا ١۵ سالن جي عمر وارو هڪ پاڻڪ آهي جيڪو ڪا آکاڻي يا ڪو تصويري ڪتاب پڙهي ٿو. ان موجب ’ٻال‘ لفظ ننڍي عمر جي لکڻ-پڙهڻ ڄاڻندڙ ماڻهوءَ ڏانهن اشارو ڪري ٿو.[1]

’ساهتيہ‘ لفظ کان تہ اسين چڱيءَ طرح واقف آهيون ئي. پر ساهتيہ لفظ جو اُپيوگ اڄڪلهہ گهڻي ئي وياپڪ ارٿ ۾ ٿيڻ لڳو آهي. اڄڪلهہ هرهڪ ڇپيل چيز کي ساهتيہ سڏيو وڃي ٿو.

ٻار سماج جو هڪ اهميت ڀريو حصو آهن. جيڪو ساهتيہ ٻارن جي من ۾ رُچين کي پرکي ڪري لکجي ٿو تنهن کي ٻال ساهتيہ چئي سگهجي ٿو. ٻال

---

1. Encyclopaedia Britanica (1971 edition) P.519

منووگيان، ٻارن جي احساس ۽ ٻارن جي ڪلپنائن جو اپياس ڪرڻ بنا سنو ٻال ساهتيہ نٿو لکي سگهجي.

برٽينيڪا موجب، ننڍي عمر جي ٻار کي ’وندرائڻ‘ يا ’سيکارڻ‘ لاءِ لکيل چيزون جن ۾ ’تصويرون‘ هجن، تنهن کي ٻال ساهتيہ ۾ شماري سگهجي ٿو. انهيءَ ۾ دنيا جي مشهور ڪتابن (Classics) کان وٺندي تصويري ڪتاب ۽ سوليون آکاڻيون جيڪي فقط ٻارن لاءِ هجن، جن ۾ پريءَ ڪٿائون، لوليون، ڏند ڪٿائون، لوڪ گيت ۽ ٻيون چيزون اچي وڃن ٿيون.[1]

نيو اسٽئنڊرڊ اينسائڪلوپيڊيا موجب، ”ٻال ساهتيہ معنيٰ ڪوتائون ۽ آکاڻيون وغيره جن کي ڪلاتمڪ درجو هجي، تنهن کان سواءِ ٻيا معياري ڪتاب جيڪي ٻارن لاءِ لکيا ويا هجن. اهڙا ڪتاب بہ، جيڪي اصل ۾ وڏن لاءِ لکيا ويا هئا پر هينئر ٻارن دواران پڙهيا وڃن ٿا، اهي بہ ٻال ساهتيہ ۾ ڳڻجن ٿا.[2]

اڳتي هلي انهيءَ ئي اينسائڪلوپيڊيا ۾ ٻال ساهتيہ جي وياکيا هن ريت ڏنل آهي. ”عام فهم ۾ ٻال ساهتيہ جي سڃاڻپ ڏيٺي هجي، تہ محدود شبد ڀنڊار ڪم آيل هجي يعني وڏن جي لکيل ساهتيہ جي ڀيٽ ۾ ان ۾ گهٽ لفظ هجن ۽ وشيہ ٻارن جي پسندگيءَ جا هجن.“[3]

فرنڪ ۽ وئگنلس اينسائڪلوپيڊيا موجب، ”ٻارن کي چڪڻ لاءِ تيار ڪيل لکڻيون جهڙوڪ ڪٿا ساهتيہ، ڪوتائون، جيوني، اتهاس وغيره، پوءِ اهي ڀلي ٻارن جي لاءِ لکيل هجن چاهي نہ، تن کي ٻال-ساهتيہ چئجي ٿو. ٻال ساهتيہ ۾ پروليون، نصيحتون، آکاڻيون (fobles)، ڏند ڪٿائون، لوڪ گيت، لوڪ ڪهاڻيون جيڪي زباني پرمپرا جي آڌار تي لکيل هجن اهي بہ شامل ڪري سگهجن ٿيون. تنهن کان سواءِ پراچين ساهتيہ مان آکاڻيون، سادي بيان ۽ پيشڪش ڪارڻ بہ اڪثر ٻارن جي پڙهڻ ۾ شامل ڪيون وڃن ٿيون.“[4]

مٿين ڪن وياکيائن جي آڌار تي ڏسبو تہ ٻال ساهتيہ جي لاءِ وندر، سکيا، تصويرن، سرلتا، محدود شبد ڀنڊار جهڙين چيزن کي لازمي ٺهرايو ويو آهي. انهن جا وشيہ بہ ٻارن جي پسندگيءَ جا هئڻ گهرجن. تنهن کانسواءِ

---

1. Britanica, Vol.3, P.211
2. New Standard Encylo , Vol -KL, P.313
3. ساڳيو
4. Frunk & Wagnalls New Encyclo, Vol.KL, P.132

ان جو معياري ۽ ڪلاتمڪ هئڻ بہ لازمي آهي. جن رچنائن ۾ اهي عناصر هجن سي ٻال ساهتيہ ۾ شامل ڪري سگهجن ٿيون. ٻار جيڪي رچنائون ۽ ڪتاب چاهہ سان پڙهندا هجن سي ٻال ساهتيہ آهن. وڏن لاءِ لکيل رچنائون بہ جيڪڏهن ٻار پڙهندا هجن تہ اهي ٻال ساهتيہ ۾ شامل ٿين ٿيون.

ٻال ساهتيہ لکڻ جي خيال کان لڳہ ڀڳہ سيني ٻولين ۾ ڪي علحديون ڏارٽائون نظر اچن ٿيون. سڀ کان وڏو سوال تہ 'ٻال ساهتيہ آخر چئجي ڇا کي.' ان لاءِ بہ ڪافي الڳہ الڳہ رايا ملن ٿا. ڪن جو چوڻ آهي تہ ٻال ساهتيہ معنيٰ ٻارن دواران لکيل ساهتيہ. ڪن جو رايو آهي تہ جنهن ۾ ٻال پاتر ايندا هجن، اهڙو ساهتيہ معنيٰ ٻال ساهتيہ. ڪي انهيءَ راءِ جا آهن تہ جنهن ۾ ٻارن جي باري ۾ ڳالهيون هجن ان کي ٻال ساهتيہ چئجي. حقيقت ۾ ٻال ساهتيہ معنيٰ ٻارن واسطي لکيل ساهتيہ. جيڪي رچنائون ٻار پڙهن، سي ئي صحيح معنيٰ ۾ ٻال ساهتيہ آهن. تنهن ڪري رچناڪار جو اهو فرض ٿي پوي ٿو تہ هوُ ڏسي تہ ٻار ڪي ڇا ٿو وڻي، ٻار ڇا ٿو چاهي ۽ ٻار ڪي ڇا مان آنند ملندو. ''لکڻ وارا تہ گهڻا هوندا آهن ۽ گهڻا، گهڻو لکن بہ ٿا پر جنهن کي سچو سدا حيات ٻال ساهتيہ چئجي، ٻال ساهتيہ ۾ ڪلاسڪ چئجي، اهڙو ٻال ساهتيہ کهڙو؟ ٻال ساهتيہ سچ پچ ساهتيڪ گڻن وارو تہ هئڻ گهرجي. ٻاتي ٻوليءَ ۾ لکاوٽ، وڏي ٽائيپ ۾ ڇپائي، ٿورا يا گهڻا سادا يا رنگين چتر ۽ ڀيڪيدار ڪوَر- ٻال ساهتيہ بڻجي ويو اهڙو خيال گهڻن اڳتي وڏيل ديشن ۾ بہ ڦهليل آهي. پر جاڳرت ۽ اُدمي ٻال ساهتيہ ليکڪ کي پنهنجي سامهون معياري ساهتيہ رچنا جو آدرش پنهنجي سامهون رکڻو پوندو.''[1]

ٻارن جي ڪتاب ۾ مکيہ ڇا ڇا هجي، ان جي لاءِ گجراتيءَ جي مشهور ٻال ساهتيہ ايپاسي موهنڀائي پٽيل ٽن ڳالهين تي زور ڏنو آهي. هڪ تہ ڪتاب ۾ ٻار لاءِ 'ملڪيت' هئڻ گهرجي. ٻار کي ڪتاب پڙهڻ وقت لڳي تہ هن کي ڇڻ خزانو ملي ويو آهي. ڪتاب ۾ نئين نئين ڄاڻ هجي، نوان ويچار هجن، تازگي ڀريل ڪلپنائن سان اهي ڀريل هجن، نئون نئون ڪم ڪرڻ جي ان ۾ پريرڻا هجي، ڪتاب پڙهڻ وقت ٻارن کي ائين نہ لڳي تہ سندس وقت ضايع ٿي رهيو آهي. هوُ ان ۾ ڪوهجي وڃڻ گهرجي. ٻي چيز ڪپي 'سياويڪپڻو'. ليکڪ کي جيڪي ڪجهہ چوڻو آهي سو سياويڪ ۽ قدرتي طرح ٻار کي ملڻ گهرجي، جيئن ٻار ان ۾ سمائجي وڃي. ڪابہ ڳالهہ هن کي

1. رمڻلعل سوني، 'پرب' ٻال ساهتيہ وشيش انڪ ص. ١٠٧

بوجو جهڙي نہ لڳڻ کپي. ٻار هڪ چيتن وستو آهي، جڙ نہ آهي. جيڪڏهن اها ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ بنا ليکڪ ڪا رچنا زکندو تہ اها ٻار کي لاءِ پهچائڻ بجاءِ هاڃي پهچائيندي. تين ڳالهہ جا ٻال ساهتيڪار لاءِ گهربل آهي سا آهي 'سچائي' يا 'کرائي'. ليکڪ جيڪي لکي، سو حقيقي دنيا ۾ عام طرح ٿيندو هجي. ان جي مثان ڪوڙ جو يا بناوت جو تهہ چڙهيل نہ هجي.[1]

ڪيترين رچنائون، جيڪي ساهتيڪارن ٻارن جي لاءِ يا ٻارن کي نظر ۾ رکڻ کانسواءِ صرف وڏن لاءِ ئي لکيون هيون، پر بعد ۾ ٻارن انهن کي اپنايو سي بہ ٻال ساهتيہ ئي آهن. ''آخر تہ ٻال ساهتيہ جي ڪسوٽي ٻالڪ ئي آهن. اهي طَي ڪندا آهن تہ ڪهڙو ساهتيہ، ٻال ساهتيہ آهي، ڪهڙو نہ. ٻارن جا مائٽ، اُستاد، اُپديشڪ، ايتري قدر جو خود ليکڪ بہ اهو فيصلو نٿا ڪري سگهن.''[2]

انهن راين جي آڌار تي ڏسبو تہ دنيا ڀر ۾ مشهور ڪيترين رچنائون اصل ۾ ٻارن لاءِ نہ لکيون ويون هيون. جوناٿن سوفٽ جو 'گليورس ٽراويلس' چاهي ڊئنيال ڊفو جو 'رابنسن ڪروسو' وغيره رچنائون، جيڪي هن وقت ٻال ساهتيہ ۾ اهم درجو والارين ٿيون، سي انهن جي ليکڪن، ٻارن لاءِ نہ لکيون هيون. رامائڻ ۽ مهاڀارت جون انيڪ ڪهاڻيون چاهي 'ڪٿا سرت ساگر' يا 'جاتڪ' وغيره جون ڪهاڻيون بہ ٻارن لاءِ نہ لکيون ويون هيون تڏهن بہ اهي ڪهاڻيون ٻارن کي پسند آهن. انهن گرنٿن مان چونڊي چونڊي ڪيترن ساهتيڪارن آکاڻين جا انيڪ ڪتاب ظاهر ڪيا آهن، جيڪي ٻارن کي پسند پيا آهن. انهن رچناڪارن خواب ۾ بہ نہ سوچيو هوندو تہ ٻار انهن کي ان طرح اپنائيندا.

ان جي اُبتڙ ''اهو ضروري نہ آهي تہ ٻارن لاءِ لکيل سڀ ڪتاب ٻال ساهتيہ ئي هجن ۽ نہ اهو ضروري آهي تہ وڏا ماڻهو جنهن کي ٻال ساهتيہ مڃين ٿا، سي ٻارن جي ڪسوٽيءَ تي کرا اُترن.''[3]

ان حالت ۾ ڊاڪٽر شري پرساد، ٻال ساهتيہ جي وياکيا هن ريت ڏني آهي، ''اهو سمورو ساهتيہ، جنهن ۾ ٻال ساهتيہ جا عناصر آهن يا جنهن کي ٻارن پسند ڪيو آهي ڀوءِ ڀلي ان جي رچنا اصل ۾ ٻالڪن جي لاءِ نہ ٿي هجي، اهو ٻال ساهتيہ ئي آهي.''[4]

---

1. 'گجراتي مان ٻال ساهتيہ' (گجراتي) ص. ٣٩ ۽ ٤٠
2. Critical History of Children's Literature, P.7
3. A Critical Approach to children's Literature, Lilian Smith, P.15
4. 'هندي ٻال ساهتيہ کي روپ ريکا' ص. ١٠

ڪٿي ڪٿي ٻال ساهتيہ ڪي اسڪولي ساهتيہ جي حوالي ۾ ڏٺو ويجي ٿو. حقيقت ۾ ٻال ساهتيہ جو اسڪولي ساهتيہ سان ڪوبہ سنٻنڌ نہ آهي. اسڪولي ڪتابن ۾ جتي سپاٽ بياني، ٻوجهلتا ۽ سڪيائون وڌيڪ آهن اُتي ٻال ساهتيہ ۾ ٻار جي لاءِ آنند ميسر ٿيل آهي. اسڪول ۾ اِيپاسڪرم جا ڪتاب پڙهي پڙهي جڏهن ٻار ٿڪجي ٿو تڏهن پاڻ کي اهڙي واتاورڻ کان مڪت رکڻ لاءِ ٻال ساهتيہ جو سهارو وٺي ٿو. ٻال ساهتيہ هن جي ڪلپنا جي اوچاين کي ڇُهي ٿو ۽ ڪيس سندس ئي دنيا ۾ وٺي وڃي ٿو. ٻال ساهتيہ، اسڪولي ڪتابن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سرل ۽ وندرائيندڙ آهي. ٻار پاڻ اڪيلو ويهي اهو پڙهي سگهي ٿو. ٻئي طرف اسڪولي ڪتابن کي سمجهڻ لاءِ اُستاد يا مائٽن جي ضرورت پوي ٿي. ٻنهي ۾ وشيہ، شئلي ۽ ڀاشا جي خيال کان تفاوت آهي. ٻنهي ۾ جيڪڏهن اهو تفاوت نہ هجي ها تہ اسڪولي ڪتابن کان ٻارن کي ايڏو ونءُ ويندو نہ ڏسجي ها ۽ ٻال ساهتيہ طرف ڇڪجندو نہ ڏسجي ها. ڊاڪٽر هري ڪرشن ديوسري موجب، ”اسڪولي ساهتيہ جتي ٻارن کي هڪ هڪ ڏاڪو چڙهڻ سيکاري ٿو، اُنهن جي آڱر پڪڙي کين اڳتي وٺي هلي ٿو، اُتي ٻال ساهتيہ اگيان جي اسيم ڀنڊار کي ٻارن جي اَگيان پيش ڪري ٿو ۽ ٻار ان کي پنهنجي اِڇا انوسار جگياسائن ۽ گيان جي سنتوش لاءِ گرهڻ ڪن ٿا. ٻال ساهتيہ ٻارن کي اهڙو واتاورڻ ميسر ڪري ڏيندو آهي جنهن ۾ هنن جي ڪلپنا جو وڪاس ٿئي ٿو ۽ مستقبل جي انيڪ ٻال-سُلڀ سپنن کي ساڪار ڪري ٿو.“[1]

## وڏن جو رول

ٻال ساهتيہ جي سموري رچنا پرڪريا ۾ وڏن جو تمام گهڻو حصو رهيو آهي. ائين ڪٿي چئجي تہ ٻال ساهتيہ ٻارن جي بجاءِ، وڏن جي ئي هٿ ۾ رهيو آهي. وڏا ئي ٻارن لاءِ لکن ٿا، وڏا ئي ٻارن لاءِ ڪتاب ڇپائين ٿا. تصويرون ڪيڏي جو ڪم بہ وڏا ئي ڪن ٿا تہ ٻارن جا ڪتاب وڪڻن بہ وڏا ئي ٿا ۽ گهڻو ڪري وڏا ئي پنهنجن ٻارن لاءِ ڪتاب خريد ڪن ٿا. ٻارن کي ڇا کپي؟ ٻارن جي پسندي ڪهڙي آهي؟ هوُ ڪتاب مان ڇا ٿا چاهين؟ ڪهڙي قسم جو ساهتيہ پڙهڻ پسند ڪن ٿا؟ ڪهڙي رنگ روپ ۽ بيهڪ ۾ هنن جي دلچسپي آهي ۽ ڪهڙي قسم جي تصويرن ۾ هنن کي چاهہ آهي

---

1. ’هندي ٻال ساهتيہ : ايڪ اَڌيَين.‘ ص. ۳

تنهن جو خيال رکڻ بنا ئي جيڪڏهن هنن جي اڳيان ٻال ساهتيہ رکيو ويندو تہ اهو ٻار ڪيئن پسند ڪندا؟ پنهنجي گهر ۾ ٻارن لاءِ جيڪڏهن ڪو ڪتاب کپندو هجي ۽ اسان پنهنجيءَ ئي مرضيءَ سان ڪوبہ ڪتاب آڻي ٻار جي اڳيان رکنداسين تہ ٻار اهو پسند ئي ڪن، اهو ضروري نہ آهي. ماستر بہ پاڻ ئي ڪتاب پسند ڪري ٻارن کي ڏين ٿا.

هتي اهو سوال واجبي طور اُٿي ٿو تہ آخر ٻار کي ڪهڙو ٻال ساهتيہ ڏجي؟ يا ٻارن کي ڇا کپي، ان جي خبر آخر ڪيئن پوي؟

”ٻار جيڪي پڙهن ٿا، اهو هنن تي مڙهيو وڃي ٿو. جيڪو پڙهڻ چاهين ٿا، اهو هنن کي ملي نٿو. جيڪي ملي ٿو، اهو هنن جي اِڇائن موجب نٿو لکيو وڃي ۽ جيڪي لکيو وڃي ٿو، اهو ليکڪن جي پنهنجي پسندگي هوندو آهي. جڏهن ڪِ اها هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ ٻال ساهتيہ جو صحيح ملهہ ڪٿڻ وارا، خود ٻار ئي هوندا آهن. جيڪڏهن پاڻڪن جي رُچين، ضرورتن ۽ ويچارن جو نرادر ڪري ٻال ساهتيہ لکيو وڃي ٿو تہ ان سان پاڻڪ ۽ ليکڪ جي وچ ۾ وڇوٽي وڌي ٿي. سنسار جي انيڪ لوڪپريہ ٻال ساهتيہ-رچنائن جي سڦلتا جو رهسيہ، ليکڪ ۽ پاڻڪ جي وچ ۾ اسٿاپت ٿيل ويجهڙائي ئي آهي- چاهي اها هينس اينڊرسن جي پريڪٿائن جي روپ ۾ هجي يا ايلس اِن ونڊرلئنڊ هجي يا گليوَر جي ياترا هجي.“[1]

”وڏا پنهنجي ساهتيہ جي رچنا پاڻ لاءِ خود ڪندا آهن پر ٻار پنهنجي سچي ساهتيہ لاءِ ٻين جو منهن تڪيندڙ ۽ ٻين تي آڌار رکندڙ هوندا آهن. هوُ پاڻ لکي پڙهي تہ ڇا، نيڪ طرح سان ڳالهائي بہ نہ سگهندا آهن. وڏا هنن جي لاءِ جهڙو ساهتيہ رچيندا آهن، اهو پڙهڻ لاءِ ڪين ٻڌل رهڻو پوندو آهي.“[2]

هن ڳالهہ جو ٻيو طرف بہ آهي. ڪيترن ڄاڻُن جو چوڻ آهي تہ ٻارن کي خراب يا سٺي جي سمجهہ نہ هوندي آهي. هوُ پنهنجي پسندگي ڪنهن خراب ڪتاب تي بہ اُتاري سگهن ٿا. خراب ساهتيہ هنن جي هٿ ۾ نہ اچي، تنهن لاءِ وڏن کي ئي ساوڌان رهڻ کپي. ٻارن ۾ سٺا ڪتاب پڙهڻ جو چاهہ جاڳي تنهن لاءِ مائٽن ۽ اُستادن کي سجاڳہ رهڻو آهي. ان لاءِ مائٽ ۽ ماستر،

---

1. ڊاڪٽر هري ڪرشن ديوسري : هندي ٻال ساهتيہ تي ليک ’ٻال ساهتيہ رچنا ۽ سميڪشا‘ ۾ ص. ۴٦

2. نرنڪارديو سيوڪ ’ويڻا‘ (هندي) نومبر ۱۹۵۴

سنو ٻال ساهتيہ پسند ڪري ٻارن کي ڏين تہ ان ۾ ڪوبہ هرج نہ آهي.

ان باري ۾ موهنڀائي پٽيل جو چوڻ آهي، ”ٻار ۽ ٻالپڻ کي سمجهي جيئن ان جي سار سنڀال لهڻ گهرجي تيئن ٻارن لاءِ ڪتاب پڻ سڃاڻڻ ڪپن. ڪتابن کي سڃاڻبو تڏهن ئي کهڙي ٻار کي ڪهڙو ڪتاب ڏجي ان جو صحيح فيصلو ڪري سگهبو. مختلف وشيہ وستو جو گوناگونيت (ووڌتا) وارو ورنن ۽ احوال جنهن ۾ هجي اهڙن انيڪ ڪتابن مان پسندگي ڪئي وڃي تہ بهتر.“

هوُ وڌيڪ ڄاڻائي ٿو تہ، ”هتي هڪ ڳالهہ جو ڌيان اهو رکڻو آهي تہ اسان پنهنجي پسندگي ٻار تي مڙهيون نہ. هن کي گل وڻن ٿا، پوپٽ وڻن ٿا، اٺڻ وڻي ٿو، آڪاش ۽ تارا وڻن ٿا، وسندڙ برسات وڻي ٿي- ائين ڪتاب بہ هن کي ’وڻڻ ڏيو‘. ان ’وڻڻ ڏيڻ‘ جي راند ۾ اسان جي ڌيرج جي ۽ ٻار لاءِ اسان جي پريم جي بہ ڪسوٽي آهي. گهڻا دفعا اسان کي ائين لڳندو آهي تہ فلاڻو ڪتاب تہ ٻار کي وڻندو ئي؛ ۽ اسان کي اچرج لڳندو آهي جڏهن اهو ڪتاب ٻار کي نہ وڻندو آهي. اسان جي ڪسوٽي اِتي آهي. وڪلپ ۾ ٻيا ڪتاب بہ اسان کي هن جي اڳيان رکڻ گهرجن.“[1]

البت اها ڳالهہ ضروري آهي تہ ٻارن جي دلچسپي وڌي تنهن لاءِ ٻارن سان وقت بہ وقت ڪتابن جون ڳالهيون ڪرڻ گهرجن. چاهہ ڄاڳائجي. هنن جو چاهہ ڄاڳي ان لاءِ ڪتاب ڪٽي ان مان ڪا آکاڻي يا ڪو گيت ٻارن کي سڻي نموني چئي ٻڌائجي. ڪڏهن ڪنهن لئبرريءَ يا ڪتابن جي ميلي ۾ ٻارن کي وٺي وڃجي. ائين ڪرڻ سان هنن جو ڪتابن لاءِ چاهہ بہ ڄاڳندو تہ ڌيري ڌيري سٺن ڪتابن کي سڃاڻڻ جي سمجهہ بہ وڌندي.

”ڪتاب ’پڙهڻ‘ اها آنند جي راند آهي، ٻار کي اهڙو انڀوَ ٿيڻ گهرجي. ان لاءِ ڪتابن کي هنن لاءِ ’وڻندڙ‘ ٿيڻو پوندو. ڏسڻ وٽي، هٿ ۾ جهلڻ وٽي ۽ پاڻ وٽ رکڻ وٽي، اهڙو سهڻو اهو هئڻ گهرجي.“[2]

## ٻال منووگيان

ٻال منووگيان هڪ وگيان آهي جنهن ذريعي ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي جنم کان وٺي، ان جي شروعات جي سالن کان هو جيستائين جوان ٿئجي تيستائين

1. ’گجراتي مان ٻال ساهتيہ‘ (گجراتي) ص. ٣٩
2. ساڳيو

جي وڪاس جو وگيانڪ اڀياس ڪجي ٿو. هن وگيان ۾ ٻارن جو اڀياس کهڙيءَ طرح ڪجي ۽ ٻار جي حد کهڙي عمر کان کهڙي عمر تائين مقرر ڪجي تنهن جو بہ خيال اچي ٿو. ٻالڪ جنم وٺي ٿو تڏهن کان وٺي هن جو اڀياس نٿو ٿئي پر هوُ جڏهن ماتا جي گرڀ ۾ آهي تڏهن اندرئين واتاورڻ جو هن تي کهڙو اثر ٿئي ٿو ان جو اڀياس بہ ٻال منووگيان ڪري ٿو.

ٻارن جي دنيا هڪ عجيب دنيا ٿيندي آهي. هن دنيا جي ڪابہ شيءِ ان کي ڇهي نٿي سگهي. ٻارن جي دنيا ۾ جادوگر آهن، پريون آهن، راڪاس آهن، ڳالهائيندڙ جانور آهن، سکہ دکہ ونڊيندڙ رانديڪا آهن. ٻار اُنهن ۾ کوهجي ويندا آهن. اسان وڏا ئي آهيون، جن کي عجب لڳندو آهي تہ سهو ڳالهائيندو ڪيئن، ڳانءِ اُڏامندي ڪيئن، چنڊ هيٺ لهي ڪيئن ايندو، گڏو شادي ڪيئن ڪندو. پر ٻارن جي دنيا ۾ اُهي سڀ ڳالهيون روا آهن. هنن جي ترڪ شڪتي ئي انوکي هوندي آهي. بنا ملاوٽ، نج آنند ئي هنن لاءِ سڀ ڪجهہ آهي. سماجڪ جيون جا نيم، رواج، فرض، حق، لاڀ، هاڃي، ذات پات جا ڀيد، تعصب وغيره هنن کان پري هوندا آهن.

نرنڪار ديو سيوڪ جو چوڻ آهي، ”ٻار ڇا ٿيندو آهي اهو سمجهڻ بنا، هن جي سياءَ کي بہ ٺيڪ طرح نٿو سمجهي سگهجي. هرهڪ ٻار پنهنجي جنم کان ئي پنهنجو پاڻ ۾ هڪ سمپورڻ، هڪ سوتنتر منش هوندو آهي. ڏسڻ ۾ هوُ ڪيترو ئي نربل، ٻي سهاري ۽ شڪتيهيڻ هجي پر هن ۾ اهي سڀ شڪتيون موجود هونديون آهن جيڪي هڪ پورڻ وڪاس ٿيل منش ۾ ٿي سگهن ٿيون. ماتا پتا جو اهو ايمان تہ هنن کيس بڻايو آهي اهو هڪ ڀرم آهي، جنهن کان وڏو ٻيو ڪو ڀرم نٿو ٿي سگهي. هي تہ هن جي نرماڻ ۾ ان سمپورڻ سرشٽيءَ جي دواران ماڌيم جي روپ ۾ پريوگ ڪيا وڃن ٿا. جنهن جو هڪ انگہ هوندي بہ هوُ پنهنجو پاڻ ۾ پوُرڻ هوندو آهي.“[1]

ٻار هزارين سال جهونو هوندي بہ جهڙو اڳہ هو تهڙو هينئر بہ آهي. وقت، ماحول، حالتن، تعليم، رواجن وغيره انوسار بالغن تي گهڻا پريوگہ ٿيندا رهيا آهن ۽ انهن موجب هنن ۾ تبديليون ٿينديون رهيون آهن پر ٻار سدائين ٻار رهيو آهي. هوُ آدميءَ جي گهر ۾ ٻار جو روپ وٺي جنم وٺي ٿو. هوُ اڳ بہ جهڙو معصوم، پيارو، وٽندڙ هو تهڙو هينئر بہ آهي. ٻار قدرت جي هڪ پياري دين آهي.

---

1. ’ٻال گيت ساهتيہ‘ (هندي) ص. ۱

## ٻال منووگيان جا ڪي اهم پهلو :

### ٻار جو ٻاشا گيان

جنم کان وٺي ڏهن کن هفتن تائين ٻار صرف پنهنجين شاريرڪ ضرورتن کي سنتوشڻ ۾ لڳل رهي ٿو، پر جئن جئن هن جو گيان‌تنتر وڪاس ڪندو وڃي ٿو تئن تئن هوُ پنهنجن پاوَن کي ٻه پرگهٽ ڪرڻ شروع ڪري ٿو. ٻکه لڳڻ تي پنهنجي ناراضگي ظاهر ڪري ٿو ۽ وڏو زوردار آواز ٻڌي ڊپ لڳڻ تي هوُ روئي پوي ٿو. جنم کان وٺي هڪ سال تائين ٻار بي‌مطلب اهڙا لفظ اُچاري ٿو جن جو ڪوئي مطلب نه هوندو آهي. هن عمر ۾ ٻار ٻاشا سکڻ جي اَجا شروعات ڪري ٿو. هڪ سال کان ڏيڍ سال جو ٻار هڪ هڪ لفظ اُچاري ٿو. مثال طور پاپا، ماما، دادا، ڪاڪا وغيره. انهيءَ هڪ لفظ ذريعي ٻار جيڪي ڪجهه چوڻ چاهي ٿو سو هڪ جملي جو احساس ڪرائيندو آهي. ڏيڍ کان اڍائي سالن جو ٻار طوطلي ٻاشا ۾ ننڍڙا ننڍڙا جملا اُچاري ٿو. شروعات ۾ اهي جملا ٻن لفظن جا ٺهيل هوندا آهن مثال طور پاڻي ڪپي، دوڌ ڪپي وغيره. بعد ۾ ٻن کان وڌيڪ لفظن جا جملا اُچارڻ سکي ٿو. اڍائي سالن کان مٿي جو ٻار ڏکين لفظن ۽ جملن کي چوڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. شروعات ۾ هوُ پاڻ وياڪرڻ جي خيال کان غلط جملا ٻه ڳالهائي ٿو پر چئن سالن تائين پهچندي هن جا جملا سڌرندا وڃن ٿا ۽ هن وٽ وڌيڪ ۾ وڌيڪ لفظن جو ڀنڊار نهندو وڃي ٿو. ٻارن جي لفظ-ڀنڊار جي ٻاري ۾ هرشدا پنڊت جو چوڻ آهي ته، ”ٻارن جي لفظن جي ڀنڊار جو آڌار هن جي ماءُ پيءُ جي سماجڪ توڙي آرٿڪ درجي تي ٻه رهي ٿو. جيڪي ٻار وڌيڪ وقت وڏن سان گڏ گذاريندا هجن تن جي ٻاشا ۾ سهج ٻالغپڻو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهڙو روزنئال جي اڀياس جو نتيجو آهي. ٻارن جي لفظ ڀنڊار بابت ٿيل اڀياس مان هڪ حقيقت ظاهر ٿي آهي ته ٻالپڻ ۾ گرهڻ شڪتيءَ جي تڪائيءَ ڪارڻ عمر انوسار ان ۾ لڳاتار واڌارو ٿيندو ٿي رهي ٿو. ’سيِشور‘ نالي واري منووگيانيءَ جي راءِ موجب عام طور چئن سالن جي ٻار کي ۵۶۰۰ لفظ، پنجن سالن جي ٻار کي ۹۶۰۰، ڇهن سالن جي ٻار کي ۱۴۷۰۰، ستن سالن جي ٻار کي ۲۱۲۰۰، اٺن سالن جي ٻار کي ۲۶۳۰۰ ۽ ڏهن سالن جي ٻار کي ۳۴۳۰۰ لفظ ايندا آهن.“[1]

---

1. ’ٻال منووگيان مان دوِڪيوُن‘ (گجراتي) ص. ۴۷

تنهن هوندي بہ هڪ جيتري سمجهہ وارن ٻارن ۾ هڪ جهڙي آرٿڪ ۽ سماجڪ ڍانچي وارن ڪٽنبن مان ايندڙ ٻارن جي ٻاري ۾ ڪيترا اپواد ڏسڻ ۾ اچن ٿا. پهريون تہ هيلنائين جيڪي اپياس ٿيا آهن تن ذريعي اها ڄاڻ ملي آهي تہ ڇوڪرن جي ڀيٽ ۾ ڇوڪريون جلد ڳالهائڻ سکن ٿيون. تنهن ڪانسواءِ ڪٽنب ۾ ڪيترا ٻار آهن ۽ اُنهن جي عمر ڪهڙي آهي، اها ڳالهہ بہ ٻار جي ڀاشائي گيان تي اثر ڪري ٿي. ان لاءِ هرشدا پنڊت ڪي مثال ڏنا آهن. ”هڪ جو هڪ ٻار وڏن سان گڏ ئي پنهنجو وقت گذاري تہ ان جي ڀاشا تي وڏن جي لهجي ۽ طريقي جي ڇاپ پوندي. ڪٽنب ۾ پهريون ٻالڪ ٿورو دير سان ڳالهائڻ سکڻ جو امڪان ضرور. ٻيون يا ٽيون ٻار ڳالهائڻ سکي ويل ڀائرن-ڀينرن جي سنگ ۾ ڪيڏڻ وارو. ان ڪري وڪاس جهٽ ڪندڙ. ڪٽنب مان هن ڪي جيڪي انيو ٿيڻ وارا، ان جو اثر پڻ ڀاشائي وڪاس تي، ڏسڻ ۾ ايندو. آرٿڪ طور سکي ڪٽنب جي ٻار کي غريب ڪٽنب جي ٻار جي ڀيٽ ۾ مسافريءَ جا موقعا وڌيڪ ملن ٿا، اهي غريب ٻارن جي ڀيٽ ۾ گهٽين گهٽين شين سان گهيريل. ٻئي طرف اناٿ آشرم ۾ پليل ٻارن جو لفظ ڀنڊار محدود رهڻ وارو. سني ۽ وچولي ڪوٽيءَ جي اسڪول ۽ هڪدم رواجي اسڪول ۾ پڙهندڙ ٻارن ۾ بہ ڀاشائي وڪاس جي خيال کان ٿورو فرق رهڻ وارو.“[1]

ائين ٻار ڪهڙين حالتن هيٺ پلجي ٿو، هن جي آسپاس جو واتاورڻ ۽ حالتون ڪهڙيون آهن، ان تي هن جي ڀاشائي گيان جو مدار رهي ٿو.

## ٻار جي سمجهہ شڪتي

ٻار شروع کان ئي پنهنجي آسپاس جي چيزن کي ڏسي، ڏيري ڏيري اُنهن کي سڃاڻندو وڃي ٿو. ڀاشائي گيان کان سواءِ ٻار ڪهڙي عمر ۾ ڪهڙيون ڳالهيون سکي ٿو، ان جي ٻاري ۾ ايليزابيٿ بي.هرلاڪ ڪي ڳالهيون ٻڌايون آهن :

چئن سالن جي عمر تائين ٻار سيني مکيہ رنگن جا نالا سکي وڃي ٿو. ٻين رنگن جا نالا ڪيترو جلد سکندو، ان جو مدار رنگن ۾ هن جي چاهہ ۽ ڪيس ملندڙ موقعن تي آهي. ڇهن يا ستن سالن جو ٻار اڪثر ڪري صبح، شام، منجهند، رات، سيارو، اونهارو ڇا آهي، اهي سمجهي سگهي ٿو. چئن يا

---

1. ’ٻال منووگيان مان دوڪيوُن‘ (گجراتي) ص. ٦١

پنجن سالن جو ٻار سڪن جي قدبت کي ڏسي، انهن کي سڃاڻڻ لڳي ٿو.
وغيره....''[1]

## ڪٽنب ۾ ٻار جو استان

ٻار کي گهڙڻ ۾ ڪٽنب هڪ اهميت وارو پارٽ ادا ڪري ٿو. پنهنجي سلامتيءَ لاءِ ٻار پنهنجي ماءُ پيءُ تي وڏو مدار رکي ٿو. ڪٽنب ۾ روزاني جيون ۾ پريم، خوشي، اُتساهہ، آنند، سک، پيار سان گڏ ڏک، سک، چنتا، نراشا وغيره جهڙيون ڳالهيون عام طرح ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، جن مان ٻار بہ پسار ٿئي ٿو. هوُ ڏسي ٿو، ٻڌي ٿو ۽ محسوس ڪري ٿو. گهر ۾ ڪيتريون چيزون ٻار کي ڪشش ڪن ٿيون. هوُ ڪن شين کي ڪٽڻ چاهي ٿو پر ٻار کي اهي ڪٽڻ ڪان منع ڪئي وڃي ٿي. 'هن کي هٿ نہ لاءِ'، 'هيءُ هتان چو ڪنيئہ؟'، 'تون اَڃا ننڍو آهين' جهڙا گفتا ٻڌي ٻار کي مونجهہ ٿيڻ لڳي ٿي. ڪٽنب ئي آهي جتي ٻار صفائي، سچائي، آدر، انتظام، وهنوار، ڳالهہ ٻولهہ جو ڍنگہ وغيره سکي ٿو. ان ڪري هن کي سنو واتاورڻ ملندو تہ، نہ صرف هن جو مانسڪ وڪاس ٿيندو پر اڳتي هلي اهو سندس جيون ناهڻ ۾ ڪيس مدد ڪندو.

ڪٽنب ۾ ڪي بہ ٻہ ٻار هڪ جهڙا نہ ٿيندا آهن. ٻارن ۾ سياءَ، هلت چلت، سمجهہ ۽ مانسڪ شڪتيءَ ۾ الڳپڻو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. تنهن ڪري هنن جي شخصي الڳپڻي کي قبول ڪرڻ گهرجي. هڪ ٻار کي ماءُ پيءُ جيڪڏهن وڏي هوندي ڊاڪٽر بڻائڻ چاهيندو هجي تہ ضروري ناهي تہ اهو ٻار ڊاڪٽر ئي بڻجي. ماءُ پيءُ جي اِڇائن موجب جيڪڏهن ٻار نہ ڪري تہ ماءُ پيءُ کي غصو لڳي ٿو. ماءُ پيءُ تہ نهيو تربيت حاصل ڪيل اُستاد بہ، شخصي جداپڻي کي سڌانتڪ طور قبول ڪندي بہ، وهنوار ۽ عمل ۾ نہ آڻي سگهندو آهي. اُستاد کي خبر هوندي آهي تہ هرهڪ ٻار جي گرهڻ شڪتي، الڳہ الڳہ هوندي آهي. ان ڪري هوشيار ۾ هوشيار ۽ ڪچي ۾ ڪچي ٻار کي جيئن سمجهہ ۾ اچي تيئن ڪيس سيکارڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪوبہ ٻار جهٽ سمجهي نٿو سگهي تہ اُستاد پنهنجو مزاج وڃائي وهي ٿو ۽ هوُ هوشيار ٻار جو مثال ڏيئي ڪچي ٻار جو مذاق اُڏائي ٿو.

---

1. Child Development, P.166

## ٻار جون ورتيون ۽ مشغوليون :

### (ا) ڪلپنا

لالجيرام شڪل موجب، ”ڪلپنا حقيقي جڳت جو اصلوڪپڻو وڌائي ٿي. جنهن ماڻهوءَ جي، جهڙي قسم جي ڪلپنا هوندي آهي، تنهن کي ان قسم جو ئي سنسار ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اسين پنهنجي ڪلپنا دواران حقيقي سنسار جي ڪشٽن کي سرلتا سان دور ڪري سگهون ٿا. دکن ۾ رهي سکن جو آنند ونئي سگهون ٿا.“[1]

وڏن ماڻهن جي ڀيٽ ۾ ٻارن جي ڪلپنا شڪتي وڌيڪ هوندي آهي. وڏا ماڻهو تہ ترڪ ۽ دليل ذريعي پنهنجي ڪلپنا کي شانت ڪري سگهندا آهن پر ٻارن ۾ پنهنجي ڪلپنا کي شانت ڪرڻ جي ترڪ شڪتي نہ هوندي آهي. تنهن ڪري هوُ ان کي شانت ڪرڻ لاءِ ڪلپنائن جي آڪاش ۾ اُڏامندا آهن. ٻار پنهنجي آسپاس جيڪي ڏسندو آهي، ماءُ پيءُ ۽ اُستاد کان جيڪي ٻڌندو آهي، آکاڻين ذريعي جيڪي پڙهندو آهي ان جي آڌار تي ڪلپنائون ڪري وٺندو آهي. گهوڙي جي سواري نہ ڪري سگهڻ ڪارڻ هوُ لڪڙيءَ کي پنهنجو گهوڙو بڻائيندو آهي ۽ ’چل ميري گهوڙي ٽِڪ ٽِڪ‘ چوڻ لڳندو آهي. پنهنجي ماءُ، وڏي ڀيڻ يا ڪنهن اِستريءَ کي سندر ڪپڙن ۾ ڏسي هوُ پريءَ جي ڪلپنا ڪرڻ لڳندو آهي. ڊاڪٽر بڻجي گڏيءَ جي نبض ڏسندو آهي تہ پاپا بڻجي اکين تي چشمو لڳائي اخبار پڙهندو آهي. آڪاش ۾ بادلن کي ڏسي هوُ اُنهن کي هاٿي، گهوڙي ۽ ماڻهن جو روپ ڏيندو آهي. آکاڻين ۾ پرين، راڪاس وغيره جون چمتڪاري ڳالهيون ٻڌي يا پڙهي انهن جي ڪردارن جي جڳهہ تي پاڻ کي ڏسندو آهي. ڪلپنا ئي ڪلپنا ۾ هوُ پکيءَ وانگر اُڏامڻ لڳندو آهي، جادوئي غاليچي تي چڙهي سير ڪندو آهي. جادوگر بڻجي هوُ سيني کي قوُڪ سان اُڏائي سگهندو آهي. علاولدين جيان جادوئي چراغ هٿ ڪري سيني جي پلائي ڪندو آهي. ماچيس جي ريل گاڏيءَ ۾ ويهي هڪ شهر کان ٻئي شهر وڃي سگهندو آهي. اهڙين ڪلپنائن دواران ٻار کي پنهنجي سمرٿيءَ جو انيو ٿيندو آهي.

ٻارن ۾ اهڙي ڪلپنا شڪتيءَ جو هئڻ هڪ ڪمي نہ، پڻ گڻ آهي. جيڪڏهن ٻار ۾ ڪلپنا شڪتي نہ هجي تہ پاڻ اها چنتا جهڙي ڳالهہ آهي.

---

1. ’ٻال منووگيان‘ (هندي) ص.٢١٨

ڪلپنا شڪتي وگيان جي به ويجهو آهي. ڪلپنا ۽ وگيان هڪ ٻئي جا پورڪ آهن. ڪنهن به نئين کوج جو سرجڻ ڪرڻ کان اڳ اُن وستوءَ جو سپنو ڏسڻو پوي ٿو، ڪلپنا ڪرڻي پوي ٿي. ان چيز جي ڪچي شڪل ۽ روپ من ۾ طيءِ ٿي وڃڻ کان پوءِ ان چيز کي اصلي روپ ملي ٿو.

## (٢) جڳياسا

ٻار هميشه نين نين شين کي ڏسڻ، سمجهڻ ۽ انهن جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪرڻ چاهيندو آهي. هُو پنهنجي گهر جي پرسان واري رستي تي ڪا موٽر يا بس ڏسندو آهي ته انتظاريءَ سان ان کي ڏسندو رهندو آهي. صرف موٽر يا بس ئي ڇو، هُو پنهنجي آسپاس جي شين کي ڏسي طرح طرح جا سوال پڇندو آهي. هرهڪ شيءِ کي اُٿلائي پٿلائي ڏسندو آهي. هن کي پنهنجي شرير بابت ڄاڻ جي به اِڇا ٿيندي آهي. جدا جدا عضون جي ڪهڙي ضرورت آهي ۽ اهي ڪهڙو ڪم ڪن ٿا، اُڃ ڇو ٿي لڳي، رت جو رنگ ڳاڙهو ڇو آهي، پسينو ڇو ٿو اچي- وغيره جهڙا سوال پڇڻ لڳندو آهي. هن کي پنهنجي شرير بابت جيتري اُتسڪتا آهي، اوتري ڌرتيءَ ۽ آڪاش جي چيزن بابت به آهي. سج، چنڊ، تارن بابت هن جي من ۾ طرح طرح جا سوال اُٿن ٿا جهڙوڪ آڪاش ڇا جو نهيل آهي؟ تارا ان ۾ ڪيئن لٽڪيل آهن؟ چنڊ چمڪندڙ ڇو ٿو ڏسڻ ۾ اچي؟ سج ڏينهن جو ۽ چنڊ رات جو ئي ڇو ڏسڻ ۾ ايندو آهي؟ جدا جدا قسمن جي ماڻهن کي ڏسي هن جي من ۾ سوال پيدا ٿيندا آهن ته سيني ماڻهن جي شڪل هڪ جهڙي ڇو نه آهي؟ ماڻهوءَ جو جنم ڪيئن ٿو ٿئي؟ ڇوڪرين جا ڪپڙا ڇوڪرن جهڙا ڇو نه آهن؟ ٻڍن ماڻهن کي چمڙيءَ ۾ گهنج ڇو پوندا آهن؟ بازار ۾ ويندو ته اُتي به طرح طرح جون شيون ڏسي ماءُ پيءُ کان انهن بابت عجيب عجيب سوال پڇندو آهي. ٻار جي دنيا ئي جڳياسا سان ڀريل آهي. حقيقت ۾ جڳياسا جي ڪارڻ ئي ٻار جو گيان وڌي ٿو پر ٻار جهڙا سوال پڇندو آهي انهن مان ڪيترن جا جواب ته وڏن وٽ به نه هوندا آهن. ڪن سوالن جا جواب هنن وٽ هوندا به آهن ته انهن بابت ٻار کي ڌيرج سان سمجهائي سگهڻ جي سمجهه يا شڪتي يا وقت هنن وٽ نه هوندو آهي. اُلٽو ٻارن جي سوال پڇڻ تي خفي ٿيندا آهن. ڪڏهن ته ٻار کي دٻ ڪڍي چپ به ڪرائي ڇڏيندا آهن.

جڳياسا، گيان جي ماتا آهي. جڳياسا کان سواءِ گيان نٿو حاصل ٿي سگهي.

ٻار جي جڳياسا کي شانت نہ ڪرڻ سان ھن جي گيان حاصل ڪرڻ جو رستو بند ٿي وڃي ٿو. ان ڪري ٻارن کي سوال پڇڻ جو موقعو ڏيڻ گھرجي. سمجھہ ۽ ڌيرج سان انھن سوالن جو سماڌان بہ ڪرڻ گھرجي. ائين ڪرڻ سان ٻارن مان سنڪوچ ۽ ڊپ دور ٿيندو ۽ منجھن آتم وشواس جاڳندو.

## (٣) سنگرھہ ورتي

ٻار جيڪي سٺيون سٺيون شيون ڏسندا آھن انھن کي ھو پاڻ وٽ رکڻ چاھيندا آھن. ننڍي ۾ ننڍيون معمولي شيون بہ ھن لاءِ ملھائتيون ھونديون آھن. ننڍا پٿر، چاڪ جا ٽڪرا، ننڍيون پينسلون، رنگين ڪاغذ، ننڍيون دٻيون ۽ ماچيس، ننڍيون تصويرون وغيره ھو پاڻ وٽ رکندا آھن. انھن ننڍين شين کي ھڪ وڏي باڪس ۾ قابو ڪري رکندا آھن. واندڪائيءَ جي وقت ۾ ويھي ھو انھن سان کيڏندا آھن. پنھنجن دوستن ۽ ساھيڙين کي اھي شوق سان ڏيکاريندا آھن. جئن جئن ھو وڏا ٿيندا آھن تئن تئن ھنن جي ان شوق ۾ ڦيرو ايندو ويندو آھي. ٻارن جي انھيءَ شوق لاءِ کيس روڪڻ نہ گھرجي. جيڪا شيءِ وڏن لاءِ معمولي ھوندي آھي، سا ٻارن لاءِ تمام گھڻي ملھائتي ۽ قيمتي ھوندي آھي. جيڪڏھن ٻارن جي ھن ورتيءَ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪبي تہ ٻار لاپرواھہ ۽ غيرذميوار ٿي ويندو آھي. ھيءَ ورتي جيڪڏھن وڌيڪ ٿي تہ ٻار لالچي ۽ ڪنجوس ٿي پوندو آھي. ھو ٻين جون شيون چورائڻ لڳندو آھي. تنھن ڪري ٻار جي ھن ورتيءَ کي صحيح رستو ڏيکارڻ گھرجي.

## (٤) اھم ورتي

سماج ۾ ٻار کي وڏن وٽان جيتري عزت ملڻ گھرجي، اوتري نہ ملندي آھي. ٻار جڏھن اسڪول ويندو آھي تہ اسڪول ۾ اُستاد جي ھلت ڏسي ھن کي لڳندو آھي تہ سندس جيترو قدر ٿيڻ گھرجي اوترو نٿو ٿئي. اسڪول مان واپس گھر اچڻ تي بہ ماءُ پيءُ وٽان کيس ايتري عزت نہ ملندي آھي. فرصت جي وقت ۾ ٻار کيڏي ڪري گھر ايندو آھي تہ ماءُ پيءُ مٿس غصي ٿيندا آھن. ٻار کي تڏھن ائين لڳندو آھي تہ سڄي دنيا ۾ اھڙو ڪوبہ ماڻھو ڪونھي جيڪو کيس سمجھي سگھي. ائين، انھن ويچارن جي ڇاپ ھن جي سنسڪارن ۽ ھلت چلت تي پوندي وڃي ٿي.

ٻار جيڪي ڪم ڪري ٿو انھن مان ھرھڪ ڪم ۾ ھن جي اھم ورتي

مرڪز ۾ هوندي آهي. هوُ پنهنجو پاڻ کي ڪنهن ڪان به گهٽ سمجهڻ نه چاهيندو آهي. هوُ ڪنهن جي ڀيٽ ۾ پاڻ کي ننڍو به محسوس نه ڪندو آهي. هوُ ائين سمجهندو آهي ته مان جيڪو ڪم ڪريان ٿو سو ئي سچو ۽ صحيح آهي ته پوءِ مائٽ مون کي ڊمڪائين ڇو ٿا؟ اُستاد مون کي ڇو نه ٿو سمجهي؟ جڏهن هن جي ان اهم ورتيءَ ۽ شخصيت جو سويڪار نه ٿيندو آهي ته ٻار ودورهي بڻجندو آهي. هوُ وڏن جون هدايتون نه مڃيندو آهي. پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ وڏن طرف ناپسندي ظاهر ڪندو آهي. ڪنهن هنڌ تي وڏا ماڻهو ٻار ڏانهن ڌيان نه ڏيندا آهن ته پنهنجي شخصيت جواظهار يا پردرشن ڪرڻ لاءِ اهڙو ڪو ڪم ڪرڻ لڳندو آهي جنهن وڏن جو ڏانهس ڌيان ڇڪجي. ٻار جي وڪاس لاءِ اهو ضروري آهي ته هن جي ان ڀاونا کي محسوس ڪيو وڃي.

## (٥) چٽاپيٽي

چٽاپيٽيءَ جي ڀاونا اهم ورتيءَ مان پيدا ٿئي ٿي. ان ذريعي ٻار پنهنجن دوستن ۽ همڪلاسين کان ڪٽڻ چاهيندو آهي. هنن کان اڳتي وڌڻ چاهيندو آهي. ٻين ٻارن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سٺو بڻجڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پڙهائيءَ ۾ به اها چٽاپيٽي ڏسڻ ۾ ايندي آهي. ان وسيلي هوُ ٻين ٻارن کان وڌيڪ سٺيون مارڪون کڻي نمبر کڻڻ چاهيندو آهي. پر ٻار جي من ۾ جڏهن چٽاپيٽيءَ سان گڏ حسد جي ڀاونا پيدا ٿيندي آهي تڏهن اها نقصانڪارڪ ٿيندي آهي. هيءَ ڀاونا اڪثر ڪري راند روند جي وقت ڏسڻ ۾ ايندي آهي. ٻار پنهنجي هار کي قبول ڪرڻ بدران ٻئي ٻار کي ڪيرائي ڇڏيندو آهي يا ماريندو آهي يا راند ۾ ٻي ڪا اڙٻنگائي ڪندو آهي. حسد واري چٽاپيٽي ٻار جي وڪاس ۾ رڪاوٽ وجهي ٿي ان ڪري ان تي روڪ وجهڻ گهرجي. ٻئي طرف تندرست چٽاپيٽيءَ کي همٿائڻ به ضروري آهي. تندرست چٽاپيٽي ٻار کي ساهسي، همت وارو ۽ بهادر بڻائي ٿي. ڪيس مشڪل ۾ مشڪل ڪم ڪرڻ جي همت ڏياري ٿي. تنهن ڪري چٽاپيٽيءَ جي ڀاونا کي صحيح روپ ڏيئي ٻار کي ان لاءِ همٿائڻ گهرجي.

## (٦) نقل

ٻار پنهنجن وڏن کي جيڪي ڪم ڪندو ڏسندو آهي سي جهٽ ۾ جهٽي وٺندو آهي. پنهنجي ڊڏيءَ وانگر اکين تي چشمو لڳائي اخبار پڙهڻ، ڏاڏي

جي لڪڙي ڪٽي ڪُبو تي هلڻ، پاڻي ۾ باڪسن جا گهر ٺاهڻ، اسڪولي ماستر جيان پڙهائڻ، گُڏن - گُڏين جون رانديون ڪرڻ وغيره نقل جو نتيجو آهن. نہ صرف ايترو پر هلڻ چلڻ، ڪائڻ پيئڻ، اُٿڻ ويهڻ، لکڻ، ڪپڙا پهرڻ، رسڻ، پرچڻ، پيار ڪرڻ وغيره بہ اهڙا گڻ آهن جيڪي گهڻو ڪري نقل ذريعي ايندا آهن. اهي گڻ هوُ پوري گنيبرتا سان 'ادا ڪندو' آهي. نقل جي انهيءَ گڻ کي صحيح موڙ ڏيئي، تخليقي يا رچناتمڪ ڪاريہ ۾ لڳائي سگهجي ٿو. نقل جي پرورتي ٻار ۾ ناٽڪپٽي لاءِ چاهہ جاڳائيندي آهي ۽ وڏي تيڻ تي ڪيس ڪشل ڪلاڪار بڻائيندي آهي. انهيءَ پرورتيءَ ذريعي ٻارن ۾ سٺيون سٺيون عادتون بہ وجهي سگهجن ٿيون. ٻين ٻارن کي وقت تي ڪم ڪندو ڏسي يا موقعو ملڻ تي ٻين جي مدد ڪندو ڏسي هوُ بہ ائين ڪندا آهن.

## (٧) سرجڻ ورتي

ڪيترن مائٽن کي اڪثر اها شڪايت ڪندي ٻڌبو آهي تہ سندس ٻار فلاڻي ڪ فلاڻي شيءِ ٽوڙي ڇڏي. ٽوڙي ڪري ان شيءِ کي جوڙڻ ۾ ٻار کي مزو ايندو آهي. حقيقت ۾ ڀڃ ڊاهہ ڪري هوُ نقصان ضرور ڪندو آهي پر اهو هن جي سرجڻ شڪتيءَ جو پهريون ڏاڪو هوندو آهي. ڀڃڻ يا بگاڙڻ جي اها ڪريا بعد ۾ هن کي انهيءَ ئي شيءِ کي وري ٺاهڻ جي پريرڻا ڏيندي آهي. ٻار ۾ سرجڻ شڪتي گهڻي هوندي آهي. واندڪائيءَ جي وقت ۾ هوُ ڪا نہ ڪا شيءِ ٺاهيندو رهندو آهي. ڪڏهن ڀڱل رانديڪي کي ٺاهيندو آهي تہ ڪڏهن ريتيءَ جا گهر ٺاهيندو آهي. ڪڏهن پنن مان هوائي جهاز يا ٻيون ڪي شيون ٺاهيندو آهي تہ ڪڏهن جيڪي مٽيءَ مان ڪي رانديڪا ٺاهيندو آهي. اهڙن ڪمن ۾ هن جي رچي، سندس سرجڻ يا رچناتمڪ شڪتي ڏيکاري ٿي. سماج جي وڪاس لاءِ هيءَ ورتي اهميت واري آهي. سماج ۾ نين نين شين جي کوج بہ هن ورتيءَ ڪارڻ ٿئي ٿي. ٻار ۾ ڪرياشيلتا سان گڏ آتم وشواس جاڳي ٿو. هن ورتيءَ جي يوگيہ وڪاس سان ٻار ۾ سرجڻ سان گڏوگڏ ڪلپنا شڪتيءَ جو بہ وڪاس ٿئي ٿو.

## ٻال منووگيان جي ڄاڻ سان ٻال ساهتيہ جي رچنا

ٻال منووگيان آهي ٻار جي من، شڪتين، ورتين، پسندگين، رُچين، وڪاس وغيره کي ڄاڻڻ جو وگيان. جيستائين ٻارن کي نہ سمجهبو تہ انهن جي لاءِ لکي ڪيئن سگهبو؟ جي ٻارن کي سمجهڻ بنا لکبو تہ اهو سندن ضرورتن

ڪي ڪيتري حد تائين پورو ڪري سگهندو؟ نه صرف پارت جي ودوانن پر وديشي ودوانن جو به اهو رايو آهي ته ٻال رُچي ۽ ٻال منووگيان جي اڀياس بنا ٻال ساهتيه رچنا ممڪن نه آهي. جدا جدا عمر جي ٻارن جون ضرورتون ۽ تقاضائون ڪهڙيون آهن، اهي ڪهڙي ماحول ۾ رهن ٿا، انهن جي ڀاشائي گيان ۽ سمجهه شڪتيءَ جو دائرو ڪيترو آهي، ٻارن جي ڪلپنا شڪتي سندن وڪاس ۾ ڪهڙي مدد ڪري ٿي وغيره اهڙا سوال آهن جن جا جواب حاصل ڪرڻ کان سواءِ ٻال ساهتيه لکڻ ممڪن ڪونهي. ائين ڪٿي چئجي ته ٻال ساهتيه، ٻال منووگيان جو ئي نتيجو آهي. جيڪڏهن ٻال منووگيان نه هجي ها ته ٻال ساهتيه جو جنم به نه ٿئي ها. ٻال ساهتيه جي اڀياس بنا لکيل ٻال ساهتيه ٻارن جي لاءِ اُپيوگي - ڪارگر ٿي ئي نٿو سگهي. ليکڪ جيستائين ٻال منو-وگيان جو اڀياس نه ڪندو ۽ ٻال منووگيان جي بنيادي حقيقتن کي نه سمجهندو تيستائين سندس رچنائون ٻارن جي پسنديءَ تي ڪريون نه اُترنديون. ٻار انهن کي قبول نه ڪندا. صحيح معنيٰ ۾ ٻال ساهتيه جا بهترين آلوچڪ ته ٻار ئي آهن. هوُ پنهنجي پسنديءَ انوسار ئي شين جي چونڊ ڪندا آهن. هيڏي وڏي ٻال ساهتيه مان به هوُ پنهنجي پسنديءَ جا ڪتاب ڳولهي وٺندا آهن. جيڪڏهن ٻارن جي پسندي جاڻڻي هجي ۽ سڦل ٻال ساهتيه جي رچنا ڪرڻي هجي ته ٻال منووگيان جو اڀياس لازمي ٿي پوي ٿو.

## عمر گروپ جو خيال

ٻار جڏهن ٿورو وڏڙو ٿئي ٿو تڏهن ڍيري ڍيري ڪيس پڙهڻ لکڻ سيکاريو وڃي ٿو. انهيءَ ذريعي هن جو ڀاشا جو وڪاس ٿئي ٿو. هوُ جئن جئن وڌيڪ پڙهي ٿو تئن تئن پسنڪ ذريعي وڌيڪ لفظ سکندو وڃي ٿو. ايترو ئي نه، جدا جدا لفظن جو اُپيوگ ڪيئن ڪجي ان جو ٻار کي خيال اچي ٿو. ان ڪري ماءُ پيءُ جو فرض آهي ته هوُ ڪيس سنا سنا ڪتاب پڙهڻ لاءِ آڻي ڏين. اهي ڪتاب اهڙا هئڻ گهرجن جيڪي ٻارن کي سولائيءَ سان سمجهه ۾ اچن. اتي ئي ماءُ پيءُ جي مونجهاري جي شروعات ٿئي ٿي. ڪين سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڪهڙا ڪتاب سندس ٻار لاءِ ڪارائتا ٿيندا. آمريڪا ۽ برٽين جهڙن ملڪن ۾ ٻال ساهتيه ڏانهن جيترو ڌيان ڏنو وڃي ٿو اوترو پنهنجي ديش ۾ نه. ڪن ملڪن ۾ ٻارن جي عمر گروپ انوسار دڪان ۾ ٻال ساهتيه جا الڳ الڳ وڀاڳ هوندا آهن. مثال طور پري پرائمري سيڪشن، پرائمري

سيڪشن ۽ سيڪنڊري سيڪشن. عمر گروپ انوسار نهيل اهڙن وياڳن هيٺ سان مائٽن کي ڪتاب پسند ڪرڻ ۾ سولائي ٿئي ٿي. پر اسان جي ديش ۾ اهڙي ڪابہ سهوليت نہ آهي. ڪتابن جي دڪانن ۾ ٻال ساهتيہ جو الڳہ وياڳہ تہ هوندو آهي پر الڳہ الڳہ عمر گروپن موجب ان جي ورهاست ڪيل ڪانہ هوندي آهي.

سڄي دنيا اندر عمر گروپ انوسار ٻال ساهتيہ ڏيڻ جو سڏانت سويڪاريل آهي. البت ڪي ودوان انهيءَ جي مخالفت بہ ڪن ٿا. مخالفت واري ڳالهہ کي پاسيرو رکي، پهرين انهيءَ جي فائدي ۾ ڏنل راين موجب انهيءَ سڏانت جو وهنوارڪ پهلوُ ڏسون. ڇهن پنجن سالن جي ٻار لاءِ جيڪو ڪتاب ڪارگر ٿي سگهي ٿو، اهو يارهن ٻارهن سالن جي ٻار کي ڪيئن وڻندو؟ جنهن عمر جي ٻار کي ڪوئي ۽ ٻليءَ جي آڪاٽي وڻندي هجي، تنهن کي وگيانڪ يا ساهسي ڪهاڻي ڪيئن وڻندي؟ انهيءَ ڪري سپاويڪ طور ٻنهي عمرين جي ٻارن لاءِ الڳہ الڳہ سوچڻو پوندو. ٻنهي جي وچ ۾ پيد ريکا ڇڪڻي پوندي.

ٻئي طرف عمر گروپ واري سڏانت جي وروڌ ۾ جيڪي رايا ڏنا وڃن ٿا سي بہ ڌيان ڇڪائيندڙ آهن. ڊاڪٽر هريڪرشن ديوسري جو چوڻ آهي، ”ٻال ساهتيہ، اسڪولي ساهتيہ کان بلڪل جدا هئڻ جي ڪارڻ عمر گروپن جي سيمائن ۾ رکي ئي نٿو سگهجي. جيڪڏهن ائين هجي ها تہ اڄ جيڪي ڪتاب دنيا جي ٻال ساهتيہ ۾ ’ڪلاسڪ‘ مڃيا وڃن ٿا سي نہ هجن ها. انهن ڪتابن کي بہ عمر حد جو ٻنڌن ٽوڙي سويڪار ڪيو ويو هو. رابنسن ڪروسو، گليوَر ڪٿائون، گِرِم ڪٿائون، ٿام سوائر وغيره ڪتاب ٻارن کي اُديش ٻڌائي نہ لکيا ويا هئا. ليڪن انهن کي ٻارن قبول ڪيو ۽ اهي سيني عمر جي ٻارن کي سندن گيان-سطح جي انوسار منورنجن ڏين ٿا. ممڪن آهي، جيڪڏهن انهن تي عمر-حد جي مُهر لڳائي وڃي ها تہ اهي ايترا لوڪپريہ نہ ٿين ها.“[1]

عمر گروپ انوسار ٻال ساهتيہ ڏيڻ جي ڳالهہ بابت مختلف رايا هوندي بہ انهيءَ ڳالهہ کان انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي تہ ٻال ساهتيہ لکڻ وقت عمر گروپ جو ڌيان رکڻ ضروري آهي.

هرهڪ ديش جي جاگرافيڪل حالت، آبهوا، راڄنيتي حالتون، سماجڪ ۽ منوو گيانڪ شڪتيون وغيره جدا جدا هئڻ ڪري ٻارن تي انهن جو اثر ٿئي ٿو. مثال طور يورپ جا ٻار نرسري ۾ پلجن ٿا تہ ڀارت جا ٻار پنهنجي ڪٽنب ۾ ئي وڏا ٿين ٿا. ٻنهي ملڪن جي ٻارن جي شاريرڪ ٽوڙي ٻوڌڪ

1. ’هندي ٻال ساهتيہ : ايڪ اڌيَين‘ ص. ٦٤

وڪاس ۾ فرق آهي. هڪ غلام ديش ۾ تاناشاهي حڪومت هيٺ پليل ٻارن ۾ ۽ آزاد ديش جي آزاد واتاورڻ ۾ پليل ٻارن ۾ فرق آهي. هرهڪ ديش کي پنهنجون پنهنجون پرمپرائون ۽ ريتيون رسمون هونديون آهن. جيڪي به ٻارن تي اثر ڪن ٿيون.

جدا جدا ودوانن، ٻارن جي اوستائن کي الڳ الڳ نموني عمرگروپن ۾ ورهايو آهي. هڪ ودوان ان جي هن نموني ورهاست ڪئي آهي :

(۱) شِشو اوستا - ٽن ڇئن سالن جي عمر تائين
(۲) ٻالپڻ - اٺن يا نوَن سالن جي عمر تائين
(۳) پوُرو ڪشور اوستا - ٻارهن يا ٻارهن سالن جي عمر تائين
(۴) اُتر (بعد) ڪشور اوستا - چوڏهن سالن جي عمر تائين
(۵) ڪمار اوستا - ويهن سالن جي عمر تائين[1]

ٻين ودوانن به ٻارن جي اوستائن کي پنهنجي پنهنجي نموني پئي ورهايو آهي. انهن راين جي آڌار تي ٻال اوستائن کي مکيه روپ سان ٽن حصن ۾ ورهايو ويو آهي :

(۱) شِشو اوستا - ٽن ڪان ڇهن ستن سالن تائين
(۲) ٻال اوستا - ڇهن ستن سالن ڪان تيرهن سالن تائين
(۳) ڪشور اوستا - تيرهن چوڏهن سالن ڪان سترهن سالن تائين[2]

مٿين ٽن عمر گروپن کي خيال ۾ رکندي ٻال ساهتيه کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو : شِشوُ اوستا لاءِ شِشو ساهتيه، ٻال اوستا لاءِ ٻال ساهتيه ۽ ڪشور اوستا لاءِ ڪشور ساهتيه. ٻال ساهتيڪارن کي گهرجي ته هوُ ٻال وڪاس جي انهن ٽن اوستائن کي ڌيان ۾ رکي ٻال ساهتيه جي رچنا ڪن.

## (الف) شِشو ساهتيه

ٽن سالن ڪان پنجن يا ان ڪان به هڪ به سال پوءِ تائين جي عمر وارن ٻارن لاءِ لکيل ساهتيه کي 'شِشوُساهتيه' چئجي ٿو. هن عمر جي ٻارن جو ڀاشا گيان لڳ ڀڳ نه جهڙو هوندو آهي. هوُ فقط آوازي اِشارن ذريعي يا تصويرن جي مدد سان ڪنهن به ويچار يا ڳالهه جو انيؤ ڪندا آهن. هن عمر جا ٻار طرح

1. ريڊ. جي. ايچ. ڊِڪس 'چائيلڊ اسٽڊي' (حوالو : ڊاڪٽر شري پرساد، 'هندي ٻال ساهتيه ڪي روپ ريکا' ص. ۲)
2. ڊاڪٽر شري پرساد : 'هندي ٻال ساهتيه ڪي روپ ريکا' ص. ۳

طرح جا بي‌مطلب لفظ چوندا رهندا آهن. انهن لفظن کي جيڪڏهن ليہ ۾ آٽي پيش ڪجي تہ ٻارن کي اهي وڻندا آهن. هوُ انهن کي ياد ڪري سگهندا آهن. هن عمر جي ٻارن جو ڌيان شاريرڪ ڪوشش طرف وڌيڪ رهندو آهي. هوُ اڪيلائيءَ ۾ ويهي راند روند ڪندا آهن. هنن ۾ ٻين ٻارن کان ڪٽڻ جي يا چٽاپيٽيءَ جي ڀاونا نہ آيل هوندي آهي. هوُ پنهنجو پاڻ ۾ مگن رهندا آهن. پاڻ ئي ويهي نچندا ٽپندا آهن ۽ پاڻ ئي ڊڪڻ ڊوڙڻ لڳندا آهن. هن عمر ۾ هنن جي ڪلپنا شڪتي تمام تيز هوندي آهي. هن اوستا جا ٻار پنهنجي ڪٽنب کان چڱيءَ طرح واقف هوندا آهن. گڏوگڏ هوُ ڪٽنب کان ٻاهر پسن-پکين جي دنيا ۽ ٻاڙي کان بہ واقف هوندا آهن. ليڪڪن کي هن عمر گروپ جي ٻارن لاءِ لکڻ وقت پنهنجين رچنائن ۾ انهن لفظن، ڳالهين، وشين، ڪلپنائن ۽ ڀاوَنائن وغيره جو اُپيوگہ ڪرڻو آهي جيڪي ٻارن جي چاڻ، انيؤ ۽ دائري اندر ايندڙ هجن. ٻارن کي پراڻي ڪٿائون ۽ پري ڪٿائون خاص وڻن ٿيون. راجڪمار يا جادوگر اُڏند کٽوليءَ تي ايندو هجي اهڙين ڪهاڻين ۾ هنن کي آنند ايندو آهي. هوُ پاڻ بہ ڪلپنا شڪتيءَ جو سهارو وٺي آڪاش ۾ اُڏڻ شروع ڪندا آهن. وڏن اکرن ۾ ڇپيل ۽ چٽرن واريون آکاڻيون ڪين پڙهڻ ۽ ڏسڻ ۾ مزو ايندو آهي. هوُ اهڙيون رچنائون بہ پسند ڪندا آهن جن ۾ آوازن جو پريوگہ هجي. اهي آواز هنن جي چاڻ سڃاتل پسن پکين يا جيوَ جنتن جا هوندا آهن. اهڙن ٻارن کي پسن پکين سان واسطو رکندڙ ننڍڙيون ننڍڙيون آکاڻيون يا پسن پکين ۽ وڻن ٽڻن وغيره جي چاڻ ڏيندڙ ليکہ ڏيئي سگهجن ٿا. هن عمر جي ٻارن کي ارٿهيڻ تُڪبنديون يا نرسري گيت بہ ڏيئي سگهجن ٿا. ٻارن جي هيءَ اوستا، ڪتاب خود استعمال ڪرڻ جي شروعاتي اوستا آهي. جيڪڏهن هن عمر ۾ سندن پسنديءَ موجب ڪتاب نہ مليا تہ ڪتابن مان هنن جو چاهہ گهٽجڻ لڳندو. تنهن ڪري مائٽن جو فرض آهي تہ هوُ انهيءَ عمر کي ڌيان ۾ رکي اهڙا ڪتاب پسند ڪن. ٻال ساهتيہ جي ليکڪن جي بہ جوابداري آهي تہ هوُ هن عمر جي ٻارن جي تقاضائن کي ڌيان ۾ رکي ساهتيہ لکن.

## (ب) ٻال ساهتيہ

ڇهن سٽن سالن کان تيرهن چوڏهن سالن تائين جي عمر وارن ٻارن لاءِ لکيل ساهتيہ کي ٻال ساهتيہ ۾ شمار ڪجي ٿو. ڇهن سٽن سالن جي عمر کان پوءِ ٻارن جي مانسڪ اوستا ۾ ڦيرڦار ٿيڻ لڳندي آهي. هوُ پنهنجي گهر ۽

ڪتنب جي واتاورڻ مان ٻاهر نڪري ٻاهر جي دنيا ڪان واقف ٿيندا آهن. شروعات ۾ جنهن ٻار کي جانورن-پکين جون ڪهاڻيون يا پرين-جادوگرن جون آکاڻيون وڻنديون هيون تنهن کي هينئر حقيقت سان ڀريل رچنائون وڻن ٿيون. هن عمر جي ٻارن کي سياڻپ، بهادري، ساهس وغيره سان ڀريل رچنائون ۽ اتهاسڪ آکاڻيون وڌيڪ وڻن ٿيون. پاترا ورنن جي ڪتابن ڏانهن به هنن جي رُچي رهي ٿي. ٻارن جو پڙهڻ جو چاهه لڳاتار وڌندو رهي ٿو تنهن ڪري ڪين سٺن سٺن ڪتابن سان سڃاڻپ ڪرائي منجهن ڪتاب پڙهڻ جو شوق پيدا ڪري سگهجي ٿو. هن عمر جا ٻار ڪلپنا جڳت مان نڪري يٿارٿ واري دنيا طرف پرويش ڪندا آهن. منجهن وڌيڪ ۾ وڌيڪ ڄاڻڻ جي اِڇا ٿيڻ لڳندي آهي.

## (ث) ڪشور ساهتيہ

تيرهن چوڏهن سالن ڪان وڌيڪ عمر وارن ٻارن لاءِ جيڪو ساهتيہ لکيو وڃي ٿو تنهن کي ڪشور ساهتيہ چيو وڃي ٿو. ٻار پنهنجي ٻالپڻ مان نڪري ڪشور اوستا ۾ پرويش ڪن ٿا تڏهن هنن کي بهادريءَ جون ڪهاڻيون ۽ وگيانڪ پس منظر واريون رچنائون وڌيڪ ڪشش ڪن ٿيون. انهيءَ عمر ۾ هنن کي ڪتنب جي مسئلن ۽ ڪتنبي ماحول تي لکيل رچنائون به وڻن ٿيون. سماجڪ ڪهاڻيون به هنن کي پاڻ ڏانهن ڇڪين ٿيون.

ٻارن جو جيڪو عمر گروپ هجي، ان کي ڌيان ۾ رکي رچناڪار کي طئہ ڪرڻ گهرجي تہ هوُ ڪهڙي عمر گروپ جي ٻارن لاءِ ساهتيہ لکي رهيو آهي يعني سندس رچنا کي پڙهندڙ يا ماڻيندڙ ڪهڙي عمر وارا ٻار آهن. جئن ٻار ننڍو تئن رچنا جا جملا به ننڍا. ڀاشا سڌي ۽ سرل. عمر گروپ جي انوسار واتاورڻ جا لفظ، لفظي ڀريوگ، ڀاوَ ۽ وشيہ وغيره به هئڻ گهرجن.

## ٻال ساهتيہ جا عناصر :

## (ا) موضوع يا وشيہ وستو

متي ڏنوسين تئن هرهڪ عمر گروپ جي ٻار لاءِ سندس آسپاس جي واتاورڻ انوسار وشيہ پسند ڪرڻ هڪ تمام ضروري ۽ لازمي ڳالهہ آهي. ننڍي عمر جي ٻار لاءِ هن جي ڪتنب جا ڀاتي ۽ هن جيڪي جانور-پکي ڏٺا هجن سي ئي سندس دنيا آهن. سياويڪ طور، هنن لاءِ جيڪي ڪجهہ لکيو وڃي تنهن ۾ ڪتنب جي ڀاتين ۽ ٻار جي ڄاتل سڃاتل جانورن وغيره جو ڳالهيون هجن،

سو تمام ضروري آهي. اڳتي هلي ڪيس ڪتنب کان ٻاهر جي دنيا ۽ ٻين چيزن سان واسطو رکندڙ رچنائون ڏيئي سگهجن ٿيون. ڪشور اوستا ۾ ايندي ڪيس سماجڪ، اتهاسڪ ۽ وگيانڪ رچنائن طرف موڙي سگهجي ٿو. جدا جدا عمر جي ٻارن لاءِ موضوع يا وشيه وستوءَ جي پسنديءَ سان گڏ، رچنائن ۾ ڪردار يا پاتر به ان موجب ضروري آهن. ٻال ساهتيه جي ليکڪ جي سڦلتا انهيءَ ۾ آهي ته هو ٻارن لاءِ جيڪي وشيه پسند ڪري، تن ۾ ٻارن جي گيان جي سيما ۽ سطح جو ڌيان رکي. ”اٺن نوَن سالن تائين عمر جا ٻار، جيڪي ڪجهه الوڪڪ آهي، اديت آهي، اساڌارڻ آهي ان ۾ رس وٺندا آهن. انهن جي لاءِ پسون پکيءَ ۽ ماڻهوءَ ۾ ڪو فرق نه آهي. جهرڪي، ٻاندر، مانگرمڇ، هاٿي، شينهن ۽ ڪوُئو- اهي سڀ ماڻهن وانگر ڳالهائيندا آهن يا بحث ڪندا آهن ته هنن کي ذرو به عجب نه لڳندو آهي. هوُ اهو سوچيندا ئي ناهن ته ٻاندر مانگرمڇ جي پٺيءَ تي ويهي نٿو سگهي يا دل وڻ تي نٿي رکي سگهجي. هن جي لاءِ ته ٻاندر ۽ واگهوءَ جو هئڻ ئي ڪافي آهي. انهن جو ڪجهه به ڪرڻ ٻارن جي وندر جو ڪارڻ بڻجي ويندو آهي.“[1]

## (٢) ڀاشا

ٻارن جي لاءِ لکڻ وقت ٻارن جي عمر انوسار ڀاشا جو استعمال ڪرڻو آهي. ان انوسار ئي لفظن جو اُپيوگ ڪرڻ گهرجي. ڪهڙي عمر جي ٻار جو لفظي گيان ڪيترو آهي، اهو ڄاڻڻ تمام ضروري آهي. ٻارن جو لفظي گيان وڌي، ان لاءِ ڪين نون لفظن جو به پريچيه ڪرائڻ گهرجي. ڪٿي به ٻار جو ڌيان ڀنگ نه ٿيڻ گهرجي. ڪوبه لفظ ٻار جي دماغ ۾ ڪتڪڻ نه گهرجي. ”ٻار کي ڀاشا جو پهريون پريچيه نثر سان نه پر نظم سان ٿئي ٿو ۽ اهو يوگيه آهي. بلڪل ننڍن ٻارن لاءِ آڪاڻيون به جوڙڪٽن (تُڪبنديڻ) جي روپ ۾ ڏجن ٿيون. ان ڪري ليه، آواز، مڌرتا انهن سيني جو انيؤ ته ٻار کي ٿيڻ لڳو ئي هوندو آهي. پر نثر جي رستي اڳتي وڌندي هن کي پهاڙ تان ڪاهيءَ ۾ ڪرڻ جو انيؤ نه ٿئي اهو ڏسڻ جو ڪم ٻال ساهتيه جي ليکڪن جو آهي.“[2]

ٻال ساهتيه ۾ ڪم ايندڙ ڀاشا ان جي ننڍڙي پاٺڪ ورگه جي عام فهم ٻوليءَ، لفظن، لهجي ۾ هجي، ان ۾ مڌرتا هجي. نه صرف ايترو پر ”ٻال

---

1. وشڻو پرياڪر : ’ٻال ساهتيه : رچنا اؤر سميڪشا‘ (هندي) ص. ١١٢
2. رميش دوي : ’پريپ‘ (گجراتي) ٻال ساهتيه وشيشانڪ، ص. ٦٧

ساهتيہ جي ڀاشا نظماڻي، رواني ۽ واري، ليہ بند ۽ قافين سان سرجندڙ مڌرتا سان ڀرپور هجي ۽ ٻوليءَ جي پراديشڪتا جي وڪلپ طور ڀاشا جي مڃيل روپ جي نزديڪ هجي اهو پڻ ضروري آهي. وري ساماسڪ شبد پريوگ، ٻہ ٽي ڀن ڏکين ملاوٽي جملن ۽ پئراگرافن جي بجاءِ ٻارن کي چوڻ واري ڳالهہ سچاتل شبد پريوگن، ننڍن ۽ سادن جملن توڙي سلسليوار ايندڙ پئراگرافن ۾ چئجي اهو ضروري آهي.''[1]

ڀاوهيڻ ڀاشا جي ڪارڻ نثر توڙي نظم جو آنند محسوس نٿو ڪري سگهجي. ڀاشا، وياڪرڻ جي خيال کان بہ شڌ هئڻ گهرجي. ان ۾ تر ماتر بہ غلطي نہ هلي. مذاق پيدا ڪرڻ جي خيال کان بہ انهيءَ ۾ ڪي غلطيون نہ هئڻ گهرجي. الڳہ الڳہ پرانتن ۾ ڪم ايندڙ ڪن خاص لفظن يا ڀاشا پريوگن سان بہ ٻار جو ذائقو بگڙي ٿو. ٻارن جي شڪتيءَ ۽ سمجهڻ ۾ مشڪلات پيدا ڪري ٿو. تمام ننڍڙا ٻار ڀاڻ آکاڻيون يا ڪوتائون پڙهي نہ سگهندا آهن. مائٽ ئي کين اهي پڙهي ٻڌائيندا آهن. تنهن ڪري تمام ننڍڙن ٻارن لاءِ لکيل رچنائون پڙهڻ جي بدران ڪن رس ڏيندڙ هئڻ گهرجن. ان لاءِ انهن ۾ ليہ، آنند ۽ ميناج هئڻ گهرجي.

## (٣) شئلي ۽ پيشڪش

ٻال ساهتيہ ۾ جتي موضوع جي پسندگي ۽ ڀاشا جي سرلتا جي اهميت آهي، اُتي شئلي بہ گهٽ اهميت نٿي رکي. ليکڪ جيڪي ڪجهہ چوڻ چاهي ٿو سو جيڪڏهن وڻندڙ ۽ اثردايڪ شئليءَ ۾ چئجي تہ رچنا وڌيڪ معياري بڻجي ٿي. اهميت ان ڳالهہ جي بہ آهي تہ ليکڪ چوڻ ڇا ٿو چاهي. اهميت ان ڳالهہ جي بہ آهي تہ ليکڪ اها ڳالهہ ڪهڙي ڍنگہ سان چوڻ ٿو چاهي. ڪابہ رچنا ٻارن جي من کي تڏهن ڇهي سگهي ٿي جڏهن اها دلچسپ نموني چئي وڃي. ان ۾ سپاٽ بياني، بوجهلتا ۽ اُپديش نہ هئڻ گهرجي. اسڪول جي چئن ديوارن اندر ٻار جيڪي درسي ڪتاب پڙهي ٿو، تن کان هٽي ٻاهرين دنيا جي کليل واتاورڻ ۾ هوُ اهڙيون چيزون پڙهڻ چاهي ٿو جيڪي کيس هڪ بند دائري ۾ قابو نہ رکن. ان ڪري اهي چيزون اهڙيون هئڻ گهرجن جن ۾ ٻارن جي لاءِ رس ۽ چاهہ جو توشو هجي. ٿورا سوالي، ٿورا عجيب ۽ ٿورا بيانيٰ جملا ڏيڻ سان ليکڪ جي جوابداري پوري

---

1. يشونت دوشي : 'گرنٿ' ١٩٦٨، ص. ١٣

نٽي ٿي وڃي. ليڪ ان ۾ پنهنجي ماهريت يا گيان ڏيکارڻ جي ذري بہ ڪوشش ڪري تہ اها ٻالهہ رچنا ڪي دهرم رسائي ٿي.

ٻال ساهتيہ جي مختلف صنفن ۾ شئليءَ جا گھڻائي تجربا ٿيا آهن. انهن تجربن ذريعي رچنائن کي وڌيڪ وڻندڙ بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي ۽ ان سان گڏ جدا جدا اظهارن جي ڄاڻ بہ ٻارن کي ڏني ويندي آهي. ڪهاڻيءَ جو ئي مثال وٺون. 'پنچتنتر' ذريعي وشنو شرما دنيا اڳيان جانورن کان ماڻهن جهڙي ٻولي ڳالهارائڻ جو جيڪو تجربو ڪيو تنهن گھڻن رچناڪارن کي انهيءَ شئليءَ ڏانهن متاثر ڪيو. 'وئتال پچيسي' جي رچناڪار وري سوال جواب شئليءَ جو پريوگ ڪيو، جنهن ۾ وئتال دواران پڇايل ڪهاڻيءَ جي انت ۾ صحيح ۽ نهڪندڙ جواب ڏيئي ڪيترين شنڪائن، سوالن، مسئلن، انديشن، ڪارٽن جو سماڌان ڏيکاريو ويو. انهن کان سواءِ آتم ڪٿا، خط، گفتگو، ڊائري، اِنٽرويو، ياترا ورنن، يادگيرين وغيرهہ جي روپ ۾ بہ انيڪ ڪهاڻيون لکيون ويون آهن. اڄ جي ٻارن کي ڌيان ۾ رکي انهن شئلين کان سواءِ ٻين شئلين جو بہ اُپيوگ ڪري سگھجي ٿو. اڄ جي اليڪٽرانڪ يُگ ۾ ٻال ساهتيہ جي ليکڪن کي هاڻوڪي يُگ موجب شئليون بہ اپنائڻ گھرجن.

## (۴) ونڊر ۽ آنند

ٻال ساهتيہ جي ڪسوٽيءَ تي اهي ئي ڪتاب کرا اُترن ٿا جن کي ٻار وري وري پڙهڻ چاهيندا هجن. تنهن ڪري ٻال ساهتيہ جي ڪتابن ۾ ونڊر ۽ آنند هئڻ هڪ اهم ۽ لازمي جزو آهي. دنيا جي ٻولين ۾ اڄ ڪيتريون رچنائون ٻارن کي فقط ونڊر ڏيڻ جي مقصد سان لکيون وڃن ٿيون. انهن ۾ ڪوبہ سڌو يا اڻسڌو اُپديش نہ هئڻ گھرجي. ٻار اهي پڙهن تہ بہ گھڙيون آنند جي دنيا ۾ کوهجي وڃن- اهڙو ئي انهن جو اُديش رهيو آهي.

## (۵) سکيا

اسڪول ۽ گھر ۾ وڏن وٽان ٻارن کي نيتيءَ تي زور ڏيندڙ ڳالهيون ٻڌڻيون پون ٿيون. هي ڪريو، هي نہ ڪريو، هيءَ عادت سٺي ناهي، هيئن ڪرڻ سياڻن جو ڪم ناهي جهڙيون سوچنائون ٻڌي ٻار مونجهہ محسوس ڪن ٿا. ٻال ساهتيہ ۾ بہ جيڪڏهن اهڙين ڳالهين تي زور ڏنو ويندو يا پرمار ڪئي ويندي تہ سياويڪ طور ٻار اهي پسند نہ ڪندا. انهيءَ ڪري ئي سکيا جهڙي

عناصر کي هاڻوڪي وقت ۾، ٻال ساهتيہ ۾ گهٽ اهميت ڏني وڃي ٿي. ڪنهن زماني ۾ ٻارن جي آکاڻين جي آخر ۾ سکيا ڏيڻ ضروري سمجهيو ويندو هو. اڳتي هلي انهيءَ روايت ۾ ڦيرو آيو ۽ سکيا جهڙي عناصر کي سڌي نہ، پر اڻسڌي نموني شامل ڪرڻ تي زور ڏنو ويو. انهيءَ موجب، ڪابہ سکيا جيڪڏهن اڻسڌي نموني اچي تہ ڪا حرڪت ڪانهي. ٻال پاٺڪ کي رتي ماتر بہ ائين لڳڻ نہ گهرجي تہ ليکڪ رچنا دواران فلاڻي ڪ فلاڻي سکيا ڏيڻ چاهي ٿو.

## ٻال ساهتيہ رچنا

ٻارن جي لاءِ لکڻ تمام جوابداريءَ جو ڪم آهي. وڏن لاءِ ساهتيہ لکڻ جيترو ڏکيو آهي، تنهن کان بہ وڌيڪ ڏکيو ٻارن لاءِ لکڻ آهي. ٻال ساهتيہ جو ليکڪ پنهنجن پاٺڪن يعني ٻالڪن کي پل پر لاءِ بہ وساري نہ ٿو سگهي. کيس ٻارن جي ضرورتن، رُچين ۽ پسندگين انوسار لکڻو آهي. ٻارن جي دنيا، وڏن جي دنيا کان بلڪل علحدي هوندي آهي. ٻار جنهن جڳياسا ڀري نظر سان دنيا کي ڏسندا آهن، سا نظر وڏن وٽ نہ هوندي آهي. ٻار لاءِ چنڊ، تارا، پهاڙ، نديون، پسون، پکي، ماڻهو، ريتيون، رسمون، وهنوار، رواج اهڙا نہ هوندا آهن، جهڙا وڏن جي دنيا جا هوندا آهن. ليکڪ لاءِ اهو ضروري آهي تہ هوُ انهن ڳالهين کي سمجهي. ٻال ساهتيہ جو ليکڪ جيستائين پنهنجو پاڻ کي وساري ۽ پنهنجي وڏپڻ کي وساري، ٻارن جي دنيا کي ٻار بڻجي انڀوَ نٿو ڪري تيستائين هوُ ٻارن لاءِ سٺو لکي ئي نٿو سگهي. وڏن لاءِ لکندڙ ليکڪ پاڻ وڏو هئڻ ڪري پنهنجي انڀوتيءَ کي وڏن اڳيان ظاهر ڪري سگهندو آهي پر ٻارن لاءِ لکندڙ ليکڪ کي، لکڻ وقت پنهنجي انڀوَ ۽ سياڻپ کي پاسيرو رکي ٻارن جي من ۾ داخل ٿي ٻار سان ايڪاڪار ٿيڻو پوندو آهي.

ٻال ساهتيہ جي ليکڪ کي مخاطب ٿي، سرويشور ديال سڪسينا چوي ٿو، ”جيڪڏهن توهان ٻارن سان گڏ کيڏي نٿا سگهو تہ ٻارن لاءِ لکي نٿا سگهو، پوءِ چاهي اها نرسري ڪوتا هجي چاهي ناٽڪ. اهو کيل ٻارن سان گڏ رانديڪن سان کيڏڻ جيان نہ آهي بلڪ انهن سان گڏ ملي رانديڪو ٺاهڻ جيان آهي. توهان کي لکڻ وقت خود کي ٻن حصن ۾ ورهائڻو پوندو يا ائين چئو تہ جيڪڏهن توهان ٻن حصن ۾ پنهنجو پاڻ ورهائجي نہ ويا تہ لکڻ شروع ٿي نہ ٿيو. هينئر توهان هنن سان گڏجي رانديڪو ٺاهي رهيا آهيو. اهو رانديڪو هڪ جهرڪي بہ ٿي سگهي ٿو، هڪ مڪان بہ، هڪ موٽر گاڏي بہ. هينئر انهن

ٿن جو روپ ان ٻالهہ تي مدار رکي ٿو تہ توهان ڪهڙي عمر جي ٻار سان ڳنڍ رانديڪو ناهي رهيا آهيو يعني توهان ڪهڙي عمر گروپ ۾ خود کي محسوس ڪري رهيا آهيو. ٿي سگهي ٿو تہ ٻار جهرڪيءَ ۾ ڇهنب جي ضرورت نہ محسوس ڪندو هجي؛ فقط پنکہ چاهيندو هجي، مڪان ۾ پير لڳائڻ ضروري سمجهي رهيو هجي ۽ موٽر گاڏيءَ ۾ اڪيون– توهان ڪي هن جي ٻالهہ مچٽي پوندي. ان ترڪ کي قبول ڪرڻو پوندو جو سمورو هن جو آهي، جنهن کي توهان بہ نتا مڃو. جيڪڏهن توهان دخل بازي ڪندا تہ چاٽي چڏيو، نيڪ نہ لڪي رهيا هوندا. جهرڪيءَ ۾ فقط پنکہ ڏسڻ، مڪان ۾ پير ۽ موٽر گاڏيءَ ۾ اڪيون- خود کي مڪت ڪرڻو آهي. رچناتمڪ سطح تي ان ارٿ ۾ ٻارن جي لاءِ لکڻ ليکڪ جي لاءِ مڪت هئڻ برابر آهي.''[1]

ٻال ساهتيہ لکڻ هڪ ڪلا آهي. سڀ ليکڪ ٻال ساهتيہ لکڻ ۾ ماهر نتا ٿي سگهن. ٻارن جي من جي ٻالهہ جيڪو ٻارن جي ڀاشا ۾ لکي سگهندو هجي اهو ئي سڦل ٻال ساهتيہ ليکڪ ٿي سگهي ٿو. گجراتيءَ جي ٻال ساهتيڪار رمڻلعل سونيءَ جو چوڻ آهي، ''ٻارن لاءِ لکڻ سولو ڪونهي. مون ڪيترين آکاڻيون پنجن کان ست دفعا وري وري لکيون آهن. لکڻ وقت لفظ چڻ پڇندا آهن تہ اسان کي هتي ڇو ويهاريو ويو آهي؟ واقعا چڻ چوندا آهن تہ اسان کي هتي نہ اچڻو هو پوءِ اسان کي هتي ڇو وٺي آيو آهين؟ انهن کي ترت مڪت ڪرڻو پوندو. هرهڪ ننڍو يا وڏو واقعو آکاڻيءَ ۾ ضروري هنڌ تي اچي. آکاڻي پاڻ ئي اهو سڀ نهڪائي ڇڏي ٿي. ڪيترا دفعا تہ ڪهڙو انت آڻڻو آهي تنهن جو خيال ڪرڻ کان سواءِ لکڻو پوندو آهي، تڏهن لکندي لکندي ئي انت سهڻي نموني نهڪي بيهندو آهي. اُتم رچنا لکڻي آهي ائين اڳ ۾ ئي نشچو ڪري ڪوئي اُتم ڪوئيءَ جو ليکڪ اُتم رچنا سرجي سگهندو هجي تہ ڀلي، مان ائين نہ ڪري سگهندو آهيان.''[2]

ٻال ساهتيہ لکڻ جي باري ۾ ڪي عجيب ڌارڻائون بہ ڦهليل آهن. ڪي ٻال ساهتيڪار ائين سمجهندا آهن تہ هنن ننڍپڻ ۾ جيڪي ڏٺو هو يا محسوس ڪيو هو، اهڙو ئي اڄ جي ٻارن کي ڏيڻ سان ڪم هلي ويندو. هوُ پنهنجي ننڍپڻ ۽ اڄ جي ننڍپڻ جي وچوٽيءَ کي پلجي ويندا آهن. عمر

1. 'ٻچون ڪي ناٽڪ : ڪڇ ليکڪيہ انيؤ' (ليکہ) 'ٻال ساهتيہ رچنا اؤر سميڪشا' ص. ١١٦

2. ڊاڪٽر شرڌا ترويديءَ جو ورتل اِنٽرويو، سندس ٿي ٿيسز (دستخط)ص.٧٦٩

جي هيڏي وڏي وچوٽيءَ کي محسوس ڪرڻ کان سواءِ ٿي ٻارن جي لاءِ لکندا آهن. اڄ جي ٻار جون ڪهڙيون تقاضائون آهن ۽ ڪهڙي ماحول ۾ اڄ جو ٻار رهي ٿو اهو ڏسڻ بنا ٿي ٻارن جي لاءِ لکندا آهن. ڪي ليکڪ ٻارن جي لاءِ لکڻ کي ذاتي هٿ جو کيل سمجهندا آهن. عام ماڻهن کي به اڪثر ائين چوندي ٻڌبو آهي ته توهان ٻارن لاءِ ڇو ٿا لکو؟ ٻارن لاءِ لکڻ ته تمام سولو آهي. وڏن لاءِ ڇو نه ٿا لکو؟

ٻال ساهتيه رچنا جو ڪاريه جيڪڏهن ڏکيو نه آهي ته اهڙو سولو به ناهي جو هرڪو اهو لکي سگهي. جئن طبيبي کيتر ۾ الڳ الڳ قسم جا ڊاڪٽر ڏسڻ ۾ ايندا آهن؛ زالن لاءِ ۽ ٻارن لاءِ الڳ الڳ ڊاڪٽر هوندا آهن؛ وڏن جي ٻين به بيمارين جا ماهر ڊاڪٽر هوندا آهن، اُتي ته ڪڏهن ائين نه ٻڌو ويو آهي ته وڏن جو ڊاڪٽر ٻين لاءِ وڌيڪ ڄاڻ ۽ هوشياري گهرجي. ساهتيه جي کيتر ۾ به ائين آهي. وڏن جي لاءِ رچنا لکڻ لاءِ جيتري سمجهه، هوشياري، ڄاڻ ۽ شڪتي گهرجي ان کان تر ماتر گهٽ به ٻال ساهتيه لکڻ لاءِ، اصل نه هلي. ٻال ساهتيه لکڻ ته اَجا به وڌيڪ جوابداريءَ وارو ڪاريه آهي.

هڪ طبقو اهڙو به آهي جيڪو ٻال ساهتيه کي 'ساهتيه' مڃڻ لاءِ تيار ناهي. اهي ائين چوندا آهن ته جيڪي وڏيون وڏيون شاهڪار رچنائون نه لکي سگهندا هجن سي ٻارن جي ساهتيه جو سرجڻ ڪن. ٻال ساهتيه جو ڪوئي روپ ڇڻ هنن جي رس جو وشيه ٿي ڪونهي. البت اها ڳالهه ضرور آهي ته سڦل ٻال ساهتيه ليکڪ اهو ٿي سگهندو جيڪو ٻارن جي ڀاشائي اظهار جي مريادائن-ضرورتن کان واقف هوندو ۽ انهيءَ موجب ٻارن جون رچنائون ٻارن جي ڀاشا ۽ شئليءَ ۾ پيش ڪري سگهندو هوندو.

ڊاڪٽر هري ڪرشن ديوسري جي راءِ موجب، ''ٻال ساهتيه جي ليکڪ جي سڦلتا جو رهسيه اهو ٿي آهي ته هوُ ٻارن لاءِ جيڪي ڪجهه لکي، ان ۾ انهن جي گيان جي سيما ۽ سطح جو ڌيان رکي انهن سان گڏ هلي. هو ٻارن جي دنيا کي ڏسڻ-سمجهڻ، ان ڏانهن ٻارن جي ڏارٽائن کي ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪري؛ ٻارن جي سمسيائن رُچين ۽ ڪريائن جو اڀياس ڪري ته اهو ٻال ساهتيه پڪ ٿي سڦل ۽ منو وگيان موجب هوندو.''[1]

ٻال ساهتيه سرجڻ جو ڪاريه ايترو مشڪل هئڻ جي باوجود اڄ جيڪو ٻال ساهتيه ڀارت جي سيني ٻولين ۾ لکجي/ڇپجي رهيو آهي سو ٻارن لاءِ ايترو

1. 'ٻال ساهتيه : رچنا اؤر سميکشا' ص. ۱۵۵

اُپيوگي ناهي، ائين تہ نہ چئي سگھبو پر اهو سمورو ٻال ساھتيہ اُپيوگي ئي آهي، اهو بہ صحيح نہ آهي. اهڙيءَ حالت ۾ ٻال ساھتيہ جو ڪوبہ ڪتاب ڪيتري قدر صحيح يا سڦل آهي تنهن جي خبر ڪيئن پوي؟ جيڪڏهن صحيح اوکہ ڏوکہ نہ ٿيندي تہ ٻال ساھتيہ جي ليکڪ کي صحيح دشا ڪيئن ملندي؟ ''عام طور ائين محسوس ٿو ٿئي تہ ٻال ساھتيہ جي اوکہ ڏوکہ جو وشيہ ئي ڪونهي. انهيءَ حالت ڪري ٻن نمونن نقصان ٿيو آهي. هڪ تہ سٺين آلوچناتمڪ تنقيدن جو لاڀ ٻال ساھتيہ جي ليکڪن کي ڪونہ مليو آهي. تنقيد ٿيڻ سان ليکڪ سٺو ٻال ساھتيہ لکڻ شروع ڪندا اهڙي آشا تہ ڪوئي نہ رکندو. پر آلوچنائن سان سرجڪن تي ذرو بہ اثر نہ ٿيندو هوندو، اها ڳالهہ بہ مڃڻ جهڙي ڪانهي. ٻيو نقصان اهو ٿيو آهي جو ٻال ساھتيہ بابت سڌانتڪ چرچا جي کوٽ ڪارڻ ان سان واسطو رکندڙ سڌانت مقرر بہ نہ ٿيا آهن.''[1]

تنهن کان سواءِ جهوني ۽ نئين ويچارڌارا جو بہ هميشهہ متڀيد رهندو آيو آهي. جهوني ويچارڌارا وارا ليکڪ نيتيءَ تي زور ڏيندڙ رچنائون لکڻ وڌيڪ پسند ڪندا آهن. اُهي پنهنجين رچنائن ذريعي ٻارن کي کو نہ کو اُپديش ڏيڻ چاهيندا آهن. هوُ آدرشن ۽ اصولن جو، ٻارن جي اڳيان ايڏو وڏو بوجو رکندا آهن جو ٻارن جو انهن جي هينئان دٻجي، ساهہ گُھٽجڻ لڳندو آهي. هوُ نواڻ ۽ تازگي ڀريل ڳالهين کي گهٽ پسند ڪندا آهن. جيڪڏهن ٻال ساھتيہ جي صحيح چنڊڇاڻ ٿئي تہ ٻنهي قسمن جي ويچارڌارائن جي بہ صحيح ڪٽ ٿي سگھي. غلط ۽ صحيح ٻال ساھتيہ جي سڃاڻپ بہ ٿي سگھي.

نہ صرف ڀارت ۾ پر وديش ۾ اڄ ٻال ساھتيہ ايتري تہ وڏي تعداد ۾ لکيو ۽ ڇپايو وڃي ٿو جو ڪهاڻين ۽ ناولن کان پوءِ وڌيڪ وڪرو ٻال ساھتيہ جو ٿئي ٿو. ڪٿي ڪٿي تہ ٻال ساھتيہ پهرئين نمبر تي آهي. ڪيترن ديشن ۾ ٻال ساھتيہ هڪ ضرورت کان وڌيڪ فئشن بڻجي پيو آهي. ٻارن جي لاءِ ٻين رانديڪن سان گڏ ٻال ساھتيہ جا ڪتاب ۽ مخزنون بہ خريد ڪيون وڃن ٿيون. ائين ڪٿي چئجي تہ ٻال ساھتيہ هڪ ڏنڌوڙي روپ اختيار ڪيو آهي. انهيءَ جو نتيجو اهو ٿو نڪري تہ ڏنڌي واپار جي ڊوڙ ۾ جيڪو تڪڙو هلي سگھي ٿو اهو ٻارن تائين وڌيڪ ٿو پهچي- پوءِ ڀلي اهو ساھتيہ ٻارن لاءِ هاڃيڪارڪ ئي ڇو نہ هجي. ٻئي طرف سٺن ڪتابن کي ايتري

.1 مُني ڪمار ڀٽ - 'گرنٿ' ١٩٦٨، ص. ٣٨

اهميت نتي ملي. انهيءَ ڪارڻ ڪيترو هاڃيڪارڪ ساهتيہ بہ ٻارن جي هٿن ۾ پهچي ٿو ۽ اهو ٻارن جي چرتر تي اُلٽو اثر ڪري ٿو. غلط ۽ هاڃيڪارڪ ٻال ساهتيہ تي ڪنهن بہ قسم جي سينسرشپ نہ آهي. ان ڪري سٺي ٻال ساهتيہ کي پرکڻ جا ڪي الڳہ سڌانت هئڻ ضروري آهن. انهن ذريعي گهٽي تعداد ۾ چيچنڊڙ ٻال ساهتيہ جي، اونهائيءَ سان تڪ طور ڪري سگهجي ٿي ۽ خراب ٻال ساهتيہ تي روڪ وجهي سگهجي ٿي. سٺن ڪتابن جي چونڊ ڪري سگهجي ٿي. ٻال ساهتيہ بابت هيلتائين مقرر ٿيل سڌانتن جي چرچا نہ ٿيڻ ڪري، اهي سڌانت سؤ في صدي قبول ڪري سگهجن اهڙا نہ آهن. انهن جي باري ۾ ڪي باريڪ متڀيد آهن. تنهن ڪري انهن جي چرچا ٿيڻ گهرجي؛ انهن جي اوکہ ڊوکہ ٿيڻ گهرجي. چرچا ۽ بحث دوران انهن ۾ ضرورت انوسار ڦيرڦار آڻي انهن کي درست بہ ڪري سگهجي ٿو.

□□

باب ٻيون

# (الف) ورهاڱي کان اڳ جي سنڌي ٻال ساهتيہ جو وڪاس : مختصر احوال

ٻال ساهتيہ ايترو آڳاٽو آهي جيترو ماءُ، ڇاڪاڻ تہ مائرون پنهنجن ٻارن کي صدين کان لوليون ڏيئي ننڊ ڪرائينديون پيون اچن. ٻار ماءُ جي گود ۾ يا پينگهي ۾ لوليءَ جي آواز کان متاثر ٿئي ٿو. اِن خيال کان لوليءَ کي ٻال ساهتيہ جو اِبتدائي روپ چئي سگهجي ٿو. اڳتي هلي ٻار ماءُ کان آکاڻيون بہ ٻڌي ٿو. نہ صرف ماءُ پر نانيءَ، ڏاڏيءَ يا ٻئي ڪنهن وڏڙي کان بہ آکاڻيون ٻڌي ٿو. اسان جون وڏڙيون نانيون ۽ ڏاڏيون ٻارن کي رات جو راجا راڻين ۽ پرين جي آکاڻين سان گڏ ڪيترا قصا بہ ٻڌائينديون هيون. تنهن کان سواءِ سنڌ ۾ ڪيترا چارڻ ۽ ميراثي وغيره بہ ماڻهن کي قصا ٻڌائيندا هئا. لولين، آکاڻين ۽ قصن سان گڏ سنڌيءَ ۾ اکيچار لوڪ گيت، ٽوٽڪا ۽ پروليون وغيره ٻارن جي وندر لاءِ موجود هئا. سنڌيءَ ۾ ٻارن جي لاءِ رچيل اهو ساهتيہ ڇاپي هيٺ اچڻ کان اڳ زباني روپ ۾ موجود هو.

سنڌيءَ نظم جي شروعات ۱۴ صديءَ ڌاري ٿي هئي پر سنڌي نثر ۱۸ صديءَ ڌاري شروع ٿيو. ان جو مطلب تہ سنڌي نظم ساڍيون ڇهہ صديون جهونو آهي پر سنڌي نثر صرف ٻہ صديون مس جهونو آهي. هر ٻوليءَ ۾ ڪنهن بہ ساهتيہ جي شروعات گهڻو ڪري نظم سان ٿيندي آهي. ان بعد نثر شروع ٿيندو آهي. ان جو ڪارڻ اهو جو نظم ۾ موسيقيءَ جا عناصر هوندا آهن. تنهن ڪري اهو ڳائي وڃائي، هڪ پيڙهيءَ کان ٻي پيڙهيءَ تائين پهچائي سگهبو آهي ۽ ياد بہ رکي سگهبو آهي پر نثر کي ان طرح ياد رکڻ مشڪل آهي. نثر کي قائم رکڻ لاءِ ڪِپي لپي ۽ آئيويتا. سنڌيءَ ۾ ڏسبو تہ انگريزن جڏهن ۱۸۴۳ع ۾ سنڌ تي سوڀ پاتي، تنهن کان اڳ سنڌيءَ لاءِ ڪابہ هڪ مقرر لپي ۽ آئيويتا ڪانہ هئي. سنڌي ٻولي جدا جدا لپين ۾ لکي ويندي هئي. سنڌي هندو ديوناگري يا ان سان ملندڙ لپين جهڙوڪ هندو-سنڌي يا گرمکي وغيره ۾ لکندا هئا تہ مسلمان وري عربي-فارسي لپي

ڪم آڻيندا هئا.

انگريزن جڏهن ڏٺو ته سنڌ جا ماڻهو الڳ الڳ لپيون ڪم آڻي رهيا آهن تڏهن هنن سنڌي ٻوليءَ کي هڪ مقرر لپي ۾ آڻيوينا ڏيڻ جي ضرورت محسوس ڪئي.

## شروعات

سنڌي صورتخطيءَ کي مقرر ٿيل روپ ملڻ کان اڳ انگريزن ڪي ڪارگر ڪتاب ڇپايا هئا. ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي 'سنڌي گرامر' (١٨٤٩) ۾ ديوناگري لپيءَ ۾ ضميمي طور پهرين نثري آکاڻي ڇاپي هيٺ آئي. منشي اُڌارام ٿانورداس جي لکيل اها آکاڻي مشهور لوڪ ڪٿا تي ٻڌل 'آکاڻي راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جي' هئي. اڳتي هلي ١٨٦١ع ۾ اها آکاڻي ٻين ٻه ڪن آکاڻين ۾ شامل ڪري منشي اُڌارام ٿانورداس نئين صورتخطيءَ ۾ هڪ مجموعو ڇاپي هيٺ آندو. ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي 'سنڌي گرامر' ۾ ٻي به هڪ آکاڻي 'شهزادي املهه ماڻڪ ۽ شهزادي حسين پريءَ جي آکاڻي' ڇپيل هئي، جيڪا به اڳتي هلي ديوان ڏيارام عربي سنڌيءَ ۾ اُتاري ١٩٣٤ ڌاري 'سنڌو' مخزن ۾ ڇپائي. ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي ڪتاب ۾ ٻيون به ڪي آکاڻيون ڏنل هيون. سيني آکاڻين ۾ انهن جي لکندڙن جا نالا ڪونه ڏنا ويا هئا. مٿي ذڪر ڪيل 'آکاڻي راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جي' جي لکندڙ جي باري ۾ به ڪيترو عرصو ماڻهن کي خبر نه هئي. اڳتي هلي پتو پيو ته ان جو ليکڪ منشي اُڌارام ٿانورداس هو.

١٨٥٣ع ۾ سنڌ جي تنهن وقت جي چيف ڪمشنر سر بارٽل فريئر جي ڪوشش سان ۽ مسٽر ايلس جي رهبريءَ هيٺ سنڌي ٻوليءَ کي هاڻوڪي لپي ملي. تنهن کان پوءِ سرڪاري توڙي شخصي سطح تي تعليم جي خيال کان ڪارگر ڪتاب ڇپائڻ جون مشغوليون ٿيڻ لڳيون. يورپي عملدارن سنڌي زبان ۾ نثر ۽ نظم جا ڪتاب تيار ڪرڻ شروع ڪيا.

عربي سنڌي لپي لکڻ پڙهڻ ۽ سيکارڻ جي شروعات 'بابنامو' (١٨٥٣) يعني ٻاراڻي ڪتاب سان ٿي. ديوان ننديرام سيوهاڻيءَ جي لکيل هن ڪتاب ۾ هِجي جو طريقو سيکاريل هو. ڪل ٻٽيهن صفحن جي ان ڪتاب ۾ اٺ سبق ڏنل هئا. انهيءَ دور ۾ تعليم کاتي جي سهاري هيٺ ٻارن جي لاءِ ٻيا به ڪي درسي ڪتاب ڇپايا ويا.

## ترجمن جو دور

اصليت جي اڻاٺ ڪري ڏارين ٻولين مان آکاڻين ۽ قصن وغيره جا ڪتاب ترجمو ڪيا ويا. هن دور جو سڀ کان پهريون ڪتاب ديوان ننديرام سيوهاڻيءَ جو 'ايسپ جون آکاڻيون' (١٨٥٤) هو. اهڙيءَ طرح غلام حسين قريشيءَ 'پنيي زميندار جي ڳالهه' (١٨٥٤) لکيو، جيڪو پنڊت بنسيڌر چرنجي لال جي هندي قصي جو ترجمو هو. ميران محمد شاهه پڻ ساڳئي ئي هندي ليکڪ جو قصو 'سڌاتوري ۽ ڪڌاتوري جي ڳالهه' (١٨٥٥) سنڌيءَ ۾ آندو. هن هنديءَ مان ٻيون به وندرائيندڙ آکاڻيون چونڊي 'مفيد الصبيان' (١٨٦١) ڪتاب پڌرو ڪيو، جيڪو نج ٻارن لاءِ لکيل آکاڻين جو پهريون مجموعو هو.

انهن ڪتابن کان سواءِ ٻيا به ڪيترا ڪتاب دنيا ڀر جي ٻولين مان ترجمو ڪري ڇپائڻ جون مشغوليون تيڻ لڳيون. ١٨٦١ع ۾ منشي اُڌارام جو 'طوطي نامو' ڪتاب ڇپيو جيڪو اصل سنسڪرت تان ورتل هو پر اُڌارام فارسيءَ تان ترجمو ڪيو هو. ان ڪتاب ۾ الف ليليٰ جي طرز تي دلچسپ آکاڻيون ڏنل هيون. ان ڪتاب جي آخر ۾ ضميمي طور 'وهٽين ۽ ولهي جي آکاڻي' ڏنل هئي جنهن ۾ تجنيس حرفي ڪم آندي ويئي هئي. آکاڻيءَ ۾ گهڻو ڪري 'و' اکر سان شروع ٿيندڙ لفظ ڏنل هئا جنهن ڪري ٻارن کي انهيءَ مان گهڻي موج ايندي هئي. ١٨٩٠ع ۾ گرداسمل ڪرپالاڻيءَ مشهور هندي آکاڻين جي ڪتاب 'بيتال پچيسي' جو ترجمو ڪري ڇپايو. ١٨٩٠ع ۾ ئي احمدخان جلباڻيءَ، عزت الله شيخ جي مشهور فارسي گرنٿ 'گل بڪاولي' جو ترجمو ڪيو. حاجي اِمام بخش وري 'چهار درويش' (١٨٩٠)، 'حاطم طائيءَ جو قصو' (١٨٩٤) ۽ 'الف ليليٰ' (١٨٩٤) قصا ترجمو ڪري ڇپايا. هاسارام ۽ سويراج ڏاسواڻيءَ دنيا ڀر جي مشهور سنسڪرت گرنٿ 'پنچتنتر' جو ترجمو 'سيا جو سينگار' (١٨٩٤) نالي سان ڪيو. پنڊت نارائڻ سواميءَ جو 'هتوپديش' جنهن ۾ به ساڳيءَ طرز تي آکاڻيون هيون، تنهن جو ترجمو جهمٽمل نارومل ڪيو.

ٻيا ترجمو ٿيل ڪتاب، جيڪي ڇاپي هيٺ آيا سي هئا- پيرومل مهرچند جو ترجمو ڪيل Uncle Tom's cabin جو ترجمو ''گولن جا گوندر' (١٨٩٤)، مرزا قليچ بيگ جو جرمن ناول Basket of Flowers تان ترجمو ڪيل 'گلن جي ٽوڪري' (١٩١١)، مشهور گجراتي ٻال ساهتيڪار گجوڀائيءَ جي آکاڻين جو نارائڻداس ملڪاڻيءَ دواران انواد ڪيل 'ٻاراڻيون ٻوليون' (١٩٢٦)، مشهور فارسي گرنٿ 'انوار سهيلي' تان محمد بخش واصف جو ترجمو ڪيل 'گلزار

چنبيلي' (١٩١۴)، نانڪرام ڏرمداس ميرچنداڻيءَ جو انگريزي ناول Eric تان سنڌي جيوت ۾ اُلٿو ڪيل ناول 'نازڪ گلڙا' (١٩٢٩)، شيخ سعديءَ جي مشهور 'گلستان' جي آکاڻين جو فارسيءَ تان ترجمو ڪيل ڪتاب 'گلشن بهار' (١٩۴١)، منوهرداس ڪوڙيمل جو 'اوير جون آکاڻيون' (١٩۴۴)، ايم. آر. مائيداساڻيءَ جو 'ٻچي رمضان' (١٩۴٦)، جشن مولچنداڻيءَ جو 'رستم سهراب' ۽ پڳوان شهاڻيءَ جو 'بندرو جادوگر' وغيره.

مرزا قليچ بيگ، ديش وديش جي ٻال ساهتيہ مان چونڊي چونڊي سٺا ڪتاب سنڌيءَ ۾ آندا. هن جي اُلٿو ڪيل اهڙن ڪتابن ۾ مکيہ آهن : لباڻان درزي، طلسمي گُڏي، ٽي ديو يا راڪاس، سندباد جهازي، نيلو پکي، سائو پن، عجيب طلسم، ٻہ جاڙا ڀائر، شهزادي محبوب جي آکاڻي، شيطان جي ناني، رستم، پَٽيَل اکيون پوريل اکيون، پائي وائي ۽ پائي وزو، قديم برگہ شهرادي، عجيب جواهر، دلپسند قصا وغيره.

هن دور ۾ شايع ٿيل ڪيترن ڪتابن ۾ اصلوڪي ليکڪ جو نالو ڏنل ڪونهي. ڪن ۾ ڏنل آهي تہ اهو اندر ڪنهن ڪنڊ ۾، جنهن ڪري اِها ڄاڻ معلوم ڪرڻ ۾ ڪافي ڏکيائي ٿئي ٿي تہ ڪهڙو ڪتاب اصلي آهي ۽ ڪهڙو ترجمو ٿيل.

## اصلوڪو ٻال ساهتيہ

ائين ناهي تہ هن دور ۾ فقط ترجمو ٿيل ڪتاب ئي ڇپيا. ترجمن سان گڏوگڏ اصلوڪي ساهتيہ جي بہ رچنا ٿيڻ لڳي.

مرزا قليچ بيگ ٻارن جي لاءِ ڪوتائن جو ڪتاب 'ٻاراڻا شعر' (١٨٧٠) لکيو. اڳتي هلي هن 'ٻاراڻا گل ڦل' (١٩١٨)، 'ٻارن جي وندر يا پروليون' (١٩٢٢) پڻ پڌرا ڪيا. ديوان ڪوڙيمل ٻارن لاءِ اصلوڪين آکاڻين جو ڪتاب 'ٻاراڻيون آکاڻيون' (١٨٩١) لکيو. هن ٻيا بہ ڪتاب لکيا، جي هئا : 'سنڌي پهاڪا' (١٨٨٨)، 'ٻاراڻا گيت' (١٨٩١)، 'سنڌي ڳجهارتون' (١٨٩١)، 'ٺهڪ ئي ٺهڪ' (١٩٠٦)، 'قول مالها' ۽ ٻيا.

پرمانند ميوارام 'دل بهار' (١٩١٢) نالي ڪتاب ڇئن ڀاڱن ۾ ۽ 'گل ڦل' (١٩٢٥) ٻن ڀاڱن ۾ لکيو، جنهن ۾ وڏن سان گڏ ٻارن جي لاءِ بہ وندرائيندڙ آکاڻيون ۽ ٽوٽڪا هئا. هنن ٻن ڪتابن ۾ ڏنل نندڙين رچنائن ۾ ڪي اخلاقي تہ ڪي تعليمي ۽ تاريخي، تہ ڪي وري سائنس سان تعلق رکندڙ آهن. ڪن ۾ جيتن، پکين ۽ پسن جون ڳالهيون آهن تہ ڪن ۾ ڏند ڪٿائون ۽ نصيحت پريون

آکاڻيون آهن. جينوٽيڪ هنن ۾ ڪي رچنائون ترجمو ٿيل ٻه آهن پر تڏهن ٻه ترجمن ڪي اهڙي ته سهڻي ڍنگ سان نباهيو ويو آهي جو اهي اصلوڪيون رچنائون پيون لڳن. پرمانند ميوارام جي ٻولي نثرنويسيءَ جي خوبين سان ڀريل آهي.

ديوان ڪيولرام سلامتراءِ، ’گل‘ (١٨٦۴) ۽ ’سوکڙي‘ (١٨٧١) لکيا. ٻنهي ڪتابن ۾ سياڻپ ۽ عقل جون آکاڻيون ۽ ٽوٽڪا ڏنل آهن جن ۾ مذاق سان گڏ نصيحت به سمايل آهي.

اصلوڪي ٻال ساهتيه ۾ ٻيون ذڪر جوڳيون رچنائون آهن : ڏيئومل محبوباڻيءَ جو ’اخلاقي تعليم‘ (١٩٢١)، لالچند امرڏنيمل جا سير سفر تي لکيل ٻه ڪتاب ’مسافريءَ جو مزو‘ (١٩١۵)، ۽ ’سير جو رنگ‘ (١٩١۵)، مرزا قليچ بيگ جو ’ٻاراڻا گل ڦل‘ (١٩١٨)، ٿهلرام لوڪومل پنواڻيءَ جو ’واندڪائيءَ جي وندر‘ (١٩٢٨)، ويرومل ملاڻيءَ جو ’موجي آکاڻيون‘ (١٩١٨)، نانڪرام ڌرمداس جو ’ڪل خوشي‘ (١٩٣٢)، تولارام مينگهراج ٻالاڻيءَ جو ’ڪرمچڪر‘ (١٩٣٦)، وشنو شرما جو ’سنڌ جو ٻوٽي‘ (١٩٣٩)، پروفيسر نارائڻداس ڀمڀاڻيءَ جو ’ٻارن لاءِ آکاڻيون‘ (١٩۴٦) وغيره. تنهن کان سواءِ ڀڳوان سکراڻيءَ جو ’لعل ٻلي‘، ڄيٺمل پرسرام جا ’سونو گڏهه‘ ۽ ’شاهه جون کهاڻيون‘، نارائڻداس ملڪاڻيءَ جو ’منڙي لات‘ وغيره.

بيوس پهريون شاعر هو جنهن ٻارن جي لاءِ تمام سرل ۽ نواڻ سان ڀريل گيت لکيا. سندس ٻال گيتن جي ٻولي سولي ۽ بيان سنهنجا آهن. ٻار انهن کي آسانيءَ سان پڙهي ۽ ڳائي سگهن ٿا. انهن جا وشيه به ٻارن جي ماحول سان نهڪندڙ آهن.

بيوس ٻارن لاءِ گهڻا ئي گيت لکيا، جيڪي تنهن وقت سنڌ مان نڪرندڙ مشهور ’گلستان‘ ۽ ’گل ڦل‘ رسالن ۾ شايع ٿيندا هئا. هن جا لکيل ٻال گيت، ’موجي گيت‘ نالي هڪ سنگره ۾ ڇپيل آهن.

بيوس جي ڪوتائن بابت لکندي گووردن ڀارتي ڄاڻائي ٿو :

”ڪوي ڪشنچند بيوس کان اڳ جن سڄاڻن ٻارن لاءِ گيت يا ڪوتائون رچيون تن جون رچنائون اڪثر درسي ڪتابن جو سينگار بڻيون ڇو ته اهي تعليمي ويچار کان ئي گهڙيون ويون هيون؛ سرل من جي اُڇل ۽ اُڏام جي سياويڪ پيدائش نه هيون. انهن کي نظم جي ويس ۾ سبق يا آکاڻيون (Versified lessons or Stories) چوڻ ئي موزون ٿيندو. اهڙين ڪوتائن ۾

ٻارن کي سڌي سنواٽي نصيحت ڏني ويندي هئي.“[1]

پر بيوس اهڙين ڪوتائن بجاءِ ٻارن جي ماحول سان ٺهڪندڙ، ننڍ ٻارن لاءِ ڪوتائون لکيون ۽ انهن ڪوتائن کي سياويڪ نئون روپ ڏنو.

هڪ مثال ڏسو:

ڦوڪي ڦاڙ نہ ڦُوڪڻو،
منهنجو آهہ ملُوڪڻو،
ڦاٽي پوندو، سبي نہ سگهبو،
ڪونئر لٽيءَ سان لنبي نہ سگهبو.

## پستڪ مالهائون

۱۹۲۲ع ۾ چينمل پرسرام گلراج ’نئين سنڌي لئبرري‘ ۽ ’سستو عمدو ساهتيہ‘ نالي سان سڀ کان پهرين پستڪ مالهائون شروع ڪيون، جن جي سايعي هيٺ سؤ کن ڪتاب پڌرا ڪيا ويا. هنن سلسلن ذريعي مرزا قليچ بيگہ جي آکاڻين جا گهڻا ڪتاب ڇپايا ويا جن ۾ ’لباخان درزي ۽ خليفو ڪهنگ‘، ’نيلو پکي‘، ’طلسمي گُڏي‘، ’ٻہ جاڙا ڀائر‘، ’ٽي ديو يا راڪاس‘، ’ستن شهزادن جي ڪهاڻي‘ وغيره مکيہ آهن. ۱۹۲۵ع ۾ ٻي هڪ پرڪاشن سنستا ’سندر ساهتيہ پبلشنگہ هائوس‘ ٻارن لاءِ ڪيترا سهڻا ڪتاب ڇپڻ شروع ڪيا، جنهن دواران ميلارام واسواڻيءَ جا سليس ٻوليءَ ۾ لکيل ۽ مورتن سان سينگاريل ڪيترا ڪتاب جهڙوڪ ’ٻال راماڻ‘، ’ٻال مهاڀارت‘، ’ٻال شري ڪرشن‘، ’ٻال چندرما‘ ۽ ٻيا انيڪ ڪتاب پڌرا ڪيا ويا. ۱۹۳۹ ڌاري ’ڪوڙومل سنڌي ساهتيہ منڊل‘ حيدرآباد سنڌ وارن پڻ ٻارن لاءِ ڪيترا ڪتاب ڇپايا جن ۾ مکيہ آهن: ’راج هنس‘، ’ٽي ڀائر‘، ’مالتي گلاب‘، ’لوڀي رام‘، ’عقل جي ڪيڏ‘، ’ڦول مالها‘، ’بانڪو رٽبير‘، ’سچ نيٺ سچ ٿيندو‘، ’اڪبر بيربل‘، ’ڪئي جو ڪيتو‘، ’جگري قرباني‘ وغيره.

انهيءَ ئي سنستا بعد ۾ ’قومي ساهتيہ‘ سيريز پڻ شروع ڪئي، جنهن جو مقصد هو ٻارڙن کي پنهنجي ديش جي مهانتا کان واقف ڪرڻ ۽ مهان هستين جي جيون بابت ڄاڻ ڏيڻ. ان سلسلي هيٺ ’وير لڪشميٻائي‘، ’شهيدن جي ٻني‘، ’’پنڊت جواهرلعل‘، ’سوراج جي لڙائي‘، ’سردار پٽيل‘، ’ديش ڀڳتي‘، ’بي انصافي‘، ’لالا لجپتراءِ‘ ۽ ’سوراج سوديشي‘ جهڙا ڪتاب ظاهر ڪيا ويا.

---

1. ’جائزو‘ ۾ گووردن ڀارتيءَ جو مضمون - ’بيوس جي ٻال ڪوتا‘ ص. ۱۳۰

۱۹۴۷ع ۾ ’ٻال ساهتيہ مالها‘ شروع ٿي، جنهن ذريعي ’ڦلڙا‘، ’لعل گلاب‘، ’طلسمي قلعو‘، ’موم نگريءَ جو سير‘،’جادوءَ جو شهر‘ وغيره ڪتاب ڇپايا ويا.

## ٻارن جا رسالا

پستڪ مالهائن سان گڏ، خاص ٻارن لاءِ مخزنون بہ نڪرڻ لڳيون. ۱۹۳۰ع ڌاري محمد صديق ميمڻ ’گلزار‘ نالي ٻارن جو رسالو ڪڍيو. ۱۹۳۲ع ۾ عبداللهہ عباسيءَ ’ٻالڪ‘ نالي ماهوار مخزن ڪراچيءَ مان شروع ڪئي. سنہ ۱۹۳۷ ۾ جي.ايس. منسک ’سنڌي گلشن‘ ماهوار رسالو شروع ڪيو، جنهن ۾ ان کان اڳہ نڪرندڙ ’سدا بهار‘ رسالو گڏيو ويو. ۱۹۴۰ع ۾ رنگين تصويرن سان سينگاريل ’ٻاراڻيون ٻوليون‘ نالي رسالو شرع ٿيو، جنهن جو سمپادڪ آر. وي. ٿڌاڻي هو. جنوري ۱۹۴۶ ۾ موتي پرڪاش ’ٻال سنديش‘ رسالو شروع ڪيو، جو آگسٽ ۱۹۴۷ تائين هلي سگهيو. ۱۹۴۶ع ۾ جينانند لعلواڻيءَ بہ ’ڦولستان‘ رسالو حيدرآباد مان شروع ڪيو ۽ ان ذريعي ’ٻارن جو بهشت‘، ’پرستاني پري‘ ۽ ’ڪبوتر جي ڪنوار‘ جهڙا ڪتاب ڇپايا ويا. پرمانند ميوارام جو ’جوت‘ رسالو بہ ڇٽو مشهور هو پر سڀ کان وڌيڪ لوڪپريتا ۽ مشهوري جيڪا ’گلستان‘ ۽ ’گل ڦل‘ رسالن کي ملي، اوتري ٻئي ڪنهن رسالي کي ڪانہ ملي سگهي.

## گلستان

’گلستان‘ رسالو آڪٽوبر ۱۹۳۴ع ۾ ڪراچيءَ مان شروع ڪيو ويو، جنهن جو سنچالڪ دادا شيوڪ ڀوڄراج موٽواڻي هو، جيڪو اڳتي هلي ’دادا شيوڪ‘ جي نالي سان مشهور ٿيو. ’ٻالڪن جي ٻاريءَ‘ طرفان نڪرندڙ اهو رسالو سنڌ جي تعليم کاتي طرفان منظور ٿيل هو. سڄي سنڌ ۾ ان جا خريدار هئا. ’ٻالڪن جي ٻاريءَ‘ جون سڄي سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر جي ڪيترن شهرن ۾ شاخائون هيون، تنهن ڪري ’گلستان‘ رسالي کي هڪ سئو پانڪ ورگہ مليو. رسالي ۾ سندر تصويرن سان مئٽر ۽ ڪيترا نيماڻا ڪالم ڏنا ويندا هئا، تنهن ڪري ٻار رسالي ۾ گهڻي دلچسپي وٺندا هئا. ’گلستان‘ جا ايڊيٽر هئا شريمتي پارپتي ٿي. گدواڻي ۽ شري لالچند امرڏنومل جڳتياڻي. بعد ۾ ان رسالي جي ڪوتا وڀاڳہ جو سمپادڪ شري هري دلگير ٿيو. تنهن وقت جي ڪيترن نامور ليکڪن ’گلستان‘ رسالي لاءِ لکڻ شروع ڪيو. ڪوي ڪشنچند بيوس بہ هن رسالي لاءِ ٻارن جا گيت لکڻ شروع ڪيا. دادا شيوڪ ڀوڄراج سان سندس گهرو ناتو هو. لاڙڪاڻي ۾ هن جي گهر جي ٻاهر ئي ’ٻالڪن جي

ٻاريءَ‘ جا ميزَ ڏيندا هئا. هري دلگير جون ڪوتائون بہ هن رسالي ۾ ڇپبيون هيون. ’گلستان‘ رسالو سنڌيءَ جي ٻال رسالن ۾ هڪ اهم جڳهہ والاري ٿو.

## گل ڦل

’گلستان‘ جيان ’گل ڦل‘ رسالي کي بہ وساري نٿو سگهجي. ١٩٣٧ع ڌاري ميلارام واسواڻيءَ اهو رسالو شروع ڪري نہ صرف ان ذريعي ماهوار انڪ شروع ڪيا پر ان سان گڏ ٻارن لاءِ ننڍڙا -سندر پستڪ پڻ شروع ڪيا. ائين تہ هينئر اها ڳالهہ پڌري ٿي چڪي آهي تہ ميلارام واسواڻيءَ جي نالي، سندس ياءُ فتحچند واسواڻي ئي اِهو رسالو ڪڍندو هو. هوُ روينيو کاتي ۾ عملدار هو ۽ جيسين سرڪاري نوڪريءَ ۾ هو، پنهنجي ڀاءُ جي نالي سان ئي رسالو بہ ڪڍندو هو تہ لکندو بہ هو.

فتحچند واسواڻيءَ ٻين ٻولين جون چونڊ ٻال ڪهاڻيون بہ ترجمو ڪري ڇپايون. ورهاڱي کان اڳہ جو اهو پهريون رسالو هو جنهن ٻارن لاءِ تمام گهڻا ڪتاب ڇپايا. هينئر تہ اهي سڀ ڪتاب اڻلڀ آهن. اهي سڀ ڪتاب گهڻو ڪري فتحچند واسواڻيءَ ٻين ٻولين مان ترجمو ڪيا هئا. ڪي ڪتاب ٻين بہ لکيا ۽ ترجمو ڪيا هئا. مثال طور ڪي نالا : گل گاڏي، اخلاقي سبق، موجي آکاڻيون، اخلاقي دنيا، موجي بيربل، عجيب عينڪ، سوني مڇي، موجي گيت، ديوستان، پرستان، بن شويا، بادشاهي آکاڻيون، انصاف جون آکاڻيون، رستم سهراب، بيڙي پياڪ رڇ، ترڙو ڏيڏر، قديم بادشاهہ، سونو محل، اُڏند کٽولي، پرستان جو شهزادو، ٽڪ ٽڪ بابا، سياڻا سها، مولو مهراج، نڪ ڪٽيو سيٺ، پريءَ جو ٻال وغيره.

هتي اها ڳالهہ نوٽ ڪرڻ جوڳي آهي تہ ورهاڱي کان اڳہ ٻارن جي لاءِ جهجهو ئي ٻال ساهتيہ ڇپيو جيڪو گهڻي قدر ٻارن جي ضرورتن کي پورو ڪندڙ هو. سنڌيءَ جي مکيہ ساهتيڪارن ٻال ساهتيہ ڏانهن بہ جوڳو ڌيان ڏنو. هنن نہ صرف پنهنجو اصلوڪو ساهتيہ پر ڀارت جي جدا جدا ٻولين ۽ انگريزيءَ تان ترجمو ڪيل ساهتيہ بہ ٻارن اڳيان پيش ڪيو. ٻال ساهتيہ جي ڦهلاءَ ۾ ١٩٢٥ع ۾ دادا شيوڪ يوڄراج جي ڪوشش سان برپا ٿيل ’ٻالڪن جي ٻاري‘ بہ سنو رول ادا ڪيو. ٻاريءَ جون شاخائون سڄي سنڌ ۾ ۽ ٻاهر پکڙيل هيون، جتي ٻار گڏ ٿيندا هئا ۽ گيت، آکاڻيون ۽ ٽوٽڪا وغيره نہ صرف ٻڌائيندا هئا پر ٻاريءَ طرفان ظاهر ٿيندڙ ’گلستان‘ رسالو ۽ ٻيو ٻال ساهتيہ بہ پڙهندا هئا. انهيءَ ڪري ٻال ساهتيہ جو چڱو ڦهلاءُ ٿيو.

## (ب) ورهاڱي کان پوءِ جو سنڌي ٻال ساهتيہ: مختلف دؤر

آگسٽ ١٩٤٧ع ۾ ديش کي آزادي ملي تہ ان سان گڏ سنڌين جو بہ ورهاڱو ٿيو. هندو سنڌي ۽ مسلمان سنڌي- ائين سنڌي قوم ٻن حصن ۾ ورهائجي ويئي. سنڌي هندو هت ڀارت ۾ آيا ۽ جدا جدا شهرن ۾ وسجي ويا. شروعات ۾ روٽي روزيءَ جي چڪر ۾ ۽ پاڻ کي ٺانئيڪو ڪرڻ جي فڪر ۾ لڳل رهيا. اهڙين حالتن ۾ ڪجهہ عرصي ۾ ئي هنن ساهتيہ طرف بہ ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو. جتي ڪٿي ڪتاب ڇپجڻ لڳا. رسالا بہ نڪرڻ لڳا. انهن ۾ ٻال ساهتيہ سان واسطو رکندڙ مشغوليون گهٽ رهيون.

### (ا) پنر رچنا جو دؤر (١٩٤٧ کان ١٩٥٧)

ورهاڱي کان پوءِ ڀارت ۾ اچي جلد ئي سنڌي اديبن، ساهتيہ سرجڻ طرف بہ ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو. اهڙي ماحول ۾ ٻارن جي لاءِ لکڻ طرف شروعات ۾ گهٽ ڌيان ڏنو ويو پر پوءِ ڏيري ڏيري انهيءَ طرف بہ اديبن جو ڌيان وڃڻ لڳو. ورهاڱي کان اڳہ سنڌي ٻال ساهتيہ جنهن مقام تي پهتو هو، تنهن مقام تي ان کي وري پهچائڻ جون ڪوششون ٿيڻ لڳيون. ڪن ڪوشش کي جيتوڻيڪ نراسائي بہ نصيب ٿي تڏهن بہ ڪوششون جاري رهيون. ٻارن جي لاءِ ڪتاب ڇپائڻ جون اجمير مان ڪوششون ٿيون. پارومل ڪيولراماڻيءَ 'چالاڪ پنڊت' (١٩٤٩) ۽ ٻيا ڪي ڪتاب ڇپايا. ديپچندر بيلاڻي ۽ پريداس برهمچاريءَ بہ گڏجي ان قسم جون ڪوششون ڪيون. هنن 'اتهاسي آکاڻيون' (١٩٥٦) ۽ ان جهڙا ٻيا ڪتاب پڌرا ڪيا. چينانند لعلواڻيءَ پنهنجي 'ڀارت جيون ساهتيہ منڊل' طرفان ڪي ڪتاب ڇپايا. ٻارن جي لاءِ ڪي رسالا بہ شروع ڪيا ويا. ١٩٤٨ع ڌاري سنڌ مان اڳہ نڪرندڙ مشهور ۽ لوڪپريہ رسالو 'گلستان' بمبئيءَ مان وري نئين سر شروع ڪيو ويو پر ڀارت ۾ اهو رسالو گهڻو وقت هلي نہ سگهيو ۽ جلد ئي بند ٿي ويو. چينانند لعلواڻيءَ بہ سنڌ وارو 'ڦولستان' رسالو اجمير مان شروع ڪيو، جيڪو بہ گهڻو وقت هلي نہ سگهيو. اجمير مان ئي پارومل ڪيولراماڻيءَ ١٩٤٩ع ۾ 'وير ٻالڪ' رسالو شروع ڪيو. اهو پڻ ٿورو وقت هلي بند ٿي ويو.

ان بعد مدراس مان جدا جدا ٻولين ۾ نڪرندڙ مشهور رسالو 'چندا ماما'

۱۹۵۲ع ڌاري ديوناگري سنڌيءَ ۾ به ڪڍيو ويو جنهن ۾ اڪيچار رنگين تصويرون ۽ دلچسپ ڪهاڻيون هونديون هيون پر اهو به گهڻو وقت نه هلي سگهيو.

ساڳئي ئي سال ۾ بمبئيءَ مان اشوڪ ڪشوراڻيءَ 'تارزن' رسالو شروع ڪيو. اجمير مان به ان سال 'گلڪاري' نالي ماهوار رسالو نڪتو. ۱۹۵۳ع ۾ پائو پريداس برهمچاري ۽ ديپچندر بيلاڻيءَ جي سمپادڪيءَ هيٺ 'قلواڙي' رسالو شروع ڪيو ويو جيڪو اَجا تائين بانيم نڪرندو پيو اچي. بمبئيءَ مان چئن اسڪولن جي گڏيل ٽرسٽ طرفان ۱۹۵۳ع ۾ ئي 'جوت' رسالو به شروع ٿيو جيڪو ڪافي سالن تائين نڪرندو رهيو ۽ بعد ۾ بند ٿي ويو.

هن دؤر ۾ ذڪر لائق ڪي ٿورڙا ئي ٻال ساهتيه جا ڪتاب ڇپيا. رسالا تعداد جي خيال کان ڇڻا نڪتا پر انهن جي حياتي تمام ٿوري رهي. 'قلواڙي' رسالي کان سواءِ گهڻو ڪري سڀ رسالا ٿورو- گهڻو عرصو هلي بند ٿيندا ويا. ان جو مکيه ڪارڻ اهو ٿي سگهي ٿو ته ورهاڱي بعد ٽڙي پکڙي ويل سنڌين جي ٻارن کي ڪنهن ٿانئيڪي ماحول ۾ تعليم نه حاصل ٿي سگهي. سنڌي ٻارن کي جدا جدا ڪئمپن جي اسڪولن ۾ داخل ڪيو ويو، جنهن ڪري هنن کي سنڌ وارو واتاورڻ نه ملي سگهيو. ان ڪري ٻال ساهتيه کي پورا خريدار نه ملي سگهيا ۽ ڏيري ڏيري رسالا بند ٿيندا ويا.

## (۲) اُميدن جو دؤر (۱۹۸۵ کان ۱۹٦۵ تائين)

ٻال ساهتيه کي جلد ئي نراسائيءَ مان ٻاهر ڪڍي نئون موڙ ڏيڻ لاءِ ڪن اديبن ان طرف ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو. اديبن جون اهي ڪوششون جيتوڻيڪ سامُوهڪ نه پر شخصي سطح تي هيون، تڏهن به هنن جي انهن ڪوشش سبب ٻال ساهتيه کي ڇڱو ٻل مليو. اٺن نوَن سالن جي عرصي ۾ ڪافي سنا ڪتاب ڇپيا جيڪي اصلوڪا به هئا ته ٻارن جي ضرورتن کي پورو ڪندڙ به هئا. هن دؤر ۾ ئي موهن ڪلپنا 'سرڳ جي ڳولها' (۱۹۵۸) ناول لکيو. فتحچند واسواڻيءَ ڀارت جو سير سفر ڪرائيندڙ ڪتاب 'ڀارت درشن' (۱۹٦۱) ٻن ڀاڱن ۾ لکيو. جيوت گوگيا 'جوت' ننڍڙن ٻارن لاءِ ننڍڙيون 'ڏاڏيءَ جو آکاڻيون' (۱۹٦۱) لکيون. گووردن ڀارتيءَ ٻارن جي لاءِ گيت به لکيا ته آکاڻيون به لکيون. سندس ٻال گيتن جو مجموعو 'لاتيون' (۱۹۵۸) ۽ ٻال ڪهاڻين جو مجموعو 'نئين بستي' (۱۹٦۳) اچ به ذڪر هيٺ اچن ٿا. پرسرام ضيا جو تمام ننڍي عمر جي ٻارن لاءِ لکيل 'باغ بهار' (۱۹٦۳) پڌرو ٿيو. ڪشنچند بيوس ۽ هري درياڻي 'دلگير' جي ٻال ڪوتائن جو مجموعو 'موُجي گيت'

بيهر (۱۹٦۳) ڇپايو ويو. ديپچندر بيلاڻيءَ ٻارن لاءِ ’سندر رامائڻ‘ (۱۹٦۳) لکيو. ڪلا پرڪاش ’ممتا جون لهرون‘ (۱۹٦۳) ذريعي ٻارن جي دلين تائين پهچي ڪين ماءُ جي ممتا جو احساس ڪرايو. گهنشيام ٽلريجا سنڌي لوڪ ڪهاڻين کي ڪٺو ڪري ’اَچا ڪانوَ‘ (۱۹٦۴) جهڙو مجموعو ڏنو. ٻيا به ڪيترا ئي ڪتاب ڇپيا.

هن دؤر ۾ به اڳ جيان ٻارن جي رسالن جو نڪرڻ جاري رهيو. ۱۹٦۳ع ۾ اُلهاسنگر مان ’گلزار‘ ماهوارا رسالو شروع ٿيو جيڪو ٿوري ئي عرصي ۾ بند ٿي ويو. ۱۹٦۴ع ۾ وڏن لاءِ نڪرندڙ ماهوار مخزن ’شانتي‘ کي ٻارن جي رسالي جو روپ ڏنو ويو مگر اهو رسالو به گهڻو وقت نه هلي سگهيو.

رسالن جي خيال کان هي دؤر ايترو اُتساهه ڏياريندڙ نه هوندي به سنين ۽ اصلوڪين رچنائن جي لکجڻ جي خيال کان ڏيان ڇڪائيندڙ رهيو. اڳه واري دؤر ۾ جيڪا مانائي ڏسڻ ۾ آئي هئي تنهن بجاءِ هن دؤر ۾ اُميدون نظر آيون. ورهاڱي کان پوءِ سنڌي جيڪي ڀارت جي الڳه الڳه شهرن ۾ وسجي ويا هئا سي شروعاتي ڪجهه سالن جي جدوجهد کان پوءِ ٿانئيڪا ٿيندا پئي ويا ۽ سنڌي ساهتيڪارن به روٽي روزيءَ کان پوءِ وقت ڪڍي ادب طرف به ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو نتيجي طور سنڌي ادب کي سٺو ٻال ساهتيه مليو.

## (۳) وڪاس جو دؤر (۱۹٦٦ کان ۱۹۹۲ تائين)

۱۹٦٦ع کان وٺي سنڌي ٻال ساهتيه لکجڻ ۽ ڇپجڻ جون ڪافي تعداد ۾ ڪوششون ٿيون آهن. سلسلو اَڃا به جاري آهي. هڪ طرف ڪتابن جو تعداد وڌيو آهي ته معيار جي خيال کان به اهي موچارا ثابت ٿيا آهن.

هن دؤر ۾ جيڪي به ڪتاب ڇپيا آهن تن ۾ لڳ ڀڳ هر صنف تي قلم آزمائي ڪئي ويئي آهي. ٻارن لاءِ آکاڻيون لکڻ ۾ جيوت گوگيا ’جوت‘، جگديش لڇاڻي، واشديو سنڌو ڀارتي، گوورڌن ڀارتي، هوندراج بلواڻي ۽ ٻين ڪيترن اديبن جو يوگدان رهيو آهي. لوڪ ڪهاڻين جا به ڪافي سٺا ڪتاب ڇپيا آهن. ٻال ناول، جنهن طرف اڳلن دؤرن ۾ گهٽ ڌيان ڏنو ويو هو، هن دؤر ۾ انهن طرف به ڌيان ڏنو ويو. ٻال ڪوتا ۾ گهڻن شاعرن پاڻ موکيو آهي. ڊاڪٽر ديال آشا، ڀڳوان نردوش، هري دلگير، ڪمل پياسي، ڪيمن مؤلاڻي ۽ ٻين گهڻن ئي شاعرن جا ٻال گيت سنگره ڇپيا آهن.

وڪاس جو دؤر هني ختم نٿو ٿئي. اهو اَڃا به جاري آهي.

□□

# باب ٽيون

# ٻـــال گـيــت

## ٻال گيت جي وياکيا

جيڪا ڪوتا ٻارن لاءِ لکي وڃي ٿي تنهن کي ٻال ڪوتا يا ٻال گيت چئجي ٿو. سمجهيو وڃي ٿو تہ جڏهن مانوَ سماج ۾ ڪوتا جي رچنا ٿي هوندي تڏهن ٻارن جي لاءِ بہ الڳ ٻال ڪوتا جي رچنا ٿي هوندي.

سنگيت لاءِ چيو ويندو آهي تہ وڏن کي اهو موهت ڪري ڇڏيندو آهي پر حقيقت ۾ وڏن جيان، ٻارن کي بہ ان مان اوترو ئي آنند ملندو آهي. ٻار راڳ راڳڻين، ليہ، تال، استائي، انترې، النڪارن وغيره کان واقف نہ هوندي بہ ٻال گيت جو آنند ماڻي سگهندا آهن. سنگيت وانگر ڪوتا جي ڪلا پڪش جي باري ۾ بہ هنن کي ڪا ڄاڻ نہ هوندي آهي تڏهن بہ هوُ ان ۾ چاهہ وٺندا آهن. ڪويل ٿوري ٿوري جهٽ رکي 'ڪوُهوُ ڪوُهوُ....' ڪندي آهي تہ هنن کي مزو ايندو آهي. ڪوتا ۾ بہ اهڙي ڪا چيز ضرور هوندي آهي جا ڪين پاڻ ڏانهن ڇڪيندي آهي. ننڍن ٻارن لاءِ ڪوتا جا لفظ بہ ڪنهن راندڪي کان گهٽ نہ هوندا آهن. جنهن ڪويءَ پنهنجي ڪوتا ۾ لفظن جو سهڻي ڍنگ سان اُپيوڳ ڪيو هوندو آهي، تنهن ڪوتا ۾ جڻ هڪ ڪشش پيدا ٿي ويندي آهي، هڪ گونج اچي ويندي آهي. اها نثر جي ڀيٽ ۾ ٻارن کي وڌيڪ ڇڪيندي آهي. آڪاڻيءَ وانگر گيت کي پڙهڻ سان، ان مان آڪاڻيءَ جيترو لطف نہ ايندو آهي. گيت ۾ ڳائڻ جا تتوَ هوندا آهن. اهو ڳائي سگهجڻ جهڙو هوندو تہ ان کي ڳائڻ يا ٻڌڻ مان وڌيڪ آنند ايندو. ٻارن کي سُر ۾ ڳائڻ يا تال سان چوڻ-ٻڌڻ ۾ آنند ايندو آهي. اسڪولن ۾ ڪي اُستاد، ٻارن کي انڪ، ڪوڙا، جدولون، الفابيٽ وغيره ڳائڻ جهڙي انداز ۾ ياد ڪرائيندا آهن تہ ٻار اهي جلد ياد ڪري وٺندا آهن. ٻال گيت کي ڳائيندي بہ ٻار ان جي لفظن ۽ ارٿ سان گڏ، ان جي ليہ-تال کي چڱيءَ طرح ماڻي سگهندا آهن. ٻارن جي لاءِ لکيل گيتن کي جيڪڏهن ٻار ماڻي نہ سگهن تہ انهن کي ٻال گيت نہ چئبو. جيڪڏهن وڏن لاءِ لکيل گيت بہ ٻار کي ڇُهي سگهندا هجن اُنهن کي بہ ٻال گيت جي درجي ۾ رکڻ ۾ ڪو هرج نہ هئڻ

گهرجي. ان جي اُبتڙ، اهڙا ٻال گيت جيڪي ٻارن کي ڇُهڻ ۽ ڇڪڻ ۾ ڪامياب نہ وڃي سگهندا هجن تہ انهن کي صحيح معنيٰ ۾ ٻال گيت نہ چئي سگهبو. ٻار پنهنجي لاءِ گيتن جي رچنا نٿا ڪري سگهن تنهن ڪري هنن جي لاءِ ٻال گيت لکڻ ۾ اهي ئي ڪوي ڪامياب وڃي سگهندا جيڪي ٻال منووگيان جا ڄاڻو، ٻارن جي سڀاءَ کي سمجهندڙ، ٻارن جي رُچين، ڀاونائن، چاهنائن ۽ ڪلپنائن جي ڄاڻ رکندڙ هوندا. ٻال گيت جي سرجيندڙ کي ڪوي ٿي ڪري بہ ٻالڪ ٿي رهڻو پوي ٿو.

## سٺي ٻال گيت جا گڻ

سٺي ٻال گيت ۾ ڪهڙا گڻ هئڻ گهرجن، تنهن بابت ڊاڪٽر هري ڪرشن ديوسري جو چوڻ آهي، ”انهن کي ڳائي سگهجي، اهڙا هئڻ گهرجن. جن ٻال گيتن ۾ اهو گڻ هوندو سي ٻارن کي تمام جلد ياد ٿي ويندا آهن ۽ هوُ انهن کي راند روند ۾ دهرائيندا رهندا آهن. ٻال گيتن جي ڀاشا وقت انوسار هئڻ گهرجي. ڪنهن بہ ايراضيءَ يا لوڪ ٻوليءَ جي لفظن جو اُپيوگ ان گيت کي سمجهڻ ۾ مشڪلات پيدا ڪندو آهي تنهن ڪري اهڙا گيت انهيءَ ايراضيءَ تائين محدود رهجي ويندا آهن. ڏکين ۽ حصن ۾ ورهايل لفظن کي ڪوشش ڪري هٽائي ڇڏڻ گهرجي. انهن لفظن کي اُچارڻ ۾ ٻارن کي ڏکيائي ٿيندي آهي. ٻال گيتن جي وشين جي چونڊ ۾ بہ هنن جي ڪومل سڀاءَ ۽ من جو ڌيان رکڻ گهرجي. ڪيتريون ڳالهيون جيڪي ٻارن ۾ ڊپ يا نفرت پيدا ڪن ٿيون، ٻال گيتن جي صحيح وشيہ جو نرماڻ نٿيون ڪن. اهڙا گيت پرڀاوشالي بہ نٿا بڻجن.“[1]

ڊاڪٽر چندرڪانت شيٺ موجب، ”رواجي طور چنتن پرڌان يا ورنن پرڌان ڪوتائون، ٻوڏڪ ۽ لنبيون ڪوتائون ٻارن کي وڏيڪ نہ وڻنديون آهن. ٻال ڪوتا ۾ ناٽيَتمڪتا هجي، دلچسپ گفتگو يا بيان هجي تہ اها ٻارن کي ڪوتا وڻي ٿي.“[2]

اين ٽيري ٻال گيتن جي باري ۾ اڀياس (۱۹۷۳-۷۴) ڪندي، اگهر ٿي ويل اڀياسن جو نچوڙ ڪڍي، ڪي ڳالهيون ٻڌايون آهن :[3]

– ڪوتا جي آڪار، ڪوتا جي ڪيترن جزن، ڪوتا جي موضوع وغيره تي

---

1. ’هندي ٻال ساهتيہ : ايڪ اَڌيَين‘ ص. ۲۴۰
2. ’پرب‘ (گجراتي) ٻال ساهتيہ وشيشانڪ، ص. ۱۲
3. ’گجراتي مان ٻال ساهتيہ‘ (گجراتي) ص. ۸۱ کان ۸۳

ٻارن جي پسندگيءَ جو آڌار هوندو آهي. ان ۾ هاسيہ (مذاق) جو تتوَ هجي، چاتل سچاتل انيؤ جي ڳالھہ هجي تہ اها جهٽ پسند ڪئي وڃي ٿي.

- جيڪا ڪوتا ٻار سمجهي نٿا سگهن ان مان هنن کي مزو نہ ايندو آهي.
- چنتن هجي، ويچار جو بار هجي اهڙيون ڪوتائون ٻارن کي پسند نہ اينديون آهن.
- ڪيتريون ڪوتائون اهڙيون هونديون آهن جي ڇوڪرن کي وڌيڪ وڻنديون آهن ۽ ڪيتريون ڪوتائون وري اهڙيون هونديون آهن جي ڇوڪرين کي وڌيڪ وڻنديون آهن.
- روايتي جهونين ڪوتائن جي ڀيٽ ۾ نيون ڪوتائون هنن کي وڌيڪ وڻنديون آهن.
- ڪوتا جي درشٽيءَ کان اُتم هجن، اهڙيون ڪوتائون ٻارن کي پسند پئجي ئي وينديون، ائين هميشهہ نٿو ٿئجي.

متين راين جي آڌار تي سنو ٻال گيت ان کي چئي سگهبو جنهن کي سؤلائيءَ سان ڳائي سگهجي، جنهن ۾ ڪنهن بہ ايراضيءَ جي ٻوليءَ بجاءِ هرهنڌ قبول پوندڙ هلندڙ وقت جي ڀاشا هجي، ڏکين لفظن بدران سولا ۽ ٻار سمجهي سگهن اهڙا لفظ هجن. انهن جي پيشڪش سٺي هجي. وشيہ ٻارن جي انيؤ ۽ ماحول جا هجن. چنتن ۽ ڳرن ويچارن کان ڪنارو ڪيل هجي. وشين ۾ نواڻ هجي وغيره. اهڙو ٻال گيت پڙهڻ، ڳائڻ، سمجهڻ، ماڻڻ ۽ گرهڻ ڪرڻ ۾ ٻارن کي ڪابہ مشڪلات نٿي ٿئي.

## سنڌيءَ ۾ ٻال گيت

ٻار جي دنيا نرالي ٿيندي آهي. هوُ جڏهن سمجهہ وارو ٿئي ٿو تڏهن شروع ۾ ماڻهن کان وڌيڪ پکين ۽ پسن کي پيار ڪري ٿو. جهرڪي، ڪانءُ، ڪبوتر، طوطو، ڪتو، ٻلي وغيره جڻ هن جا دوست بڻجن ٿا. چنڊ ۽ تارن کي ڏسي خوش ٿئي ٿو. ٿورو وڏو ٿيو تہ رانديڪن سان راند ڪرڻ شروع ڪري ٿو. ڱُڏن-ڱُڏين جي کيل مان ڪيس مزو اچي ٿو. ڪاٺ جي گهوڙي تي ويهي اصلي گهوڙي جهڙو آنند وٺي ٿو. گهر کان ٻاهر پنهنجن جيڏن-سرتن سان واريءَ جا گهر ٺاهي ٿو. برسات جي پاڻيءَ ۾ ڪاغذ جون ٻيڙيون ٺاهي تاري ٿو. اَجا بہ ٿورو وڏو ٿيو تہ ٻاهر راند روند ڪرڻ شروع ڪري ٿو. پاڻ کي موٽر بڻائي 'پئون پئون' ڪندو تڪڙي ڊوڙ پائي ٿو. ٻين ٻارن سان ملي ڪري ريل

ڳالهيءَ جي راند ڪري ٿو. اهڙي آهي ٻار جي دنيا.

سنڌ ۾ اسڪولي ٻارن لاءِ گيت لکي ٻال گيتن جي جيڪا پرمپرا شروع ڪئي ويئي تنهن ڪي سنڌ ۾ ئي ڪوڙي ڪشنچند بيوس نئون موڙ ڏنو ۽ صحيح معنيٰ ۾ جن کي ٻال گيت چئجن اهڙا گيت لکيا. ٻارن جي لاءِ نوان پريل گيت لکڻ جي پرمپرا هت هندستان ۾ بہ قائم رهي. ورهاڱي کان پوءِ تعداد توڙي معيار جي خيال کان ٻارن جي لائق سٺا گيت رچيا ويا آهن. انهن گيتن ۾ وشين ۽ پيشڪش جي خيال کان نواڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ڪن ڪوين ڪي تجربا بہ ڪيا آهن. ٻارن جي لاءِ هر طرح جون ڪوتائون لکيون ويون آهن.

سنڌيءَ ۾ اهڙا انيڪ ٻال گيت موجود آهن جيڪي ٻارن جي دنيا جو پوريءَ طرح عڪس آهن. ڪي مثال ڏسون.

گوورڌن ڀارتيءَ جهرڪين ڪي پنهنجي ٻال گيت جو وشيہ بڻايو آهي. هوُ ٻارن جو ڌيان ڇڪائيندي چوي ٿو :[1]

چون چون چين چين ڳائن جهرڪيون،
منڙا گيت ٻڌائن، جهرڪيون.
هِن ٽاريءَ تان هُن ٽاريءَ تي،
نينگ ڏين ٿيون پرواريءَ تي؛
ٽپڪ ٽپڪ ٽيون لائن، جهرڪيون،
چون چون چين چين ڳائن جهرڪيون.

هري دلگير جو طوطي جي وشيہ تي ٻار جي واتان چوايل ٻال گيت:[2]

صبح سويرو جڏهن جاڳان،
دريءَ مٿان هڪ پکي ڏسان،
ڪري اچي مون ساڻ سلام،
ننڍڙو ننڍڙو طوطارام.
هن کي منڙا ميوا ڏيان،
هوُ کائي خوش ڏاڍو ٿيان،
جڏهن چوانس تہ مٺي اُڏام،
وڃي اُڏامي طوطارام.

---

1. 'لاٽيون' ص. ١١ 2. 'مزيدار گيت' ص. ١٤

ٻار ڳُڏي کي ڏسي خوش ٿئي ٿو. هن جو رنگ روپ ڪيس وڻي ٿو. انهيءَ ڳالهه جو اظهار ڊاڪٽر لڪميچند 'پريم' جي هن گيت ۾ ملي ٿو:[1]

ننڍڙو ننڍڙو پيارو ڳڏڙو
صورت جو موچارو ڳڏڙو
مان هن جي ٿو نڪ کي پايان
هر هر تنهن کي آڱر لايان
نرم ۽ لسڙا وار وڻن ٿا
آهي جڳ کان نيارو ڳڏڙو.

مٿي فقط ٻه ٽي مثال ڏنا ويا آهن، جيڪي سنڌيءَ ۾ لکيل ٻال گيتن جي وشين کي چٽو ڪن ٿا. اڳتي هلي انهيءَ باري ۾ وستار سان چرچا ڪبي. تنهن ڪري ان باري ۾ هتي وڌيڪ نٿو لکجي. پر مٿين چند مثالن ۾ ڏسبو ته پيارن پيارن ننڍن وزنن تي لکيل اهي گيت ٻار جي زبان تي اچڻ جون قوتون رکن ٿا.

## خاڪو - ١ ٻال گيتن جي ڇپيل مجموعن جي وچور

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ڪوي | ڇپائيندڙ | سال |
|---|---|---|---|---|
| ١ | لاتيون | گووردن ڀارتي | سندر ساهتيه پبلشنگ هائوس، اجمير | ١٩٥٨ |
| ٢ | باغ بهار | پرسرام ضيا | هندستان ڪتاب گهر، بمبئي | ١٩٦٣ |
| ٣ | ممتا جون لهرون | ڪلا پرڪاش | ڪونج پبليڪيشن، بمبئي | ١٩٦٣ |
| ٤ | ٽمڪندڙ تارا | ڪمل پياسي | ماڌو ٻالچنداڻي، احمدآباد | ١٩٦٥ |
| ٥ | بنسري | هوندراج بلواڻي | گلستان پبليڪيشن، احمدآباد | ١٩٦٧ |
| ٦ | هيرا موتي | هوندراج بلواڻي | گلستان پبليڪيشن، احمدآباد | ١٩٦٧ |

1. 'مامي جون مڇون' ص. –

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ڪوي | ڇپائيندڙ | سال |
|---|---|---|---|---|
| ٧ | پاراڻيون پوليون | ڏولڻ راهي | ڪوي پاڻ، اجمير | ١٩٦٧ |
| ٨ | ڪالوُءِ بالوُ (لنبي ڪوتا) | نيوندرام روچاڻي 'ائيپتي' | ڳڏوڳڏي پبلشنگ هائوس، اُلهاسنگر | ١٩٦٨ |
| ٩ | منهنجو ديش پارت پار تہ اهڙا | گنگو شيوارام آهوجا | رتن ڪتاب گهر، احمدآباد | ١٩٧٠ |
| ١٠ | اُتَ پارت جي سنتان (ٽيون ڇاپو) | منگهارام ديوانو | گلستان پبليڪيشن احمدآباد | ١٩٧٢ |
| ١١ | مهڪندڙ مکڙيون | ديال آشا | انجلي پرڪاشن، اُلهاسنگر | ١٩٧٤ |
| ١٢ | روشن منار | ڪنعيالال ڪرپالاڻي 'ڪان' | جاگرتي ساهتيہ نڪيتن، بمبئي | — |
| ١٣ | ڪتمنڙا | هوندراج بلواڻي | گلستان پبليڪيشن احمدآباد | ١٩٧٧ |
| ١٤ | ڪليون ۽ گل | سندر جڳواڻي 'مجرم' | ڪوي پاڻ، احمدآباد | ١٩٧٧ |
| ١٥ | مامي جون مڇون | جدا جدا ڪوي | گلستان پبليڪيشن، احمدآباد | — |
| ١٦ | گل گلابي | روپ ڪمار 'گهايل' | گوبند پرڪاشن، ڀوپال | ١٩٨٠ |
| ١٧ | رنگبرنگي ڦوڪڻا | ڀڳوان نردوش | اسٽيپ پبليڪيشن، احمدآباد | ١٩٨١ |
| ١٨ | ڦول چمن جا | گهنشيام ساگر | ساگر آرٽس، احمدآباد | ١٩٨٢ |
| ١٩ | پاراڻا گيت | سترامداس سائل | ڪوي پاڻ، احمدآباد | ١٩٨٢ |
| ٢٠ | هندو جيون | هاسارام شرما 'پيئا' | پرمانند شرما، بڙودا | ١٩٨٢ |
| ٢١ | مزيدار گيت | هري دلگير | گلستان پبليڪيشن، احمدآباد | ١٩٨٣ |

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ڪوي | ڇپائيندڙ | سال |
|---|---|---|---|---|
| ٢٢ | منڙيون لاٽيون | سياش شرما 'سچاڳ' | ريڪا پبليڪيشن، احمدآباد | ١٩٨٤ |
| ٢٣ | پنکڙيون گلاب جون | ڪمل پياسي | پياس پبليڪيشن، ويراول | ١٩٨٤ |
| ٢٤ | بهار آئي | ايس.ايس. ناتاڻي | ڪرشنا پبليڪيشن، آديپور | ١٩٨٥ |
| ٢٥ | جهرمر | منوهر بيدي | ويٽا پبليڪيشن، اُلهاسنگر | ١٩٨٦ |
| ٢٦ | ٻارن جا لوڪ گيت | هوندراج بلواڻي | ڪوي پاڙ، احمدآباد | ١٩٨٦ |
| ٢٧ | گيت گلابي | هري دلگير | ٻاراڻو ادب، احمدآباد | ١٩٨٧ |
| ٢٨ | گل گلاب جا | صويراج رامچنداڻي 'عيش' | ڪوي پاڙ، ڀوپال | ١٩٨٧ |
| ٢٩ | آءُ، اوري آءُ | بسنتڪمار تياڳي | ڪنهيا پرڪاش، ڀوپال | ١٩٨٧ |
| ٣٠ | چندا ماما | روچو 'خوابي' | ٻاراڻو ادب، احمدآباد | ١٩٨٨ |
| ٣١ | اُڏر اُڏر ڙي پوپٽڙا | ڪيمن يوُ. موُلاڻي | لڪشمي پبليڪيشن، ڀوپال | ١٩٨٩ |
| ٣٢ | اِرچڪ مرچڪ | هوندراج بلواڻي | ٻاراڻو ادب، احمدآباد | ١٩٨٩ |
| ٣٣ | سهڻا ٻال گيت | لڇمڻ ڪڪريجا | ڪڪريجا پبلشنگ هائوس، اُلهاسنگر | ١٩٩٠ |
| ٣٤ | ٻاروا اچو ته ڳايون | ديال آشا | انجلي پرڪاش، اُلهاسنگر | ١٩٩٠ |
| ٣٥ | رمجهم رمجهم | ڀڳوان نردوش | ڪوي پاڙ، احمدآباد | ١٩٩٠ |
| ٣٦ | وڏي اَمان | ٽيڪم آفتاب | ڀارتي پبليڪيشن، ڀوپال | ١٩٩١ |
| ٣٧ | پروليون | هري دلگير | ٻاراڻو ادب، احمدآباد | ١٩٩١ |

خاڪو - ١ جي ڪالمن جي سمجهاڻي :

ڪالم - ١ : هن ڪالم ۾ ڇپيل ۽ هٿ آيل ٻال گيتن جي مجموعن جو ڪل تعداد ڏيڪاريل آهي، جو ٣٧ آهي. هن ۾ هڪ ئي ڪويءَ جي رچنائن جي سنگرهه سان گڏ، ڪنهن سنگرهه ۾ جدا جدا ڪوين جون رچنائون ڇپيل آهن ته ان کي به شامل ڪيو ويو آهي.

ڪالم - ٢ : ٻال گيتن جي ڪتابن جا سِرا ڏنا ويا آهن تن مان سِرَن جي گوناگونيت جو پتو پوي ٿو. 'منهنجو ديش پارت' ۽ 'ٻار ته اهڙا' هڪ ئي مجموعو آهي جو ان جو ٽائيٽل بدلائي ساڳيو ئي مٽتر ڏنل آهي.

ڪالم - ٣ : ٻال گيتن جي رچيندڙن جو انداز هن ريت آهي :
هوندراج بلواڻي-٥، هري دلگير-٣، ڪمل پياسي-٢، ديال آشا-٢، پڳوان نردوش-٢.
باقي ٻين جو فقط ١-١ ڪتاب آهي.

ڪالم -٤ : ٻال گيتن جي ڪتابن ڇپائڻ ۾ سڀ کان وڌيڪ احمدآباد شهر اڳرو رهيو آهي. هن ڪالم ۾ جدا جدا پبليڪيشنس جو نالو، شهر جي نالي سميت ڏنو ويو آهي.

ڪالم ٥ : ورهاڱي کان پوءِ ڏهاڪو سالن تائين ٻال گيتن جو هڪ به ڪتاب نٿو ملي. ان بعد به شروعاتي سالن ۾ رفتار تمام ڍري رهي، سال ۾ هڪ ڪتاب مس ڇپيو. ڪنهن سال ۾ ته هڪ به نه. ١٩٨٠ کان وٺي ان ۾ تيزي آئي. ١٩٩١ تائين مشڪل سان اهڙو ڪو سال هوندو، جنهن ۾ ڪو ڪتاب ظاهر نه ٿيو هجي.

## ٻال گيتن جا قسم :

ٻال گيتن جي قسم جي باري ۾ ٻال ساهتيه جي اڀياسي ودوانن ۾ هڪجهڙائي ڏسڻ ۾ نٿي اچي. هرڪنهن پنهنجي پنهنجي نموني انهن جي ورهاست ڪئي آهي. تنهن ۾ به گهڻو تڻو ٻال گيت جي وشين کي ڌيان ۾ رکي، ان جا قسم ٻڌايا ويا آهن. ڊاڪٽر وجيه لڪشمي سنها ٻال گيتن جا هيٺيان قسم ٻڌايا آهن :[1]

(١) ششو گيت

(٢) لولي گيت

1. 'آڌونڪ هندي ۾ ٻال ساهتيه ڪا وڪاس' (هندي) ص. ٣١ کان ٣٥

(٣) راند روند جا گيت
(۴) وندنا گيت
(۵) راشٽريہ گيت
(٦) ڪوُچ گيت
(٧) سموُهہ گان
(٨) ڀڳٽپ جا گيت
(٩) نوان گيت
(١٠) هاسيہ گيت

ڊاڪٽر هريڪرشن ديوسري ٻال گيتن کي هن نموني ورهايو ويو آهي:[1]

(١) مندن جا گيت
(٢) راند روند جا گيت
(٣) وندنا گيت
(۴) جاڳرڻ گيت
(۵) نوان گيت
(٦) ششو گيت ۽ لوليون

مٿين ٻن راين تي نظرثاني ڪرڻ سان ڏسبو تہ ڪن قسمن بابت ٻنهي ودوانن جو رايو هڪجهڙو آهي. (مثال طور ششو گيت، لوليون، وندنا، گيت، نوان گيت) تہ ڪن قسمن جي باري ۾ ٻنهي جي فهرست الڳہ الڳہ آهي. ٻنهي ۾ هڪجهڙائي نظر نٿي اچي. ان طرح ٻين ودوانن جا رايا وري هنن ٻنهي کان بہ مختلف ٻيهن ٿا. حقيقت ۾ وشين کي ڌيان ۾ رکي ٻال گيتن جا قسم مقرر ڪرڻ مشڪل آهن. دنيا ڀر ۾ اهڙا انيڪ وشيہ ملندا جن جي آڌار تي قسم مقرر ڪيا وڃن تہ انهن جي فهرست لنبي ٿيندي ويندي ۽ پوءِ بہ اها مڪمل نہ ليکبي. مٿين ٻن ودوانن جي فهرست کي ٿي ڏسبو تہ انهن ۾ لوڪ ڪهاڻين جي آڌار تي لکيل گيتن، اُتسوَن ۽ ڏڻن وارن جي گيتن، مٿن ماڻٽن تي لکيل گيتن ۽ اهڙن انيڪ قسمن کي انهيءَ ۾ شامل نہ ڪيو ويو آهي. نوَن گيتن ۾ بہ جيڪڏهن اڄڪلهہ جي وگيان جي حاصلاتن تي لکيل گيت شامل ڪجن تہ اهي ٿي وگيانڪ چيزون اڳتي هلي جڏهن نوانڻ وڃائي ويهنديون تڏهن انهن کي ڪهڙي قسم ۾ شامل ڪري سگهبو؟ ريڊيو ڪنهن زماني ۾ وگيان جي نئين دين هو جيڪو اڄ جي وقت ۾ ڪارگ

1. ’هندي ۾ ٻال ساهتيہ : ايڪ اَڌيَين‘ ص. ٢۴٩

ر هوندي بہ نئون ڪونهي. ان ڪان پوءِ ٿي.ويءَ جو يگہ آيو. اهڙين چيزن تي لکيل گيت، نوَن گيتن ۾ رکجن يا نہ؟ جي نہ تہ پوءِ اهي ڪهڙي قسم جا گ يت سڏبا؟ اهڙا ڪيئي سوال اُٿن ٿا. ان جي باوجود وشين موجب ٻال گيتن جي ورهاست کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي.

بين ڪن ودوانن وري ٻال گيتن جي پيشڪش کي ڌيان ۾ رکي ڪي قسم مقرر ڪيا آهن. چندرڪانت شيٺ سڌيءَ طرح انهن جا قسم نہ ٻڌايا آهن پر هيٺين قسمن جي گيتن جو ذکر ڪيو آهي :[1]

(۱) نج ليلا ڪاويہ (نانسينس رائيمس) (۲) ڪٿا ڪاويہ (۳) جوڙڪٽا (تُڪبنديون) (۴) اُتسون، پکين، پسن، نباتات وغيره سان واسطو رکندڙ ڪاويہ گيت (۵) ناٽيہ گيت (٦) نرتيہ گيت (۷) گفتگو گيت (۸) پرارٿنا گيت (۹) پروليون وغيره.

انهن راين جي مدنظر سنڌيءَ ۾ رچيل ٻال گيتن تي نظر وجهون:

## (۱) پرارٿنا گيت

هن قسم جي گيتن ۾ ايشور جي اُستتي ڪئي ويندي آهي ۽ ٻار پنهنجي لاءِ ايشور کان دعا گهرندو آهي. هوُ سمجهہ شڪتي، گيان، علم، ادب، آدر وغيره جي واڌاري لاءِ ايشور کي پرارٿنا ڪندو آهي. سنڌيءَ ۾ هن قسم جا پرارٿنا گيت گهڻو ڪري هرهڪ مجموعي جي اڳيان ڏنا ويندا آهن. ههڙا گيت تمام گهڻا لکيا ويا آهن.

گووردن ڀارتيءَ جو هيءَ پرارٿنا گيت ڏسون :[2]

تنهنجي در تو نمان سدائين
علم، عقل، نيڪي ڏي سائين
سورج، چنڊ، ڪتيون ۽ تارا
تو ئي جوڙيا قدرت وارا!
سچي سمت ڏي مونکي خالق
ڪريان وڏن جي شيوا مالڪ.

لڳ ڀڳ سيني ڪوين جي ٻال گيتن جي مجموعن ۾ شروعاتي گيت جي روپ ۾ اهڙا پرارٿنا گيت ملن ٿا. ڪن مجموعن ۾ هڪ کان وڌيڪ پرارٿنا

1. ’پريت‘ ٻال ساهتيہ وشيشانڪ ۾ چندرڪانت شيٺ جو مضمون ’ٻال ڪاويہ نوُ سوروپ‘ ص. ۱۳

2- ’لاتيون‘ ص. ۹

گيت ڏنا ويا آهن.

## (٢) قدرت جا گيت

ايشور جي اُپايل سرشٽيءَ جي انيڪ قدرتي چيزن ڏانهن ٻار جو ڌيان وڃي ٿو. انهن کي ڏسي کيس عجب لڳي ٿو. ٻار کي انهن چيزن کي ڏسي جيڪو آنند ملي ٿو تنهن کي ٻال گيتن دواران پيش ڪيو وڃي ٿو. قدرت جي چيزن جهڙوڪ سج،چنڊ، تارن، وڻن، ٻوٽن، گلن ڦلن، بادلن، چانڊوڪي رات، ماڪ جي ڦڙن، ندين وغيره جي وشيہ تي گهڻيون ڪوتائون لکيون ويون آهن. ٻار انهن چيزن ۾ اينرو تہ ڪوهجي وڃي ٿو جو ڪڏهن ڪڏهن چنڊ ۽ تارن سان گڏجي پاڻ اڪيُوٽ راند ڪرڻ لڳي ٿو. ڪڏهن پاڻ بادل بڻجي دنيا جي مٿان وسڻ چاهي ٿو. ڪڏهن چانڊوڪي رات جو تصور ڪري دنيا مان اونده انڌوڪار دور ڪرڻ چاهي ٿو. ڪي ڪوي قدرت جي انهن چيزن ذريعي ٻار کي ڪا سکيا ڏيڻ چاهين ٿا. منوهر بيدي 'چنڊ' جي باري ۾ لکيل ڪوتا ۾ ٻارن کي چوي ٿو :[1]

انهيءَ چنڊ ۾ هڪڙي ٻيڏڙي رهي ٿي<br>
جا چرخو هلائي سدا سُٽ ڪتي ٿي<br>
جڳت سان انهيءَ کي گهڻو پيار آهي<br>
اسان لئہ ئي ڪاڏيءَ جو ڪپڙو ٺي ناهي<br>
اسان تي سدا هٿ ديا جو رکي ٿي<br>
کيون ڪو سنو ڪم تہ شاباس ڏئي ٿي.

## (٣) پکين پسن جا گيت

ٻار جانورن، پکين ۽ ٻين ساهوارن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندو آهي. گهر جي اندر ٻلي، ڪوئو، ڪتو، طوطو وغيره هن جا ساٿي آهن. ٻاهر ڪانءُ، ڪبر، ڪبوتر، باندر، ڳانءِ وغيره هن سان دور جي دوستي رکن ٿا. گهر کان ٻاهر نڪرڻ جهڙو ٿئي ٿو تہ گهوڙي، هاٿيءَ، پوپٽ وغيره کي ڏسي موج ۾ اچي ٿو. ٻار جي انهيءَ دوستيءَ ۽ پيار کي ڪيترن ڪوين ڪوتائن ذريعي پيش ڪيو آهي. سنڌيءَ ۾ جانورن، پکين ۽ ٻين ساهوارن تي چٽي انداز ۾ ڪوتائون لکيون ويون آهن. وشيہ مکيہ طور هن ريت آهي : ڪانءُ، ڪويل، ٻلي، ڪوئو، ڳانءِ، گهوڙو، هاٿي، ڪتو، نوريئڙو، جهرڪي، ڪبوتر، باندر،

---

1. 'جهرمر' ص. ٢٧

طوطو، ڪڪڙ وغيره. تنهن کان سواءِ ڪي ڪوتائون مڇر، مکڻ ۽ ٻين جيوَن جنتن تي بہ لکيون ويون آهن جن جو تعداد تمام ٿورو آهي. ڪيمن يوُ. موُلاڻيءَ جي ’مکڻ راڻي‘ تي لکيل هيءَ ڪوتا ڏسو : [1]

هيءَ مک راڻي - ڏاڍي سياڻي،
روز ٻڌائي وڃي ڪنن ۾،
ساڳي ڀوُن ڀوُن جي آڪاڻي.
گند ڪچرو جي ڪٿي ڏسي تي،
ٽپ ڏيئي ان مٿان وهي ٿي،
وري انهن گندن پيرن سان،
کاڄ ڪري ٿي گندو مُهاڻي.

## (۴) راند روند جا گيت

ٻار معنيٰ راند. راند نہ ڪري تہ اهو ٻار ڪهڙو؟ ٻارجو چنچل ۽ شرارتي سڀاءُ ڪيس هڪ هنڌ وهڻ نہ ڏيندو. ٻار ڪيڏڻ چاهيندو آهي. ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻ چاهيندو آهي. جيڪڏهن ٻيو ڪجهہ نہ مليس تہ ڪابہ سچي شيءِ پڇي ان کي ڏسڻ- پرکڻ چاهيندو آهي. ٻار جي ان سڀاءَ ۽ ورتيءَ موجب جهجها گيت لکيل ملن ٿا. ٻار جڏهن گهر جي اندر آهي تڏهن هن کي گُڏن- گُڏين سان راند ڪرڻ وڻي ٿو. پنهنجن ڀائرن-ڀينرن سان گڏجي اکبوُت راند ڪرڻ چاهي ٿو. ٻاهر گهوڙو ڏسي ڪاٺ جي گهوڙي کي پنهنجو سچو ساٿي ٻڻائي ٿو. جي ڪاٺ جو گهوڙو نہ مليس تہ ڪنهن لٺ کي گهوڙو ٻڻائي ان تي چڙهي گهمي ٿو. رٻڙ جو ننڍڙو بال جڏهن ٽپا ڏئي ٿو تڏهن ٻار جو من بہ نينگہ ٽپا ڏيڻ لڳي ٿو. اهڙيءَ طرح ڦوڪٽو ۽ سائيڪل وغيره بہ ٻار جي راند روند جا ذريعا آهن. پر هن کي سڀ کان وڌيڪ پريہ آهي پتنگہ يعني لغڙ. شايد اهو ئي ڪارڻ آهي جو لغڙ تي تمام گهڻا ٻال گيت لکيا ويا آهن. ٻار پٿرن، نڪرين ۽ ٻين ردي چيزن سان بہ کيڏندو آهي پر انهيءَ وشيہ تي ڪابہ ڪوتا نہ لکي ويئي آهي.

لغڙ جي وشيہ تي پڳوان نردوش جي ڪوتا جو هڪ نمونو : [2]

ڪڪرن کان پڻ پري وڃي ٿو
ڪيئن نہ مزي سان لغڙ اُڏي ٿو.
مانجهو منهنجو آهي اوُچو،

1. ’اُڏر اُڏر ڙي پوپٽڙا‘ ص. ۴۲  2. ’رنگبرنگي ڦوڪٽا‘ ص. ۱۷

لغز ڪري ڪاٺا هر ڪنهن جو.
پيچ لڙائي ڳوهيون ڏئي ٿو،
ڪيئن نہ مزي سان لغز اُڏي ٿو.

## (۵) متن مائٽن تي گيت

متن مائٽن ۾ ٻارن کي سڀ کان وڌيڪ وڻي ٿي ناني ۽ ڏاڏي. اهو شايد ان ڪري جو نانيون ۽ ڏاڏيون کين نہ صرف گهڻو پيار ڪن ٿيون پر کين آکاڻيون بہ ٻڌائين ٿيون. ماءُ بہ هنن جي گهڻي سار سنڀال لهي ٿي، تنهن ڪري ٻار پنهنجي ماءُ کي بہ گهڻو پيار ڪن ٿا. ٻار کي پنهنجي ماءُ جي هنج سرڳ سمان لڳي ٿي تہ پنهنجن ڀائرن-ڀينرن سان رسڻ پرچڻ جي پيار ڀري راند بہ وڻي ٿي. ٻارن جي ان واتاورڻ کي بہ ڪوين سندر نموني چٽيو آهي. متن مائٽن تي لکيل گيتن ۾ سڀ کان وڌيڪ گيت نانيءَ، ڏاڏيءَ ۽ ماءُ جي وشيہ تي لکيا ويا آهن. تنهن کان پوءِ پيءُ جو نمبر اچي ٿو. ڀاءُ ڀيڻ تي بہ ڪي گيت لکيل ملن ٿا.

'منهنجي اَمان' وشيہ تي لکيل هڪ ٻال گيت ۾ ديال آشا چوي ٿو : [1]

منهنجي منڙي اَمان پياري،
جان ۾ جند جنهن مون تان واري.
ور ور منهنجي سار لهي ٿي،
مون لئہ ڪيڏا سُور سهي ٿي،
پاڻ نہ کائي مُون کارائي،
هر هر مون تان ٿي ٻلهاري،
منهنجي منڙي اَمان پياري.

## (٦) ڪمين ڪاسبين تي گيت

ٻار پنهنجن متن مائٽن کان سواءِ ٻين ماڻهن جي سمپرڪ ۾ اچي ٿو. گهر جي ٻاهر هرروز ايندڙ، شيون وڪڻندڙ ماڻهن جا هوڪا ۽ آواز ٻار جي ڪنن تائين پهچن ٿا تڏهن هوُ انهن آوازن طرف ڌيان ڏئي ٿو. ڪڏهن دريءَ مان تہ ڪڏهن گهر جي دروازي وٽ بيهي هوُ انهن کي ڏسي ٿو. ڪڏهن پيسا ڪٽي هوُ انهن کان پنهنجي پسند واري چيز وٺڻ لاءِ ڊوڙي ٿو. ڪڏهن گهٽيءَ ۾ آيل جادوگر جا کيل ڏسي ٿو ۽ خوش ٿئي ٿو. ٻار کي انهن ڪمين، ڪاسبين،

---

1. مهڪندڙ مکڙيون ص. ٣٦

ڪلاڪارن، گهوراڙن ۽ دڪاندارن لاءِ پيار آهي. ڪوين بہ انهن وشين تي ڪيترين ڪوتائون رچي ورتيون آهن. قوڪٽن وارو، ڪلفيءَ وارو، هنداڻن وارو، ڪيلن وارو، ڀِنڊيريءَ وارو، پاڇيءَ وارو، هوٽل وارو، حلوائي، موچي، ٻانيڻ، مداري، جادوگر، ٽانگي وارو وغيره اهڙا وشيہ آهن جن تي ٻال ڪوتائون لکيل ملن ٿيون.

پاچين واري تي لکيل هڪ ڪوتا ۾ گهنشيام ساگر چوي ٿو :[1]

پاچين وارو ويڊو آهيان،
تازي شيءِ آڻيندو آهيان.
ڪڏهن نہ ڀيندو، ڪنهن کي ناهيان،
پاچين وارو ويڊو آهيان.

## (٧) مهاپرشن جا گيت

ديش جي جدا جدا نيتائن ۽ مهاپرشن جي جيون ۽ ڪاريہ تي تمام گهٽيون ڪوتائون لکيون ويون آهن. اُنهن ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪوتائون ٻارن جي پياري چاچا نهروءَ تي ملن ٿيون. تنهن کان سواءِ مهاتما گانڌي، لعل بهادر شاستري، لوڪمانيہ تلڪ، اندرا گانڌي، سڀاش چندر بوس، ڪرشن، گرونانڪ وغيره تي بہ چڱيون ڪوتائون لکيون ويون آهن. سنڌي شخصيتن ۾ سڀ کان وڌيڪ رچنائون هيمون ڪالاڻيءَ تي ملن ٿيون. تنهن کان پوءِ جهوليلال، ساڌو واسواڻي، ڀڳت ڪنوررام ۽ ٻين مهاپرش جو نمبر اچي ٿو. سنڌيءَ ۾ مهاپرشن تي ڪوتائون لکڻ ۾ ديال آشا سڀ کان اڳرو رهيو آهي. هن مٿين مهاپرشن کان سواءِ گوتم ٻڌ، پريم رامچنداڻي، سوامي ٽيئونرام، ڀڳت سنگهہ وغيره تي بہ ڪوتائون لکيون آهن. هاسارام 'پيئا' جي 'هندو جيون' سنگرهہ ۾ وڏي عمر جي ٻارن لاءِ ڪيترن مهاپرشن جهڙوڪ مهاراڻا پرتاپ، شيواجي، گرو گوبندسنگهہ، ساورڪر، وويڪانند، ديانند سرسوتي وغيره تي ڪوتائون شامل آهن.

ڀڳت ڪنوررام تي لکيل روپ ڪمار گهايل جي هڪ ڪوتا :[2]

پکين ۾ جئن هنس پکي،
ڀڳت ڪنوررام سا ساک رکي.
سنڌ سچيءَ ۾ هن جو ساهہ،

1. 'قول چمن جا' ص. ٦ 2. گل گلابي ڪوتا نمبر ١٦

جن جهڙو ڪو ٿيندو شاهہ؟
ڇير، ڪنڌل ۽ جامو پائي،
ڀڳت وڃهي ۽ ڀڳت وڄهائي.

## (٨) قومي گيت

ٻارن ۾ قومي ڀاونا جو ٻج وجهڻ لاءِ قومي گيت لکيا وڃن ٿا. اهڙن گيتن جو انداز سنڌيءَ ۾ تمام گهٽو ملي ٿو. هن قسم جي گيتن مان ٻارن کي وندر گهٽ، پر سکيا ۽ اُتساهہ وڌيڪ ملي ٿو. ديش جي مهانتا ۽ ورثي جي باري ۾ ڄاڻي ٻار جي دل ۾ پنهنجي ديش لاءِ پيار جاڳي ٿو ۽ اڳتي هلي هُو هڪ سنو ناگرڪ بڻجي ٿو. ٻارن ۾ ديش پريم ۽ قومي ايڪتا وغيره جهڙا جذبا پيدا ڪرڻ لاءِ هن قسم جي گيتن جي گهڻي اهميت آهي. قومي گيتن جا سِرا گهڻو ڪري هن طرح جا ملن ٿا : ٽرنگو جهنڊو، جئہ جوان جئہ ڪسان، ڀارت ماتا، اسان جو ديش، ڀارت ورش مهان، آزاديءَ جو ڏينهن، ماترڀوميءَ جي پڪار، منهنجو وطن، پيارو وطن وغيره.

بسنت ڪمار ٽياڳيءَ جو لکيل هڪ قومي گيت ڏسو :[1]

پيارو هندستان - اسان جو پيارو هندستان،
گهوري ڇڏبي هڪ ڏينهن هن لئہ پنهنجي جند ۽ جان.
ملڪ اسان جو مهما وارو، سڀني ديشن کان آ نيارو،
هرڪو هن جا ڳڻ ٿو ڳائي، ٻڌي اهنسا جو نعرو.
ذات پات جو ڀيد نہ هت آ، ڌرم سڀئي سمان،
پيارو هندستان - اسان جو پيارو هندستان.

## (٩) ڏڻن وارن جا گيت

هرڪو ڏڻ وڏن جي لاءِ جيتريون خوشيون ڪٺي ايندو آهي، تنهن کان وڌيڪ خوشيون اهو ٻارن جي لاءِ آڻيندو آهي. وڏن ڏڻن تي ٻار جنهن طرح موج ۾ اچي ويندا آهن، سو ڏسڻ وٽان هوندو آهي. ڏڻن وارن ۾ سڀ کان وڌيڪ پيارو ڏڻ آهي هولي. شايد ان ڪري ئي سڀ کان وڌيڪ گيت بہ هوليءَ تي ئي لکيا ويا آهن. هن ڏينهن تي ٻار رنگن جون پچڪاريون ۽ گلال کڻي پنهنجن جيڏن سرتين جي ڪپڙن ۽ شرير کي رنگين بڻائي ڇڏيندا آهن.

---

1. آءُ، اوري آءُ ص. ٤٣

جتي ڪتي ٻارن جون ٽوليون ڏسڻ ۾ اينديون آهن. ڏياري ٻـ ٻارن جي لاءِ اينرو ئي اُتساهہ ڏيارينڌڙ ڏڻ آهي.هوُ نوان ڪپڙا پائڻ، مٺايون کائڻ ۽ ڦٽاڪا ٻارڻ ۾ ڪوهجي ويندا آهن. ڏياريءَ جي ڏڻ تي ٻـ گهڻيون ڪوتائون لکيل ملن ٿيون :

نمونې طور هري دلگير جي لکيل هڪ ڪوتا : [1]

پري ٽولڙن ۾ مٺاين جي ڪاري،
اچي ٿي سا ٻجلين ٻتين ساڻ پياري،
اچي ويئي منڙي مزي موج واري،
ڏياري، ڏياري، ڏياري، ڏياري.

## (١٠) ٻال جيون جا گيت

ٻار جي ٻولي، چنچلتا، معصوميت وغيره اهڙيون چيزون آهن جن اڪثر ڪري ڪوين کي موهت پئي ڪيو آهي. ان ڪري ئي ڪوين جي قلم مان انهن ٻارڙن جي باري ۾ گيت لکجيو ئي وڃن ٿا. ڪو ڪوي ٻارن کي ننڍڙا موتي چوي ٿو تہ ڪو ڪوي هنن جي پيٽ گلن سان ڪري ٿو. ڪو وري هنن کي ڀڳوان جي روپ ۾ ڏسي ٿو. ٻار جي انهن جدا جدا روپن ۽ ٻال-ليلائن تي لکيل تمام گهڻيون ڪوتائون موجود آهن. ڪي ڪوتائون ٻار جي تمنائن، خواهشن، همٿ وغيره جو اظهار ڪرڻ لاءِ ٻار جي واتان چوايون ويون آهن. هن وشيہ تي ڪمل پياسيءَ گهڻيون ڪوتائون لکيون آهن. سندس مجموعي 'پنکڙيون گلاب جون' ۾ اهڙين ڪوتائن جو انداز وڏيڪ آهي. مثال طور - راجکمار، ٻالڪ جي ٻولي، هاڻ اَچا ڪا ننڍڙي ناهيان، ڏاهو ٻار، ٻارن جي محفل، چيل چبيلو ٻالڪ، ڏيڍ سال جو ٻار ۽ ننڍڙو ننڍڙو پيارو پيارو. اهڙي ئي وشيہ تي سندس لکيل ڪوتا : [2]

صبح سويرو اُٿندي آهيان،
نانءُ گروءَ جو وٺندي آهيان.
هٿ منهن ڌوئي اوجل ٻڻجي،
رنڌڪي جو در وٺندي آهيان،
هاڻ اَچا ڪا ننڍڙي ناهيان.

1. ''گيت گلابي' ص. ٣٥ 2. 'پنکڙيون گلاب جون' ص. ٢٧

ٽ چيو : ٽوُم آ جنهن ۾ پيارا،
سو ئي آهي شير دلير.

صوبو رامچنداڻي 'عيش' جي 'گل گلاب جا' سنگره ۾ سنڌي ٻوليءَ جي آئيوپتا، هندي ڪ-ک،گ، سنڌي مهنن، ڪ ۽ ق وغيره وشين تي چٽيون ڪوتائون آهن. سنڌي آئيوپتا تي سندس لکيل ڪوتا جون ڪي سٽون هن طرح آهن : [1]

'ا' سان اک، اک سان ڏس باجو،
'ب' سان بهادر کي ڌپ چا جو،
'ٻ' سان ٻڪري 'ٻ' سان ٻير،
'پ' سان لک تون پن ۽ پير.

## (۱۳) آکاڻي گيت

ٻارن کي آکاڻيون بيحد پسند آهن ان ڪري ڪيترن ڪوين آکاڻين کي بہ گيتن ذريعي پيش ڪيو آهي. هھڙيون ڪوششون گهٽيون ئي ٿيون آهن. نارو نائيءَ جي آکاڻي گوورڌن ڀارتي هن نموني ٿو ٻڌائي : [2]

ناروءَ نالي هڪڙو نائي،
دوکي سان هو ڪندو ڪمائي.
ڏسي گراهڪ نئون، نماڻو،
اُن کان وٺندو هو وڌ ناڻو.
هڪ ڏينهن گولاڻي چينو،
هن کان وار ڪٽائڻ وينو...

ائين آکاڻي اڳتي وڌي ٿي. نارو نائي، گولاڻيءَ کان حرفت سان وڌيڪ پيسا وٺي ٿو. گولاڻي بہ نارو نائيءَ کان واهہ جو بدلو وٺي ٿو.

سنڌيءَ ۾ شايع ٿيل ٻال گيتن جي سنگرهن ۾ ٻيا بہ آکاڻي گيت ملن ٿا جن مان ڪي بلڪل ئي نين آکاڻين تي آهن تہ ڪي ڄاتل سڃاتل آکاڻين تي آهن. ڪي مثال : گدڙ ۽ ڊاک، ٻڌيءَ ۾ ٻل، شينهن ۽ ٻڪري (ديال آشا)، ٿانءَ ۽ ٽر (سياش شرما 'سڃاڳ')، پري ۽ راجا (منگهارام ديوانو)، شيطان ڪوُئو، شرارتي موهن (هوندراج بلواڻي)، جهوپڙي ۽ راجا (ايس.ايس. ناٿاڻي)، چا، گدڙ راجا بڻيو؟ (ڀڳوان نردوش)، لومڙي ۽ ڊاک، شينهن ۽ ڪوُئو،

---

1. 'گل گلاب جا' ص. ۳ 2. 'لاٽيون' ص. ۱۰۲

ڪانءُ ۽ لومڙ، پساري ۽ طوطو (سترامداس سائل)، گدڙ جو حال (گهنشيام ساگر)، ٻه پکي (روپ ڪمار گهايل)، ڪوٽو آڏيو (ڪنعيالال ڪرپالاڻي 'ڪان') وغيره.

## (١۴) پروليون گيت

پروليءَ ذريعي ٻارن جو گيان وڌندو آهي ته ڪين آنند به ملندو آهي. ٻار پاڻ ۾ ويهي هڪ ٻئي کي پروليون ٻڌائيندا آهن ۽ سليندا آهن ته وڏا به هنن ڪان پروليون پڇندا آهن. پرولين کي ڪوتا جي روپ ۾ پيش ڪري ٻارن کي وندرائڻ جو سيپ ڪان وڏو ڪم هري دلگير ڪيو آهي. هن جي اهڙين رچنائن کي پرولي گيت چئي سگهجي ٿو. هن ٻارن لاءِ اهڙا پرولي گيت تمام گهڻا لکيا آهن. اهڙن ئي پرولي گيتن جو سندس هڪ مجموعو 'پروليون' عنوان سان پڌرو ٿيل آهي جنهن ۾ ٻن مصرعن ڪان وٺي اٺن مصرعن تائين پرولي گيت ڏنل آهن. پروليءَ جو جواب پرولي گيت ۾ نٿو ڏنو وڃي تنهن ڪري ٻار کي آخر ۾ جواب ٻولهڻ لاءِ مٿو ضرور کنهڻو پوي ٿو. سندس هڪ پرولي گيت ڏسو :[1]

اڳي هيس هڪ سائي ڊريس،
هاڻي پيلي ساڙهي ڪيس،
سهڻي سنڙي منڙي نار،
ملڪ ملڪ ۾ ناماچار،
ڪيس پيٽ ۾ آهي ٻار،
ته ٻي گهڻن جو هنن سان پيار،
چوسڻ لاءِ، پيئڻ جي لاءِ،
پڻ سوغات ڏيڻ جي لاءِ.

(جواب : انب)

اهڙي قسم جي پرولي گيتن تي پڳوان نردوش، ڪمل پياسي ۽ ٻين ڪن ڪوين به قلم هلايو آهي. ڪن پرولي گيتن ۾ آخرين مصرع ۾ ئي پروليءَ جو جواب اچي ٿو.

## (١۵) نيتي سکيا وارا گيت

ٻارن کي گڻوان، آدرشوادي، نيڪ، پروپڪاري، محنتي وغيره بڻائڻ لاءِ

1. 'پروليون' ص. ۴٨

نيتي سکيا وارا گيت لکيا ويندا آهن. اهڙن گيتن جو مقصد جئن تہ ٻارن ڪي سداچاري بڻائڻ هوندو آهي تنهن ڪري گهٽو ڪري انهن ۾ وندر عدم موجود هوندي آهي. هنن گيتن ذريعي ٻارن کي وندر بجاءِ نصيحت ملي ٿي. سنڌيءَ ۾ هھڙن گيتن جي اڪثريت ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ڪن گيتن ۾ ٻارن کي بلڪل سڌي نموني سکيا ڏني ويئي آهي. ڪي مثال ڏسو :

ڪسرت ڪر تون ڪسرت ٻار،
ڪسرت سان رک هردم پيار. [1]

اُٿڻ روز ساجهر صبوح جو ڪپي،
ڌوئڻ صاف هٿ منهن چٽيان ئي ڪپي. [2]

بچت ڪرڻ جي توهان سکو عادت،
جا نڊيڻ ۾ ٿي رکڻ گهرجي عادت. [3]

محنت ڪر ٻار آهي محنت مناڻي،
محنت ۾ سمايل آ، سنسار جي سچائي. [4]

ڪر ڪنارو لوڀ لالچ کان بچاءِ،
چو تہ دائم حرص ۾ ڏسندين ڏچا. [5]

## (١٦) نواڻ وارا گيت

نواڻ معنيٰ جيڪا چيز اڳ ڏسڻ ۾ نہ آئي هجي؛ نواڻ وارا گيت معنيٰ اهڙا گيت جيڪي اڳ ڪڏهن نہ لکيا ويا هجن. اهڙا گيت جي ٻارن جي هاڻوڪي وقت جي ضرورت انوسار هجن. جن کي گنگنائيندي ٻار نچن ۽ جهومن. هيلنائين ذڪر ڪيل ڪيترن وشين وارن ٻال گيتن جي اڪثريت هئڻ جي باوجود سنڌيءَ ۾ نون وشين تي، نواڻ پريل گيت بہ چڱي انداز ۾ لکيا ويا آهن. هري دلگير جي 'مزيدار گيت' ۾ اهڙي قسم جا نواڻ پريل

---

1. آءُ، اوري آءُ (بسنتڪمار تياڳي) ص. ١٣
2. 'قول چمن جا' (گهنشيام ساگر) ص. ١٦
3. اُت ٻارت جي سنتان (منگهارام ديوانو) ص. ٥٣
4. 'ڪليون ۽ گل' (سندر جڳواڻي) ڪوتا 'محنت'
5. 'ٻاراڻا گيت' (سترامداس سائل) ص. ٢٧

گيت وڏيڪ آهن. هڪ گيت ۾ ٻار، آئيني اڳيان بيهي، پنهنجي عڪس سان ڳالهائيندي چوي ٿو : [1]

اندر تون ڇي آهين ڪير؟
ٻاهر ڇو نہ ڪڍين ٿو پير؟
تون بہ بهادر، مان پڻ شير،
لڙون لڙائي،
ڪريون صفائي.
ٻاهر آءُ او مون جهڙا،
آئينا ڙي آئينا.

ساڳئي ئي مجموعي ۾ هڪڙي موجي ملڪ جي ڳالهہ، ڪوي هن طرح ٿو ٻڌائي : [2]

موجي ملڪ جي بات ٻڌو سڀ - موجي ملڪ جي بات
خواب لڌم ڪلهہ رات - ٻڌو سڀ - موجي ملڪ جي بات
هاٿي‌مل تي ڏوٿي پهري، خان خچر سلوار
ٻڪري ٻائي پوتي پائي، گهمندي هئي بازار
ٻائي لومڙ پڳڙي پهري،
مسٽر ڪتو هئٽ سان نڪري،
سير ڪرڻ جي بات - ٻڌو سڀ - موجي ملڪ جي بات.

هن ٻين جن وشين تي لکيو آهي تن ۾ مان رام آهيان، متيرو شير، چاچو گهڙيال، سمهي پؤ ڪڪا، اڙي ٻڪ ٻڪيا، آرتوار، ننڍڙو-وڏو، پڙهہ پونگڙا وغيره بہ وشين جي نواڻ واريون سٺيون رچنائون آهن.

ٻين ڪوين جي نواڻ ڀريل ٻال گيتن مان، ڪن ڪوين ۽ سندن رچنائن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا :

گووردن ڀارتي (سياڻي ٻلي، نانختائي، منهنجو پيٽ، مشين هلايان، مونکي پر ڏي، مامي جون مڇون)، ڪمل پياسي (ٻلي ٻهاري پائي ٿي، ڪارو ٻانيڻ، مان لڇو آهيان، دادا جو دادا)، منوهر بيدي (هڪ ڪتا، پيڙي پڱڙن واري)، ڪيمن مؤلاڻي (ڳاڙهي پين، پکين جي پئنچات، مک راڻي، ٻليءَ سان رهاڻ، پوُت)، سياش شرما ’سجاڳ‘ (ٻليءَ ڪوُئي جو وير)، ديال آشا (وئڪيشن، آءُ ڪانوَ)، هوندراج بلواڻي (خشڪي مشڪي، پائلي ڏي،

1 ۽ 2 ’مزيدار گيت‘ (هري دلگير) ص. ١١ ۽ ٢٠

ٽيليفون تي)، گهنشيام ساگر (پيتوڙي پمن، پيٽ چٽو مونٽوُ)، واسديو نرمل (ڪونومل جي چتي پراڻي)، ڍولڻ راهي (ٻال هٽ، ڦتومل ڦوڪٽن وارو)، روچو خوابي (ٿموءَ جي ٽوپي، منهنجي اِٽي، لفافا تيز هوا کان اُڏام)، رسما (تہ ڳاڏي چتي ويئي)، ليکراج هنس (ننڍپڻ جي هڪ ياد)، ڪمل سرتاج (ڪٽي مان ڪيچ)، صوبو رامچنداڻي 'عيش' (پو تارن سان چنڊ نچي) وغيره.

## (١٧) لوليون ۽ پرياتيون

ٻارن کي ننڊ ڪرائڻ لاءِ جيڪو گيت ڳاتو ويندو آهي تنهن کي 'لولي' چئبو آهي. لولي لفظ سنسڪرت جي 'لول' (लोल) لفظ جو اپڀرنش آهي، جنهن جو مطلب آهي لوڏائڻ يا ٿڦڪي ڏيڻ. ڪي ودوان هن کي سنسڪرت جي پيار واچڪ لفظ 'لال' جو اپڀرنش ڪري مڃين ٿا. ماتائون اڪثر ڪري پنهنجن ٻارن کي پيار وچان پينگهي ۾ سمهاري يا پنهنجي گود ۾ کڻي يا ڪلهي تي ٿڦڪيون ڏيئي ننڊ ڪرائينديون آهن تڏهن 'لولي' ڳائينديون آهن. لولي ٻڌي ٻار کي ننڊ اچڻ لڳندي آهي ۽ هوُ سپنن جي دنيا ۾ کوهجي ويندو آهي. لوليون گهڻو ڪري ڇهن مهنن کان ٽن سالن جي عمر وارن ٻارن لاءِ هونديون آهن. جنم کان وٺي ڇهن مهنن جي عمر تائين ٻار جي ٻڌڻ جي حواس جو وڪاس ٿي ويندو آهي. ان ڪري هوُ لوليءَ جي آواز کان متاثر ٿيندو آهي. خاص ڪري 'هون هون....' يا 'اون اون....' جهڙي آواز جي گنگناهٽ هن تي اثر ڪندي آهي ۽ ٻار جو چنچل من ضابطي ۾ اچي ويندو آهي. لوليءَ جي مڌر آواز تي هوُ سمهي پوندو آهي.

ڀارت ۾ لولين جو اتهاس تمام پراڻو آهي. مختلف پرانتن ۾ انهن جو رواج آهي. ماتائون پنهنجن ٻارن ڏانهن پنهنجي ممتا ڏيکارڻ لاءِ، ٻارن جي وڏي آورجا ۽ سکن روپي زندگيءَ جي ڪامنا ۽ سدڀاونا جي اظهار لاءِ لولي ڳائينديون آهن. انهن ۾ وقت ۽ اِستان موجب ڦيرڦار بہ ٿيندي رهندي آهي تڏهن بہ انهن جو مقصد ساڳيو هوندو آهي.

سنڌيءَ ۾ هوندراج دکايل، گوورڌن ڀارتي، ديال آشا، ڪمل پياسي، ڀڳوان نردوش ۽ سترامداس سائل وغيره جهڙن ڪوين لوليون لکيون آهن. هوندراج دکايل جي لکيل لوليءَ جو هڪ نمونو:[1]

1. 'پرلاءُ' ص. ١٢

”لوليون ۾ پرياتيون بہ ٻال گيت چيون وڃن ٿيون پر انهن ۾ ٻارن جا نہ ماتائن جي من جا ڀاوَ ظاهر ٿيندا آهن. سُر ۾ ليہ سان ڳاتيون وڃڻ جي ڪارڻ اهي ٻارن جو منورنجن ڪن ٿيون. ان ڪري اسان انهن کي ٻال گيت مڃي وٺون ٿا. اسان اُنهن کي واتسليہ رس جا گيت تہ چئي سگهون ٿا پر ٻال گيت نہ. ٻال گيت ۾ واتسليہ رس جي گيتن ۾ اهو تفاوت آهي تہ ٻال گيت ۾ ٻار خود پنهنجون ڀاوناڻون ظاهر ٿينديون ڏسي پرسن ٿيندا آهن ۾ اهو سوچيندا آهن تہ هنن وٽ جيڪڏهن لفظ هجن ها تہ ان طرح جا گيت لکن ها. هو انهن کي بار بار پڙهڻ ۾ دهرائڻ چاهيندا آهن ۾ اڪثر ياد ڪندا آهن پر جنهن گيت ۾ ٻارن طرف وڏن جو سنيهہ، موهہ، ممتا ظاهر ڪيا ويندا هجن انهن کي واتسليہ رس جي ڪوتا تہ چئي سگهجي ٿو، ٻال گيت نہ.“ 1

اِها حقيقت آهي تہ ٻال گيت ۾ ٻارن جي پنهنجين ڀاوناڻن جو اظهار هوندو آهي. ٻار جئن ڪيڏندا ۾ محسوس ڪندا آهن تئن ڪوي خود ٻار ٻڻجي ساڳين ئي احساس کي پنهنجي ڪوتا ۾ اُتاريندو آهي. جڏهن ڪ لولين ۾ ٻار جي ڀاوناڻن جو نہ، پر ماتا جي ممتا، سنيهہ ۾ پيار جو اظهار هوندو آهي. انهن کي ٻال گيتن جي درجي ۾ انهيءَ ڪري رکيو ويندو آهي جو اُهي ٻارن لاءِ لکيون ۾ ڳاتيون وينديون آهن. نہ صرف ايترو، پر اهي ٻارن جي من جي ڀاوناڻن کي ڇهي هنن کي آٿت ۾ وندر عطا ڪنديون آهن. سنڌيءَ ۾ شايع ٿيل ٻال گيتن جي مجموعن ۾ لولين کي بہ جڳهہ ڏني ويئي آهي.

## (١٨) ششو گيت

ٽن ڪان ڇهن سالن جي عمر جو ٻالڪ ابوجهہ ۾ معصوم هوندو آهي. ان وقت هن جي مانسڪ سطح موجب جيڪي ڪوتائون ٻڌايون وڃن ٿيون تن کي ششو گيت چئجي ٿو.

ششو گيت تمام ننڍڙن ٻارن لاءِ هوندا آهن. بنگاليءَ ۾ ٻال گيتن کي ئي ’ششو گيت‘ چيو ويندو آهي ۾ تمام ننڍڙن ٻارن لاءِ جيڪي ڪوتائون لکيون وڃن ٿيون تن کي ’چِڙا گيت‘ چئبو آهي. چِڙا گيت ۾ لوليون بہ شامل هونديون آهن. انگريزيءَ ۾ تمام ننڍڙن ٻارن لاءِ لکيل ڪوتائن کي ’نرسري رائيمس‘

1. ٻال گيت ساهتيہ (هندي) ص. ٢٢

چيو ويندو آهي. ان طرح ششو گيت هجن يا ڇڙا گيت يا نرسري رائيمس، انهن لاءِ مکيہ شرط اهو آهي تہ اهي ششوءَ يعني ننڍڙي ٻار جي ڀاونائن، چاهنائن ۽ ڪلپنائن موجب لکيل هئڻ گهرجن.

ششو گيتن ۾ ڳائي سگهڻ جا تتوَ (गेयता)، ناٽڪپڻو، وندر، سرلتا ۽ ڪلپنائن جي اُڏام مکيہ گڻ هوندا آهن. اهي لکڻ تمام ڏکيو ڪم آهي. ائين ڪٿي چئجي تہ ٻال گيت لکڻ کان بہ ششو گيت لکڻ وڌيڪ ڏکيا آهن. اهي گيت اهڙا هئڻ گهرجن جو ٻار انهن کي سولائيءَ سان زباني ياد ڪري سگهن. اهي وندرائيندڙ بہ هجن ۽ ٻارن جي شروعاتي وڪاس ۾ ڪين مدد ڪندڙ بہ هجن. ٻارن جا ساهتيڪ سنسڪار اِتان کان ئي شروع ٿيندا آهن جيڪي اڳتي هلي پختا ٿيندا آهن.

ٻار سياءَ کان چنچل ٿيندا آهن. هوُ پنهنجو ڌيان ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ گهڻي وقت تائين قائم رکي نہ سگهندا آهن. هنن ۾ ’خودپڻو‘ وڌن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ هوندو آهي. ساموهڪ يا سماجڪ ڀاونا هنن ۾ نہ هوندي آهي. تنهن ڪري ڪين اهڙيون ڪوتائون ڏيڻ گهرجن جيڪي هنن جي ’خودپڻي‘ کي سنتوش ڏيئي سگهن. اهي ڪوتائون ٻار خود نہ پڙهندا آهن. ٻارن جا مائٽ ڪين اهي پڙهي ٻڌائيندا آهن.

ششو گيت ٻارن کي سولائيءَ سان ياد ٿي سگهن، ان ڪري اهي عام طرح قد ۾ ننڍا ئي ٿيندا آهن پر اهو ضروري ناهي تہ ششو گيت تمام ننڍڙا ئي هئڻ گهرجن. اهي آڪار ۾ ننڍا هجن پر جي سمجهڻ ۾ ڏکيا هجن تہ پوءِ اُنهن کي ششو گيت چئي نہ سگهبو. عام طرح ششو گيت ٻن کان ويهن سٽن يا ان کان بہ وڌيڪ سٽن جا ٿي سگهن ٿا. جيڪڏهن ڪنهن بہ ششو گيت ۾ ٻوليءَ ۽ ڀاوَ جي خيال کان، انهيءَ عمر گروپ جي ٻارن کي ڇڪڻ جي شڪتي سمايل آهي تہ، اهو ڪيترو بہ وڏو هوندو تہ بہ ڪو هرج ڪونهي.

سنڌيءَ ۾ ششو گيت تمام ٿورا لکيا ويا آهن. پرسرام ضيا جي ’باغ بهار‘ ۾ خاص ٽن کان ڇهن سالن جي عمر وارن ٻارن لاءِ رچيل گيت ملن ٿا. انهن ششو گيتن کي ٻار سولائيءَ سان گنگنائي سگهن ٿا. وڏڙن جي مدد سان انهن جو آنند وٺي سگهن ٿا. سڀ کان وڌيڪ تہ انهن مان ٻارن کي وندر بہ ملي ٿي. انهيءَ سنگرهہ مان ’پونڪ نہ ڪتا پونڪ‘ نالي هي گيت ڏسو :

پونڪ نہ ڪتا پونڪ
ڪڻ نہ متي تي چونڪ
جهڙي تنهنجي ماءُ
تهڙو تنهنجو پاءُ
پونڪڻ تي بس زور
روز مچايو شور....

ننڍڙو ٻار پنهنجن وڏڙن ۽ متن مائٽن جي هلت چلت ۽ سياءُ وغيره کي ڏسي ڇا محسوس ڪندو آهي تنهن تي پرسرام ضيا جا لکيل 'بابا منهنجو ڪن پٽيو'، 'ناگپور تو وڃان'، 'رسٽا پٽ'، 'اوئان اوئان' وغيره ٻار کي سندس ڪلپنا لوڪ ۾ وٺي وڃن ٿا. ساڳئي وقت هن جا 'منهنجو ڪڪڙ'، 'منهنجي موٽر'، 'لاٽون'، 'واڇ ٻٽايون'، 'گڏڙي'، 'اِتي ۽ ڏڪر'، 'هوائي جهاز' وغيره ٻارن جي روزاني زندگيءَ سان وابسطہ ششو گيت آهن.

هري دلگير جي 'گيت گلابي' ۾ ڏنل 'مان جي هڪ ناريل هجان' بہ هڪ سٺو ششو گيت آهي :

مان جي هڪ ناريل هجان ها،
متي متي وڻ ۾ لٽڪان ها،
هوا لڳڻ تي ڪري پوان ها،
ڪنهن رولوءَ پينوءَ ڇوڪر جي،
پڪ ئي پڪ مان نوڙه پيچان ها.

صوبو رامچنداڻي 'عيش' جو 'گل گلاب جا' ۾ 'مڇ' جي باري ۾ ڏنل هيءُ هڪ ششو گيت ڏسو :

ڏاڏي پنهنجي مڇ وڌائي،
مڇ وڌائي، مڇ وڌائي،
سڄي وراندي ۾ نہ وڃائي،
آيو گهر ۾ جڳنو نائي،
ڏاڏي کي جو ڪاوڙ آئي،
مڇ جي پو تي خوب ڪٽائي...

## (١٩) ٻال لوڪ گيت

ٻارن جي دنيا ۾ اهڙا انيڪ گيت ڦهليل آهن جن جي باري ۾ ڪنهن کي بہ اها ڄاڻ نہ هوندي آهي تہ اهي ڪنهن لکيا ۽ ڪڏهن لکيا. ٻار اهي ٻين ٻارن جي واتان ٻڌندا آهن ۽ انهن کي ياد ڪري وٺندا آهن. هوُ انهن کي راند روند ڪندي ڳائيندا ۽ گنگنائيندا آهن ۽ انهن جو مزو ماڻيندا آهن. پنهنجي سمجهہ ۽ سهوليت موجب انهن ۾ هوُ ڦيرڦار بہ ڪندا رهندا آهن. اهڙن ٻال گيتن کي ’ٻال لوڪ گيت‘ چئجي ٿو. اسان جي ديش جو اهڙو ڪوبہ حصو نہ هوندو جتي ٻار لوڪ گيت نہ گنگنائيندا هجن. ڳوٺ ڳوٺ ۽ نگر نگر ۾، هرهڪ ورگہ ۽ سماج جي ننڍن ٻارن ۾ اهڙا لوڪ گيت مشهور آهن. نرنڪار ديو سيوڪ انوسار ”شاريرڪ چيشٽائن ڪرڻ جي پرورتي ٻارن ۾ ايتري تيز ۽ سڀاويڪ هوندي آهي جو هوُ ڪڏهن ڪڏهن بي مطلب ئي اُڇلندي-ڪڏندي، گهمندي-جهومندي، هلندي-ڦرندي ٿڪجندا ئي نہ آهن. هنن جي ان پرڪار جي چيشٽائن سان ئي هنن جي گهڙيل اهڙي ٻال گيت جو جنم ٿيندو آهي جو نہ ڪڏهن ڇپجندو آهي، نہ ظاهر ٿيندو آهي پر سدائين ڳائجڻ-دهرائجڻ ڪارڻ اهو ڏيري ڏيري ٻارن جي سماج ۾ ڦهلجندو ويندو آهي ۽ صدين تائين هنن جو منورنجن ڪندو رهندو آهي. ان ساهتيہ کي جيڪڏهن اسين چاهيون تہ ٻارن جي شاريرڪ پورهئي سان خود بخود اُتپن ٿيل ساهتيہ چئي سگهون ٿا.“ [1]

ٻال لوڪ گيت هرڪنهن ٻوليءَ جو ورثو ۽ خزانو ٿيندا آهن. سنسار ۾ جڏهن پڙهڻ لکڻ ۽ ڇپڻ جي ساڌنن جي ڳولها نہ ٿي هئي تڏهن ٻال لوڪ گيت ئي ٻارن جي ساهتيڪ بک کي سنتوش ڏيندا هئا. ٻارن جي نج پنهنجي واتاورڻ، پڪين پسن، گلن ڦلن، رانديڪن، مٽن مائٽن وغيره سان واسطو رکندڙ گيتن جون اهي سٽون اڄ بہ ڳولهڻ سان حاصل ٿي سگهن ٿيون.

ورهاڱي کان پوءِ سڄي ديش ۾ ٽڙيل پکڙيل سنڌي ٻار، سنڌي جاتيءَ جي انهيءَ انمول خزاني کان دور ٿيندا ويا آهن. البت جتي جتي سنڌي جهجهي تعداد ۾ وسيل آهن ۽ جتي سنڌين جون ڪالونيون ۽ نگر آهن اُتي هينئر بہ رات جي وقت سنڌي ٻارن کي اُتساهہ سان ڪيڏندي ڪيڏندي اهي گيت ڳائيندو ٻڌجي ٿو.

---

1. ’ٻال گيت ساهتيہ‘ (هندي) ص. ٣٠

هوندراج بلواڻيءَ اهڙن ٻال لوڪ گيتن کي گڏ ڪري هڪ سنگرهه ڇپايو آهي ’ٻارن جا لوڪ گيت‘ عنوان سان. انهيءَ ۾ ٻارن جي مشهور لوڪ گيتن جهڙوڪ : ٽنبڙي ڙي ٽنبڙي، پئسو لڌم پٽ تان، ايسي ڏي موري ڏي، ڪريلا ڙي ڪريلا، چپ چين چين چين.... ايندي ميندي، سو ڊينبو سو ڊينبو، پيرڙو پنڌڙو، اِرچڪ مرچڪ، چري ڇوڪري چم جي، ڪنگري ڪ لوٽو، ڏوڏو ڏاٽا... وغيره کي گڏ ڪري ڇپايو ويو آهي. گنگارام سمرات انهيءَ مجموعي بابت چيو ٿو، ”ڪيئن به هيءَ هڪ نئين چيز ضرور آهي. ڇو ته گهٽي پاڙي لولي به لوُلي ٿيندي پيئي وڃي. وڏن شهرن ۾ ٻار جمن مريضن جي گهرن (اسپتالن) ۾، نيچن نوڪرن جي رحم تي، پلجن پيا (عيسائي پوپ) جي پولڪيءَ ۾ ته انهن جي مائٽن کي ئي لوڪ گيت ڪونه ايندا يا فئشن ڪري ڳائڻ ۾ لڄ ايندن ته نندا ٻار ڇا ڪندا. ٻارن کي ننڊ ڪرائڻ لاءِ لوليءَ بدران لالي پاپ ڏنو ٿو وڃي ته ٻار پارتي سنسڪرتيءَ کي ڇڏي وديشي بڻجندا پيا وڃن. قومي لولي ڪانه ملي يا وديشي ’لالي پاپ‘ مليو ته ائين ئي ٿيندو نه. شري هوندراج بلواڻيءَ هيءُ سنو سنگرهه ڏنو آهي.“ [1]

## ٻال گيتن جي ٻاشا ۽ شئلي

سنڌيءَ ۾ لکيل ٻال گيتن تي نظرثاني ڪرڻ سان پتو پوي ٿو ته سولي سڌي بيان واريون ڪوتائون گهڻيون لکيون ويون آهن. تنهن هوندي به ڪٿي ڪٿي گفتگو رستي ته ڪٿي ڪٿي اصطلاحن ۽ پهاڪن کي ڪم آڻي، ڪوتائن ۾ نواڻ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي.

ڪيمن موُلاڻيءَ جي ’اُڏر اُڏر ڙي پوپٽڙا‘ ۾ نيٺ سنڌي لفظ جهڙوڪ ميوات، مرون (جانور)، ڀلارو، وسڪارو، سيپڪڙا، جانيئڙا، ڏنگائي، سنجها، وٽڪار ڪم آڻي ٻوليءَ کي موهيندڙ بڻايو ويو آهي. اصطلاح ٻاڙو ٻولڻ، ويچارا ڏيڻ، واٽي وارڻ وغيره ۽ ٻٽن لفظن جي اڪثريت ٻوليءَ کي وزنائتو مائيدار بڻائي ڇڏيو آهي. مثالي لفظ آهن : گيرب-گاءُ، گول-متول، شيل-شڪار، ٿلهو-متارو، چٽ-گل وغيره. ڪٿي ڪٿي پنهنجن لفظن جي گهڙت به ڪئي اٿس، جا ٻوليءَ جي ذخيري ۾ اضافي جو اهڃاڻ آهي، جهڙوڪ گهومو گهرڙا (ٽرين جا ڳاڏا)، واٽئي جي ترڻي (ڪنهن شيءِ کي ترڻ جو طريقو). سرل سپڪ ٻولي ڪهڙي نه دلڪش آهي. مينو مانيٽر، موچارو. سنڌي نالا به وساريا

1. ’ٻارن جا لوڪ گيت‘ ۾ گنگارام سمرات جي پرستاونا

هيٺيون حقيقتون اُڀري بيهن ٿيون :

(۱) ورهاڱي کان پوءِ ڏهاڪو سالن تائين ٻال گيتن جو هڪ به ڪتاب نه ڇپيو. صرف ٻال گيتن جو ئي ڇو، ٻيو به ڪو ڪتاب، انهيءَ عرصي ۾، ايڪڙ ٻيڪڙ مس ڇپيو. انهيءَ جو مکيه ڪارڻ، ديش جو ورهاڱو هو. ڪنهن به اُکڙيل قوم کي نئين زمين تي پنهنجا پير پختا ڪرڻ ۾ سياويڪ طور وقت لڳي ٿو. تنهن ۾ به ساهتيه جو نمبر، ٻين بنيادي ضرورتن کان پوءِ اچي ٿو.

ڪتابن ڇپجڻ جي سال وار رفتار، گهٽي گهٽ رهي. ڏهاڪو سالن تائين ٻال گيتن جو هڪ به ڪتاب نه ڇپجي (۱۹۴۷ کان ۱۹۵۷) ۽ تنهن کان پوءِ به ڇپجڻ شروع ٿئي ته ڇئن ڇئن سالن ۾ (مثال طور ۱۹۵۹ کان ۱۹٦۲ تائين) هڪ به مجموعو نه ڇپجي، سا ڳالهه ٻاهرينءَ طرح نراسائيءَ ڏانهن اِشارو ڪري ٿي پر تنهن هوندي به ڳالهه نراسائيءَ جهڙي ڪانه رهي، ڇاڪاڻ ته ٻارن جي رسالن جهڙوڪ 'وير ٻالڪ'، 'ڦولستان'، 'گلستان'، 'ڦلواڙي' وغيره ۽ ٻين اخبارن ۾ ٻال گيتن کي جڳهه ملندي رهي.

(۲) ورهاڱي کان اڳ ڪوي ڪشنچند بيوس ٻال گيتن جي جيڪا پرمپرا شروع ڪئي هئي سا هت هندستان ۾ به قائم رهي. بيوس، ٻال- گيتن کي نئون موڙ ڏنو ۽ ٻارن جي واتاورڻ سان نهڪندڙ، وڻندڙ ۽ پيارا ٻال گيت لکيا. انهيءَ پرمپرا کي چالو رکندي هندستان ۾ به ڪيترن ڪوين سنا ٻال گيت لکيا.

ائين ته ٻال گيتن جي صنف تعداد ۽ معيار جي خيال کان سنتوش ڪارڪ رهي، تنهن هوندي به -

- هيلتائين لکيل ٻال گيتن ۾ ڇٽي گوناگونيت هوندي به نون ۽ هاڻوڪي يڳ جي وشين تي تمام گهٽ ٻال گيت ملن ٿا. جهجهي انداز ۾ ٻال گيت اهڙا آهن جيڪي گهٽوتٽو سڌي يا اڻسڌي سکيا ڏين ٿا. ڪي قومي ڀاونا سان ڀريل آهن ته ڪي نيتائن وغيره تي آهن. پرارٿنائن ۽ ڏڻن وارن تي لکيل گيتن جو انداز به وڌيڪ آهي. اهڙا گيت ٻارن جي لاءِ موزون هوندي به درسي ڪتابن لاءِ وڌيڪ ڪارگر رهيا آهن پر ٻارن جي دلين کي جيتي نه سگهيا آهن. ٻال جيون سان واسطو رکندڙ، نواڻ وارا ۽ سائنس جي وشين تي لکيل گيت گهٽ آهن. ٻارن کي بنا ڪنهن بار ۽ بوج جي فقط 'آنند' ڏيئي سگهن، اهڙا گيت وڌيڪ لکبا ته اهي صحيح معنيٰ ۾ ٻال گيت چئي سگهبا.

- وڏن ٻارن جي ڀيٽ ۾ تمام ننڍڙي عمر وارن ٻارن لاءِ ’ششو گيت‘ نہ جيتري انداز ۾ ملن ٿا. انهيءَ ڏس ۾ ڪوششون گهٽ ٿيون آهن.
- ٻارن جي لاءِ وڏا ۽ ڀڪا ڪتاڪاويہ لکڻ جي ڏس ۾ بہ ڪا چڱي پاڻي ڪوشش ٿيل ملي ٿي. هن ڏس ۾ نيوندرام روچاڻي ’ائپٽي‘ جو ’ڪالوُ ٻالوُ‘ واحد ڪتاب آهي.
- ٻارن جي سمجهہ شڪتي ۽ گيان جي دائري کي ڌيان ۾ رکڻ بنا ڪن ڪوين پنهنجين رچنائن ۾ ڏکين لفظن جو گهڻو استعمال ڪيو آهي. ٻال گيتن ۾ آيل ڏکيا لفظ جهڙوڪ رهنما، ڪدورت، حب الوطني، قواعد، عاليجناب، ڏوجهرو، سوال وغيره ڪٽڪن ٿا.
- ٻال گيتن ۾ گهڻو ڪري سنگيتمتا جهڙي وستو عدم موجود رهي آهي. ٻار سولائيءَ سان چپن تي آڻي سگهن، گنگنائي سگهن، ياد ڪري سگهن، سازن سان تال ملائي ڳائي سگهن- اهڙا ٻال گيت ٿورڙن ڪوين لکيا آهن. گووردن ڀارتيءَ ۽ ڀولڻ راهيءَ جا گيت اهڙن گيتن ۾ شماري سگهجن ٿا.
- گهڻن وشين کي بار بار دهرايو ويو آهي. ڪن ڪوين تہ ڪن وشين تي پاڻ کي ئي پئي دهرايو آهي. هڪ مجموعي ۾ هڪ وشيہ تي ڪوتا اچي وڃڻ کان پوءِ، ساڳئي ئي وشيہ تي ٻي ڪوتا سندس ٻئي مجموعي ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ڪي اهڙا بہ مثال آهن جن ۾ ڪنهن ڪويءَ پنهنجي هڪ ئي سنگرهہ ۾ ساڳئي وشيہ تي هڪ کان وڌيڪ ڪوتائون ڏنيون آهن. مثال طور سترامداس سائل جي ’ٻاراڻا گيت‘ ۾ طوطي جي وشيہ تي ’منهنجو طوطو‘، ’منهنجا ساوا طوطا‘، ’چتونءَ جي آڪاڻي‘، ’سبز طوطو‘، ’پساري ۽ طوطو‘ وغيره ڪوتائون ملن ٿيون. انهيءَ ئي مجموعي ۾ ٽي پرارٿنائون آهن تہ سج تي ٻہ ڪوتائون آهن، چنڊ تي ٻہ ٻہ ڪوتائون آهن.
- جيڪي ٻال گيت لکي ويا آهن تن ۾ عمر گروپ جو ذڪر خير ڪو هوندو آهي جنهن ڪري اهي ڪهڙي عمر گروپ جي ٻارن لاءِ آهن، تنهن جو پتو نہ پئجي سگهندو آهي. تنهن کان سواءِ هڪ ئي سنگرهہ ۾ تمام ننڍي عمر جي ٻارن لاءِ بہ گيت هوندا آهن تہ وڏي عمر جي ٻارن لاءِ بہ.

(٣) ٻين ٻولين ۾ جئن الڳ الڳ ڪوين جي رچنائن ڪي ڪٺي وڏا سنگرهه (Anthology) ڇپجندا آهن، اهڙا سنڌيءَ ۾ موجود ڪونهن. الڳ الڳ ڪوين جي چونڊ ڪوتائن جو فقط هڪ ئي سنگرهه سنڌيءَ ۾ موجود آهي- 'هندي ۾ سنڌي ڪي ٻال گيت'. ڪتاب هندي ۽ سنڌي ٻنهي ٻولين ۾ آهي. هرهڪ ڪويءَ جو هڪ ٻال گيت، سنڌس واقفيت سميت، سنڌي (ديوناگري) ۾ ڏنو ويو آهي، بعد ۾ انهيءَ ئي ٻال گيت جو هندي ترجمو آهي. هوندراج بلواڻيءَ طرفان تيار ڪيل انهيءَ گلدستي ۾ هند ۽ سنڌ جي پورن ٢٨ ڪوين جا ٻال گيت ڏنل آهن. ٻال گيتن جا سرا ۽ انهن جا ڪوي هن ريت آهن :

ديش اسان جو هندستان (موتي پرڪاش)، ڪاغذ جي ٻيڙي (ڪشنچند بيوس)، منهنجو پيٽ (گووردن ڀارتي)، راڻه پريءَ جو (نارائڻ شيام)، رسٽا پٽ (پرسرام ضيا)، تنهنجو ڪابوليءَ وارو (ڪلا پرڪاش)، ڪوٽومل جي چٽي پراڻي (واسديو نرمل)، سيري جو سڏ (ليکراج هنس)، ٻال هٽ (ڏولڻ راهي)، باندر آيو (هوندراج بلواڻي)، ريڊيو (روچو خوابي)، بارش جا موتي (رام ڀاڱ ڇنداڻي 'گيان')، قدم وڌائي اڳتي هل (امداد حسيني)، او ننڍڙا ٻاءُ (هاسارام پيئا)، چندا ماما (لکميچند پريم)، پينگهه (ارجن حاسد)، منهنجا گيت (ادل سومرو)، 'چڙيا گهر جو سير' (اياز گل)، اما-بابا، رسڻ-پرچڻ (سوسن مرزا)، رڪڙي (گووردن شرما 'گهايل')، ميلو (اُستاد بخاري)، نڪار نينگر (ليکراج عزيز)، ڪير؟ (ديپچندر ٻيلاڻي)، ڪلفيءَ وارو (ديال آشا)، نه نه نه نه (مختيار ملڪ)، صبح جو سير (نصير مرزا)، لڪ چپ راند (هري دلگير) ۽ رام جي واپسي (هوندراج دکايل).

ٻئي هڪ مجموعي 'مامي جون مڇون' ۾ به الڳ الڳ ڪوين جون ڪوتائون آهن.

(٤) مجموعن ۾ شامل ٿيل ٻال گيتن کان سواءِ هڪ وڏو انداز اهڙن ٻال گيتن جو به آهي جيڪي ڪيترين ئي مخزنن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيل آهن. مثال طور :

- نارائڻ شيام جو 'راڻه پريءَ جو' ۽ ٻيا ٻال گيت 'ڪونج' طرفان شايع ٿيل سنڌس شخصيت واري پرچي ۾ ۽ ٻين رسالن ۾ ڇپيل آهن. ڪيترا ئي اڻڇپيل به آهن.
- ٻال ڪهاڻي وياڳه ۾ (ڪاڪو-٤، صفحو ١٠٦ تي) ڏنل گڏيل مسيل

رچنائن جي مجموعن ۾ آکاڻين سان گڏ جدا جداڪوين جا لکيل ٻال گيت بہ ملن ٿا.

- گجرات، مهاراشترا، راجستان ۽ مڌيہ پرديش جي سنڌي درسي ڪتابن ۾ بہ ٻارن جي لاءِ لکيل بيت ۽ ڪوتائون ٺڙيل پکڙيل ملن ٿيون.

(الف) مهاراشٽر ۾ ديال آشا، گووردن شرما 'گهايل'، هوندراج 'دکايل'، پرسرام ضيا، ڪيئلداس فاني، ارجن حاسد، نارايڻ شيام، گووردن ڀارتي، هاسارام پيئا، ڪشنچند بيوس، ليکراج عزيز، ڪمل پياسي، ارجن شاد، پريو وفا، ڪرشن راهي، ارجن سڪايل، واسديو نرمل، ٽيڪچند مست، تلسيداس تلريجا، آشا درگاپوري، موتي پرڪاش، هري دلگير، هرومل سدارنگاڻي، روچو خوابي، لکميچند پريم، اِندر پوچواڻي، ايم. ڪمل، هوندراج بلواڻي وغيره جون ڪوتائون.

(ب) گجرات ۾ ڪشنچند بيوس، هوندراج دکايل، هري دلگير، لکميچند پريم، ارجن حاسد، گووردن ڀارتي، هاسارام پيئا، واسديو نرمل، ڪمل پياسي، ڀڳوان نردوش، ديال آشا، جيوت ترنگ ۽ ٻين ڪوين جون ڪوتائون.

(ث) مڌيہ پرديش ۾ ڪشنچند بيوس، گووردن ڀارتي، هري دلگير، هوندراج دکايل، لکميچند پريم، پرسرام روهڙا 'نماڻو'، خوبچند پريمي، روپ ڪمار گهايل، ٽيڪمداس آفتاب، ڪيئلداس فاني، جهامنداس مسافر، صوبو رامچنداڻي 'عيش' وغيره جون ڪوتائون.

- گجرات سنڌي اڪادميءَ طرفان، جيوت گوگيا 'جوت' جي سمپادن ۾ تيار ٿيل 'رنگبرنگي گيت ۽ ڪهاڻيون' ۾ بہ ٻارن جا چڱا گيت پسند ڪري ڏنا ويا آهن.

(۵) ٻارن جي گيتن کي پنهنجو پيارو، موهيندڙ ۽ منڙو آواز ڏيئي ڪوشي لالواڻيءَ 'گلڙن جا گيت' نالي هڪ سهڻي، ڪارائتي ۽ ملهائتي آڊيو ڪئسيٽ تيار ڪئي آهي، جيڪا ٻارن کي بيحد پسند پيئي آهي. انهيءَ ڪئسيٽ دواران ڪوشي لالواڻي واقعي ئي ٻارن جي پياري گايڪا ثابت ٿي آهي. ڪئسيٽ ۾ ڪل ۱۹ ٻال گيت آهن جن مان 'مونکي ڪنهن تي کير پيئاريو'،

’جو ڪير پيئي سو وير ٿئي‘، ’سويل سمهجي، سويل اُٿجي‘، ’واهه ڙي تارا ڳول تارا‘، ’سو ڊيمبو سو ڊيمبو‘ جهڙا گيت جهونن درسي ڪتابن مان پسند ڪيا ويا آهن. ڪي گيت گوورڌن ڀارتيءَ جا آهن. ڪوشي لالواڻيءَ ڪي سترام روهڙا ۽ ٻين به سات ڏنو آهي. سڀ ڪان وڏي ڳالهه ته سيني گيتن ڪي سي. ارجن جهڙي لائق سنگيتڪار، خاص چاهه وٺي پياريون پياريون ڌنون ڏنيون آهن. جنهن ڪري سڀ گيت ٻارن ڪي پاڻ ڏانهن ڇڪي سگهيا آهن.

اجوڪي يگه ۾ ٻال گيتن کي ٻارن تائين پهچائڻ لاءِ اهڙيون ڪوششون ٻيون به ٿيڻ گهرجن.

□□

باب چوٿون

# ٻـــال ڪهاڻـــي

## ٻار ۽ آکاڻي

تمام پراچين وقت کان ئي زباني روپ ۾ آکاڻي ٻڌائڻ جي روايت هلندي پيئي اچي. جهوني زماني ۾ ماڻهو جيون ۾ گهٽجندڙ روچڪ يا دلچسپ گهٽنائون يا انيوَ، هڪ ٻئي کي ٻڌائيندا هئا. ڪيترن ۾ ڪم ڪندي يا ٿڌ جي راتين ۾ باهہ جي اڳيان ويهي ماڻهو هڪ ٻئي کي اهڙيون تہ دلچسپ ڪهاڻيون ٻڌائيندا هئا جو ڪنهن کي بہ اُٿڻ جي جريت نہ ٿيندي هئي. اهي ڪهاڻيون پيڙهي در پيڙهي قائم رهنديون هيون. وقت ۽ ماحول انوسار انهن ۾ ڪي ڦيرڦارون ٿينديون رهنديون هيون.

ٻار بہ اهڙين آکاڻين کان متاثر ٿئي ٿو. هوُ آکاڻي ٻڌڻ لاءِ ضد ڪندو آهي. آکاڻي ٻڌڻ لاءِ هن جو ويجهي ۾ ويجهو ذريعو سندس ڏاڏي آهي. آکاڻيءَ جي حوالي ۾ ٻار ۽ ڏاڏيءَ جي نزديڪيءَ جو ڪارڻ ٻڌائيندي شري سمپي لنگٽا چيو آهي :

”ڏاڏيءَ جي لاءِ ٻار ويجهو آهي يا ٻار جي لاءِ ڏاڏي ويجهي آهي، سو چوڻ ڏکيو آهي. اهي هڪ جيڏا نہ آهن تہ ساٿي بہ نہ آهن پر سورهن آنا هڪ ٻئي جي ويجهو آهن. ڏاڏي جُهڪي ڪري هلي ٿي؛ ٻار اَڃا بيهي بہ نٿو سگهي. ڏاڏيءَ جي وات جا ڏند ڪري پيا آهن؛ ٻار جي وات ۾ اَڃا ڏند آيا ئي ڪونهن. ڏاڏيءَ جو ڪنڌ ڏڏڻ لڳو آهي؛ ٻار جو اَڃا ٽڪيو ڪونهي. ڏاڏيءَ کي اکين سان برابر ڏسڻ ۾ نٿو اچي، ٻار جي نظر اَڃا مضبوط ٿي ڪانهي. ڏاڏي ٻن پيرن تي هلڻ وارو وچتر پراڻي آهي؛ ٻار چئن پيرن تي هلي ٿو. ان ڪري اهو وڏيڪ ڪشش ڪندڙ آهي. ڏاڏيءَ کي چڏي ويل ڏاڏي جو نالو ئي ٻار کي ڏنو ويو آهي. جنهن هٿ پڪڙيو سو ئي هٿ ڇڏائي هليو ويو. پر اُتي ننهن جي پيٽ مان پوٽو ٻڻجي پيدا ٿيو آهي. هوُ بنا ڏندن جي جڏهن کلندو آهي تڏهن ڏاڏي سمجهندي آهي تہ هوُ ئي وري پيدا ٿيو آهي. اَڻچاڻائيءَ ۾ آنند جا آنسو چلڪڻ لڳندا آهن. گهٽن ڏينهن کان پوءِ ملن جي ان نتيجي طور، گڏ رهڻ ۽ ساٿ پائڻ جي نتيجي طور، اهو ڪتن ئي

ڪهاڻي ٻڌجي ويندو آهي. ڪهاڻي تنتر جو وڪاس اُتان ڪان ئي ٿيندو آهي. ڏاڏي گهر ۾ وان پرست آشرم جي استاپنا ڪري رهڻ لڳندي آهي. گرهستيءَ سان سنبنڌ هوندي بہ ان کي ڍلو ڪري رکندي آهي. ٻار سان گڏ ٻار ٻڌجي پنهنجي جيون جي سمورن آزمودن کي ڪهاڻي ٻڌائي ٻار جي ڪنن ۾ امرت وانگر پهچائيندي آهي. ماءُ وٽ ٻار پلي ڪير لاءِ روئي ۽ رانديڪي لاءِ ضد ڪري پر نانيءَ-ڏاڏيءَ جي سامهون ٻڳوان وانگر ويهي ڪهاڻي ٻڌڻ جو آنند وٺڻ چاهيندو آهي.'' [1]

ٻار جڏهن روئندو آهي تہ کيس پرچائڻ لاءِ ڏاڏي آکاڻي ٻڌائيندي آهي. ٻار جڏهن آکاڻي ٻڌڻ لاءِ ضد ڪندو آهي، تڏهن تہ ڏاڏي، هن جي اڳيان ٻيوس ٻڌجي ويندي آهي. جئن رانديڪا ٻارن کي پيارا لڳندا آهن تئن آکاڻيون بہ هنن کي پياريون لڳنديون آهن. آکاڻيون ٻڌي ٻار ڪجهہ سکندا آهن. هنن کي انهن مان نہ صرف آنند ملندو آهي بلڪ هوُ پنهنجين انيوتين جو اظهار بہ پائيندا آهن. هو انهن کي بار بار ٻڌڻ ۽ پڙهڻ ڪان سواءِ نہ رهي سگهندا آهن.

## ٻال ڪهاڻيءَ جا عناصر :

وڏن جي ڪهاڻيءَ جا عناصر ٻال-ڪهاڻيءَ سان بہ لاڳو ڪري سگهجن ٿا. ڪهڙي بہ ورگہ يا عمر گروپ لاءِ لکيل ٻال ڪهاڻيءَ ۾ اهي عناصر هئڻ ضروري آهن.

ٻال ڪهاڻيءَ جا عناصر هن ريت آهن :

(۱) موضوع يا وشيہ وستو (۲) گفتگو (۳) پاتر سرشتي (۴) ماحول

(۵) شئلي (٦) ڀاشا

## (۱) موضوع يا وشيہ وستو

ٻال ڪهاڻيءَ لاءِ موضوع پسند ڪرڻ وقت ٻارن جي سمجهہ شڪتي، پسندگي ۽ ڀاوناٿن کي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي. جيڪي وشيہ پسند ڪيا وڃن سي ٻارن جي ماحول جي عڪاسي ڪندڙ هئڻ گهرجن. ڪهڙي عمر جي ٻار کي ڪهڙيون آکاڻيون ڏيڻ نيڪ ٿينديون ان جو اڀياس ڪرڻ گهرجي. عام طرح ننڍي عمر وارن ٻارن کي ڪتنب ۽ پسن پکين سان واسطو رکندڙ سولي موضوع واريون آکاڻيون پسند هونديون آهن. وڏي عمر وارن ٻارن کي ساهس

1. 'ڪنڙ لوڪ ڪٿائين' (هندي-۱۹۸۸) جي ڀوُمڪا ص. viii

۽ ويرتا جون آکاڻيون، ناممکن کي ممکن بڻائڻ واري موضوع جون آکاڻيون پسند هونديون آهن. گهٽنائن ۽ اسٽيٽين جو بيان وٽندڙ نموني ۽ سلسليوار هئڻ گهرجي. جيڪڏهن ٻار آکاڻيءَ جي گهٽنائن طرف انتظاري ۽ اُتسڪتا نہ ڏيکاري تہ اُها اکاڻي خاص اثر نہ ڇڏيندي. ان ڪري گهٽنائن جي ادائگي رٿا سان ٿيڻ گهرجي. آکاڻيءَ ۾ هڪ وار ٻار کي اُتسڪتا ڏسڻ ۾ آئي تہ اها آخر تائين قائم رهڻ گهرجي. آکاڻيءَ ۾ غيرضروري ٻيگهہ نہ هجي. غيرضروري ٻيگهہ آکاڻيءَ مان انتظاري ختم ڪيو ڇڏي.

## (٢) گفتگو

ٻارن لاءِ آکاڻي لکڻ وقت ليکڪ بيان ۽ گفتگو ذريعي آکاڻيءَ کي اڳتي وڌائيندو آهي. ليکڪ پنهنجي طرفان جيڪي ڪجهہ چوڻ چاهيندو آهي سو سڌو سنواڻو بيان ڪندي ڇٽي ڏيندو آهي تنهن ڪري اهو ايترو اثر نہ ڇڏيندو آهي. ان لاءِ هن کي گفتگو جو سهارو وٺڻو پوندو آهي ۽ ڪٿي ڪٿي هوُ آکاڻيءَ جي ڪردارن کان گفتگو ڪرائيندو آهي. گهٽنائن ۽ واتاورڻ کي جيڪڏهن فقط بياني صورت ۾ پيش ڪبو تہ آکاڻي ڪامياب نہ وڃي سگهندي. ان جو مطلب اهو هرگز ڪونهي تہ آکاڻيءَ ۾ ورنن بلڪل نہ هئڻ گهرجي. سٺل ٻال ڪهاڻيڪار ڪٿي ڪٿي پاڻ هٽي ڪري پاترن ذريعي آکاڻيءَ ۾ دلچسپي پيدا ڪندو آهي. پاتر جيڪڏهن سياويڪ ۽ ٻارن جي من کي ڇهندڙ ٻوليءَ ۾ پاڻ ۾ گفتگو ڪندا آهن تہ ٻار کي اها وٽندي آهي. گفتگو ۾ پيش ڪيل جملا وٽندڙ، وقت ۽ موقعي سان ٺهڪندڙ، سياويڪ ۽ ننڍا هوندا تہ اهي آکاڻيءَ کي وڌيڪ پُراثر بڻائيندا.

## (٣) پاتر سرشٽي

هرهڪ آکاڻيءَ ۾ ڪي نہ ڪي پاتر ضرور ٿين ٿا. آکاڻيءَ ۾ ڪهڙي پاتر کي ڇا ڪرڻو آهي، ڪيڏي مهل ڪرڻو آهي، ڇا چوڻو آهي، ڪهڙي ڍنگ سان چوڻو آهي انهن سيني ڳالهين بابت ليکڪ کي اڳواٽ ئي سوچڻو پوندو آهي.نہ صرف ايترو پر هر پاتر کي ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪرڻ وقت ان جي عمر، شڪتي، لياقت، سڀاءُ وغيره ڪهڙو هوندو ان باري ۾ بہ ليکڪ کي اڳواٽ ئي سڀ طئہ ڪرڻو پوندو آهي. ان جي آڌار تي ئي هوُ بعد ۾ آکاڻي لکڻ وقت انهن کي صحيح ڍنگ سان پيش ڪندو ويندو آهي. صحيح ۽ سياويڪ لڳندڙ پاترن ذريعي لکيل آکاڻي ٻارن تي اثر ڇڏي

ٿي. ٻارن جي آکاڻيءَ ۾ پاتر جيترا گهٽ هجن، اوترو وڌيڪ سٺو. وڌيڪ پاترن ڪارڻ هرهڪ پاتر جي باري ۾ ياد رکڻ ۽ ٻين پاترن سان ان پاتر جو لاڳاپو کڙو آهي، سو ياد رکڻ ٻارن کي ڏکيو لڳندو آهي. ٿورن پاترن کي هو جلدي ياد ڪري سگهندا آهن، سڃاڻي سگهندا آهن ۽ سمجهي سگهندا آهن.

## (۴) ماحول

ٻارن جي سڃاتل دنيا، وڏن جي دنيا جي ڀيٽ ۾ تمام ننڍي هوندي آهي. هو پنهنجي ڪتنب جي ڀاتين، گهروءَ پالتو جانورن ۽ پکين، اسڪول ۽ هم ڪلاسين، اسڪولي ڪتابن ۾ پڙهيل ڳالهين ۽ ٽي. وي. ۽ فلمن وغيره ۾ ڏٺل دنيا کان وڌيڪ ڪجهه نه ڄاڻندا آهن. ڪن پاترن ۾ گهٽتائن جي هو ڪلپنا به ڪري سگهندا آهن. ٻارن جي لاءِ آکاڻي لکڻ وقت انهن مريادائن جو ڌيان رکڻ ضروري آهي. ٻارن جي دائري کان ٻاهر جي ماحول واري آکاڻي هنن لاءِ ايتري ڪارگر نٿي ٿئي جيتري هنن جي آسپاس جي ماحول واري. ٻارن جي ڄاتل سڃاتل جڳهه سان ئي ٻال ڪهاڻيءَ کي شروع ڪرڻ تمام ضروري آهي. اڳتي هلي ڪابه نئين ڳالهه ان ۾ سمائڻي هجي ته اها به ٻارن جي ڏٺل دنيا مان ئي ڪڍڻ گهرجي.

## (۵) شئلي

ڪنهن به آکاڻيءَ جي سڦلتا جو مدار اِن ڳالهه تي به آهي ته اها ڪهڙي نموني پيش ڪئي ويئي آهي. عام طرح آکاڻين کي جدا جدا شئليءَ رستي پيش ڪرڻ جا تجربا ٿيندا رهيا آهن جن ۾ مکيه آهن : گفتگو، آتم ڪٿا، سوال جواب، ڊائري وغيره. ڪهڙي آکاڻيءَ لاءِ ڪهڙي قسم جي شئلي ٺيڪ رهندي ان بابت ليکڪ کي ڄاڻ هئڻ گهرجي. وڏن لاءِ لکڻ وقت شئلي جيتري اهميت رکي ٿي، ان کان به وڌيڪ اهميت اها ٻارن لاءِ لکڻ وقت رکي ٿي. ٻار جو من ڪلپناشيل هوندو آهي. هن جي ڪلپنائن جي دنيا وچتر هوندي آهي. هن جي انهن ڪلپنائن کي ساڪار ڪري سگهي، اهڙي شئلي هن کي خاص پسند آهي. شئلي هڪ اهڙي خصوصيت آهي جيڪا هڪ ليکڪ کي ٻئي ليکڪ کان جدا ڪري ٿي. ننڍن ٻارن کي تُڪبندي ۽ ليه سان پڙهيل آکاڻي وڌيڪ وڻي ٿي. وڏن ٻارن لاءِ اُن ۾ اَڃا به نوان تجربا ڪري سگهجن ٿا. جدا جدا ٻولين ۾ اهڙا تجربا ٿي چڪا

آهن. عام رواجي شئلين کان سواءِ پرتيڪ شئلي، محاورا شئلي، ڪهاڻيءَ ۾ ڪهاڻي شئلي وغيره ذريعي آکاڻيون لکيون ويون آهن. شئلي ڪهڙي به هجي، سڄل ليکڪ اهو آهي جيکو پنهنجي ڳالهه ٻارن جي دل کي ڇهندڙ شئليءَ ۾ چئي سگهي. شئلي ڪنهن به آکاڻيءَ کي نه صرف سندرتا بخشي ٿي پر ان ۾ جان پڻ ڦوڪي ٿي.

## (٦) ڀاشا

ٻال ڪهاڻيءَ جي ڀاشا تمام سولي ۽ ٻارن جي سمجهه شڪتيءَ جي دائري اندر هئڻ گهرجي. ڀاشا کي اصطلاحي به بڻائي سگهجي ٿو. جملا تمام ننڍڙا هئڻ گهرجن. وڏن وڏن جملن کان ڪنارو ڪرڻ گهرجي. ساهتيڪ ۽ ڳوڙهي ڀاشا کان به ڪنارو ڪرڻ گهرجي. آکاڻيءَ ۾ اهڙو ڪوبه لفظ نه اچڻ گهرجي جنهن جي معنيٰ سمجهڻ لاءِ ٻار کي مٿو کنهڻو پوي.

## ٻيون اهم ڳالهيون :

ٻال ڪهاڻي لکڻ لاءِ ٻين به ڪن اهم ڳالهين ڏانهن ڌيان گهربل آهي. انهن ڳالهين کي ڏسون :

## (الف) ٻال ڪهاڻيءَ ۾ فئنٽسي

’فئنٽسي‘ هڪ گريڪ لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ’ڪابه شيءِ جيڪا ڏسڻ ۾ نٿي اچي تنهن کي ظاهر سمجهڻ.‘ هيءَ ڪلپنا جو هڪ روپ آهي. ڪنهن به اَ-مورت شيءِ کي روپ ڏيئي ان کي هلندو-چلندو، ڳالهيون ڪندو ۽ ڪريا ڪندو ڏيکارڻ يا بي‌جان شيءِ کي جان بخشي پاتر بڻائڻ، فئنٽسي آهي. اڄ جي يگه ۾ ٻال ساهتيه ۾ فئنٽسيءَ جي گهٽي اهميت آهي. فئنٽسيءَ جي ڀيٽ ٻج سان ڪئي ويئي آهي. جيئن ٻج وجهڻ کان پوءِ اُهو جيستائين وڏي وڻ ٿئي تيستائين ان جي سار سنڀال ڪبي آهي تيئن فئنٽسي پڻ وڏيڪ ٻج سمان آهي جيڪا ٻار جي وڻ روپي ڪلپنا شڪتيءَ جي وڪاس لاءِ ضروري سمجهي وڃي ٿي. فئنٽسي لکڻ گهڻو ڏکيو ڪم آهي. فئنٽسي لکڻ سيني جي وس جي ڳالهه نه آهي. سرل ۽ سڀاويڪ ڍنگ سان پيش ڪيل فئنٽسي ٻارن تي گهرو اثر ڪندي آهي ۽ هوُ ڪلپنا لوڪ ۾ اُڏڻ شروع ڪندا آهن. هنن جي فئنٽسيءَ ۾ پريون ڪين پري لوڪ جو سير ڪرائيندڙيون آهن ۽ پري لوڪ جون خوبصورت ۽ عجيب وَ غريب شيون ڏيکاريندڙيون آهن. پسون پکي

ماڻهن وانگر ڳالهائيندا آهن. چنڊ مامو ٻڌڻ جي ٻارن جي من جي ڳالهه کي سمجهندو آهي. گڏا گڏيون هنن جا ساٿي ٻڌڻ کين وندرائيندا آهن.

## (ب) ٻال ڪهاڻيءَ ۾ جملن جو ورجاءُ

ٻال ڪهاڻيءَ ۾ ساڳيا ساڳيا جملا وري ايندا آهن. مثال طور هڪڙو جهرڪ، جهرڪيءَ کي ڳولهڻ نڪري ٿو. هو هڪ ڪنير کان جهرڪيءَ جو پتو پڇي ٿو ۽ چوي ٿو، ”ادا، ڪنير ري ڪنير، منهنجي جهرڪي سياڻي، منهنجي جهرڪي پياري، هئي جڳه ڪان نياري، تنهن جو ڏس ڪو ڏينم.“

اهڙيءَ طرح هوُ ٻين سان به ملي ٿو جنهن سان ملي ٿو تنهن کان اها ئي ڳالهه وري وري دهرائي پڇي ٿو.

جملن جو اهو دهراءُ ٻارن جي ياد شڪتيءَ کي اُجاگر ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو. ساڻ ساڻ ٻارن کي آنند به ڏئي ٿو.

آکاڻي صرف پڙهڻ جي چيز نه هوندي آهي. اها ٻڌائي به سگهجي ۽ ٻڌي به سگهجي، اهڙي مزيدار نموني لکيل هئڻ گهرجي. ان ڪري آکاڻيءَ ۾ ايندڙ گهٽنائون جيڪڏهن اهڙي قسم جي دهراءَ ۽ ليه وارن جملن ذريعي پيش ڪيون وڃن ته اهي ٻارن کي وڌيڪ وڻنديون. اهو دهراءُ تمام ضروري آهي. ان جي تمام گهڻي اهميت آهي. مٿي ذڪر ڪيل جملي واري آکاڻي ٻارن کي ٻڌائڻ وقت جيڪڏهن ٻڌائڻ واري جي من ۾ اها ڳالهه اچي ته جهرڪ جو هرهڪ پاتر کي اهي ساڳيون ئي سٽون وري وري چوي ٿو ان جي بدران ائين ئي چئي ڇڏيان ته پوءِ اهو جهرڪ هڪ مائيءَ وٽ ويو، پوءِ راجا وٽ ويو ۽ انهن کي اهي ساڳيون ئي سٽون چيائين. ائين ڪرڻ سان آکاڻيءَ جو سڄو مزو ئي نڪري ويندو ۽ آکاڻي ڪوبه اثر نه ڇڏي سگهندي. اسان جون لوڪ ڪهاڻيون جو ايترو ڪامياب ويون تنهن جو هڪ ڪارڻ اهو به آهي جو انهن ۾ اهڙي قسم جي جملن جو دهراءُ ٿيندو رهي ٿو. ان ڪري اهڙا دهراءَ وارا جملا آکاڻي لکڻ وقت پاڻ شامل ڪجن ته وڌيڪ سنو. آکاڻي ٻڌائڻ وقت به اهي ڪڏهن نه ڇڏجن پر جڻ جو تڻ پيش ڪجن. هن ڪلا جو وڌيڪ وڪاس ٿيڻ گهرجي.

## (پ) ٻال ڪهاڻيءَ جو سرو

ٻال ڪهاڻيءَ ۾ سرو تمام گهڻي اهميت رکي ٿو. ڪنهن به ٻال ڪهاڻيءَ

جو سرو وڻندڙ، اثردار ۽ ڪشش ڪندڙ هئڻ گهرجي. ساڳئي وقت اهو نهڪندڙ به هئڻ گهرجي. سرو نهڪندڙ هوندو ته ان مان ڪهاڻي ڇا جي باري ۾ آهي يا ڇا چوڻ چاهي ٿي، ان جي ٿوري ڄاڻ پئجي سگهندي پر ان لاءِ اهو ڌيان رکڻ به ضروري آهي ته ان مان سموري ڪهاڻيءَ جو راز نه کلڻ گهرجي. ڪي ليکڪ ڪهاڻيءَ جي مکيه پاتر کي ڪهاڻيءَ جو سرو بڻائيندا آهن ته ڪي 'محنت جو ڦل'، 'لالچ جو ڦل' وغيره جهڙا سڌا سادا سرا ڏيئي ڪم ٽپائي ونندا آهن. پر آزمودي ڏيکاريو آهي ته اهڙا سرا ٻار کي خير ڪيو پاڻ ڏانهن ڇڪين ٿا. ان جي بدران ٻال ڪهاڻيءَ جو سرو وڻندڙ ۽ نواڻ ڀريل هوندو ته اها ٻال ڪهاڻي پڙهڻ تي ٻارن جي دل ٿيندي.

## سنڌي ٻال ڪهاڻي

ٻال ڪهاڻيءَ لاءِ گهربل انهن مکيه عناصرن ۽ ڳالهين کي ڌيان ۾ رکي گهٽيون ڪهاڻيون لکيون ويون آهن. موضوعن ۾ وقت ۽ ماحول انوسار نواڻ ايندي رهي آهي. ٻارن جي روزمره جي دنيا ۽ ٻارن جي پسندگيءَ جي وشين تي چٽيون ٻال ڪهاڻيون لکيون ويون آهن. شئليءَ جي خيال کان ڪي نوان تجربا ڀلي نه ڪيا ويا آهن پوءِ به جهجهيون ڪهاڻيون ڀاشا ۽ شئليءَ جي خيال کان ڌيان ڇڪائين ٿيون. ان خيال کان ڏسبو ته ورهاڱي کان پوءِ ڀارت ۾ اصلوڪي ٻال ڪهاڻيءَ گهٽي حد تائين پنهنجا پير پختا ڪيا آهن.

ورهاڱي کان ترت پوءِ وارن سالن ۾ ٻال ڪهاڻيءَ طرف خاص ڪو ڌيان نه ڏنو ويو. شروعات ۾ اجمير مان ديپچندر تلوڪچند بيلاڻي ۽ پريداس برهمچاريءَ ڪيتريون ڪهاڻيون ديوناگري لپيءَ ۾ ڇپايون جيڪي گهڻو ڪري لوڪ ڪهاڻيون ۽ اتهاسڪ ڪهاڻيون هيون. ١٩٦١ع کان ١٩٧٠ع جي ڏهاڪي ۾ اصلوڪيون ٻال ڪهاڻيون لکڻ جون سنيون ڪوششون ٿيون. تعداد جي خيال کان گهٽ پر معيار جي خيال کان اهي اهميت رکندڙ آهن. ١٩٧١ع کان ١٩٩٠ع جي ڏهاڪي ۾ به ٻال ڪهاڻي نه صرف پنهنجي رنگ ڍنگ سان لکجڻ قائم رهي پر تعداد جي خيال کان ان ۾ واڌارو ٿيو. ١٩٨١ع کان ١٩٩٠ع جي ڏهاڪي ۾ سنڌي ٻال ڪهاڻي اَڃا به اڳتي وڌي آئي آهي.

## خاڪو ٢ اصلوڪين ٻال ڪهاڻين جا مجموعا : هڪ ئي ليکڪ

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ | ڇپائيندڙ | سال | مجموعي جون ڪهاڻيون |
|---|---|---|---|---|---|
| ١ | ڏاڏيءَ جون آڪاڻيون | جيوت گوگيا 'جوت' | گڏوگڏي پبلشنگ هائوس، اُلهاسنگر | ١٩٦١ | موتو منگهڻ، عقل، ڪشميري صوف، سونو نانگ، بخمل جو ڪپڙو، باندر جو ڪروڌ، لولو، ڪير جو چشڪو، خوُخوُ، هاٿيءَ جي سونڊ، ڀوت، چين چين چون چون، ڏاڏيءَ جي آڪاڻي. |
| ٢ | نئين بستي | گووردن محبوباڻي 'ڀارتي' | سندر ساهتيہ، اجمير | ١٩٦٣ | نئين بستي، ٽنگر لوٽو، ميوا بہ ٿا ناڪ ڏسن، بجرنگ بلي، ڪرامتيمنڊي، سينگاپور جو سير. |
| ٣ | اخلاقي سبق (د) | ميلارام واسواڻي | لوڪ سيوا منڊل، بمبئي | ١٩٦٣ | سچائيءَ جو انعام، موتين جي ٻني، ڪوڙ جي منهن ۾ ڌوڙ، وويڪ جي طاقت وغيره (جملي ٻاويهہ ڪهاڻيون) |
| ٤ | سائي جهنڊي | ڪمل پياسي | پايل پبلشرس، بڙودا | ١٩٦٦ | سائي جهنڊي، ايشور جو ايلچي، هيروءَ پٽر، کوهہ ۾ جن، گڏه جو چونڊيو ويو، وئنڪٽ ياترا، گڏه جو پڇ، گل ارپڻ |

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ | ڇپائيندڙ | سال | مجموعي جون ڪهاڻيون |
|---|---|---|---|---|---|
| ٥ | جادونگري | هوندراج بلواڻي | گلستان پبليڪيشن، احمدآباد | ١٩٦٧ | جادونگري، پالش وارو، سونيءَ جي جي گڏي، جادوءَ جو خط، اشتهار، لالچ جو ڦل، ڏوهه، چوري |
| ٦ | تارن پري رات | ” ” | ” ” | ” | (يکي ڪهاڻي) |
| ٧ | پرين جون آکاڻيون | جيوت گوگيا ’جوت‘ | گڏوگڏي پبلشنگ هائوس، اُلهاسنگر | ١٩٦٨ | مينڪا پري، جادوءَ جو کوئو، بم بم بهادر وغيره (پنجويهه ڪهاڻيون) |
| ٨ | ٽي گيوڙي | هوندراج بلواڻي | جگديش بوڪ ڊيپو، اُلهاسنگر | ١٩٦٩ | هوشيار ڪير؟ جيئري مکڻ، ٽي گيوڙي، واهه پائي چوڏامل، گهوڙي جو بيضو. |
| ٩ | پپوءَ جو پيارو موتي | ” ” | گلستان پبليڪيشن احمدآباد | ١٩٧٠ | پپوءَ جو پيارو موتي، ديوان دولترام، سونيءَ جي گڏي، ٽڦيتي سائيڪل |
| ١٠ | پالش وارو | ” ” | ببلو پبليڪيشن، احمدآباد | — | جهنگل جي پري، غريب جي روٽي |
| ١١ | باهه جو گهوڙو | آتمارام لعلواڻي | گلستان پبليڪيشن، احمدآباد | ١٩٧٦ | باهه جو گهوڙو، باوري مئنا، به دوست |
| ١٢ | فيصلو | ڪشور پهوجا | روي راج پبليڪيشن، اُلهاسنگر | ١٩٧٧ | همت مردان مدد خدا، دان پڇ جو ڦل، ڦڙيءَ ڦڙيءَ تلاءُ، سچو ڪير، |

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ | ڇپائيندڙ | سال | مجموعي جون ڪهاڻيون |
|---|---|---|---|---|---|
| ١٣ | ناستڪ راجا | هوندراج بلواڻي | گلستان پبليڪيشن احمدآباد | ١٩٧٨ | شيطان باندر، وچتر راجڪماري، فيصلو ناستڪ راجا |
| ١٤ | بارڙا ٻچيءَ جا هارڙا | رامرکياڻي ’ڪمل‘ | ڪويتا پبلڪيشن، اُلهاسنگر | ١٩٧٩ | بچوءَ جو وهاڻُ، ٻڌيءَ ۾ بل، ٽوپلي واري بدڪ، ماٽيلي ماءُ، ڇومنتر پوٽي، امير ۽ غريب |
| ١٥ | آکاڻيون ئي آکاڻيون | جيوت گوگيا ’جوت‘ | سرسوتي پبليڪيشن، اُلهاسنگر | — | جاڙا يار، ديوتا جي مورتي، ثبوت، ناستڪ سچ وغيره (ڪل ١٤ ڪهاڻيون) |
| ١٦ | نئين زماني جو ڪوئو | ايشور چندر | گلستان پبليڪيشن، احمدآباد | ١٩٧٩ | نئين زماني جو ڪوئو، جڏهن ٻليءَ چشمو پاتو، ڏوڙيو |
| ١٧ | نانيءَ جون آکاڻيون | جيوت گوگيا ’جوت‘ | ” ” | ١٩٨١ | ڀڳوان جو حڪم، ست ننڍڙا ڪوئا، لوڪشاهي، چندرما وغيره (ڪل ١٣ ڪهاڻيون) |
| ١٨ | پرين جو ديس | بي. ايڇ. آڏواڻي | لتا بي. آڏواڻي، احمدآباد | — | بهادر گهوڙيسوار، پرين جو ديس |
| ١٩ | جادو نگري | ” ” | ليکڪ پاڻ، احمدآباد | ١٩٨١ | جادوءَ جي منڊي، اناٿ ٻالڪ، ٻلي ماسي وغيره (ڪل ١١ ڪهاڻيون) |

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ | ڇپائيندڙ | سال | مجموعي جون ڪهاڻيون |
|---|---|---|---|---|---|
| ٢٠ | ڪنهن سان ڳالهه نه ڪجِ | ڪنعيو گيرياڻي | ليکڪ پاڻ، احمدآباد | ١٩٨٣ | ڪنهن سان ڳالهه نه ڪجِ، هڪڙي هئي راجڪماري، امي ممي وغيره (ڪل ١١ ڪهاڻيون) |
| ٢١ | اِندلٺ | واشديو 'سنڌو ڀارتي' | گلستان پبليڪيشن، احمدآباد | ١٩٨٣ | جهرڪي ۽ آڪيرو، راجوءَ جي چالاڪي، قرباني، ڪارائتو اِنسان، محنت جو ڦل، ڪرنل جي سُوجهه ٻُوجهه، شيرو ۽ موتي |
| ٢٢ | ڇوٽون باندر | هوندراج بلواڻي | ” ” | ١٩٨٣ | سوني متيءَ وارو ديش، هڪ ئي رستو، پاڻي غائب ٿي ويو، ڇوٽون باندر، سونا پري، شريف گڏهه، اينلارجنگ مشين |
| ٢٣ | روشنيءَ جا ترورا | ڪيرت مهرچنداڻي | ليکڪ پاڻ، احمدآباد | ١٩٨٤ | نئين روشني، نانيءَ جي آڪاڻي، ڦيرو، وقت جو ملهه، ديالو نينگر وغيره (ڪل ١٠ ڪهاڻيون) |
| ٢٤ | ڪوئي لڏي هئڊ ٻڙي | هوندراج بلواڻي | ٻاراڻو ادب، احمدآباد | ١٩٨٥ | پنج ياءِ، انڌو هاٿي، پيٽ پنجوءَ جو، مائيءَ جو سون وغيره (ڪل ٩ ڪهاڻيون) |

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ | ڇپائيندڙ | سال | مجموعي جون ڪهاڻيون |
|---|---|---|---|---|---|
| ٢٥ | رنگبرنگي آکاڻيون | جيوت گوگيا ’جوت‘ | ويٽا پبليڪيشن، اُلهاسنگر | ١٩٨٦ | ونڊ وراهه....، اناج جو جهاز، انعام اڪرام، مڇرن جي يون يون، مشين جو ماڻهو وغيره (ڪل ١٣ ڪهاڻيون) |
| ٢٦ | وچتر راجڪماري | منوهر نهالاڻي | پاراڻو ادب، احمدآباد | ١٩٨٦ | نديءَ جي هن پار، انوکو جادوگر، وچتر راجڪماري، سفيد هنس وغيره (ڪل ٩ ڪهاڻيون) |
| ٢٧ | نئين روشني | واشديو ’سنڌو-ڀارتي‘ | سنڌو سنگم، جئپور | ١٩٨٧ | بلند حوصلو، نقل جو چڪر، هار جي چوري، وفادار ساٿي، بهادر جانو، پڇتاءُ، شيام ۽ سليم، چورن مٿان مور، سزا، نئين روشني |
| ٢٨ | جن ڀوت موڪل تي | هيملتا بجاج | پاراڻو ادب، احمدآباد | ١٩٨٩ | جن ڀوت موڪل تي، جانورن جي دوستي، ارجن ناهي اپاهج، ننڍڙا گلڙا وغيره (ڪل ١٠ ڪهاڻيون) |
| ٢٩ | نئين ناني | هوندراج بلواڻي | ويٽا پبليڪيشن، احمدآباد | ١٩٩٠ | نئين ناني، ٽي ٻاندر، آکاڻي اڪروٽ جي، مرغارام ۽ طوطارام، مار پيئي موٺوءَ تي، گڙٻڙ |

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ | ڇپائيندڙ | سال | مجموعي جون ڪهاڻيون |
|---|---|---|---|---|---|
| ٣٠ | ڪارو مٿو | لڇمڻ ڪڪريجا | پال دوست ڪتاب مالها، اُلهاسنگر | ١٩٩١ | گڏو گهوٽ، ڪارو مٿو، ٻبلوءَ جو ڪير، پوري پلي |
| ٣١ | چنڊ تي چڙهائي | گووردن 'پارتي' | ويٽا پبليڪيشن، اُلهاسنگر | ١٩٩١ | رام راوڻ ۽ سيتا، روسي رڇ، رنگبرنگي هولي، ساگر جو سنسار، چنڊ تي چڙهائي |

نوٽ : (١) ڪل ٣١ مجموعن ۾ شامل ٿيل اصلوڪين ڪهاڻين جو تعداد ٢٥٥ آهي.

(٢) ڪنهن ليکڪ جي ڪا ڪهاڻي سندس اڳئين مجموعي ۾ اچي چڪي آهي تہ ان کي هتي ٻيهر ڳڻپ ۾ نہ آندو ويو آهي.

(٣) ٻال ڪهاڻين جي مجموعن جو انداز هن ريت آهي : هوندراج ٻلواڻي-٩، جيوت گوگيا-٥، پارتي-٢، بي.ايڇ. آڏواڻي-٢ (باقي سڀ ١-١)

## خاڪو ٣ اصلوڪين ٻال ڪهاڻين جا مجموعا : جدا جدا ليکڪ

| نمبر | ڪتاب جو نالو | سمپادڪ | ڇپائيندڙ | سال | مجموعي ۾ ڏنل ڪهاڻي | ليکڪ |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ١ | پرستان جو سير | جيٺانند لعلواڻي | قولستان، آفيس اجمير | ١٩٥٠ | پرستان جو سير<br>پرين جي راڻي ۽ مالڻ<br>عقلمند پري | —<br>—<br>— |
| ٢ | گل قل ڪهاڻيون (د)(٣ ڀاڱا) | پريداس برهمچاري ديپچندر تلوڪچند | نوجيون ساهتيہ منڊل، اجمير | ١٩٥٩ | — | (جدا جدا ليکڪن جون ننڍڙيون رچنائون ۽ لوڪ ڪهاڻيون) |

| نمبر | ڪتاب جو نالو | سمپادڪ | ڇپائيندڙ | سال | مجموعي ۾ ڏنل ڪهاڻي | ليکڪ |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ٣ | سندر ڪهاڻيون (د)(٢ ڀاڱا) | پريداس برهمچاري ديپچندر تلوڪچند | نوجيون ساهتيه منڊل، اجمير | — | — | (جدا جدا ليکڪن جون نندڙيون رچنائون ۽ لوڪ ڪهاڻيون) |
| ٤ | مزيدار ڪهاڻيون (٢ ڀاڱا) | ” ” | ” ” | ١٩٦٠ | — | ” ” |
| ٥ | پشپ | پريداس برهمچاري | قلواڙي، اجمير | — | ڏنڌو آهي پر پئسو ناهي، چار پنڊت | رامچندر تولاڻي، ڏرمپال ديپچندر |
| | | | | | امتحان | ديپچندر ايم.اي |
| | | | | | پرستان جو سئر | ڀڳوان بلواڻي |
| ٦ | گلزن جي گلزاري | چندرسين ناواڻي | بالڪن جي ٻاري احمدآباد | — | ڏوهه | چندرسين ناواڻي |
| | | | | | جج صاحب جي هوشياري | هري سي. ايڇ. ماڪيجا |
| ٧ | ڏوهاري(د) | پريداس برهمچاري ديپچندر تلوڪچند | نوجيون ساهتيه منڊل، اجمير | ١٩٧٢ | خون جو الزام | جئڪرشن درياڻي |
| | | | | | ڀڳت ۽ نڳت | ” ” |
| | | | | | توهان به ڪتاب ڪائيندا آهيو | ديپڪ ڪشناڻي |
| | | | | | پهرين ملاقات | ديالداس ڪيولراماڻي |

| نمبر | ڪتاب جو نالو | سمپادڪ | ڇپائيندڙ | سال | مجموعي ۾ ڏنل ڪهاڻي | ليکڪ |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ٨ | مهان شلپي | ڪشور پهوڄا | گلابي گلزار، اُلهاسنگر | ١٩٧٦ | مهان شلپي | سنڌو پهوڄا |
| | | | | | محنت جي مهما | وشنو ڀاٽيا |
| | | | | | ساڌو بابا جو چمتڪار | ديال ڪي. ڏرماڻي |
| | | | | | ڪاڪو پنجومل | جيناننڊ ڪتڻمل |
| ٩ | چونڊ سنڌي ٻال ڪهاڻيون | هوندراج بلواڻي | گلستان پبليڪيشن احمدآباد | ١٩٨٤ | □ بجرنگ بلي | گوورڌن ڀارتي |
| | | | | | □ جڏهن بلي ۽ چشمو پاتو | ايشور چندر |
| | | | | | موٽر جو مزو | ليکراج هنس |
| | | | | | آڪاڻي، جيڪا ناني ۽ ٻڌائي | جيوت گوگيا |
| | | | | | سدا سکيو | سندري اُتمچنداڻي |
| | | | | | □ مرغارام ۽ طوطارام | هوندراج بلواڻي |
| | | | | | خوشيءَ جا ڳوڙها | واشديو سنڌو ڀارتي |
| | | | | | راجو رڇ | گوپي موٽواڻي |
| | | | | | گوپال ۽ جاني | وشنو ڀاٽيا |
| | | | | | ويروءَ جو چا تيندو | سوني مولچنداڻي |
| ١٠ | بجرنگ بلي | ,, | ,, | ,, | (مٿئين ڪتاب مان چار ڪهاڻيون- گوورڌن ڀارتي، ايشور چندر، ليکراج هنس ۽ جيوت گوگيا جون) | |

| نمبر | ڪتاب جو نالو | سمپادڪ | ڇپائيندڙ | سال | مجموعي ۾ ڏنل ڪهاڻي | ليکڪ |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ١١ | مرغارام ۽ طوطارام | هوندراج بلواڻي | گلستان پبليڪيشن، احمدآباد | ١٩٨٥ | (مٿئين ڪتاب مان پنج ڪهاڻيون - هوندراج بلواڻي سنڌو پارتي، گوپي موٽواڻي، وشنو ڀاٽيا ۽ سوني مولچنداڻيءَ جون) | |
| ١٢ | پراُپڪاري پمو | ” ” | ” ” | ١٩٨٨ | □ بهادر جانوُ | واشديو سنڌو پارتي |
| | | | | | جهيڙو ۽ ناهر | ڊولڻ راهي |
| | | | | | چمتڪاري چين | گوپي موٽواڻي |
| | | | | | پراُپڪاري پمو | هوندراج بلواڻي |
| | | | | | آشيرواد | سوني مولچنداڻي |
| | | | | | □ جانورن جي دوستي | هيملتا بجاج |
| ١٣ | پراشچت | ڪانتا ڪٽوريا | راجستان سنڌي اڪادمي، جئپور | ١٩٨٨ | جڏهن ڪوئي ٻليءَ کي سمهاريو | ايشور چندر |
| | | | | | مستقبل جي ماتا | شوو رامناڻي |
| | | | | | شريمان اکروٽ | هوندراج بلواڻي |
| ١٤ | انوکيون آکاڻيون | هوندراج بلواڻي | پال سنڌو، احمدآباد | ١٩٩٢ | ايڪتا جو ٻل | واشديو سنڌو پارتي |
| | | | | | جهرڪيءَ جو ٻچو | سندر حشمتراءِ |

| نمبر | ڪتاب جو نالو | سمپادڪ | ڇپائيندڙ | سال | مجموعي ۾ ڏنل ڪهاڻي | ليکڪ |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | ماستر گوڙومل جو گڏهه | جيوت گوگيا |
| | | | | | گيسر | ميارام ڪڪريجا |
| | | | | | ڪوئن جو سيمينار | هيملتا بجاج |
| | | | | | سر نہ جهڪائيج | ناڪرداس تيرٿاڻي |
| | | | | | گولا بارود | سوني مولچنداڻي |
| | | | | | سونهري پري | ڪملا بختياڻي |
| | | | | | سپنا ۽ پاپا جي تلاش | نندلعل پرسراماڻي |
| | | | | | انوکو احساس | پتلي چاولا |
| | | | | | چور تہ چور، ڪاڪو مور | منوهر نهالاڻي |
| | | | | | لالچ جو ڦل | جگديش لچاڻي |

**نوٽ :** (۱) ▫ نشاني ۽ واريون ٻال ڪهاڻيون، ليکڪن جي پنهنجي مجموعي ۾ اڳہ ۾ اچي چڪيون آهن.

(۲) ڪل ۱۴ مجموعن ۾ باقي ٻال ڪهاڻين جو تعداد ۴۳ بيهي ٿو.

(۳) ۲، ۳ ۽ ۴ نمبر مجموعي ۾ تمام ننڍيون ننڍيون ڪهاڻيون ڏنل آهن جن ۾ بہ مکيہ طور لوڪ ڪهاڻيون ۽ اُلٽو کيل ڪهاڻيون آهن. تنهن ڪري هتي ڏنل تعداد ۾ اُنهن کي نہ شماريو ويو آهي.

## خاڪو ٤ جدا جدا مجموعن ۾ شايع ٿيل ٻال ڪهاڻيون

| نمبر | ڪتاب جو نالو | سمپادڪ | ڇپائيندڙ | سال | ڪهاڻيون | ليکڪ |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ١ | چالاڪ پنڊت | پارومل ڪيولراماڻي | وير ٻالڪ، اجمير | ١٩٤٩ | چالاڪ پنڊت | ڪشن هنڱوراڻي |
| | | | | | ٻيدو سلطان | چيتن ڪرناڻي |
| | | | | | جانڪي ۽ ماسي مياڻو | راڌاڪشن ٻجلاڻي |
| ٢ | اخلاقي سبق (ڀاڱو-١) | فتحچند واسواڻي گوورڌن ڀارتي | سندر ساهتيہ پبلشنگ هائوس، اجمير | ١٩٦٤ | (نيتي سکيا تي اصلوڪيون ۽ انواد ٿيل رچنائون-ڪن ڪهاڻين سميت) | (ليکڪن جا نالا ڄاڻايل ڪونهن.) |
| ٣ | اخلاقي سبق (ڀاڱو ٢-٣) | فتحچند واسواڻي | ” ” | ” | ” ” | ” ” |
| ٤ | ننڍڙو ڊاڪٽر | هريش ڪمار لالواڻي | گل ڦل پبليڪيشن، بمبئي | ١٩٦٦ | پهريدار جو خواب | سندر حشمتراءِ |
| | | | | | ميان موٽو خان | سشيلا جي. لالواڻي |
| ٥ | ڇم ڇم پري | ” ” | ” ” | ١٩٦٧ | شيطانيءَ جو ڦل | — |
| | | | | | ڇم ڇم پري | — |
| ٦ | نيڪ دل شهزادي | ” ” | ” ” | ” | لنبوخان ۽ بندرومل | — |
| | | | | | جادوءَ جو صوف | هوندراج بلواڻي |
| | | | | | اسان جو ماسٽر | سندر حشمتراءِ |
| | | | | | نيڪدل شهزادي | — |

| نمبر | ڪتاب جو نالو | سمپادڪ | ڇپائيندڙ | سال | ڪهاڻيون | ليکڪ |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ١٦ | ننڍڙو ماسٽر | هريشڪمار لالواڻي | گل ڦل پبليڪيشن، بمبئي | ١٩٦٩ | ڪالي چرن جي چريائي | نانڪرام ڌرمداس ميرچنداڻي |
| | | | | | بي‌زبان ۾ بہ ساهہ آهي | — |
| | | | | | شيطان ڇوڪرو | — |
| | | | | | سونهري پري | — |
| | | | | | ڌوٻي ۽ شينهن | انيتا ڪمل پياسي |
| | | | | | پيءُ جي نصيحت | ميلارام واسواڻي |
| | | | | | جانور سئنڪ فوج | وشنداس ٻيجاڻي 'غمگين' |
| | | | | | سونا پادر | |
| | | | | | مالهيءَ جي ڌيءُ | نارائڻ پارتي |
| | | | | | گدڙ بادشاهہ | منو تولارام گدواڻي |
| | | | | | چالاڪ مهاڻو ۽ جن | ” ” |
| | | | | | ننڍڙو ماسٽر | — |
| ١٧ | پوريل خزانو | ” ” | ” ” | ١٩٧٠ | راجا جي پٽ ڪيئن چندرا شهزادي حاصل ڪئي | — |
| | | | | | بهشت ۽ دوزخ | — |
| | | | | | سچي دوستي | — |
| | | | | | ۽ ماتا جي آگيا جو ڦل | |

| نمبر | ڪتاب جو نالو | سمپادڪ | ڇپائيندڙ | سال | ڪهاڻيون | ليکڪ |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ٢٧ | جهرڪي ۽ آڪيرو | — | ” ” | — | جهرڪي ۽ آڪيرو | واشديو 'سنڌو پارتي' |
| | | | | | اينلارجنگ مشين | هوندراج بلواڻي |
| | | | | | راجوءَ جي چالاڪي | واشديو 'سنڌو پارتي' |
| ٢٨ | سوني جهرڪي ۽ ڏيڏر | هوندراج بلواڻي | ” ” | ١٩٧٩ | محبت جو ميوو | ليکراج هنس |
| | | | | | اسان جو سائين ۽ سائنس | ممتاز عباسي |
| | | | | | سوني جهرڪي ۽ ڏيڏر | اظهر ڪانڊڙو |
| ٢٩ | سنڌ جي سوکڙي | ” ” | ” ” | ” | سچ تہ بينو نچ | گل محمد 'گل' جوکيو |
| | | | | | بکہ بچڙو ٽول | منظور بيدار |
| | | | | | خيالي پلاءُ | عبدالرحيم 'وفا' |
| ٣٠ | بيوقوف سهو | ” ” | ” ” | ١٩٨٠ | سياڻي ٻلي | ليکراج هنس |
| | | | | | بيوقوف سهو | گوبند ريجهواڻي |
| | | | | | زبان جو چشڪو | — |
| ٣١ | موچي راجا | ” ” | ” ” | ١٩٨١ | موچي راجا | جيوت گوگيا 'جوت' |
| | | | | | سوني متيءَ وارو ديش | هوندراج بلواڻي |
| ٣٢ | اهڙا لال چمن | — | ضيا ساهتيہ مالها، الهاسنگر | ١٩٨٥ | درشن | ديوراج گوديا 'پياسي' |
| | | | | | پڪنڪ ۽ سکيا | ” ” |
| | | | | | سچو ساٿي | ” ” |

| نمبر | ڪتاب جو نالو | سمپادڪ | ڇپائيندڙ | سال | ڪهاڻيون | ليکڪ |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | امتحان | ,, ,, |
| | | | | | سچي جوت | ,, ,, |
| | | | | | اسانجي ڏاڏي | ,, ,, |
| | | | | | هڪ روشني | ,, ,, |
| ٣٣ | سوني چادر | هوندراج بلواڻي | گلستان پبليڪيشن، احمدآباد | ١٩٨٥ | سوني چادر | سوني مولچنداڻي |
| | | | | | سدا سکيو | سندري اُتمچنداڻي |
| ٣٤ | غنچو گلن جو | منجو هريش 'لتا' | سمپادڪا پاڻ، بمبئي. | ١٩٨٦ | شاهي حڪيم نوڪريءَ ۾ پاڻي لکل خزانو سندريءَ جو سفر قابل نينگر وغيره (ڪل ١١ ڪهاڻيون) | (ڪنهن به ڪهاڻيءَ جي ليکڪ جو نالو ڄاڻايل ڪونهي.) |
| ٣٥ | پنهنجي نگري پياري | هوندراج بلواڻي | گلستان پبليڪيشن، احمدآباد | ١٩٨٧ | پنهنجي نگري پياري | گوورڌن ڀارتي |
| | | | | | نيڪيءَ جو ڦل | وشنو ڀاٽيا |
| ٣٦ | روشن راهون | — | گووند پرڪاش، ڀوپال | — | ديش پريمڻ ماتا | روپڪمار 'گهايل' |
| | | | | | فرض جي راه ۾ | ,, ,, |
| | | | | | ڏاڪوءَ مان مهاتما | ,, ,, |
| | | | | | وقت جي پائبندي | ,, ,, |

| نمبر | ڪتاب جو نالو | سمپادڪ | ڇپائيندڙ | سال | ڪهاڻيون | ليکڪ |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ٣٧ | رنگبرنگي گيت ۽ ڪهاڻيون | جيوت گوگيا 'جوت' | گجرات سنڌي اڪادمي، گانڌينگر | ١٩٩١ | هريش جي بندوق | راڌاڪرشن گرناڻي |
| | | | | | اشوڪ جو انجام | رتنا ڪيسواڻي |
| | | | | | لالچ جو ڦل | آسودومل موهناڻي |
| | | | | | چنڊ مامو | ڦنن پرسواڻي |
| | | | | | واجبي اُجورو | موهن پرتياڻي |
| | | | | | گڏه بادشاهه | منوهر بجلاڻي |
| | | | | | ديالو نينگر | ڪيرت مهرچنداڻي |
| | | | | | سفيد هنس | منوهر نهالاڻي |
| | | | | | آزادي | جگديش لڇاڻي |
| | | | | | ٽي باندر | هوندراج بلواڻي |
| | | | | | محنت جو ڦل | سندر جڳواڻي |
| | | | | | اجائي ريس | ميلارام واسواڻي |
| | | | | | نر ڪجي | |
| | | | | | قارون بادشاهه | ڪندنمل شوداساڻي |
| | | | | | ۽ سولن | |
| | | | | | سلڇڻا پائر | تيرت سياڻي |
| | | | | | هنس تي ديا | ديپچندر تلوڪچند |
| ٣٨ | بال دوست | — | بال دوست ڪتاب مالها، اُلهاسنگر | ١٩٩٢ | ۽ چوري پڪڙجي پيئي | لڇمڻ ڪڪريجا |
| | | | | | هڪ سادو رانديڪو | ,, ,, |

نوٽ : (ا) هڪ ئي ليکڪ يا جدا جدا ليکڪن جي بال ڪهاڻين، بال گيتن ۽ بال ناٽڪن وغيره جا گڏيل مجموعا ڪل ٣٨ ڇپيل آهن. هنني

فقط انهن مجموعن ۾ شامل ٻال ڪهاڻين جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

(٢) جدا جدا مجموعن ۾ جملي ١١٦ ٻال ڪهاڻيون ملن ٿيون.

(٣) ٢، ٣، ٩، ١٠، ١١ ۽ ١٢ نمبر مجموعي جي ٻال ڪهاڻين کي هن تعداد ۾ شامل نہ ڪيو ويو آهي.

## ڪن ٻال ڪهاڻين تي هڪ نظر

متي ڏنل وچور (خاڪو - ٢، ٣ ۽ ٤) مان ڏسبو تہ سنڌيءَ ۾ تمام جهجهيون، ٻال ڪهاڻيون لکيون ويون آهن (اٽڪل ٥٠٠). تعداد جي خيال کان تہ انهن تي سنتوش ڪري سگهجي ٿو پر ساڳئي وقت ڪنهن نہ ڪنهن خصوصيت ڪارڻ، ذڪر هيٺ آڻي سگهجن، اهڙين ٻال ڪهاڻين جو تعداد بہ گهٽ نہ آهي. ڪن ليکڪن تہ ٻارن جي ڏانوَ جون ۽ ٻال ڪهاڻيءَ جي مکيہ اُديشن ۽ گهربل عناصرن جو ڌيان رکي گهڻيون سنيون ٻال ڪهاڻيون لکيون آهن.

هيٺ اهڙين ٻال ڪهاڻين مان چونڊي، ڪل ٢٥ ٻال ڪهاڻين جا تفصيل ڏجن ٿا، جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن خصوصيت ڪارڻ ڌيان ڇڪائين ٿيون. اهي تفصيل ڏيڻ جي مراد اِها آهي تہ، هڪ تہ جيئن خبر پوي تہ ڪهڙن ڪهڙن موضوعن تي هيلتائين ٻال ڪهاڻيون لکيون ويون آهن. ٻيو تہ انهن جي عبارت، سري جي پسندگي، پيشڪش، ٻاشا، ڪردارنگاري وغيره مان ڪهڙين ڳالهين طرف نيڪ نيڪ ڌيان ڏنو ويو آهي.

**(١) کوُکوُ** (١٩٦١) — جيوت گوگيا ’جوت‘

کوُکوُ نالي هڪ رڇ پنهنجن ٻارن کي موٽر ۾ وهاري بمبئي ڏيکارڻ هليو. رستي ۾ هڪ گڏهہ مليس جنهن جي موٽر مان پيٽرول خلاص ٿي ويو هو. هن کوُکوُ کي ٿورو پيٽرول ڏيڻ لاءِ وينتي ڪئي پر کوُکوُ کيس پيٽرول نہ ڏنو ۽ کيس گهٽ وڌ ڳالهائي موٽر کي تيز هلائي اڳتي وڌيو. جڏهن بمبئيءَ جي بلڪل نزديڪ هئا تڏهن موٽر جي ڦيٿن مان هوا نڪري ويئي. پنيان ساڳيو ئي گڏهہ، جنهن کي بعد ۾ ڪنهن پيٽرول ڏنو هو سو اچي پهتو. هن، نہ صرف کوُکوُ کي هوا ڦوڪڻ جو پمپ ڏنو پر کوُکوُ جي ٻچڙن کي پيڙا ۽ برفي بہ ڏني. کوُکوُ کي تڏهن سمجهہ آئي تہ هڪ ٻئي کي وقت تي مدد ڪرڻ ۾ ڪيترو نہ فائدو ٿو ٿئي.

**(٢) نئين بستي** (١٩٦٣) — گوورڌن محبوباڻي ’ڀارتي‘

هڪڙي جهنگل ۾ رهندڙ ٽن ساهيڙين - ڏيڏري، ڪُئيءَ ۽ جهرڪيءَ -

مان هڪ ساهيڙي جهرڪي هڪ دفعي شهر ويئي. اُتي شهر جون جايون، جڳهيون ۽ موٽر گاڏيون ڏسي هوءَ عجب ۾ پئجي ويئي. جهنگل ۾ واپس اچي هن پنهنجين ساهيڙين اڳيان، پاڻ ۾ گڏجي نئين بستي ٺاهڻ جو خيال پيش ڪيو. ڪُٺي ۽ ڏيڏري متس ڪلڻ لڳيون ۽ ان طرح ٺنهي ساهيڙين ۾ جهڳڙو ٿي پيو. بعد ۾ سنڪٽ اچڻ وقت ٺنهي کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو ۽ ٺنهي ساهيڙين برسات، طوفان ۽ گرميءَ کان بچڻ لاءِ هڪ نئين بستي ٺاهي.

## (۳) بجرنگ بلي (۱۹٦۳) گوورڌن محبوباڻي 'پارتي'

ڏياريءَ کان ڪجهه ڏينهن اڳ جي ڳالهه آهي. شاهي بزار ۾ ٻه وڏا دڪان کليا- هڪ رانديڪن جو ۽ ٻيو آتشبازيءَ جو. رانديڪن واري دڪان ۾ سڀ رانديڪا سمهيا پيا هئا تڏهن اڌ رات جو 'ڪرڙ ڪرڙ' جو آواز ٻڌي لڇمڻ جي اک کلي. رام جڏهن ٻڌايس ته اهو ڪنيڪرڻ جي کونگهرن جو آواز آهي تڏهن لڇمڻ کي کل اچي ويئي. ان تي راوڻ جي اک کلي پيئي. شوخيءَ مان چيائين، ”هي کهڙو بيوقوف آهي جو هن مهل ٺهڪ ڏيئي منهنجي ننڊ ڦٽائي رهيو آهي؟“ راوڻ جي ڳالهه تي لڇمڻ کي ڪاوڙ آئي. راوڻ وڏيڪ غصي ٿيو. رام، هنومان ۽ ٻين سڀني رانديڪن راوڻ ۽ ڪنيڪرڻ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر هنن تي ڪو اثر نه ٿيو. آخر ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ لڙائيءَ جي نوبت اچي پهتي. هنومان رام ۽ لڇمڻ کي پنهنجن ڪلهن تي ويهاريو. ٻيا سڀ رانديڪا هنومان جو پڇ پڪڙي بيٺا. هنومان ٽپ ڏيئي ونءِ متي اُڏاڻو. دڪان جي منگهه مان نڪري ٻاهر اچي بيٺو. پوءِ راوڻ سان مقابلو ڪرڻ لاءِ هنومان وري اُڏاڻو. دڪان جي منگهه مان اندر داخل ٿيو. ٻنهي دڪانن جي وچ ۾ هڪ روشندان هو. ان مان ٽپي هوُ پاسي واري دڪان ۾ هليو ويو. اُتان آتشبازيءَ جو ڍڳ کڻي راوڻ واري دڪان ۾ اُڇلايائين ۽ پوءِ تيلي ٻاري ڍڳ کي باهه ڏنائين. ڦٽاڪن جي ٺڪاٺوڪيءَ ۾ راوڻ ۽ سندس ساٿي ختم ٿي ويا. ان طرح هڪ دفعو وري سچائيءَ جي جيت ٿي.

## (۴) سونيءَ جي گُڏي (۱۹٦۷) هوندراج بلواڻي

سونيءَ ناليءَ هڪ ڇوڪريءَ وٽ گهڻائي رانديڪا هئا. انهن مان هوءَ چني ناليءَ گڏيءَ کي گهڻو چاهيندي هئي. هڪ دفعي وئڪيشن ۾ پنهنجي ماءُ پيءُ سان گڏ سوني بمبئيءَ ويئي ته پاڻ سان گڏ ڪنهن به رانديڪي کي ونءِ

نہ ويئي. پنھنجي پياري گڏيءَ کي بہ نہ وٺي ويئي. ان ڪري گڏي، سونيءَ تي ناراض ھئي. ھڪ رات جو ٻين رانديڪن کي پاڻ سان وٺي ھوءَ، سونيءَ جي ھڪ ساھيڙيءَ وٽ ھلي ويئي. سوني جڏھن بمبئيءَ مان واپس آئي تڏھن کيس پنھنجي پياري گڏيءَ ۽ ٻين رانديڪن جي ياد آئي. رانديڪا تہ کيس پوءِ پنھنجي ساھيڙيءَ وٽ ملي ويا پر ان ڏينھن کان پوءِ ھن انجام ڪيو تہ آئينده رانديڪن کي ائين اڪيلو ڇڏي نہ ويندي.

## (۵) بم بم بھادر (۱۹٦۸) جيوت گوگيا 'جوت'

ڪوئن جي ھڪ شھر ۾ اچانڪ ھڪ ٻلي اچي پھتي ۽ ھن يڪدم ڏھہ ٻارھن ڪوئا ماري ڇڏيا. ھراس وچان شھر ۾ ھڙتال ٿي ويئي. ڪوئن پاڻ ۾ پئنچايت ڪئي ۽ ٻليءَ اڳيان ھڪ رٿ رکي تہ ھوءَ شھر جي ٻاھر پراڻي محلات ۾ وڃي رھي، ان جي بدلي ۾ ھرروز ھڪ ڪوئو کائڻ لاءِ کيس ڏنو ويندو. ٻليءَ اھا رٿ قبول ڪئي. ان موجب ھرروز ھڪ ڪوئو ٻليءَ وٽ پھچي ويندو ھو. ھڪ ڏينھن 'بم بم بھادر' نالي ھڪ بھادر ڪوئي جو وارو آيو. ھن ٻليءَ مان سيني جي جند آجي ڪرڻ جو ويچار ڪيو. بعد ۾ ھن اٽڪل ڪري ٻليءَ کي ماري ڇڏيو.

## (٦) جڏھن ٻليءَ چشمو پاتو (۱۹۷۹) ايشور چندر

ٻليءَ جي آزار کان پريشان ڪوئن کي راحت ڏيڻ لاءِ ننيڙي ڪُئيءَ چالاڪيءَ سان ٻليءَ جي اکين ۾ مرچ وجھي ڇڏيا. تڏھن کان ٻليءَ جي ويجھي نظر ڪمزور ٿي ويئي. ان ڪارڻ ھوءَ پريان کان ايندڙ ڪنھن بہ ڪوئي کي ڏسي تہ سگھندي ھئي پر ان جي پرسان اچڻ تي جئن ان مٿان جھپٽو ھڻندي ھئي تئن ھن جي اڳيان ڏنڊ چانئجي ويندو ھو. آخر ٻليءَ کي چشمو پائڻو پيو. ننيڙي ڪُئيءَ چالاڪي ڪري ٻليءَ جو چشمو بہ پڄي ڇڏيو. لاچار ٻليءَ کي اُتان پڄي وڃڻو پيو.

## (۷) نئين زماني جو ڪوُئو (۱۹۷۹) ايشور چندر

ھن ڪھاڻيءَ ۾ بہ ٻليءَ کان آزاريل ڪوئن مان ھڪ ننيڙو، پر نئين زماني جو ڪوئو، ٻليءَ کان چالاڪيءَ سان اھڙا تہ سوال-جواب ٿو ڪري جو ٻلي ڪوئن کي وشواس ڏيارڻ لاءِ پاڻ ئي ڳچيءَ ۾ گھنڊڙي ٻڌي اچي ٿي.

## (۸) ڪرنل جي سوُجھہ ٻوُجھہ (۱۹۸۳) واشديو 'سنڌو ڀارتي'

ھڪ دفعي ديش تي دشمن جو حملو ٿيو. دشمن پنھنجا جاسوس ھرھنڌ

پڪيڙي ڇڏيا. انهن هڪ سپاهيءَ کي لالچ ڏيئي، ان وٽان سخت پهري هيٺ رکيل مخفي ڪاغذ هٿ ڪرڻ چاهيا. لالچ وس ٿي سپاهيءَ ڪاغذن جي چوري ڪري، اهي هڪ هنڌ لڪائي رکيا.

**(٩) چوٽون باندر** (١٩٨٣) هوندراج بلواڻي

مهاتما گانڌيءَ جي ٽن باندرن کي هڪ دفعي ٻين باندرن اڳيان پيش ڪيو ويو. هنن تي الزام هو ته هنن برو نه ڏسڻ، برو نه ڳالهائڻ ۽ برو نه ٻڌڻ جي پنهنجي ڊيوٽي پوريءَ طرح نه نباهي آهي. تمام گهڻي سوچ ويچار ۽ دليلن کان پوءِ باندرن جي مکيءَ هڪ تجويز رکي جنهن موجب ٽنهي سکيائن جو سنديش ڏيڻ جي ڊيوٽي ٽن باندرن بدران هڪ ئي باندر تي رکي ويئي. جنهن موجب، هوُ اکين تي ڪارو چشمو چاڙهي، ڪنن ۾ آڱريون وجهي ۽ وات ۾ لالي پاپ جهلي - برو نه ڏسڻ، برو نه ٻڌڻ ۽ برو نه ڳالهائڻ جو سنديش ماڻهن کي ڏيندو رهندو.

**(١٠) موٽر جو مزو** (١٩٨٤) ليکراج 'هنس'

موهن ۽ سوهن نالي ٻه دوست هڪ دفعي اسڪول مان موٽي رهيا هئا تڏهن اُٽسڪاٽل ماڻهن جي موٽر ۾ مزو وٺڻ لاءِ سوهن ان ۾ چڙهي وينو. اهي ماڻهو سوهن کي ڀڄائي وٺي وڃڻ لڳا تڏهن موٽر جي پٺئين خاني ۾ لڪي ويٺل موهن بهادري ڪري پنهنجي دوست کي نه صرف بچايو پر گنهگارن کي پوليس جي حوالي پڻ ڪيو.

**(١١) سدا سکيو** (١٩٨٤) سندري اُتمچنداڻي

هڪ ڪلاس ۾ پڙهندڙ ٻن ڇوڪرن جي هيءَ ڪهاڻي آهي. هيرو شاهوڪار پيءُ جو پٽ هو ۽ راجو غريب ڇوڪرو. هيرو تمام گهڻو خرچ ڪندو هو. راجوءَ کان هوُ نفرت ڪندو هو. هڪ ڏينهن هيري جي ٽنگ مٿان سائيڪل هلي ويئي. ان ڪري کيس اسپتال ۾ رکيو ويو. تڏهن اهو غريب ڇوڪرو راجو سندس حال احوال وٺڻ آيو. هن سان همدردي ڏيکاريائين. نتيجي طور هيري جي سڀاءَ ۾ ڦيرو اچي ويو.

**(١٢) راجو رڇ** (١٩٨٤) گوپي موٽواڻي

هيءَ ڪهاڻي راجو رڇ جي پاتر کي اُپارڻ جي لاءِ ڪن ڪڙين جي روپ ۾ پيش ڪيل آهي. راجو رڇ دياوان هو. ٻين کي مدد ڪندو هو. هن پنهنجي همٿ ۽ چالاڪيءَ سان ڪڪڙين کي لومڙ کان بچايو. بلونت باندر کي ٽپال

جي دبي مان ٻاهر ڪڍيو. ٻبلو ٻاندر کي پاڙهڻ لڳو. اهڙيءَ طرح راجو رڇ جهنگل جي سڀني جانورن لاءِ پريرڻا بڻجي پيو.

## (۱۳) گوپال ۽ جاني (۱۹۸۴) وشنو ڀاٽيا

هيءَ آڪاٽي گوپال ۽ ان جي پياري ڪتي جانيءَ جي آهي. هڪ ڏينهن جاني ڪيڏانهن هليو ويو. گوپال کي هن جي ڏاڍي چنتا ٿيڻ لڳي. سنجها ٿيڻ تي جاني واپس آيو ۽ گوپال جي قميص پڪڙي ڪيس گهلڻ لڳو. جانيءَ جي پنيان گوپال سان گڏ جان چاچا ۽ پوليس وارو به وڃڻ لڳا. جاني ڪين هڪ جهڳٽي وٽ وٺي آيو جتي سون لڪل هو. سون جي چوري ڪندڙ ٽوليءَ اهو اُتي لڪائي ڇڏيو هو. گوپال ۽ جانيءَ کي پوليس وٽان انعام مليو.

## (۱۴) مڇرن جي ڀڻُن ڀڻُن (۱۹۸٦) جيوت گوگيا 'جوت'

گاين وديا جي هڪ اُستاد هڪ دفعي مڇرن جي ڀڻُن ڀڻُن ٻڌي ته هن کي ڏاڍو مزو آيو. هن مڇرن جي اُها ڀڻُن ڀڻُن ٽيپ ڪري ڇڏي. ٿوري دير کان پوءِ هوُ اکيون بند ڪري ڀڻُن ڀڻُن جو سنگيت ٻڌڻ لڳو پر هن ڏٺو ته سندس ڪمري ۾ مڇر وڌندا پئي ويا. حقيقت ۾ هن جنهن کي سنگيت سمجهيو هو سو مڇرن جي ڀاشا هئي ۽ ان ذريعي هوُ هڪ ٻئي کي، ماڻهوءَ جو خون پيئڻ لاءِ سڏي رهيا هئا. ان کان پوءِ اُستاد هڪ اٽڪل ڪئي. هوُ مڇرن مارڻ جي دوا ڪٽي آيو ۽ ويو مڇرن مٿان ڇٽڪاريندو. ائين ڪندي ٽيپ رڪارڊر ۾ نئين ٽيپ وڌي. ڪي مڇر ڀڻُن ڀڻُن ڪندي مري ويا ته ڪي ڪيڏانهن ڀڄي ويا. ائين مڇرن جي ڀڄ ڊڪ ۾ جيڪا ڀڻُن ڀڻُن ٻڌڻ ۾ آئي سا ٽيپ ۾ ڀرجي ويئي. ان ڀڻُن ڀڻُن ذريعي مڇر ٻين مڇرن کي ساوڌان ڪري رهيا هئا ته هيڏانهن نه اچجو اسان کي ماريو پيو وڃي. ان کان پوءِ اُستاد جڏهن اها ٽيپ چالو ڪندو هو تڏهن مڇر هن جي ڪمري ۾ نه ايندا هئا.

## (۱۵) انوکو جادوگر (۱۹۸٦) منوهر نهالاڻي

ٻاڙي ۾ هڪ ڦيريءَ وارو آيو. هو ٻارن کي سندن منپسند شيون ڏيڻ لڳو. جنهن کي جيڪا شيءِ کپي سان پاڻي جي باڪس ۾ بند ڪري ڪين ڏني. ڪين سوچنا ڏني ويئي ته هوُ باڪس کي پنهنجي گهر وڃي کوليندا. ڦيريءَ واري جي وڃڻ کان پوءِ ٻارن پنهنجو پنهنجو باڪس گهر وڃي کوليو ته انهن ۾ اُهي شيون هيون ئي ڪانه. شيءِ جي بدران سندن ڏنل آڏي ان منجهه پيئي هئي.

## (١٦) بلند حوصلو (١٩٨٧) واشديو 'سنڌو پارٽي'

هن آکاڻيءَ ۾ راجو نالي ٻالڪ جي وقتائتي سوُجهہ ٻوُجهہ، همٿ ۽ بهادريءَ جو ذڪر ڪيل آهي جيڪو آيل آپدا وقت بہ پنهنجو حوصلو بلند رکي رڇ کي ڀڄائڻ ۾ ڪامياب وڃي ٿو. ڳهاٽي جهنگل ۾ آيل هڪ ننڍڙي بنگلي ۾ ديوان شونقيرام، پنهنجي پتني ساوتري ۽ پٽ راجوءَ سان گڏ رهندو هو. ان جهنگل ۾ هڪ آدمخور رڇ رهندو هو. اهو هڪ دفعي سندن بنگلي تي ڪاهي آيو تڏهن ٻيو ڪو وسيلو نہ ڏسي راجوءَ باهہ جي مدد سان ڪيس ڀڄائي ڪڍيو ۽ اهو رڇ هڪ ڳهري کاهيءَ ۾ وڃي ڪريو.

## (١٧) جهيڙو ۽ ناهہ (١٩٨٨) ڏيولڻ راهي

هن آکاڻيءَ جو ورنن ڏيان ڇڪائيندڙ آهي. مثال طور هڪ ٽڪرو هيٺ ڏجي ٿو.

”خوفناڪ آواز ٻڌي ماسي موسمي ۽ ناني نارنگي ڀڄ پائي محلات ۾ وڃي لڪيون. نارنگيءَ جي ڌيءُ ناسپاتي بيهوش ٿي ويئي. راجا انب ديو جي فوج ڪاهيندي وڃي مٺاين جي ملڪ ويجهو پهتي... چوطرف نڪاون جا ڀيانڪ آواز ٻڌي ڦيڻيون ڦتڪڻ لڳيون. ريوڙيون رڙيون ڪرڻ لڳيو. لائي ٻائي وڃي ڪنڊ ۾ لڪي. مائو مڇون مروٽي اڳتي وڌيو تہ انگور اُبتا پير ڪري وٺي ڀڄڻ لڳا...“

## (١٨) آشيرواد (١٩٨٨) سوني مولچنداڻي

ٻن دوستن جي هيءَ ڪهاڻي سنڌي ٻوليءَ جي ڳهتجندڙ واهپي تي چوٽ ڪري ٿي. سنديپ کي پنهنجي ڏاڏي ۽ ڏاڏيءَ وٽان هميشهہ آشيرواد ملندي هئي جو اهي هن سان گڏ ئي رهندا هئا پر سندس دوست آنند پنهنجي ڏاڏي ۽ ڏاڏيءَ جي آشيرواد لاءِ سڪندو هو ڇاڪاڻ تہ سندس ڏاڏو ۽ ڏاڏي بمبئيءَ ۾ رهندا هئا ۽ اُتان جو گهر ڇڏي نہ پئي سگهيا. هيڏانهن آنند بہ اُتي وڃي رهي ڪونہ پئي سگهيو جو اُتي سنڌي اسڪول ڪونہ هئا.

## (١٩) ارجن ناهي اپاهج (١٩٨٩) هيملتا بجاج

هڪ اسڪول ۾ رسيس جي وقت جڏهن سڀ ٻار راند روند ڪندا هئا تڏهن ارجن نالي هڪ اپاهج ڇوڪرو ڳهٽي حسرت سان هنن جي راند روند ڏسندو هو. هوُ اپاهج هئڻ ڪري انهن ٻارن سان راند نہ ڪري سگهندو هو. هڪ

ڏينهن ايئن نالي هڪ ڇوڪري کي هڪ خيال آيو. ان موجب هوءَ سندس ساٿي بعد ۾ اهڙيون رانديون ڪرڻ لڳا جن ۾ ارجن بہ حصو وٺي سگهي. ان بعد ارجن ڪڏهن بہ پاڻ کي اڪيلو نہ سمجهندو هو.

## (٢٠) آڪاڻي اڪروٽ جي (١٩٩٠) هوندراج بلواڻي

سڪي ميوي جي دڪان مان هڪ اڪروٽ وڪامي ٻاهر جي دنيا ۾ آيو تہ هن کي زندگيءَ جا ڳهڻائي آزمودا مليا. جتي بہ هن کي ڪائڻ لاءِ ڪنهن پڇڻ پئي چاهيو هو اُتي هو پاڻ کي انڪل سان بچائيندو رهيو. آخر ۾ هڪ غريب ڇوڪري کي اڪروٽ ڪائڻ لاءِ مچلڇندو ڏسي هوُ ان کي پنهنجو سواد وڻائي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح پاڻ کي قربان ڪري ٿو.

## (٢١) ڳڏوڳهوٽ (١٩٩١) لڇمڻ ڪڪريجا

هيءَ ڪهاڻي پوپري ۽ پنجو نالي ٻن ٻارن جي آهي. هنن کي سندن ڏاڏيءَ ڪپڙي مان هڪ ڳڏو ناهي ڏنو. پر ٻارن کي ڳڏو ڪونہ وڻيو. تڏهن اچانڪ دريءَ مان هنن هڪ اُڏامندڙ تسري ڏٺي. تسريءَ ۾ وينل ماڻهوءَ هنن کي تسريءَ ۾ ويهاري دنيا جو سير ڪرايو. آخر ۾ ڳڏو ٻنهي ٻارن کي انهن ماڻهن جي چنبي مان ڇڏائي ڌرتيءَ تي واپس وٺي آيو.

## (٢٢) چنڊ تي چڙهائي (١٩٩١) ڳوورڌن محبوباڻي 'ڀارتي'

ٽِتوءَ نالي ڪتو، ٻِتوءَ نالي ٻلي ۽ ڪِتوءَ نالي ڪوئو، ببلوءَ جي ناهيل راڪيٽ ۾ چڙهي چنڊ جو سير ڪرڻ نڪتا. رستي ۾ ڳالهيون ڪندا ۽ مزا ماڻيندا آخر چنڊ تي پهتا پر اُتي هوا، پاڻي، وڻ ٽڻ ۽ مڪان وغيره نہ ڏسي کين مزو نہ آيو. هنن کي پنهنجي ڌرتي پياري لڳڻ لڳي. ان طرح سير ڪري هوُ ڌرتيءَ تي واپس موٽي آيا.

## (٢٣) ايڪتا جو ٻل (١٩٩٢) واشديو 'سنڌو ڀارتي'

هڪ جهنگل ۾ ڪالوُ نالي نانگ، پکين جي آکيرن ۾ وڃي اُنهن جا آنا ۽ ٻچا کائي ويندو هو پر ڪوئي بہ پکي هن جو مقابلو ڪرڻ جي همت ئي ڪانہ ڪندو هو. هڪ دفعي ڪالو نانگ جڏهن ڪنوُ ڪانوَ جا ٻچا کائڻ لاءِ آيو تہ ڪانوَ 'ڪان ڪان' ڪري ٻين ڪانوَن کي ڪٺو ڪيو. هنن گڏجي ڪالوُ نانگ جو مقابلو ڪيو ۽ آخر ڪيس ختم ڪري ڇڏيو. انهيءَ گهٽنا کان پوءِ سيني پکين ۾ همت آئي ۽ هنن پاڻ ۾ ايڪتا رکڻ جو قسم ڪنيو.

## (٢٤) لالچ جو ڦل (١٩٩٢) — جگديش لڇاڻي

هڪ پونگڙو پنهنجي ماءُ سان جانورن جو باغ ڏسڻ ويو. اُتي ڪوئن جي پڃري ۾ جپاني ڪوئا ڏسي هن کي اُهي کائڻ تي دل ٿي. هن پنهنجي ماءُ جي اکين ۾ سرمو پائي، جاريءَ جي مٿئين حصي مان اندر ٽپو ڏنو ۽ ان طرح ڦاسي پيو.

## (٢٥) سپنا ۽ پاپا جي تلاش (١٩٩٢) — نندلعل پرسراماڻي

سپنا نالي هڪ ننڍي ڇوڪريءَ جو پاپا فوج ۾ هو. اچانڪ هڪ ڏينهن هوُ گم ٿي ويو. سيني ڀاتين کي هن جي چنتا ٿيڻ لڳي. ننڍڙي سپنا پنهنجي پاپا کي گهڻو پيار ڪندي هئي ان ڪري هوءَ تمام گهڻو اُداس رهندي هئي. هوءَ پکين کي چانور کارائيندي هئي ان ڪري ڪانءُ ماما هن جي مدد لاءِ آيو. ڪانوَ جي مدد سان سپنا، جهنگل ۾ پلجي ويل پاپا کي ڳولهي ڪڍيو.

**نوٽ :** (١) مٿيون ٢٥ ٻال ڪهاڻيون فقط 'سئمپل' طور پسند ڪيون ويون آهن— پرين ۽ راجائن، پري جهڙين روايتي ڪهاڻين کي پاسيرو ڪري.

(٢) هن شماري ۾ ڪنهن بہ ليکڪ جون ٽن کان وڌيڪ ٻال ڪهاڻيون نہ ڪنيل آهن.

(٣) ڪنهن بہ ليکڪ جون جيڪڏهن هڪ کان وڌيڪ ٻال ڪهاڻيون چونڊيون ويون آهن تہ اهي سندس الڳ الڳ مجموعن مان پسند ڪيون ويون آهن جئن جدا جدا وقتن تي لکيل سندس رچنائن جو جائزو وٺي سگهجي.

(٤) ڪنهن ليکڪ جا فقط ٻہ ٽي مجموعا ڇپيل هئڻ جي حالت ۾ سندس ٽي ٻال ڪهاڻيون انهن ٻن مجموعن مان ٽي چونڊيون ويون آهن.

مٿي ذڪر ڪيل ڪهاڻين مان 'ڇوُڇوُ'، 'نئين بستي'، 'بجرنگ بلي'، 'ٻم ٻم بهادر'، 'جڏهن ٻليءَ چشمو پاتو'، 'نئين زماني جو ڪوئو'، 'ڪرنل جي سوجهہ ٻوجهہ'، 'ڇوٽون باندر'، 'راجو رڇ'، 'مڇرن جي ڀوُن ڀوُن'، 'بلند حوصلو'، 'آڪاڻي اڪروٽ جي'، 'چنڊ تي چڙهائي'، 'ايڪتا جو ٻل' ۽ 'لالچ جو ڦل'— اهي موضوع توڙي عبارت جي خيال کان سنين ڪهاڻين جي صف ۾ بيهن ٿيون. انهن ٻال ڪهاڻين ۾ ٻال ڪهاڻيءَ جا مڙئي عناصر موجود آهن.

انهن جي ڀاشا ۽ پيشڪش ٻه ٻارن جي لاءِ موزون آهي.

پارتيءَ جي 'نئين بستي' پڪين پسن جي دنيا جي هڪ سني ڪهاڻي آهي. ٽن ساهيڙين-ڏيڏريءَ، ڪُٽيءَ ۽ جهرڪيءَ جي گفتگو ڏيان ڇڪائي ٿي. ڪهاڻيءَ ۾ سهڪار جي مهما ڳاتي ويئي آهي. فتحچند واسواڻيءَ جي ويچار موجب ""نئين بستي' پارت ۾ براجن، ڪارخانن، نوَن گهرن ۽ هنري يوجنائن جي علامت آهي. ان ۾ سهڪار سان سک سهنج وڌائڻ جي سکيا ڏنل آهي."[1]

پارتيءَ جي ٻي ڪهاڻيءَ 'بجرنگ بلي' ۾ رانديڪن کي ڪردار بڻائي پيش ڪرڻ جو تجربو ڪيو ويو آهي. رامائڻ جي ڪٿا کي هاٺوڪي يگ انوسار ٺاهي جوڙي، نيڪي ۽ بديءَ جي لڙائيءَ ۾ نيڪيءَ جي جيت ڏيکاري ويئي آهي. ڪهاڻيءَ جي اصطلاحي ڀاشا ۽ وڻندڙ گفتگو خاص ڌيان ڇڪائيندڙ آهن.

سندس ٽين ڪهاڻي 'چنڊ تي چڙهائي' پڻ اڄڪلهه جي وقت انوسار لکيل وگيانڪ ڪهاڻي آهي.

جگديش لڇاڻي لکي ٿو، "ليکڪ کي وگيانڪ ڄاڻ ڏيڻ جو اُتم ڏانءُ آهي... هوُ ٻارن کي سليس، مٺي ٻوليءَ ۾ وندرائيندڙ آکاڻين ذريعي وگيانڪ ڄاڻ ڏيڻ ۾ بيحد ڪامياب ويو آهي."[2]

جيوت گوگيا 'جوت' جون 'خوُخوُ'، 'بم بم بهادر' ۽ 'مڇرن جي ڀُون ڀُون' روچڪتا ۽ ساڻ ساڻ سولي- وڻندڙ ٻوليءَ ۾ ٻارن لاءِ لکيل سندر ڪهاڻيون آهن. 'مڇرن جي ڀُون ڀُون' ۾ جينوٽيڪ ڪابه سکيا ڪانهي پر بلڪل ئي علحدو ۽ نواڻ وارو موضوع کڻي ٻارن اڳيان پيش ڪرڻ جو تجربو ڪامياب آهي.

جگديش لڇاڻيءَ موجب، "ٻال ساهتيه جي سرجن پنيان ٻالڪن ۾ پريم محبت مکيه ڳالهه آهي. ان لاءِ ماءُ واري ممتا ڀري دل کپي ۽ ٻيو، ٻال ساهتيه جي رچنا وقت ٻاراڻي ڪلپنا ڪان ڪم ونٺو آهي. ٻارن سان ٻارن جي ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻو آهي. سندن عمر آهر لفظن، پهاڪن ۽ اصطلاحن جو استعمال ڪرڻو آهي ۽ ڄاڻ جو جيوت گوگيا 'جوت' ۾ ٻئي خوبيون موجود آهن، ان ڪري مان کيس ٻال ساهتيه رچيندڙن ۾ هڪ اهم جڳهه ڏيندو آهيان."[3]

---

1. مهاڳ 'نئين بستي'
2. مهاڳ 'چنڊ تي چڙهائي'
3. سمپادڪيه 'رنگبرنگي آکاڻيون'

واشديو سنڌو پارتيءَ جي ’ڪرنل جي سُوجهه ٻُوجهه‘ ڪهاڻيءَ جو مرڪزي خيال اڪبر بيربل يا راجائي ڪهاڻين ۾ ايندڙ چالاڪيءَ جهڙو آهي تڏهن بہ ان کي بلڪل ئي نئين ڍنگ سان وڻندڙ نموني لکيو ويو آهي. سندس ٻي ڪهاڻي ’بلند حوصلو‘ ۾ ٻار جي وقتائتي سُوجهه ٻوجهه، سمجهہ، هوشياري، اٽڪلبازيءَ کي سهڻي نموني پيش ڪيو ويو آهي.ساڳئي ئي ليکڪ جي ٽين ڪهاڻي ’ايڪتا جو ٻل‘ ۾ بہ ايڪتا سان گڏ، سمجهہ ۽ هوشياريءَ جي ڳالهہ اچي ٿي. (هيءَ ڪهاڻي ’ٻال سنڌو‘ سنستا طرفان ١٩٩١ع ۾ رکيل اکل ڀارت سنڌي ٻال ڪهاڻي چٽاڀيٽيءَ ۾ پهريون نمبر آئي هئي.)

ايشور چندر جون ٻئي ٻال ڪهاڻيون ’جڏهن ٻليءَ چشمو پاتو‘ ۽ ’نئين زماني جو ڪُوئو‘، موضوع، ڀاشا، شئلي، گفتگو، ماحول ۽ پاترن وغيره جي خيال کان ٻال ڪهاڻيءَ جي فريم ۾ بلڪل ٺهڪي بيهڻ اهڙيون ٻال ڪهاڻيون آهن.

هوندراج بلواڻيءَ جي ’سونيءَ جي گڏي‘ راڻديڪن جي دنيا جي ڪهاڻي آهي. اهي راڻديڪا بي‌جان هوندي بہ ٻارن جا دوست آهن. اهي ٻارن کان رسن بہ ٿا تہ پرچن بہ ٿا.

سندس ٻي ٻال ڪهاڻي ’ڇوٽون باندر‘ بلڪل ئي نئون وشيہ کڻي اچي ٿي. گجراتي ليکڪا ونلتا مهتا جو رايو، ’’’ڇوٽون باندر‘ نواڻ ڀريل عنوان. سندر ڪلپنا. ٽن باندرن جي مريادا کان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ واڌايون. ٽن کي ڇوٽين مزيدار نموني سمائي ڇڏيو. اڌ سڦلتا عنوان ۾ سمايل آهي. باقي سڦلتا ڪهاڻيءَ کي ننڍن جملن، صاف ويچارن ۽ پيش ڪرڻ جي ڍنگ ۾ سمايل آهي.‘‘ 1

گجراتي اخبار ۾ ’ڇوٽون باندر‘ مجموعي جي سمالوچنا ڪندي سمالوچڪ لکيو، ’’راشٽرپتا مهاتما گانڌيءَ جي امر ٽن باندرن جي سلسلي ۾ لکيل ’ڇوٽون باندر‘ ڪهاڻي، مجموعي جي سرمور ڪهاڻي آهي. ليکڪ هن ڪهاڻي لکڻ ۾، هڪ سرجڪ کي ڪيئن اصلوڪپڻو ۽ نواڻ آڻي ڪهاڻيون لکڻ کپن، ثابت ڪري ڏيکاريو آهي.‘‘ 2

هن ليکڪ جي ٽين ڪهاڻي ’آڪاڻي اکروٽ جي‘ هڪ اکروٽ کي مکيہ پاتر بڻائي پيش ڪيل نئون تجربو آهي. (هيءَ ڪهاڻي راجستان سنڌي اڪادميءَ طرفان ١٩٨٧ع ۾ رکيل اکل ڀارت سنڌي ٻال ڪهاڻي چٽاڀيٽيءَ ۾

---

1. ’ڇوٽون باندر‘ ۾ ڇپيل رايو
2. ’پرڀات‘ (گجراتي) روزاني

’شريمان اڪروت‘ جي نالي سان ٻيون نمبر آئي هئي.)

هوندراج بلواڻيءَ جي ڪهاڻين بابت لکندي جڳديش لڇاڻي چوي ٿو، ”بلواڻيءَ جي ٻال ڪهاڻين جي وڏي وصف اها آهي جو هن صاحب نوَن نوَن وشين کي ڇهيو آهي. هن پنهنجين ڪهاڻين کي صرف پرمپراگت ٻال ڪهاڻين تائين محدود نہ رکيو آهي. هن جون ڪهاڻيون راجائي محلن مان ٻاهر نڪري، اڄ جي ٻارن سان گڏوگڏ هلن ٿيون.“ [1]

گجراتي ٻال ساهتيڪار يشونت مهتا چاڻائي ٿو، ”وشيہ پسندگي بلڪل سوچ سمجهہ پري آهي. ڪٿا جو مقصد ڪلاتمڪ نموني ڪٿا ۾ ٿي پوئي ڇڏڻ جي ليکڪ کي سني جاڻ آهي. ڪٿي بہ غيرضروري وڌاءُ ڪرڻ بنا هوُ ٻارن کي وٽي، اهڙي سرلتا سڌ ڪري سگهيو آهي. اُپديش جو تہ هن ڪٿي بہ سهارو نہ ورتو آهي. اها پاڻ هڪ وڏي حاصلات آهي.“ [2]

لڇمڻ ڪڪريجا جي ’گڏو گهوٽ‘ جيتوڻيڪ هڪ نئين وشيہ تي لکيل ڪهاڻي آهي پر ان ۾ غيرضروري وڌاءُ، ڪهاڻيءَ کي بي‌مزي بڻائي ٿو ڇڏي. تنهن هوندي بہ ڪهاڻيءَ ۾ تازگي آهي.

ذڪر ڪيل ٻال ڪهاڻين جي خصوصيت جي ورهاست هن نموني ڪري سگهجي ٿي :

**وشين جي نواڻ** : بجرنگہ بلي، جڏهن ٻليءَ چشمو پاتو، نئين زماني جو ڪوئو، ڪرنل جي سوُجهہ ٻوُجهہ، چوٿون ٻاندر، راجو رڇ، مڇرن جي ٻوُن ٻوُن، بلند حوصلو، آڪاڻي اڪروت جي، گڏو گهوٽ

**وڻندڙ سرا** : خوُخوُ، ٻم ٻم بهادر، جڏهن ٻليءَ چشمو پاتو، مڇرن جي ٻوُن ٻوُن، چوٿون ٻاندر

**سادا سرا** : موٽر جو مزو، سدا سکيو، گوپال ۽ جاني، بهادر جانوُ، آشيرواد، ارجن ناهي اپاهج، لالچ جو ڦل، ايڪتا جو ٻل

**دلچسپ عبارت** : نئين بستي، ٻم ٻم بهادر

**سولي ٻولي** : خوُخوُ، ٻم ٻم بهادر، جڏهن ٻليءَ چشمو پاتو وغيره

---

1. مهاڳہ ’نئين ناني‘
2. مهاڳہ ’چوٿون ٻاندر‘

| | | |
|---|---|---|
| اصطلاحي پولي | : | بجرنگہ بلي، جهيڙو ۽ ناهہ |
| فئنٽسي | : | جهيڙو ۽ ناهہ، چنڊ تي چڙهائي، سپنا ۽ پاپا جي تلاش، سونيءَ جي گڏي، گڏو گهوٽ، انوکو جادوگر |
| ڪردارنگاري | : | بجرنگہ بلي، راجو رڇ، آڪاڻي اکروٽ جي |
| گفتگو | : | بجرنگہ بلي، چنڊ تي چڙهائي، چوڻون باندر، ڪرنل جي سوُجهہ ٻوُجهہ وغيره |

## ٻال ڪهاڻيءَ جا قسم :

اصل ۾ سنسڪرت ڪٿا ساهتيہ ۾ ٽن قسمن جون ڪهاڻيون موجود هيون- پري ڪٿائون، جيو جنتن جون ڪٿائون ۽ نيتي ڪٿائون. انهن سينې ۾ سڀ کان وڌيڪ جيو جنتن جون ڪهاڻيون يعني پسن ۽ پکين جون ڪهاڻيون مشهور ٿيون. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ انهن ۾ پسون پکي ۽ ٻيا جيوَ جنتو ماڻهن جيان ڳالهائين ٻولهائين ٿا. 'پنچتنتر' ان جو سهڻو مثال آهي.

موهن‌ڀائي پٽيل اصلي ڪٿا ساهتيہ جا ڇهہ قسم ٻڌايا آهن : (١) پوراڻڪ ڪٿائون (٢) درشٽانت ڪٿائون (٣) نيتي ڪٿائون (۴) پري ڪٿائون (۵) روپڪ ڪٿائون (٦) ڏند ڪٿائون. [1]

ڊاڪٽر هري ڪرشن ديوسري هندي ٻال ڪهاڻيءَ کي هينئين قسمن ۾ ورهائي ٿو :

(١) اُپديشاتمڪ ڪهاڻيون (٢) پسن پکين جون ڪهاڻيون (٣) اتهاسڪ ڪهاڻيون (۴) ساهس ڪٿائون (۵) وگيانڪ ڪهاڻيون (٦) منووگيانڪ ڪهاڻيون (٧) ڀهاڪن جون ڪهاڻيون (٨) گيت ڪٿائون (٩) پري ڪٿائون. [2]

ڊاڪٽر شري پرساد انهن جي ورهاست هن نموني ڪئي آهي :

(١) اتهاسڪ ڪهاڻيون (٢) پوراڻڪ ڪهاڻيون (٣) ساهس ڪٿائون (۴) جاسوسي ڪهاڻيون (۵) هاسيہ ڪٿائون (٦) پسن پکين جون ڪهاڻيون (٧) پري ڪٿائون (٨) لوڪ ڪٿائون (٩) ڏٽن وارن ۽ ماڻهن جون ڪهاڻيون (١٠) سامنتي جيون جون ڪهاڻيون (١١) وگيانڪ ڪهاڻيون (١٢) محاورن جون ڪهاڻيون (١٣) ٻال جيون جون ڪهاڻيون (١۴) گيان ڪٿائون. [3]

---

1. 'گجراتي مان ٻال ساهتيہ' (گجراتي) ص. ٦٩
2. 'هندي ٻال ساهتيہ : ايڪ اَڌيين' ص. ٢٧٠
3. 'هندي ٻال ساهتيہ کي روپ ريکا' ص. ٢١٣، ٢١۴

جدا جدا ودوانن دواران ٻال ڪهاڻيءَ جي قسمن جي ورهاست تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو تہ فقط وشين کي ڌيان ۾ رکي ٻال ڪهاڻيءَ جا قسم طئہ ڪيا ويا آهن. جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ ڪي قسم انهيءَ ورهاست ۾ نهڪندڙ نتا لڳن. مثال طور : اُپديشاتمڪ ڪهاڻي يعني جنهن ڪهاڻيءَ ۾ اُپديش هجي. اُپديش تہ ڪنهن بہ ڪهاڻيءَ ۾ تي سگهي ٿو. اهو پسن پکين جي ڪهاڻيءَ ۾ بہ ٿي سگهي ٿو تہ اتهاسڪ ڪهاڻيءَ ۾ بہ. گيت ڪٿا وري ڪهاڻي پيش ڪرڻ جو ڍنگہ آهي. گيتن کي آڌار بڻائي کهڙي بہ وشيہ تي ڪهاڻي لکي سگهجي ٿي. لوڪ ڪهاڻيون بہ گهڻن ئي وشين تي ٿي سگهڻ ڪري انهن کي موضوعن موجب ورهايل قسمن ۾ رکڻ بيجاءِ ٿيندو.

ٻال ڪهاڻي پيش ڪرڻ جي ڍنگہ کي خيال ۾ رکي رتيلعل نايڪ ٻال ڪهاڻيءَ جا ٻہ قسم ٻڌايا آهن- ڪٿيہ ڪٿا ۽ ليکي ڪٿا. يعني (١) اها ڪهاڻي جيڪا چئي ٻڌائجي ۽ (٢) اها ڪهاڻي جيڪا لکي ڪري پيش ڪجي. ”ڪٿيہ ڪٿا مکيہ طور مکہ مان چئجي ٿي. عضون جا هاوَ ڀاوَ ان ۾ ڀاڱہ وٺن ٿا. ان ۾ ننڍا جملا هوندا آهن. ليکي ڪٿا ان جي ڀيٽ ۾ گهري ۽ موافق هوندي آهي. ان ۾ وشيہ وستوءَ جي پيشڪش، ڪلا تتوَن جو خاص خيال رکي لکي وڃي ٿي. ان جي ڀاشا شهري ۽ ساهتيڪ هوندي آهي. گفتگو ذريعي ناٽڪي تتوَ جي ادائگي ۽ بيان دواران مختلف چتر ڪڙو ڪري ٻڌندڙ چاهي پڙهندڙ کي، ان ۾ ڪوهي چڏڻ جي ڪلا، ڪٿيہ چاهي ليکي، ٻنهي قسمن جي ڪهاڻين ۾ لڳہ ڀڳہ سمان هوندي آهي.“ [1]

سنڌيءَ ۾ ٻال ڪهاڻيءَ جي قسمن جو جائزو وٺون.

## (١) اتهاسڪ آکاڻيون

اتهاسڪ آکاڻيءَ جو آڌار اتهاس هوندو آهي. ان جا پاتر بہ اتهاس مان ئي هوندا آهن. اتهاس جي ڪنهن گهٽنا کي کڻي يا ڪنهن ڪردار جي خوبين يا خامين کي ڪهاڻيءَ ۾ سمائي پيش ڪيو ويندو آهي. تواريخ جي پنن مان راجا، راڻين يا سئنڪن جي بهادريءَ جون ڳالهيون کڻي، انهن کي آڌار بڻائي اتهاسڪ آکاڻيءَ جي روپ ۾ پيش ڪيو ويندو آهي.

اتهاسڪ آکاڻيون جيتريون سنڌ ۾ لکيون ويون اوتريون هند ۾ ڪونہ لکيون ويون آهن. ٿوريون ڪوششون ضرور ٿيون آهن. ديپچندر تلوڪچند ۽

---

1. رتيلعل نايڪ ’پرپ‘ (گجراتي)

پريداس برهمچاريءَ جي ’اتهاسي آکاڻيون‘ (ٽي ڀاڱا-١٩٥٦) ۾ ڪيترن ويرن، مهاپرشن جون ڪهاڻيون عام فهم ٻوليءَ ۾ ڏنيون ويون آهن. پرمانند پنجابيءَ وري ’اتهاسڪ لوڪ ڪٿائون‘ (١٩٦١) ۾ وير نارين جون ڪٿائون ڏنيون آهن. رامداس وشنداس لڪاڻيءَ جي ’سنڌ جون ست سچيون ڪهاڻيون‘ (١٩٨٠) ۾ وڏن (يا وڏي عمر وارن ٻارن) جي پڙهڻ لائق آکاڻيون آهن. رام پاڱچنداڻي ’گيان‘ جي ’اتهاسڪ ٻوڌ ڪٿائون‘ (١٩٨٣) ۾ اتهاس مان ڪنيل ننڍين ننڍين گهٽنائن ۽ پرسنگن کي اُپاريو ويو آهي. اُنهن گهٽنائن ۾ سکيا پڻ سمائي ويئي آهي.

## (٢) پوراڻڪ آکاڻيون

ڀارت ۾ ڪيترائي ويد ۽ پراڻ پڙهيا وڃن ٿا. پراچين ڪال ۾ انهن جي رچنا ٿي هئي. اتهاسڪ درشٽيءَ کان انهن جي سچائيءَ جون ثابتيون موجود نہ هونديون بہ انهن ۾ پراچين وقت جي جيون جو چٽر ملي ٿو. انهن مان تياڳ، پريم، ڀائيچاري، ديش پريم وغيره جو سنديش ملي ٿو. انهن جي آڌار تي لکيل ڪهاڻيون هن قسم ۾ اچن ٿيون.

سنڌيءَ ۾ الڳ الڳ ڪهاڻين جي مجموعن ۾ ڪن ليکڪن کي پوراڻڪ آکاڻيون پڻ شامل ڪيون آهن جيڪي خاص اثر پيدا نہ ڪري سگهيون آهن. ان لحاظ کان جگديش لڇاڻيءَ جو ’گيان گنگا‘ (١٩٩٠) واحد ڪتاب آهي جنهن ۾ ٻارن جي ڏانوَ جون سندر ڪهاڻيون ڏنيون ويون آهن.

پراڻن ۾ سمايل ڪٿا ساهتيہ جي باري ۾ جگديش لڇاڻي چوي ٿو، ”ڀارت جو پراچين پوراڻڪ ساهتيہ ڀانت ڀانت جي اڪٿ ڪٿائن سان ڀرپور آهي. اسان جي رشين-منين، سادو-سنتن، ڪوين-ليکڪن انهيءَ پراچين خزاني جو استعمال پئي ڪيو آهي.... اهي ڪٿائون هڪ پرديش مان ڦٽي، سڄي سنسار جي ٻارن جو قيمتي خزانو بڻجي پيون آهن. اِنسان جي دک سکہ، واجب غير واجب، انصاف بي انصافي، پيار نفرت جي مکيہ مانيتائن کي سمان روپ ۾، سڄي سنسار ۾ ڦهلائيندي صحيح روپ ۾ وشو-مانوَ جو نرماڻ ڪرڻ لاءِ ڳجهي نموني ڪم ڪري رهيون آهن. اهي ڪٿائون نہ صرف قومي ڀاونا کي پر، وشو ڀائيچاري جي ڀاونا کي بہ قائم رکن ٿيون. اهي ڪٿائون پراڻيون هونديون بہ سدا نت نيون آهن.“[1]

---

1. ’گيان گنگا‘ ۾ ليکڪ وٽان

## (٣) پسن پکين جو آکاڻيون

پسن ۽ پکين کي پاتر بڻائي ڪهاڻيون ٻڌائڻ جو رواج اسان جي ديش ۾ پراچين وقت کان موجود آهي. 'پنچتنتر'، 'جاتڪ ڪٿائون'، 'هتوپديش' وغيره ۾ ڏنل آکاڻيون انهيءَ شئليءَ ۾ لکيل ملن ٿيون. پسن ۽ پکين جو اِنساني سماج سان گهرو لاڳاپو رهيو آهي. انهن کي پاتر بڻائي لکيل آکاڻين ۾ جانور ۽ پکي اِنسانن جيان ڳالهائيندا آهن.

سنڌيءَ ۾ پکين پسن کي پاتر بڻائي تمام گهٽيون ۽ سنيون آکاڻيون لکيون ويون آهن. انهيءَ کيتر ۾ جيوت گوگيا 'جوت' سنو ڪم ڪري ڏيکاريو آهي. هن ٻليءَ ۽ ڪوئي کي مکيہ پاتر بڻائي، ٻارن جي اڳيان جدا جدا روپ ۾ آکاڻين کي پيش ڪيو آهي. نہ صرف ايترو پر هن منگهڻ ۽ جوُن جهڙن ننڍن جيوَ جنتن کي بہ وساريو ڪونهي. پسن پکين تي لکيل هن جون ذڪر لائق آکاڻيون آهن، 'هاٿيءَ جي سونڊ'، 'گڏھ ڪيئن گڏھ بڻيو'، 'گدڙ ۽ ڪيڪڙو'، 'ڏوٻيءَ جو گڏھ'، 'باندر ريل گاڏي هلائي'، 'طوطو ۽ پڇرو'، 'مور جا پير'، 'موٿو منگهڻ' وغيره. تنهن کانسواءِ ٻلين ۽ ڪوئن جون آکاڻيون جهڙوڪ 'چين چين چون چون'، 'نامراد ٻلي'، 'انوکي دوستي' وغيره.

هن وشيہ تي لکيل ٻيون ڪهاڻيون آهن منوهر نهالاڻيءَ جي 'نديءَ جي هن پار'، هيملتا ٻجاج جي 'جانورن جي دوستي'، لڇمڻ ڪکريجا جي 'ٻبلوءَ جو ڪير' وغيره.

## (٤) ويرتا جون آکاڻيون

هن قسم جي آکاڻين ۾ بهادري، ويرتا ۽ ساهس سان ڀريل آکاڻيون اچن ٿيون. ساهس ۽ ويرتا ڀارتي سماج جو هڪ اهم گڻ رهيو آهي. اچانڪ ڪنهن مشڪلات اچڻ تي ڪيئن بهاديءَ کان ڪم وٺجي ان جو سنديش هنن آکاڻين ذريعي ملي ٿو. ٻار اهڙيون آکاڻيون پڙهي نڊر ۽ ساهسي بڻجن ٿا. ڪين ساهسي ڪاريہ ڪرڻ ۾ رهبري ملي ٿي.

اتهاس مان وير پرش ۽ نارين کي ڪٿي لکيل ٻال ڪهاڻيون سنڌيءَ ۾ تمام گهٽ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. البت ننڍن ٻارن جي سورهيائيءَ تي ڪي ڪهاڻيون ضرور ملن ٿيون پر اهڙين ڪهاڻين جو انداز بہ تمام نہ جهڙو آهي. ڪيرت مهرچنداڻيءَ جي 'انوکي قرباني' ۽ هيملتا ٻجاج جي 'بهادر ٻار' اهڙين ڪهاڻين جا ڪي مثال آهن.

## (۵) وگيانڪ آکاڻيون

اڄ جو يگ وگيان جو يگ آهي. ان ڪري ٻارن کي سائنس جي وشين تي آکاڻيون ڏيڻ گهرجن. انهن آکاڻين ذريعي ٻارن جي چاڻ، سمجهه شڪتي ۽ ڪلپنا شڪتي وڌي ٿي. وڏا ٿي ڪري هو ٻه سائنسدان بڻجي نيون کوجنائون ڪرڻ جي پريرڻا حاصل ڪن ٿا. هن قسم جي آکاڻين ذريعي، سائنس جو وشيه جيڪو ٻارن کي ڏکيو لڳندو آهي، تنهن ۾ دلچسپي پيدا ڪري سگهجي ٿي. ديش ۾ ڦهليل ڪيترن انڌ وشواسن کي ٽوڙڻ ۽ صحيح حقيقت ٻارن جي اڳيان پيش ڪرڻ لاءِ وگيانڪ درشٽي رکڻ تمام ضروري آهي.

اِها آئت ڏيندڙ ڳالهه آهي جو وگيان جي ترقيءَ سان گڏ اسان جي ليکڪن پڻ ٻين ٻاشائن جي ليکڪن جيان وگيانڪ يا وگيانڪ سوُجهه ٻوُجهه پيدا ڪندڙ آکاڻيون لکڻ شروع ڪيون آهن. ذڪر لائق سنين ڪوشش ۾ جيوت گوگيا جي 'مشين جو ماڻهو'، واشديو 'سنڌو پارتيءَ' جي 'ڪارائتو اِنسان'، گووردن پارتيءَ جون 'رام، راوڻ ۽ سيتا' ۽ 'روسي رڇ'، هوندراج بلواڻيءَ جي 'پاڻي غائب ٿي ويو' وغيره ڳڻي سگهجن ٿيون.

## (٦) جاسوسي آکاڻيون

دنيا جو اهڙو ڪوبه ملڪ نه هوندو جتي ڪي ننڍا-وڏا گناهه نه ٿيندا هجن. گنگهار ايترا ته چالاڪ ۽ ڦڙت هوندا آهن جو کين پڪڙڻ لاءِ طرح طرح جي طريقن جو وڪاس ٿيڻ لڳو آهي. انهن کي پڪڙڻ لاءِ تيز ذهن، سوڪيم سمجهه، ثابتين ۽ دليلن وغيره جي ضرورت پوي ٿي. ٻارن ۾ انهن شڪتين جو وڪاس ٿئي ان لاءِ جاسوسي آکاڻين جي رچنا ٿي آهي. وديشي ٻال ساهتيه ۾ ته اهڙيون انيڪ ڪهاڻيون لکيون ويون آهن. پر سنڌيءَ ۾ ان قسم جون ڪهاڻيون ڪي خاص ڏسڻ ۾ نه آيون آهن. واشديو 'سنڌو پارتيءَ' جي 'ڪرنل جي سوُجهه ٻوُجهه' ۽ ڪي ٻيون ڪهاڻيون انٽلبازي، تکي سمجهه ۽ دوراندیشيءَ تي ٻڌل ڪهاڻيون آهن. اهي جاسوسي ڪهاڻين جهڙو مزو ڏين ٿيون.

## (٧) ٻال جيون جون آکاڻيون

هنن آکاڻين جو سڌو لاڳاپو ٻارن جي دنيا سان آهي. ان ڪري اهي صحيح معنيٰ ۾ نج ٻارن جو ڪهاڻيون آهن. ٻارن جون ڪيتريون ئي ضرورتون، تقاضائون ۽ سمسيائون هونديون آهن. انهن کي آڌار بڻائي لکيل

آکاڻيون ٻارن کي بيحد وڻنديون آهن. انهن ۾ هنن کي پنهنجو عڪس ڏسڻ ۾ ايندو آهي. هن قسم جي آکاڻين لکڻ لاءِ ليکڪ لاءِ اهو لازمي آهي تہ هو ٻارن جي منووگيان ۽ ٻال جيون جي مسئلن جو اڀياس ڪري. تڏهن ئي هو اثردار ۽ سپاويڪ آکاڻيون لکي سگهندو.

ٻارن جي جيون سان واسطو رکندڙ ڪهاڻيون اهڙين تہ جهجهي انداز ۾ لکيون ويون آهن پر تنهن هوندي بہ ٻارن جي پنهنجن مسئلن جو جن ۾ عڪس هجي اهڙيون ڪهاڻيون تمام گهٽ ملن ٿيون. ٻال منووگيانڪ ڪهاڻيون تہ تهائين گهٽ آهن. ٻارن جي دنيا جون جيڪي آکاڻيون لکيل ملن ٿيون تن مان ڪي سطحي ڪهاڻين کان مٿتي بينيون آهن. هڪ ٻئي کي شيءِ نہ ڪارائڻ جي ٻارن جي ورتي، جيوت گوگيا 'جوت' جي 'ڪشميري صوف' ۾ ملي ٿي. دنيا ۾ ڪو ڇڙو ڪم ڪري نالو ڪمائڻ جي چاهنا هوندراج بلواڻيءَ جي 'گڙٻڙ' آکاڻيءَ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. شيءِ جو وڏو حصو کائڻ جي ٻارن جي عادت تي هوندراج بلواڻيءَ جي ئي 'اينلارجنگ مشين' سني روشني وجهي ٿي. ان طرح پنهنجي گهر ۾ مائٽن سان ٻارن جي هلت، امتحان، رانديڪن سان پيار، دوستي وغيره جهڙن وشين تي انيڪ ڪهاڻيون لکيل آهن. جيوت گوگيا 'جوت' جي 'جادوءَ جو ڪوئو'، هوندراج بلواڻيءَ جون 'اشتهار'، 'ڏوهہ'، 'نہ-ڦيٿي سائيڪل'، 'ٿي باندر'، واشديو سنڌو پارتيءَ جي 'جهرڪي ۽ آکيرو' وغيره اهڙيون ڪهاڻيون آهن.

## (٨) مذاقي آکاڻيون

مذاقي آکاڻيون ٻارن جي جيون ۾ کل خوشي آڻين ٿيون. هنن کي وندرائين ٿيون. مانسڪ تندرستيءَ لاءِ اهڙيون ڪهاڻيون گهڻيون اُپيوگي آهن. جيون ۾ اهڙا ڪيترائي پاتر ملن ٿا يا گهٽنائون ٿين ٿيون جن جو انيؤ ڪري اسان کي کل اچي ٿي. مذاقي آکاڻين ۾ اهڙين گهٽنائن ۽ پاترن کي پيش ڪيو وڃي ٿو.

سنڌيءَ ۾ مذاقي آکاڻيون گهڻيون ڪونہ آهن. گووردن پارتيءَ جون 'بجرنگہ بلي' ۽ 'ٽنگر لوٽو' بهترين مذاقي ڪهاڻيون آهن. هوندراج بلواڻيءَ جي ٽن ڪتابن 'ٿي گپوڙي'، ڪاڪو ڪوڏومل' (١٩٦٩) ۽ 'بيربل جو ياءُ' پهرئين ڪتاب ۾ 'هوشيار ڪير؟' 'جيئري مکہ'، 'ٿي گپوڙي'، 'واهہ ڀائي چوڏامل'، 'عقل جا اڪابر چيلا' ۽ 'گهوڙي جو بيضو' نالي ڇهہ ننڍڙيون مذاقي آکاڻيون شامل آهن. ٻئين ڪتاب ۾ ڪاڪو ڪوڏومل نالي هڪ ڪردار خلقيو

ويو آهي جنهن جون عجيب وَ غريب ۽ ڪلائيمنڊز ڳالهيون ٻارن کي وندرائين ٿيون. ٽئين ڪتاب ۾ ڏکڻ پارت جي مشهور حاضر جواب ۽ سياڻي شخص تيناليرام جون آکاڻيون آهن. انهن ڪتابن کان سواءِ ڪيترن ليکڪن جا لکيل اڪبر بيربل جي آکاڻين جا ڪتاب، ايل. ڪشنچند ائنڊ سنس ۽ جگديش بوڪ ڊيپو (اُلهاسنگر) وارن ۽ شيخ چلي قسم جي مورک شخصن جي آکاڻين جا ننڍا ڪتاب هيمنداس بوڪ سيلر (گواليار) ڇپايا آهن.

## (٩) اصطلاحن ۽ پهاڪن جون آکاڻيون

هھڙيون آکاڻيون ٻارن جو پاشا گيان وڌائين ٿيون. هر ٻوليءَ ۾ اهڙا انيڪ اصطلاح ۽ پهاڪا موجود آهن، جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن گهٽنا ڏانهن اِشارو ڪن ٿا. ليڪ انهن جو اپياس ڪري، ان جي آڌار تي ٻارن جي لاءِ آکاڻي لکي ٿو. انهيءَ ذريعي نہ صرف ٻارن کي وندر ملي ٿي پر ان سان گڏ ان اصطلاح يا پهاڪي جو مطلب سمجهجي ٿو، جنهن تي اها آکاڻي لکي ويئي آهي. هڪ نمونو اهو آهي تہ پهاڪي جي بنياد ۾ جيڪا گهٽنا هوندي آهي ان جو اپياس ڪري اها آکاڻي پيش ڪبي آهي. ٻئي نموني موجب اصل پهاڪي جي آڌار تي نج ڪالپنڪ آکاڻي لکي وڃي ٿي. آکاڻيءَ جي آخر ۾ ٻار کي انهيءَ پهاڪي جي ارٿ جي خبر پوي ٿي. پهرئين قسم جي آکاڻيءَ جي بنياد ۾ اصلي گهٽنا هوندي آهي جنهن جي آکاڻيءَ جي روپ ۾ اُپٽار ڪئي ويندي آهي. ٻئي قسم جي آکاڻي بلڪل خيالي هوندي آهي.

اصطلاح يا پهاڪي جي پنيان سمايل گهٽنا جي کوج ڪندي ان کي آکاڻيءَ جي روپ ۾ پيش ڪرڻ جون ڪوششون هندي ۽ ٻين ٻولين ۾ جهجهيون ٿيون آهن. سنڌيءَ ۾ انهيءَ قسم جون آکاڻيون ڏسڻ ۾ نٿيون اچن. ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي 'ڪتي راجا پوچ ۽ ڪتي گنگو تيلي' پهاڪي پنيان سمايل ڪن آکاڻين جي ڇنڊڇاڻ ڪندي هڪ ليکہ لکيو هو، اهو وڌن لاءِ هو. انهيءَ ئي طرز تي ڪنهن اصطلاح يا پهاڪي تي لکيل ڪابہ آکاڻي نظر نٿي اچي. البت ٻئي قسم جون ٻال ڪهاڻيون ضرور لکيون ويون آهن. انهيءَ قسم جي آکاڻين جو سنڌيءَ ۾ فقط هڪ ئي مجموعو ڏسڻ ۾ اچي ٿو- هوندراج بلواڻيءَ جو 'ڪوئي لڏي هٺڊ ڳڙي....' (١٩٨٥)، جنهن ۾ ڏهن پهاڪن تي لکيل آکاڻيون ڏنل آهن. اصطلاحن تي لکيل آکاڻين جو ڪو مجموعو تہ ڪين آهي پر ڪن رسالن ۾ انهن تي ڪي آکاڻيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. جنهن ۾ مکيہ آهن هوندراج بلواڻيءَ جون 'ڪوهہ جو ڏيڏر' ۽ 'ڪتي جو پڇ.'

اسان جا سنڌي ٻار، جيڪي سنڌي ماحول کان دورٿيندا پيا وڃن تن کي ٻوليءَ جو اهو خزانو، آکاڻين ذريعي ڏيڻ جي ضرورت آهي.

## (١٠) لوڪ ڪهاڻيون

آڳاٽي سمي ۾ آکاڻيون زباني روپ ۾ موجود هيون. لکيل روپ ۾ پوءِ آيون. ماڻهو هڪ ٻئي کي آکاڻيون ٻڌائيندا هئا. ميڙن ۾ بہ آکاڻيون چيون وينديون هيون. ماڻهو هڪ هنڌ ڪٺا ٿيندا هئا تہ ڳالهہ مان ڳالهہ نڪرندي هئي ۽ ائين رات جو دير تائين آکاڻيون ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جو سلسلو هلندو هو. وقت گذرڻ سان ڏاڏين ۽ نانين جي معرفت پوٽن ۽ ڏوهٽن کي اهي آکاڻيون مليون. ان طرح ڏاڏين، نانين ۽ ٻين وڏڙن وٽان مليل اهي آکاڻيون اڄ سڄي دنيا ۾ موجود آهن. انهن کي لوڪ ڪهاڻيون چئجي ٿو.

لوڪ ڪهاڻيءَ ۾ هيٺيون خصوصيتون هونديون آهن :

(١) اها پرمپراگت ٿيندي آهي ۽ هڪ ماڻهوءَ کان ٻئي ماڻهوءَ تائين پهچندي آهي.

(٢) هن جي اصلوڪپڻي بابت ڪابہ دعويٰ نہ ٿيندي آهي.

(٣) هن جي پرمپرا زباني ٿيندي آهي. ٻڌڻ وارو جنهن روپ ۾ ياد رکندو آهي، انهيءَ روپ ۾ ئي ٻئي کي دهرائي ٻڌائيندو آهي.

(۴) دهرائڻ وقت هوُ ان ۾ ڄاڻي ٻجهي يا اڻڄاڻائيءَ ۾ ڪي ڦيرڦارون بہ ڪندو آهي.

لوڪ ڪٿائن جا گهڻائي قسم ٿي سگهن ٿا. ديش جي الڳ الڳ حصن ۾ انهن جا گهڻا ئي قسم ملن ٿا. مثال طور ديوي ديوتائن، جنن ڀوتن، چمتڪارن، پرين، جادوءَ، ساڌن فقيرن، پسن پکين، نيڪي ۽ دولاب، بهادريءَ وغيره جون ڪهاڻيون.

ديش وديش جي لوڪ ڪهاڻين ۾ گهڻيون سمانتائون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. ڪٿي گرمي تہ ڪٿي برف، ڪٿي زلزلا تہ ڪٿي طوفان هوندي بہ بنيادي طور اِنسان ۾ پريم، ديا، حسد، ترسڪار وغيرهہ جهڙا گڻ - اوگڻ ساڳيا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. لوڀ هرهنڌ خراب ليکجي ٿو، نفرت هرهنڌ ڌڪاري وڃي ٿي.

سنڌيءَ ۾ اصلوڪين آکاڻين کان پوءِ تمام گهڻو تعداد لوڪ ڪهاڻين جو ملي ٿو. گهڻن ئي وشين تي لوڪ ڪهاڻيون قلمبند ٿيل آهن. سنڌيءَ ۾ ڇپيل لوڪ ڪهاڻين جي مجموعن جا تفصيل هيٺ ڏجن ٿا.

## خاڪو ۵ لوڪ ڪهاڻين جا مجموعا

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ | ڇپائيندڙ | سال | لوڪ ڪهاڻيون |
|---|---|---|---|---|---|
| ۱ | خوشنصيب وزيرزادو (د) | ديپچندر تلوڪچند | — | ۱۹۶۴ | يکي لوڪ ڪهاڻي |
| ۲ | اَچا ڪانوَ | گهنشيام وليچا | ايسٽ اُلهاسنگر بالڪن جي ٻاري، اُلهاسنگر | ۱۹۶۴ | مڏيئو مچڏو، پرمتڙيو راجا، پرڪ، ڏاهري، بهادر ڪير، ٻاتو ۽ ٻاتيون، چاڪي، اگهي نہ ڪٽو، تاڻ، ڪجهہ نہ ڪجهہ، پنج تولا هريڙون، اَچا ڪانوَ (ڪل ٻارهن سنڌي لوڪ ڪٿائون) |
| ۳ | ڏاڏيءَ جي ڏات (د) | ليکراج هنس | تولارام پارومل هنسراجاڻي، دهلي | — | ڪانءُ ڪبر، لول- وڻ، قدي هلي قل پڃائڻ، ڪنوڪنوار وني آيو، منهنجي ڍيڍي پري، پري پري تي نچو، چڪرچٽو نہ ڏئي، دينبو ۽ دينبي (ڪل اٺ سنڌي لوڪ ڪهاڻيون) |
| ۴ | لوڪ ڪٿائون (د) (ٻہ ڀاڱا) | ديپچندر تلوڪچند | نوجيون ساهتيہ منڊل، اجمير | ۱۹۶۵ | ديش وديش جون لوڪ ڪٿائون |

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ | ڇپائيندڙ | سال | لوڪ ڪهاڻيون |
|---|---|---|---|---|---|
| ٥ | آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه | چيتن ماڙيوالا | ليکڪ پاڻ | ١٩٦٦ | سنڌ جون پنج مشهور لوڪ ڪهاڻيون- مومل ميندرو، ليلا چنيسر، سورٺ راءِ ڏياچ، نوري ڄام تماچي، سسئي پنهون. |
| ٦ | ڏائڻ جي شادي | ڪمل پياسي | پايل پبلشرس بڙودا | ١٩٦٦ | ڏائڻ جي شادي، اُڏامندڙ هاٿي، ڪتا ۽ ٻليون ڪيئن پاڻ ۾ دشمن ٿيا، سوني بدڪ، ٻن لکن جي لاٽري، ٻڍي ۽ ڪانءُ. |
| ٧ | راجوءَ جي ٽوپي | هوندراج بلواڻي | پال سنڌو پبليڪيشن، احمدآباد | ١٩٦٨ | ايماندار چور، دوست ۽ ڪوُٺا، ٻوٽن جو گهنڊ، راجوءَ جي ٽوپي. |
| ٨ | هڪڙو هو سوداگر | نارايڻ ڀارتي | سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن، اُلهاسنگر | ١٩٧٥ | هڪڙو هو سوداگر، سياڻي نينگر، راجا جو ملهه، مڇي جو ڪلي، دل جي پرک، ٻڍيءَ ۾ ٻل، ڪويل ڏيپو، گوگيو، ڀاڳ جي مايا، وسپت ديوتا (ڪل ٻارهن (سنڌي لوڪ ڪهاڻيون) |

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ | ڇپائيندڙ | سال | لوڪ ڪهاڻيون |
| --- | --- | --- | --- | --- | --- |
| ٩ | جادوءَ جي بوتل | هوندراج بلواڻي (سمپادڪ) | گلستان پبليڪيشن، احمدآباد | ١٩٧٧ | ديش وديش جون ڪهاڻيون ۽ لوڪ ڪهاڻيون (جدا جدا ليکڪ |
| ١٠ | ستن سالن جي ڇوڪري | ” ” | ” ” | — | ” ” ” |
| ١١ | ٽي سونا وار | ” ” | ” ” | ١٩٧٨ | ” ” ” |
| ١٢ | جادوئي ڪُمي | ” ” | ” ” | — | ” ” ” |
| ١٣ | ڏنار جي ڏيءُ | ” ” | ” ” | — | ” ” ” |
| ١٤ | صوف جي ڪهاڻي | ” ” | ” ” | ١٩٧٨ | ” ” ” |
| ١٥ | چمتڪاري گهوڙو | ” ” | ” ” | — | ” ” ” |
| ١٦ | ننڍو سفيد ماٺهو | هوندراج بلواڻي، شيام رامرڪياڻي (سمپادڪ) | اپسرا پبليڪيشن، احمدآباد | ” | ” ” ” |
| ١٧ | جهرڪيءَ لڏو ٽڪو | جڳديش لڇاڻي | جڳديش بوڪ ڊيپو ۽ گلستان پبليڪيشن | ١٩٧٩ | ٽي لوليون، ڪڪڙ ۽ ڪينئون، هڪڙو هو ڏاهري، چالاڪ ڇوڪر، نتيجو، ڇورمو ۽ منائي، جهڳڙو، جهرڪيءَ لڏو ٽڪو (جملي ٨ سنڌي لوڪ ڪهاڻيون) |
| ١٨ | شاهه جون ڪهاڻيون | انور هالائي | گلستان پبليڪيشن، احمدآباد | ١٩٧٩ | شاهه جي رسالي مان ٨ لوڪ ڪهاڻيون. |

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ | ڇپائيندڙ | سال | لوڪ ڪهاڻيون |
|---|---|---|---|---|---|
| ١٩ | اڀول راڻي | ڪيرت ٻاٻاڻي | سنڌي ٽائيمس، پبليڪيشن، اُلهاسنگر | ١٩٨٢ | سوُر تپ، ڏڪڻ جي ڏاهپ، عقل ۾ اڪابر، راڪاس ۽....، سياڻو ٻالڪ، چار ٺول....، ور ۽ وني، اڀول راڻي (جملي ٨ سنڌي لوڪ ڪهاڻيون) |
| ٢٠ | ڪُني آندي ڪنوار | جڳديش لڇاڻي | ويٽا پبليڪيشن، اُلهاسنگر | ١٩٨٣ | ڪُني آندي ڪنوار، گلن ڦلن جي راڻي، نصيب، سونل. |
| ٢١ | ساڌو راجا | هوندراج بلواڻي | گلستان پبليڪيشن، احمدآباد | ١٩٨٤ | (٩ لوڪ ڪهاڻيون) |
| ٢٢ | ٻال ڪهاڻيون | جڳديش لڇاڻي | ويٽا پبليڪيشن، اُلهاسنگر | ١٩٨٥ | سونو وار، سياڻو وزير، آزادي. |
| ٢٣ | سنڌي لوڪ ڪهاڻيون (ٻيون ڇاپو) | ,, ,, | ,, ,, | ,, | روپنگر جي راجڪماري |
| ٢٤ | ٻاٻي ۽ مور جون آکاڻيون | چاندو ورومل ڪرپالاڻي | وشنو ڀاٽيا، بمبئي | ١٩٨٦ | ماءُ وٽان ٻڌل آکاڻيون ۽ سکياداِئڪ نُڪتا. |
| ٢٥ | هڪڙو هو ڏاهري | جڳديش لڇاڻي | ويٽا پبليڪيشن، اُلهاسنگر | ١٩٨٩ | لعل هيري جي ڳولها، نانگ جو ڪليو، سبق، شرارتي پوُنگڙو، ملاقات يمراج سان، ڪشتي |

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ | ڇپائيندڙ | سال | لوڪ ڪهاڻيون |
|---|---|---|---|---|---|
| ٢٦ | سنڌي لوڪ ڪهاڻيون | ڪيرت ٻاٻاڻي (سمپادڪ) | ساهتيہ اڪادمي نئين دهلي | ١٩٩٠ | (ڪل اٺ سنڌي لوڪ ڪهاڻيون) (جدا جدا ليکڪن جون) (ڪل ٣٦ سنڌي لوڪ ڪهاڻيون) |

**نوٽ :** (ا) ڪل ٢٦ مجموعن ۾ شامل ٿيل سنڌي لوڪ ڪهاڻين جو تعداد ١١٠ آهي.

(٢) ڪنهن ليکڪ جي ڪا لوڪ ڪهاڻي سنڌس اڳئين مجموعي ۾ اچي چڪي آهي تہ هتي ان جي ٻيهر ڳڻپ نہ ڪئي ويئي آهي.

لوڪ ڪهاڻين جي ڪتابن جا مٿي جيڪي تفصيل ڏنا ويا آهن تن ۾ مکيہ ٽن قسمن جون لوڪ ڪهاڻيون شامل آهن.

(الف) اهڙيون لوڪ ڪهاڻيون جيڪي سنڌي آهن پر اهي خاص ٻارن لاءِ لکيل نہ آهن. اهڙن مجموعن ۾ نارايڻ ڀارتيءَ جو ’هڪڙو هو سوداگر‘ ۽ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو ’ابول راڻي‘ ۽ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي سمپادن هيٺ جدا جدا ليکڪن جي لوڪ ڪهاڻين جو مجموعو ’سنڌي لوڪ ڪهاڻيون‘ مکيہ آهن. انهن مجموعن ۾ ڪي لوڪ ڪهاڻيون ٻارن جي لاءِ بہ آهن.

(ب) اهڙيون لوڪ ڪهاڻيون جيڪي نہ صرف سنڌي آهن پر ٻارن جي لاءِ خاص لکيون ويون آهن. اهڙيون لوڪ ڪهاڻيون لکڻ ۾ جڳديش لڇاڻيءَ سڀ کان گهڻو ڪم ڪيو آهي. هن ٻارن جي لاءِ سنڌي لوڪ ڪهاڻين جا پنج مجموعا ڏنا آهن جن ۾ ڪيتريون ٻال ڪهاڻيون دهرايون بہ ويون آهن. ٻارن جي پسنديءَ جي موضوعن تي، ٻارن جي ئي ڀاشا شئليءَ ۾ هن جون لکيل گهڻو ڪري سڀ ڪهاڻيون، ٻارن جي لاءِ وندر ۽ سکيا ميسر ڪن ٿيون. ”هن ٻال لوڪ ڪٿائن کي ڪنو ڪري، انهن ۾ پنهنجي طرفان بہ وقت ۽ واتاورڻ کي ڌيان ۾ رکي جوڳيون تبديليون آنديون آهن ان ڪري اهي تمام جهونيون نٿيون لڳن. ٻارن کي انهن مان وندر ملي ٿي. ان طرح ڏسبو تہ جڳديش لڇاڻي هڪ طرف لوڪ ادب جي ۽ ٻئي طرف ٻال ساهتيہ جي شيوا ڪري

رهيو آهي. هڪ ئي وقت ٻنهي ڪيترن ۾ ڏنل هن جو يوڳدان ساراهه جوڳو آهي.'' [1]

گهنشيام وليڇا جي ٻارهن لوڪ ڪهاڻين جو مجموعو 'اَڇا ڪانوَ' به ٻارن جي لاءِ هڪ اُپيوڳي ۽ بهترين مجموعو آهي. ليکراج هنس جي 'ڏاڏيءَ جي ڏات' ۾ ٻارن لاءِ دلچسپ لوڪ ڪهاڻيون آهن.

(ٿ) ٻارن جي لاءِ لکيل ديش وديش جي ڀاشائن جون لوڪ ڪهاڻيون. انهن مجموعن ۾ سنڌي لوڪ ڪهاڻين کان سواءِ، ٻين ٻولين جون لوڪ ڪهاڻيون آهن.

## (1) پري ڪٿائون

نيو ايج اينسائڪلوپيڊيا ۽ ايوري مئن انسائڪلوپيڊيا موجب پري ڪٿا اُها ڪهاڻي آهي جيڪا غير حقيقتي جڳت سان واسطو رکي ٿي. خود سان اڻلڪي مشابهت ڪرائي ٿي. ان ۾ جادوءَ جا عناصر آهن ۽ گهڻو ڪري پڙهندڙ جي دل ۾ ڏپ ۽ گڏوگڏ عجب پيدا ڪري ٿي.

سنسڪرت ڊڪشنريءَ ۾ پري ڪٿا جو اَرٿ آهي ڪنهن ڪالپنڪ اديت ساهسي پاتر جي پراڪرمن جو ورنن، نيتي ٻوڌ خاص ڪري جيڪو پسن پکين جي پاترن کان چوايو وڃي. فارسي ڀاشا ۾ 'پري' جو اَرٿ آهي تمام سندر خيالي عورت. اها سندر خيالي عورت پري ئي آهي. اسان وٽ اِسترين جي روپ ۾ ئي پرين جي ڪلپنا ڪئي ويئي آهي پر وديشن ۾ راڪاس، جادوگر ۽ ديو وغيره به 'فيئري' جي ڪوٽيءَ ۾ اچن ٿا. انهن لاءِ جنس مذڪر استعمال ڪيو ويندو آهي.

پري ڪٿائون سڄي وشوَ ۾ تڙيل پکڙيل آهن ۽ سڄي وشوَ جي ٻارن کي وندرائيندڙيون رهيون آهن. پري ڪٿائن جي وشيه وستو گهڻو ڪري هڪ جهڙي هوندي آهي. ان ۾ مصيبت ۾ ڦاٿل ڪنهن ٻار کي پري مدد ڪندي آهي. ماٽيلي ماءُ وٽان ڌڪاريل ڪنهن ٻارن کي ماءُ جهڙو پيار ڏيندي آهي. پري خراب ٻار کي سنو ٻڻجڻ جي پريرڻا ڏيندي آهي ته سڄي، ايماندار ۽ محنتي ٻار کي سٺيون سٺيون شيون انعام ڏيندي آهي. سڄي ٻارن کي پري پنهنجي ديش جو سير ڪرائيندي آهي. پرين جي ديش ۾ اهڙا چمتڪار ٿيندا آهن يا اهڙيون چمتڪاري شيون ڏسڻ ۾ ايندڙيون آهن جيڪي ٻارن کي پسند

1. هوندراج ٻلواڻي : مهاڳ 'هڪڙو هو ڏاهري'

هونديون آهن. جيڪي شيون ٻارن ڪي اصلي جيون ۾ نہ ملنديون آهن ۽ هوُ اهي حاصل ڪرڻ جي تمنا رکندا آهن، سي ڪين پرين جي ديش ۾ ملنديون آهن. ٻارن جي جيون ۾ جيڪي اڌوراڻيون هونديون آهن، تن جي پوُرتي پري ڪٿائن دوارا تيندي ڏسڻ ۾ ايندي آهي. پريون اُڏامي سگهنديون آهن. جهڙو چاهين تهڙو روپ ڌارڻ ڪري سگهنديون آهن. ٻارن سان گڏجي نچنديون ڳائينديون آهن. هوُ ٻارن جون ساٿي بڻجي وينديون آهن، پرين جي سنگ ۾ ٻارن جو من پرسن هوندو هو. هوُ هن دنيا کان ٿورو وقت دور ٿي ڪلپنا لوڪ ۾ گهمڻ لڳندا آهن.

پري ڪٿائن جا ٽي مقصد هوندا آهن- ٻارن کي آنند ڏيڻ، گيان ڏيڻ ۽ سکيا ڏيڻ. ٻال ساهتيہ ذريعي ٻارن کي آنند ڏيڻ جو اُديش گهٽي اهميت رکي ٿو. جيڪي رچنائون ٻارن کي آنند ڏيڻ جي مقصد سان لکيون ويون هجن ۽ اهي ان مقصد ۾ ڪامياب ويون هجن تہ اهي رچنائون سڦل ٻال ساهتيہ ليکڻ کپن. پري ڪٿائن جو مقصد بہ گهڻو ڪري ساڳيو هوندو آهي. لڳ ڀڳ سڀ پري ڪٿائون اها پريرڻا ڏينديون آهن تہ مصيبتون جڳت ۾ تہ آهن ئي، انهن سان اسان کي مقابلو ڪرڻ کپي. جيڪڏهن اسين انهن سان مقابلو ڪرڻ کان نہ ڊڄون ۽ پنهنجي فرض تي محڪم ٿي بيهون تہ ڪوئي نہ ڪوئي رستو ملي وڃي ٿو.

پري ڪٿائون ٻارن کي ڏجن يا نہ؟ ان سوال کي کڻي سڄي دنيا ۾ ٻن قسمن جي ويچارڌارا ڦهليل آهي. هڪڙا ودوان اُهي آهن جيڪي ٻارن کي پري ڪٿائون ڏيڻ ۾ ڪابہ گهٽتائي نٿا سمجهن. ٻيا اُهي آهن جيڪي پري ڪٿائن کي ٻارن لاءِ نقصانڪار چئي، ان جي مخالفت ڪن ٿا. پري ڪٿائن جي وروڌ ۾ هيٺيان دليل ڏنا وڃن ٿا :

- پرين جي ڪالپنڪ ڳالهين مان ٻار ۾ ترنگن ۾ رچجڻ جي ورتي جاڳي ٿي. جڏهن جڏهن هن جي سامهون ڪا مشڪلات اچي ٿي تڏهن ان جو مقابلو ڪرڻ بجاءِ ٻار اهڙي ڪلپنا ڪري تہ پري اچي هن جي واهر ڪندي، اهڙي اُميد جو رخ هن ۾ پيدا ٿئي ٿو.
- اصلي دنيا ۾ پريون ۽ راڪاس وغيره ڪونہ هوندا آهن. اهي ڪهاڻيون اصليت کان دور هونديون آهن. انهن ڪهاڻين جو مکيہ پاتر تمام سولائيءَ سان چمتڪاري ڍنگہ سان مصيبتن تي وجيہ حاصل ڪندو ڏيکاريو ويندو آهي.

- پري ڪٿائون اصليت کان دور هٽڻ جي ڪري ٻارن ۾ سندن آسپاس جي سرشتيءَ بابت غلط فهميون پيدا ٿين ٿيون ۽ ڪين جيون جي سچاين کان پري وٺي وڃن ٿيون.

هينئر پري ڪٿائن جي طرفداري ڪرڻ وارن جا دليل ڏسون :

- پري ڪٿائن ذريعي ٻار ڪلپنا لوڪ ۾ گهمڻ لڳي ٿو اها حقيقت آهي پر ڪلپنا لوڪ ته ٻار جو پنهنجو جڳت آهي. پري ڪٿا ڪڏهن ڇڏيو ته ٻار پنهنجي جڳت کان پري ڏڪجي ويندو. ڪلپنا کان سواءِ ڪوشش ۽ سنگهرش ڪي ڪهڙي معنيٰ؟ جي سنگهرش نه هوندو ته جيت ڪيئن حاصل ٿيندي؟
- اصلي جيون ۾ راجا راڻين، پرين ۽ جادوگرن جي هستي پل نه هجي پر ٻار جي دنيا ۾ جدا جدا روپ ۾ اهي پاتر موجود آهن. ٻار جي دنيا ۾ سندس وڏو ڀاءُ جيڪڏهن ڏاڍائي ۽ داداگيري ٿو ڪري ته راڪاس جو وجود اِنڪاري نٿو سگهجي. ٻار کي 'ٻاٺو کٽي ويندو' چئي ديڇارڻ واري ٻڍي پاڙيسرياڻي هن لاءِ ڏائڻ جو روپ آهي. ٻار کي پيءُ جي مار کان بچائي پيار ڪرڻ واري ماءُ هن لاءِ پريءَ سمان آهي.
- پري ڪٿائن ۾ لوڀ، لچائي، ظلم، حسد، دنڀ وغيره جهڙن اوگڻن کي ڇڏي پيار، ساهس، آدر، محنت، تياڳ وغيره جهڙا گڻ اپنائڻ جو اڻسڌو اُپديش هوندو آهي. اُنهن ذريعي ٻار اهو سکي ٿو ته ڪيس ڪنهن جهڙو ٿيڻو آهي ۽ ڪنهن جهڙو نه ٿيڻو آهي.
- وڏن وانگر ٻار جي روزاني زندگيءَ ۾ به ڪيتريون اهڙيون ڳالهيون هونديون آهن جن ۾ ٻار جو چاهه نه هوندو آهي. ڪيس جيڪي وشيه نه وڻندا آهن تن لاءِ هن کي نفرت هوندي آهي. اهڙين حالتن ۾ هن جي آسپاس جي جڳت جون سچايون پيش ڪندڙ ڪهاڻيون ٻار کي وڌيڪ بور ڪن ٿيون، ڪيس ٿڪائين ٿيون ۽ ڪلپناهيڻ بڻائين ٿيون.

مٿين دليلن جي آڌار تي پري ڪٿائن جي اهميت کان اِنڪار نٿو ڪري سگهجي. صديون اڳ رچيل پري ڪٿائون، اڄ به ايترو چاهه سان پڙهجن ٿيون. اهي ڪڏهن به جهونيون ڪونه ٿي سگهيون آهن. جرمن ڪوي شيلر پنهنجن شخصي آزمودن جي آڌار تي پري ڪٿا جو ملهه هن

ريت ڪئيو آهي، ”زندگيءَ مون کي جيڪو ستيہ سيکاريو، ان جي پيٽ ۾ ننڍپڻ ۾ مونکي ٻڌايل پريَ ڪٿائن ۾ وڌيڪ اونهو ارٿ سمايل هو.“ [1]

پري ڪٿائن ۾ اڄوڪي وقت انوسار ٿوري ڦيرڦار ڪرڻ/نہ ڪرڻ بابت بہ الڳہ الڳہ رايا آهن. هڪڙا چون ٿا تہ هاڻوڪي يڳ موجب انهن ۾ ڦيرڦار ڪري انهن کي نئين سر لکيو وڃي. ٻيا انهن ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڦيرڦار ڪرڻ جي حق ۾ نہ آهن. هنن جو چوڻ آهي تہ پَلي گيان وگيان جا اُفق ڦهلجندا ويندا هجن تڏهن بہ چمتڪاري ڳالهين ۾ ٻارن جو چاهہ ۽ رس رهڻو ئي آهي. انهن ٻنهي کي ملائڻ جي ضرورت نہ آهي. وگيان جي وشين تي پلي نيون ٻال ڪهاڻيون لکجن پر جهونين پري ڪٿائن سان ڇيڙڇاڙ نہ ڪرڻ گهرجي.

پري ڪٿائن تي پلي ڪيترو بہ واد وواد هلندو هجي تڏهن بہ هر ٻوليءَ ۾ اَڄا تائين پري ڪٿائون لکجنديون رهيون آهن ۽ لکجنديون رهنديون. سنڌيءَ ۾ بہ پري ڪٿائون لکيون ويون آهن. جيوت گوگيا ’جوت‘ جون ’سونو ناڳ‘، ’مينڪا پري‘ ۽ ’سنگمرمر جي پتلي‘، هوندراج بلواڻيءَ جون ’سونا پري‘ ۽ ’جهنگل جي پري‘، ڪملا بختياڻيءَ جي ’سونهري پري‘، بي. ايچ. آڏواڻيءَ جي ’پرين جو ديس‘، ڀڳوان بلواڻيءَ جي ’پرستان جو سير‘ وغيره ان جا مثال آهن.

## (١٢) چترڪٿائون

چترڪٿائون يعني ’ڪامڪس‘ اڄ جي يڳہ ۾ خاص پسند ڪيون وڃن ٿيون. انهن ذريعي ٻارن جو ڀرپور منورنجن ٿئي ٿو.

چتر ڪٿائن جي شروعات ’دي ييلو ڪِڊِ‘ (The yellow kid) نالي ڪٿا سان ١٨ آڪٽوبر ١٨٩٦ع تي ٿي. والٽ ڊزني جي ’مِڪي مائوس‘ ۽ ’ڊونالڊ ڏَڪ‘ سان انهن کي نئون موڙ مليو. اڳتي هلي انهن ۾ ٽارزن، فئنٽم، مئنڊريڪ جادوگر، رِپ ڪربي، سپر مئن، اسپائيڊرمئن جهڙن پاترن جون چتر ڪٿائون شامل ٿيون.

ڪنهن بہ آکاڻيءَ کي سلسليوار چترن جو روپ ڏيئي، انهن کي وڌ ۾ وڌ دلچسپ بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. چترن جي مدد سان گهٽنائون اُپاريون وينديون آهن. ٻارن تي اُنهن جا چتر ۽ تيز رفتار سان هلندڙ گهٽنائون

---

١. ’ششو لوڪ‘ (گجراتي) پريسنواد وشيشانڪ ص. ١٩

اثر ڪنديون آهن. ڪنهن بہ ٻار کي جيڪڏهن ڪو ليکڪ پڙهڻ لاءِ ڏنو وڃي تہ هوُ آناڪاني ڪندو پر اهو ئي ليکڪ جيڪڏهن ڪيس ڪامڪس جي روپ ۾ ڏنو وڃي تہ هوُ خوشيءَ سان اهو پڙهندو.

چترڪٿائون چئن قسمن جون ملن ٿيون : (۱) اتهاس سان واسطو رکندڙ (۲) پوراڻڪ آکاڻين جون (۳) ائڊوينچرس يعني جانبازيءَ جي ڪمن جون (۴) مذاقي. ڀارت ۾ 'امر چترڪٿا' وارن پهرين ٻن قسمن جون، جدا-جدا ڀاشائن ۾، نہ صرف وڏ ۾ وڏ چترڪٿائون شايع ڪيون آهن پر انهن کي دنيا جي ڪنڊڪڙڇ ۾ بہ پهچايو آهي. 'اِندرجال ڪامڪس' (ٽائيمس آف اِنڊيا) وارن ٽئين قسم جون چترڪٿائون تمام گهٽيون ظاهر ڪيون آهن. ٻين پبلشرن جون مذاقي ڪٿائون بہ گهٽي انداز ۾ ڇپيل آهن. اڄ جا ٻار ائڊوينچرس ڪامڪس وڌيڪ پسند ڪن ٿا.

چترڪٿائن يعني ڪامڪس جو بہ گهڻن هنڌ وروڌ ٿيندو رهيو آهي. ڪٿي ڪامڪس تي بندش وجهڻ جي گهر ڪئي وڃي ٿي تہ ڪٿي اُنهن کي ظاهر ۾ ٻاريو پڻ وڃي ٿو. جان ميسن برائون، ڪامڪس جو سخت ٽيڪاڪار هو. هن جو چوڻ هو تہ ڪامڪس ۾ سندر ورنن بدران خراب تصويرون، غير سڀاويڪ ڀاشا، هلڪي قسم جو مصالحو وغيره هوندو آهي. جن ٻارن جو مانسڪ وڪاس پوريءَ طرح ٿيل نہ هوندو آهي، انهن تي ڪامڪس جو خراب اثر پوي ٿو. ٻيو هڪ دليل ڏنو وڃي ٿو تہ ان قسم جي ڪتابن پڙهڻ سان ٻار پنهنجي پڙهائيءَ ڏانهن ڌيان نٿا ڏين. تنهن کان سواءِ ڪامڪس ٻارن کي حد کان وڌيڪ سمارٽ بڻائين ٿيون وغيره وغيره.

ٻئي طرف چترڪٿائن جي فائدي ۾ بہ گهڻا دليل ڏنا وڃن ٿا. مثال طور، جيڪي ماتا پتا پنهنجن ٻارن تي ڪامڪس پڙهڻ لاءِ روڪ وجهن ٿا سي اڻسڌيءَ طرح هنن کي ڪامڪس پڙهڻ جي لاءِ اَجا بہ وڌيڪ پريرڻا ڏين ٿا. ڪامڪس ٻارن جي مانسڪ توڙي شاريرڪ وڪاس ۾ ڪائي رڪاوٽ نٿا وجهن. ڪامڪس پڙهڻ سان پاڻ ٻارن جي ٿڪاوٽ دور ٿئي ٿي. چترڪٿائن ذريعي اتهاس وغيره جون ڳالهيون، جيڪي عام طرح ٻار پڙهڻ پسند نہ ڪندا آهن سي چترڪٿائن جي ماڌيم سان ٻار چاهہ سان پڙهن ٿا. چترڪٿائن وسيلي قدرت، وگيان، جاگرافي وغيره جو بہ ابياس تي سگهي ٿو. چترڪٿائن ۾ گهٽنائن جي چرپر (Movement) هوندي آهي جيڪا ٻارن کي لڳاتار جڪڙي رکندي آهي.

حقيقت ۾ هن ماڌيم جي ورود ۾ تيندڙ تيڪائون گهٽو ڪري ان جي دراُپيوگ ڪارڻ ٿيل آهن. ائين ته ورود ريڊيو، ٽي.وي. ۽ فلمن وغيره جو به ٿيو آهي. تڏهن به انهن ماڌيمن جي اُپيوگتا ڪان انڪار نٿو ڪري سگهجي. انهن جو حد ڪان وڌيڪ اُپيوگ ڪبو ته اهي ٻار ڪي بگاڙيندا اهو سپاويڪ آهي. چترڪٿائن سان به ساڳي ڳالهه آهي. گندين، ڀوائتين، خوفناڪ ۽ هلڪڙين چترڪٿائن جي رنگ ۾ رنگيل ٻارن کي انهن مان ٻاهر آڻڻ گهرجي. سٺين چترڪٿائن لاءِ ڪين همتائڻ گهرجي. ڏنڊوڙي منورتيءَ سان تيار ڪيل چترڪٿائون ٻارن کي نه ڏيئي، سندر ۽ سڪياڊائڪ چتر ڪٿائن لاءِ ڪين اُتساهه ڏيارڻ گهرجي.

سنڌيءَ ۾ چتر ڪٿائن ڇپائڻ جو سڀ ڪان سنو ڪم هندستان ڪتاب گهر (بمبئي) وارن ڪيو آهي. هنن فئنتم ۽ مئنڊريڪ جادوگر جي دلچسپ ڪهاڻين جا ڪتاب ١٩٥٣ع ۾ ڇپائڻ شروع ڪيا. انهن ڪتابن ۾ مکيه آهن 'جهنگل جي ڏائڻ' (١٩٥٣)، 'بيبها چتر' (١٩٥٣)، 'عجيب پاڙيوارا'، (١٩٥٤)، 'ميل ڊگهو ٻار' (١٩٥٥)، ''ڪوڪن جو تاج' ۽ ٻيا انيڪ اهڙا ڪتاب. انهن ڪتابن جون آکاڻيون وندرائيندڙ، سنسنيخيز ۽ ڪرشمن سان ڀريل هيون. ترجمو پڻ تمام سنو ڪيل هو. اهي ڪتاب ٻارن کي ايترو ته پسند هئا جو انهن کي پڙهندي هنن ڪان ڪاڏو به وسري ويندو هو. انهيءَ دؤر ۾ 'هندستان' روزانيءَ ۾ هرروز فئنتم جي ڪهاڻي سلسليوار ڏني ويندي هئي. 'هندواسي' هفتيوار ۾ وري پورو هڪ پيج مئنڊريڪ جي ڪهاڻي قسطن ۾ هلائي ويندي هئي. ڪجهه عرصو رِپ ڪربيءَ جي ڪهاڻي به هلائي ويئي. انهن آکاڻين کي ٻارن بيحد پسند ڪيو. هندستان ڪتاب گهر طرفان ڇپايل چترڪٿائون ايتريون ته لوڪپريه رهيون جو ننڍن ٻارن جي ننڍڙن هٿن ۾ ڦرندي ڦرندي اهي چترڪٿائون وڌيڪ ڦاٽنديون ويون هن وقت انهن مان هڪ به ڪتاب شايد ئي ڪنهن وقت سانڍيل هجي.

ٻين به ڪن پبلشرن چترڪٿائون ڇپايون آهن. ڀارت جيون ساهتيه منڊل (بمبئي) طرفان 'ڀوت بنگلو' نالي مئنڊريڪ جادوگر جي جاسوسي ڪهاڻي ڇپائي ويئي. گلستان پبليڪيشن (احمدآباد) وارن وگيانڪ ڍنگ جون پر ڪالپنڪ چتر ڪٿائون 'چون چون چاچو' (١٩٦٨) ۽ 'آڪاشي ڪوئو' (١٩٦٩) ڇپايون آهن. ٻنهي چتر ڪٿائن جو ليکڪ يشونت مهتا، چترڪار ديپڪ چوهاڻ ۽ انوادڪ هوندراج بلواڻي آهي. 'ٻاراڻو ادب' (احمدآباد) طرفان

’ڪارو ڪانءُ ۽ پوُرو ڳڏهہ‘ (١٩٨٥) نالي هڪ ٻال ڪهاڻي، چترڪٿا جي روپ ۾ ڇپائي ويئي آهي، جنهن جو ليکڪ ۽ چترڪار شيهاب آهي ۽ ترجمان هوندراج بلواڻي آهي.

مٿيون سڀ چترڪٿائون فقط هڪ رنگہ ۾ ڇپيل آهن. اڄ جي جديد ٽيڪنالاجيءَ جو فائدو وٺي، رنگين چترڪٿائون آفسيٽ تي ڇپائڻ جو ساهس اڄ تائين ڪنهن بہ نہ ڪيو آهي.

ڇيمڻ ڪڪريجا ڪي ننڍيون آکاڻيون، چتر ڪٿائن جي روپ ۾، جدا جدا رسالن-اخبارن لاءِ تيار ڪيون آهن. اهي گهٽو ڪري ڪتاب جي هڪ پيج جيتريون هونديون آهن.

## (١٣) مني ڪهاڻيون

مني ڪهاڻي، اڄڪلهہ جي يُگ جي ننڍڙي پر اثردار ۽ چوٽدار صنف آهي. ٻارن جي لاءِ بہ هينئر مني ڪهاڻيون، گهٽو ڪري سيني ڀاشائن ۾ لکجن پيون. ٻارن جي لاءِ لکيل انهن مني ڪهاڻين جو موضوع پڻ ٻارن جي واتاورڻ انوسار هوندو آهي.

سنڌيءَ ۾ جيوت گوگيا ’جوت‘ ۽ نيوند روچاڻي ’اڻپتيءَ‘ گڏجي ’نوانوي ننڍڙيون آکاڻيون‘ (١٩٦٨) ڪتاب لکيو آهي، جنهن ۾ ڪتاب جي عنوان موجب نوانوي ننڍڙيون آکاڻيون يعني مني ڪهاڻيون ڏنل آهن. انهيءَ مجموعي ۾ وڏن توڙي ٻارن لاءِ گڏيل مسيل رچنائون آهن. ڪي رچنائون جهڙوڪ ٻلي ۽ٽيهہ تہ پونگڙو چٽيهہ، عقل ۽ گڏهہ، ڪُتو ۽ ڪتاب، ننڍڙو جهرڪ، چالاڪ ڪُتو وغيره ٻارن لاءِ آهن. هوندراج بلواڻيءَ پڻ ڪي مني ڪهاڻيون لکيون آهن جيڪي ’ڦلواڙي‘ رسالي ۾ ڇپيون آهن.

## ڪٿا ڪٿن

ڪٿا معنيٰ ڪهاڻي ۽ ڪٿن معنيٰ چوڻ. ڪهاڻي چوڻ جي ڪلا کي ڪٿا ڪٿن چئجي ٿو. زباني روپ سان ڪهاڻيون ٻڌائڻ جي هڪ خاص شئلي ٿيندي آهي. ڪهاڻي ٻڌائيندڙ پنهنجي سامهون ويٺل ٻارن يا ڪهاڻي ٻڌندڙ ماڻهن کي ناٽڪي انداز سان ڪهاڻي ٻڌائيندو آهي. ڪهاڻي ٻڌائڻ وقت پاترن جي گفتگو انوسار آواز ۾ ڦيرڦار، آروهہ-اَوروهہ (لاهيون چاڙهيون) ۽ چهري توڙي شرير جي انگن جي اداڪاري، ڪٿا ڪٿن کي وڌيڪ دلچسپ بڻائيندي آهي. ڪٿا ڪٿن لاءِ ڪهاڻيون پسند ڪرڻ ۾ گهٽي ڪننائي ٿيندي

آهي. ڪيترين ڪهاڻين لکيل روپ ۾ جيترين سٺين لڳنديون آهن سي چوڻ جي لائق نہ هونديون آهن. سڀ بهترين ڪهاڻيون 'چوڻ' لائق بڻائڻ لاءِ اُنهن ۾ ڦيرڦار ڪرڻي پوندي آهي. ڪن جو رايو آهي تہ انهن ۾ ڦيرڦار نہ ڪرڻي پوي ان لاءِ ڪهاڻيون لکڻ ئي اهڙيءَ شئليءَ ۾ ڪپن جئن ٻارن کي لڳي تہ ڪهاڻي نويس هنن جي سامهون ويهي آکاڻي ٻڌائي رهيو آهي.

ڪٿا ڪٿن ڪلا کي سڄي دنيا ۾ گهڻي اهميت ڏني وڃي ٿي. دنيا ۾ اهڙا ڪيترا ئي ليکڪ ٿي گذريا آهن جيڪي آکاڻيون ٻڌائڻ ۾ بہ ماهر هئا. گجراتي ڀاشا جي ٻال ساهتيڪار هريش نايڪ ان ڪيتر ۾ گهڻو سٺو ڪم ڪيو آهي. هو هزارين اسڪولن ۽ سنستائن ۾ ٻارن کي آکاڻيون ٻڌائڻ جا پروگرام ڏيئي چڪو آهي. سنڌيءَ ۾ بہ ان طرح جون ڪي ڪوششون ٿيون آهن. ڪيترا اُستاد پنهنجن شاگردن اڳيان اهڙيون تہ مزيدار نمونيءَ آکاڻيون ڪٿندا آهن جو ٻار انهن ۾ کوهجي ويندا آهن. گهرن ۾ بہ اسان جون ٻيڙيون نانيون ۽ ڏاڏيون ان ڪلا ۾ ماهر رهيون. ''ناني آکاڻي ٻڌائيندي هئي- ڏوهتا، ڏوهتيون، پوٽا پوٽيون، چوڌاري ميڙاڪو ڪري ويهندا هئا. ڪڏهن ناني ڳالهہ ڪٿندي ڪجهہ ترسي تہ ٻار بي‌صبر ٿي چوندا هئا، ناني پوءِ؟.... ائين رس پيڙهي بہ پيڙهي ٻارڙن کي ملندو رهيو.'' [1]

'اَڇا ڪانوَ' جي ليکڪ لاءِ بہ‌سنڌس ڪتاب جي مهاڳہ ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ ''هو جڏهن آکاڻي ڪٿندو آهي تہ پاڻ کي ان ۾ سمائي ڇڏيندو آهي. هن کي ڪهاڻي ڪٿڻ جو دلڪش انداز آهي. ڪهاڻي اهڙي تہ موهيندڙ ڍنگہ ۾ هوندي آهي، سندس نوع اهڙو تہ انوکو هوندو آهي، جو سڀ ٻڌندڙ سندس شيدائي بڻجي پوندا آهن. ٻار تہ آکاڻيون چاهہ سان ٻڌندا آهن ئي پر وڏن کي بہ ڪهاڻين مان لطف ايندو آهي. ايتري قدر جو ڪوبہ نہ چاهيندو آهي تہ ڪهاڻي ختم ٿئي.'' [2]

## ڪي جاچنائون ۽ حقيقتون

(ا) ڀارت ۾ سنڌي ٻال ڪهاڻين جو پهريون مجموعو 'ڏاڏيءَ جون آکاڻيون' ورهاڱي کان پورا ۱۴ سال پوءِ ڇپيو. ان کان پوءِ مجموعا ڇپجڻ جو سلسلو چالو رهندو آيو آهي. ڪنهن سال ۾ هڪ مجموعو تہ ڪنهن سال ۾ هڪ کان

1. پهلاجسنگهہ راجپال ۽ انند پارواڻي - مهاڳہ- 'اَڇا ڪانوَ'
2. ساڳيو

وڏيڪ مجموعا بہ ڇپيا آهن. ڪي ٿورا، اهڙا سال آهن جن ۾ ڪوبہ مجموعو ڪونهي. ائين، ٻال ڪهاڻي ليکڻ جي خيال کان وچ ۾ خاص ڪي رڪاوٽون (Breaks) نہ آيون آهن.

(٢) ٻال ڪهاڻين ۾ لوڪ ڪهاڻين ۽ پريءَ ڪٿائن جي اڪثريت ملي ٿي. اتهاسڪ، پوراڻڪ ٻال ڪهاڻين، چتر ڪٿائن، مني ڪهاڻين ۽ ٻال جيوت تي لکيل ٻال ڪهاڻين جو انداز گهٽ آهي. وگيانڪ ۽ جاسوسي وشين تي لکيل ٻال ڪهاڻين، مذاقي ٻال ڪهاڻين، اصطلاحن ۽ پهاڪن تي لکيل ٻال ڪهاڻين جو انداز تمام گهٽ آهي.

(٣) سنڌي ٻال ڪهاڻيءَ جو سنڌ ۾ جيڪو روپ رهيو، هند ۾ اڄي اهو وقت ۽ ماحول انوسار بدلجندو رهيو آهي. ٻين ٻولين جيان سنڌيءَ ۾ بہ ٻال ڪهاڻيءَ کي هڪ درجو، سڃاڻپ ۽ مقام مليو آهي. تعداد ۽ معيار جي خيال کان سنڌي ٻال ڪهاڻيءَ جو، خاطرخواه وڪاس ٿيو آهي. تنهن هوندي بہ ڪميءَ ڏانهن سياويڪ ڌيان وڃي ٿو. سا اِها تہ هيلتائين جيڪي بہ سٺيون ٻال ڪهاڻيون لکيون ويون آهن، سي چڱي خاصي تعداد ۾ هوندي بہ، ڪن ٿورن ليکڪن وٽان مليون آهن. ان جو مطلب تہ سٺيون ٻال ڪهاڻيون لکندڙ ليکڪ تمام ٿورا آهن. جيڪڏهن ڪو پبلشر سنڌي ٻوليءَ جون چونڊ ٻال ڪهاڻيون ڇپائڻ چاهي ۽ ان ۾ هرهڪ ليکڪ جي هڪ هڪ ٻال ڪهاڻيءَ کي جڳهہ ڏئي تہ هڪ مجموعي جيتريون ٻال ڪهاڻيون بہ، شايد، مشڪل ملن. اِها ڳالهہ عملي آزمودي جي آڌار تي بہ چئي سگهجي ٿي.

(٤) جن ليکڪن وٽان سٺيون اصلوڪيون ٻال ڪهاڻيون وڏيڪ مليون آهن سي ڪل پنج آهن. اهي ليکڪ آهن : گوورڌن ڀارتي، واشديو سنڌو ڀارتي، جيوت گوگيا 'جوت'، ايشور چندر ۽ هوندراج بلواڻي.

(الف) گوورڌن ڀارتيءَ وٽان بہ مجموعا مليا آهن 'نئين بستي' ۽ 'چنڊ تي چڙهائي'. ٻنهي مجموعن جي وچ ۾ ٢٨ سالن جي وڇوٽي رهي آهي. انهيءَ عرصي درميان ٻال ڪهاڻي ليکڻ جي خيال کان ليکڪ ۾ جيتري سنوار ۽ واڌارو (Improvement) ٿيڻ کپندو هو، اوترو نہ ٿيو آهي. ٢٨ سال اڳہ ڇپيل مجموعي ۾ هن جون لڳہ ڀڳہ سڀ ٻال ڪهاڻيون جهڙوڪ 'نئين بستي'، 'ٽنگر لوٽو'، 'ميوا بہ ٽا ناٽڪ ڏسن'، 'بجرنگہ بلي' تمام سٺيون رهيون. 'ڪرامتي منڊي' ۽ 'سينگاپور جو سير' بہ چڱيون رهيون پر گهٽ سالن جي وڇوٽيءَ بعد ڇپيل مجموعي ۾ فقط بہ ڪهاڻيون 'رنگبرنگي هولي'

۽ ’چنڊ تي چڙهائي‘ اُيري بينيون آهن. باقي ڪهاڻين ’رام، راوڻ ۽ سيتا‘، ’روسي رڇ‘ ۽ ’ساگر جو سنسار‘ جو مقصد جڳن تہ ٻارن کي وگيانڪ ڄاڻ ڏيڻ جو آهي، اهي فقط ’وگيانڪ ڄاڻ‘ ٻڌڻجي رهجي ويون آهن، ’ٻال ڪهاڻيون‘ گهٽ. ’رنگبرنگي هولي‘ بہ گهڻا سال اڳہ ’گلستان‘ رسالي ۾ ڇپجي چڪي آهي پر مجموعي ۾ بعد ۾ ڇپيل هئڻ ڪري، اها اڳہ جي لکيل سمجهڻ کپي. ان خيال کان گوورڌن ڀارتيءَ جون پوءِ واريون ڪهاڻيون وڌيڪ سٺيون ٿيڻ کپنديون هيون، سٺين ڪهاڻين جو انداز وڌڻ کپندو هو پر ائين نہ ٿيو آهي.

(ب) واشديو سنڌو ڀارتيءَ جا بہ مجموعا آهن ’اِندلٺ‘ ۽ ’نئين روشني‘. ٻنهي مجموعن جون لڳ ڀڳ سڀ ڪهاڻيون سٺيون آهن. سندس گهڻيون ڪهاڻيون تہ ٻارن جي مانسڪ وڪاس ۾ مددگار ٿيندڙ آهن. انهن ۾ ڏيکاريل آهي تہ وقت تي ضرورت پوڻ تي، ٻارن کي ڪيئن سمجهہ، همٿ ۽ اٽڪل کان ڪم وٺڻ گهرجي. ڪهاڻين مان ٻارن کي مصيبت جي وقت ۾ همٿ نہ هارڻ جي سکيا ملي ٿي. ليڪ جون گهڻيون ڪهاڻيون هنديءَ ۾ اڳي ڇپيون آهن ۽ ٻارن جي سٺن رسالن ۾ ڇپيون آهن.

(ث) جيوت گوگيا جا ۵ ڪتاب آهن. تمام گهڻن وشين تي ۽ تعداد جي خيال کان سڀ کان وڌيڪ ڪهاڻيون هن لکيون آهن. هن جون ڪهاڻيون تمام ننڍيون (ڪي تہ مني ڪهاڻين جهڙيون) آهن، جن ۾ سٺين ڪهاڻين جو انداز بہ چڱو آهي. اهي ٻين ٻولين ۾ ترجمو ڪري سگهجن ٿيون.

(د) ايشور چندر جو فقط هڪ مجموعو آهي ’نئين زماني جو ڪوئو‘. انهيءَ ۾ فقط ٽي ٻال ڪهاڻيون آهن. سندس هڪ ٻال ڪهاڻي ’جڏهن ڪوئي ٻليءَ کي سمهاريو‘، راجستان اڪادميءَ جي طرفان ڇپايل سنگرهہ ’پراشچت‘ ۾ شايع ٿيل آهي. ان طرح هن جي ڪل موڙي فقط چار ٻال ڪهاڻيون آهي، جن مان بہ ٽي ٻال ڪهاڻيون ڪوئي ۽ ٻليءَ سان واسطو رکندڙ آهن. ٽنهي ۾ جدا جدا اٽڪلن دواران ٻليءَ کي مات کائيندو ڏيکاريو ويو آهي. ان طرح ٽنهي ٻال ڪهاڻين جو مرڪزي خيال ساڳيو آهي. ٽنهن هوندي بہ ٽيئي ٻال ڪهاڻيون پيشڪش ۽ عبارت وغيره جي خوبين ڪارڻ مختلف لڳن ٿيون ۽ پنهنجو پنهنجو رنگہ ڏيکارڻ ۾ ڪامياب وڃن ٿيون. ’نئين زماني....‘ مجموعي ۾ ڏنل سندس ٽيئي ڪاڻيون هنديءَ ۾ بہ ڇپجي چڪيون آهن.

(ڪ) هوندراج بلواڻيءَ جو پهريون مجموعو ’جادو نگري‘ ۱۹٦۷ع ۾ ڇپيو

هو. ان بعد بہ هن جا ٻيا مجموعا ڇپجندا رهيا آهن. هن جي شروعاتي دؤر وارين ٻال ڪهاڻين ۽ آخر وارن ٻن مجموعن ’ڇوٽون باندر‘ ۽ ’نئين ناني‘ ۾ ڇپيل ٻال ڪهاڻين ۾ ڇڱو فرق آهي. انهن مجموعن ذريعي هوُ نواڻ واريون، علحدن وشين تي لکيل ڪهاڻيون- ’ڇوٽون باندر‘، ’شريف گڏهہ‘، ’اينلارجنگ مشين‘، ’نئين ناني‘، ’آڪاڻي اڪروٺ جي‘، ’مرغارام ۽ طوطارام‘ ۽ ’گڙٻڙ‘- ڏيئي سگهيو آهي، جن مان ڪي ٻال ڪهاڻيون هندي، گجراتي ۽ ٻين ٻولين ۾ ڇپجي، ساراهجي چڪيون آهن. پهاڪن ۽ اصطلاحن تي بہ هن قلم هلايو آهي تہ هڪ لنبي ڪهاڻي بہ ڏني آهي.

(۵) ٻال ڪهاڻين جي وشال فلڪ تي صرف ڇپيل مجموعا نہ آهن. ڳِتي ڳُتي گهڻيون ئي ٻال ڪهاڻيون پکڙيل آهن. ٻال گيتن جيان ٻال ڪهاڻيون بہ، گهڻي انداز ۾ ٻال رسالن ۾ ڇپجنديون رهيون آهن. گهڻا سال اڳہ ’ڦلواڙي‘ ۾ ڪرشن گربخشاڻيءَ جون سنيون ٻال ڪهاڻيون ڇپيون هيون. ’گلستان‘ ۾ گورڌن تنواڻي، موهن ديپ، ڦتن سڪواڻي، سندر حشمتراءِ، وشنو ڀاٽيا ۽ ٻين ليکڪن جون ٻال ڪهاڻيون بہ ڌيان ڇڪائيندڙ رهيون. آڪاشواڻيءَ جي جدا جدا ڪيندرن، تنهن ۾ بہ خاص ڪري، دهلي (ايڪسٽرنل سروس) تان بہ گهڻيون ٻال ڪهاڻيون پرسارت ٿيل آهن جنهن ۾ مکيہ طور واشديو سنڌو ڀارتي، گوورڌن ڀارتي ۽ هوندراج بلواڻيءَ جون ٻال ڪهاڻيون آهن. چئن راڄين (مهاراشٽرا، گجرات، مڌيہ پرديش ۽ راجستان) جي سنڌي درسي ڪتابن ۾ گهڻيون ئي ٻال ڪهاڻيون پکڙيل آهن. خاص ذڪر لائق ٻال ڪهاڻين ۾، مهاراشٽر جي درسي ڪتاب ۾- ’ٻم ٻم ڏيڏر‘ (گوپي موٽواڻي)، ’پرڪاش جو ڀيٽاءُ‘ (فتحچند واسواڻي)، ’اشوڪ جو انجام‘ (رتنا ڪيسواڻي)، ’هريش جي بندوق‘ (راڌاڪرشن گرناڻي)، ’سلڇڻا ٻار‘ (تيرٿ سپاڻي)، ’واجبي اُجورو‘ (موهن پرتياڻي)، ’سڪ ڀري سوغات‘ (پونم شرما) وغيره، گجرات جي درسي ڪتابن ۾- ’ساهسي سلوچنا‘ (گوپي موٽواڻي)، ’جهرڪي ۽ آڪيرو‘ (واشديو سنڌو ڀارتي)، ’اجائي ريس نہ ڪجي‘ (ميلارام واسواڻي)، ’ڏکڻ جي ڏاهپ‘ (ڪيرت ٻاٻاڻي)، ’نراسائيءَ لاءِ نسخو‘ (منوهرداس ڪوڙومل) وغيره، مڌيہ پرديش جي درسي ڪتابن ۾- ’نالو ڪيئن قائم ڪجي‘ (ميلارام واسواڻي)، ’مني آرڊر‘ (رام تنواڻي)، ’بہ رپيا‘ (لالچند امرڏنومل) وغيره، راجستان جي درسي ڪتابن ۾- ’منو ماڪيءَ وارو‘، ڪيچلو ڪيمن‘، ’ڪاوڙ جي دوا‘ (ڪنهن بہ ليکڪ جو نالو ڄاڻايل ڪونهي) وغيره ٻال

ڪهاڻيون، سطحي ڪهاڻين کان ٿورو مٿتي آهن. اهڙين ٻال ڪهاڻين جا الڳ مجموعا ڇپجڻ گهرجن.

(٦) والٽ ڊزنيءَ جو 'مڪي مائوس' ۽ 'ڊونالڊ ڊَڪ' به اهڙا ڪردار آهن جيڪي سڄي دنيا جي ٻارن جا پيارا آهن. ٻال ساهتيه ۾ به ڪي ڪردار خلقيا ويندا آهن ۽ انهن جي اِردگرد گهڻيون ئي ٻال ڪهاڻيون لکيون وينديون آهن. اهي ڪردار جيڪڏهن ٻارن کي پسند پيا ته اهي مشهور ٿيندا ويندا آهن. گجراتي ٻال ساهتيه ۾ به 'ٻڪور پٽيل' ۽ 'ميان ڦسڪي' جهڙا ڪردار بيحد مشهور آهن. 'ٻڪور پٽيل' تي هري پرساد وياس تمام گهڻيون ڪهاڻيون لکيون آهن. 'ميان ڦسڪي' جو رچيندڙ جيورام جوشي آهي. انهيءَ ڪردار تي گجراتيءَ ۾ ٽي.وي. سيريلس به ٺهيون آهن ته هڪ فلم به ٺهي آهي.

سنڌيءَ ۾ ان طرح ڪوبه ڪردار نه خلقيو ويو آهي پر ڇاڻاڻيءَ ۾ انهيءَ قسم جون ڪوششون ضرور ٿيون آهن. هوندراج بلواڻيءَ ڪاڪي ڪوڏومل کي ڪردار بڻائي 'ڪاڪو ڪوڏومل' نالي هڪ ڪتاب لکيو پر ان ڪردار جو اثر گهڻو وقت هلي نه سگهيو. گوپي موٽواڻيءَ 'راجو رڇ' نالي هڪ ڪردار کي مرڪز بڻائي ڪي ڪهاڻيون لکيون پر اهو ڪردار به اڻ-سڃاتل رهجي ويو. ان طرح، اهڙا ڪردار مشهور ٿين ۽ ٻارن جي دلين تائين پهچن، تنهن کان اڳ ئي انهن جو انت اچي ويو. اها ڳالهه سوچڻ لاءِ گهڻو ڪجهه ڇڏي وڃي ٿي.

□□

باب پنجون

# ٻـــال نـــاول

وڏن ٻارن کي لنبيون ڪهاڻيون وڌيڪ وڻنديون آهن. هوُ اهڙيون ڪهاڻيون پڙهڻ چاهيندا آهن جيڪي گهڻي وقت تائين ڪين، ان ۾ ڪوهيل رکن. لنبيون، نہ ختم ٿيندڙ ڪهاڻيون. ٻال ناول، هنن جي اِها اِڇا پوري ڪري ٿو. ٻال ناول ۾، ماڻهن، پکين پسن ۽ ٻين ڪردارن جون ڪيترئيون ئي ڳالهيون ۽ گهٽنائون هڪ ئي مکيہ ڪٿا سوُتر ذريعي پيش ڪيون وڃن ٿيون.

يارت ۾ لڳ ڀڳ سيني ٻولين ۾ ٻال ناول گهٽو پوءِ آيو. ٻال ساهتيڪارن 'ايلس اِن ونڊرلئنڊ'، 'رابنسن ڪروسو'، 'ٽريزر آئلنڊ' جهڙن جڳہ مشهور وديشي ٻال ناولن جو ايياس ڪيو. انهن جي لوڪپريتا کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ بعد ۾ ڏيري ڏيري پاڻ بہ ان صنف تي قلم هلائڻ شروع ڪيو.

## ٻال ناول جا ٻہ مکيہ جزا :

ٻال ناول ۾ مکيہ ٻن ڳالهين تي زور ڏنو وڃي ٿو. هڪ آهي ان جو موضوع ۽ ٻي آهي ڪردارنگاري.

## موضوع

موضوع ٻارن جي دنيا سان واسطو رکندڙ هئڻ گهرجي. جيڪڏهن اهو ٻارن جي آسپاس جي دنيا جو نہ هجي تہ گهٽ ۾ گهٽ اهڙو ضرور هجي جو ٻار کي اهو سمجهڻ ۾ يا ان جي ڪلپنا ڪرڻ ۾ دقت نہ ٿئي. پريم، راڄنيتي ۽ فلاسافي وغيره جهڙن وشين کي ٻال ناول ۾ ڪا جڳهہ نہ ملڻ گهرجي.

ٻارن کي اهڙا ناول وڌيڪ وڻندا آهن جن ۾ جڳياسا ۽ رومانچ هجي. ايياس ڏيکاريو آهي تہ ٻارن کي اتهاسڪ گهٽنائن تي آڌار رکندڙ، جيون جي مسئلن سان جڙيل، کل ۽ مذاق سان ڀريل، شڪار ۽ سير-سفر جي ڳالهين سان واسطو رکندڙ ناول وڌيڪ وڻندا آهن.

## ڪردارنگاري

ٻال ناول جي ڪردارنگاري بہ صحيح ڍنگ سان ٿيڻ گهرجي. ان ۾ مختلف

ڪردار هجن پر اهي سياويڪ لڳڻ کپن. هنن جو اُٿڻ ويهڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ سياويڪ هجي. گهٽنائون ۽ ڪردار هڪ ٻئي سان اهڙي نموني ٺهڪيل هجن، جئن ٻار جو انهن ۾ آخر تائين رس قائم رهي.

## سنڌي ٻال ناول

ورهاڱي کان اڳ سنڌيءَ ۾ ٻارن جا ناول ڇڱي انداز ۾ ڇپيا هئا، جيڪي موضوع چاهي ڪردارنگاريءَ جي خيال کان ٻارن جي پسندگيءَ جا هئا پر اهي گهڻو ڪري ترجمو ٿيل هئا. ڪي ٻين ٻولين تان اُلٿو ڪيل هئا. اهي ٻارن جي پسنديءَ جا هوندي به، انهن ۾ ٻارن جي مسئلن سان جڙيل گهٽنائن جو ذڪر خير ڪو هوندو هو. نانڪرام ڏرمداس ميرچنداڻيءَ جو 'نازڪ گلڙا' (١٩٢٨) اسڪول جيوت تي لکيل پهريون ناول هو. پر اهو ناول به هڪ وديشي ناول جي آڌار تي لکيل هو. تنهن ڪري ورهاڱي کان اڳ اصلوڪن ٻال ناولن جي سخت اڻاٺ رهي. اها اڻاٺ ورهاڱي کان پوءِ به چالوُ رهي.

### خاڪو ٦ ٻال ناولن جي وچور

| نمبر | ناول جو نالو | ليکڪ | ڇپائيندڙ | سال |
|---|---|---|---|---|
| ١ | سرڳ جي ڳولها | موهن ڪلپنا | ميرج ساهتيہ مالها، اُلهاسنگر | ١٩٥٨ |
| ٢ | سندر رامائڻ (د) | ديپچندر تلوڪچند | لوڪ سيوا منڊل، بمبئي | ١٩٦٣ |
| ٣ | راجا وڪرماجيت جون ٣٢ پتليون | دولترام هيمنداس ڪلياڻي | ايل. ڪشنچند ۽ سنس، اُلهاسنگر | — |
| ٤ | چار درويش | ” ” | گورڌن بوڪ اسٽال، اجمير | — |
| ٥ | سهراب ۽ رستم | سترامداس سائل | ليکڪ پاڻ | ١٩٦٤ |
| ٦ | هڪڙو هو راجڪمار | هوندراج بلواڻي | اپسرا پبليڪيشن، احمدآباد | ١٩٦٨ |
| ٧ | ڀڳڙو مندر ۾ | ڪنعيو گوپلاڻي | گلستان پبليڪيشن، احمدآباد | ١٩٧١ |
| ٨ | پوپو جادوگر | راجيش ڪتواڻي | ” ” | ١٩٧٦ |

| نمبر | ناول جو نالو | ليکڪ | ڇپائيندڙ | سال |
|---|---|---|---|---|
| ٩ | روپ نگر جي راجڪماري | جگديش لڇاڻي | ويٺا پبليڪيشن، اُلهاسنگر | ١٩٨٢ |
| ١٠ | گلن ڦلن جي راڻي | ” ” | ” ” | ١٩٨٣ |
| ١١ | لال جادوگر | ميول آهوجا | آهوجا پبليڪيشن، بڙودا | ١٩٨٣ |
| ١٢ | شينهن ۽ ٻڪري | جيوت گوگيا'جوت' | ليکڪ پاڻ | ١٩٩٠ |
| ١٣ | ملي ڪبو مقابلو | منوهر بيدي ۽ جگديش لڇاڻي | ويٺا پبليڪيشن، اُلهاسنگر | ١٩٩٠ |
| ١٤ | لال هيري جي ڳولها | جگديش لڇاڻي | ويٺا پبليڪيشن اُلهاسنگر | ١٩٩٢ |

مٿين تفصيلن مان ڏسبو ته ٻال گيتن ۽ ٻال ڪهاڻين جي ڀيٽ ۾ ٻال ناول تمام گهٽ لکيا ويا آهن. انهن جو انداز اينرو ٿورو آهي جو سراسري ٽن چئن سالن ۾ هڪ ٻال ناول به نٿو ملي. فقط ١٩٨٣ ۽ ١٩٩٠ ۾ ٻه-ٻه ناول هڪ عجيب اتفاق آهي.

ورهاڱي کانپوءِ لکيل ٻال ناولن کي موضوع جي خيال کان هينئين قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو : (١) ٻال جيون جا ناول (٢) مذاقي ناول (٣) راجا-راڻين جا ناول (۴) ساهس پريل ناول (۵) قصا

## ٻال جيون جا ناول

ٻارن جي آسپاس واري دنيا ۾ ڪيتريون ڳالهيون ۽ گهٽنائون ٿينديون رهن ٿيون. جن ناولن ۾ هنن جي خواهشن، ضرورتن، ڪلپنائن، مسئلن وغيره جي نمائندگي ٿيندي هجي، اهي هوُ خاص پسند ڪن ٿا. انهن ۾ هوُ پاڻ کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. هن وشيه تي فقط هڪ ناول لکيو ويو آهي. ٻارن جي جيون تي لکيل اهو ناول آهي موهن ڪلپنا جو 'سرڳ جي ڳولها'.

هن ناول جو نايڪ سرگم هڪ ٻار آهي جنهن ۾ مستي ۽ شوخيءَ سان گڏ ساهس آهي، سوال پڇڻ ۽ ڪلپنائون ڪرڻ جي عادت اٿس. هن جي پيڻ بينا جڏهن بيمار ٿي پوي ٿي تڏهن هوُ ڪيسي ۾ هڪ ڪپ ڪٽي پڳوان سان وڙهڻ لاءِ سرڳ جي ڳولها ۾ نڪري پوي ٿو. رات ڏينهن جبل جهاڳيندو، گهڻي ئي انيوَن مان گذري ٿو. آخر ۾ کيس محسوس ٿئي ٿو ته پڳوان جتي وسي

تو اهو سرڳ آسمان ۾ نہ، ڌرتيءَ تي آهي.

ناول شروعات کان وٺي آخر تائين ٻارن جي رس کي قائم رکي ٿو. هرڪو ٻار سرگم ۾ پنهنجو عڪس پسي ٿو.

ٻار گهڻو ڪري چنچل، ضدي ۽ شرارتي ٿيندا آهن. ساڳئي وقت همت ڀريا ڪم ڪرڻ کان بہ نہ هچڪندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن عجيب سوال پڇي وڏن جون متيون منجهائي ڇڏيندا آهن تہ ڪڏهن ڪڏهن ڪي مسئلا ڪڙا ڪري وجهندا آهن.

ناول ۾ سرگم پنهنجي ماءُ کان ور ور ڪري عجيب غريب سوال پڇي ڪيس منجهائيندو رهي ٿو. هڪ مثال ڏسو :

”ڀايي، تو ڀڳوان ڏٺو آهي؟“

”ڇو؟“ ماڻس پڇيو.

”ڀلا ڀڳوان ۽ ڀڳوان جي مورت ۾ تفاوت آهي؟“

”مگر ڇو؟“

”ڀڳوان جي مورت تہ ٽڪي بہ ملندي آهي. سچو ڀڳوان گهٽي ملندو آهي؟“

”تون صفا نادان ٿي پيو آهين.“

”ڀلا سچو ڀڳوان ڪٿي رهندو آهي؟“

”سرڳ ۾.“ ماڻس چيو.

”تڏهن هن دنيا جو مالڪ ڪير آهي؟“

”اهو بہ ڀڳوان آهي.“

”يعني ڀڳوان رهندو هڪ هنڌ آهي ۽ راڄ ٻئي هنڌ ڪندو آهي.“

ماءُ چپ چاپ هن جو منهن تڪيندي رهي.

”ڀلا بينا کي ڪير تو بچائي سگهي؟“

”ڀڳوان!“

”تہ پوءِ ڊاڪٽر کي ڇو ٿا گهرايو؟“

”ڊاڪٽر جواب ڏيئي ويو آهي.“

”پر ڀڳوان کي ٻڌائيندو ڪير تہ بينا بيمار آهي.“

”هن کي سڀ خبر آهي.“

”سڀ خبر اٿس، تڏهن بہ نٿو اچي - ڇڙو ڀايي ٻڌ. مون تنهنجي ڀڳوان کي جلائي ڇڏيو. هو ڪنن هوندي ڪجهہ ٻڌي نٿو. اکين هوندي بہ ڪجهہ ڏسي نٿو.

رنڌڙي ۾ ڏسيس وڃي. جلڻ مهل آلا به ڪونہ ڪيائين.“ (ص. ٣٨ ۽ ٣٩)

ٻار اسڪول وڃڻ کان ڊهندا آهن. ان جي لاءِ ڪنهن حد تائين جوابدار اسان جو تعليمي سرشتو آهي. ٻاهر جي دنيا ۽ قدرت جي گود ۾ هن کي آنند ايندو آهي. هڪ دفعي سرگم اسڪول مان ڀڄي ڪري هاسانند جادوگر جو کيل ڏسڻ لاءِ وڃڻ چاهي ٿو. ماستر جڏهن کيس پڪڙي وٺي ٿو تڏهن سرگم ۽ ماستر جي وچ ۾ ٿيل گفتگوءَ مان ٻار جي پسندي ۽ ناپسنديءَ جي خبر پوي ٿي :

سرگم ماکيءَ کان بہ مٺي آواز ۾ چيو، ”سائين، پوءِ جيڪڏهن هاسانند جادوگر کي اسڪول ۾ گهرايو تہ اسين اسڪول مان ڇو ڀڄون؟“

ماستر چيو، ”ڀيو ڪجهہ ڇوٽو اٿيئي؟“

سرگم چيو، ”توهين جيڪڏهن اسڪول ۾ جبل ٺهرايو تہ اسين جبلن تي ڇو گهمڻ وڃون.“

ماستر کلي چيو، ”تون تہ صفا ڀِيلو آهين. ڀلا ڪڏهن اسڪول ۾ بہ جبل ٺهيا آهن.“

سرگم ٺهہ پهہ وراڻيو، ”نہ تہ ڀلا توهين جبلن تي اسڪول ڇو نٿا ٺهرايو مٿي مٿي، سيني کان مٿي. جيئن آسمان سان ڳالهيون ڪري سگهجن. پکين جون ڳالهيون ٻڌي سگهجن. سج کي لهندو ڏسي سگهجي.“

ماستر اکيون ڦاڙي سرگم کي ڏسندو رهيو. سرگم جو حوصلو وڌي ويو. چيائين، ”سائين اسڪول ۾ تہ رڳو نقشا ئي نقشا آهن. نقشن ۾ صرف شهرن، جبلن ۽ ندين جا نالا آهن. نقشن ۾ شهر، جبل يا نديون تہ آهن ڪونہ. مان نقشن ۾ اڏ اڏ ڪلاڪ نهاريندو آهيان پر مونکي ماڻهو تہ ڇا پر هڪ پکي بہ نظر نہ ايندو آهي.“ (ص. ١٣ ۽ ١٤)

ٻارن جي ڪلپنائن جي عجيب دنيا. هوُ ڪلپنا لوڪ ۾ اُڏامڻ چاهيندا آهن. ساڳئي وقت هوُ سنسار ۾ بہ سک ۽ ڪلياڻ چاهيندا آهن. دکي ماڻهن جو دکہ ڏسي هنن جو من وچلجڻ لڳندو آهي. جيڪڏهن هنن جي هٿ ۾ ڪو جادو هجي تہ هوُ دنيا کي ڪيئن بدلڻ چاهيندا آهن تنهن جو ورنن ليکڪ هن نموني ڪيو آهي :

سرگم چيو، ”مان جادوءَ جي طاقت سان شهر جا پراڻا رستا نوان ڪندس. مان جادوءَ سان ماڻهن جي گهرن جون ڇتيون ٺيڪ ڪرائيندس. جيڪي ماڻهو گاريون ڪيندا، مان جادوءَ سان انهن کي گونگو بڻائيندس ۽ مان جادوءَ

جو غاليچو ٺاهي آسمان ۾ اُڏامندس. ڪڏهن ٻلي ٻڇي گهرن مان ڪوئن کي ٻاهر پڄائيندس. مان اسڪول ۾ جبل نهرائيندس. مان نقشن ۾ ماڻهن کي وهاريندس.... مان.... مان.... مان هاسانند جادوگر ٿيندس.... مان جادوءَ جي طاقت سان سيني کي نچائيندس. مان پاڻ به نچندس. مان سڀ کي چنڊ ۽ چنڊ کي سڀ ٻڌائيندس. پوءِ سڀ رات جو نڪرندو ۽ چنڊ ڏينهن جو....``
(ص. ١٨ ۽ ١٩)

سمورو ناول سرگم جي معصوميت، چنچلتا ۽ حاضر جوابيءَ جي ڳالهين سان پريل آهي. سرگم پرتيڪ آهي هرهڪ ٻار جو. ٻارن جون ڪلپنائون، اِڇائون ۽ جگياسائون ڇا ٿينديون آهن، سو سڀ ليکڪ سرگم جو ڪردار خلقي ٻڌايو آهي. موضوع ٻارن جي دنيا سان مڪمل طرح واسطو رکي ٿو. ٻارن جو هن ۾ آخر تائين رس قائم رهي ٿو. ليکڪ هن ناول کي تمام سولي ڀاشا ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تڏهن به مخلوقات، عوام، محڪم جهڙا لفظ کٽڪن ٿا. ڪٿي ڪٿي ويچارن جي به ڳوڙهائي ملي ٿي.
ناول جي باري ۾، سمپادڪ طور، راجن چاولا پنهنجو رايو ڏيندي ٻڌايو آهي، ”موهن ڪلپنا جو هيءُ ٻارن لاءِ پهريون لکيل ناول آهي. سنڌي ساهتيہ ۾ جيستائين پنيان نهاري سگهجي ٿو، هيءُ ٻارن لاءِ پهريون ئي ناول آهي، جنهن ۾ جنن ڀوتن، ديو-پرين جي ڳالهين کان پري ’گل بڪاولي‘ ۽ ’گم شم ٽوپي مار ڙي ڏنڊا‘ جي طلسمي افسانن تي نہ آڌار رکندڙ ڪهاڻي آهي.... مان فقط اينرو چوندس تہ هيءُ ناول فقط ٻارن جي وندر لاءِ ئي لکيل آهي، ائين نہ آهي. مان ليکڪ جي رايي مان اڻواقف آهيان، پر هن ناول ۾ اجائي ديگهہ ۽ وستار، جذبن کي ڇيڙڻ جا اجايا حادثا ۽ نانيءَ جي ڪهاڻين وانگر ڪنهن گهراڻي يا راجا مهاراجا جي سلسليوار ڪهاڻي نہ هئڻ ڪري، هيءُ ننڍو ناول هڪ ساهتيڪ چيز پڻ ٿي پيو آهي. ناول ننڍو آهي، پر پڙهڻ کان پوءِ سوچڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ ملي ٿو وڃي.``

## مذاقي ناول

ٻارن جي لاءِ مذاقي ناول بہ فقط هڪ موجود آهي- ڪنعيي گوپلاڻيءَ جو ’پڳڙو مندر ۾‘. پڳڙي جهڙو پاتر خلقي ليکڪ، ناول ۾ کل خوشي ۽ مذاق پيرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پڳڙي جو پريچيہ ڏيندي ليکڪ پرستاونا ۾ چوي ٿو، ”هن ڪتاب جو مکيہ پاتر پڳڙو هڪ عجيب اِنسان آهي جنهن کي دنيا جي ڪابہ چالاڪي نہ ايندي آهي. هو هڪ سادو سودو معصوم اِنسان آهي،

جنهن جي پيٽ ۾ ڪوبہ پاپ، ڪوڙ ڪين آهي. هن جو ڪم آهي توهان جهڙن نندڙن ٻارن کي خوش ڪرڻ، کلائڻ ۽ پيار ڪرڻ.''

ناول جي ڪٿا هن ريت آهي. ڀڳڙي کي هڪ ڏينهن سندس دوست ٻڌائي ٿو تہ سامهون پهاڙيءَ تي جيڪو مندر آهي تنهن ۾ ڪوبہ ماڻهو جيڪڏهن رات جو ٻارهين بجي وڃي پريوءَ جي پرارٿنا ڪندو تہ ان جي پرارٿنا قبول پوندي آهي.

ڀڳڙو پنهنجي دوست سان گڏ مندر ۾ وڃي ڀڳوان کان پنهنجي لاءِ دولت ۽ زال گهرڻ چاهي ٿو. هو رات جو گهران نڪرڻ جو پروگرام ناهين ٿا. رستي ۾ هنن کي ٻيا بہ دوست ملن ٿا. چار ئي ڄڻا هڪ ٻئي سان ڳالهيون ڪندا مندر وٽ وڃي پهچن ٿا. مندر وٽ پهچي ڀڳڙو پنهنجن دوستن کان الڳہ تي وڃي ٿو. ان کان پوءِ ڀڳڙي کي سماج جا گهڻا ئي روپ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ڌرم جي اوٽ ۾ ماڻهن کي ٺڳيو پيو وڃي. خود ڀڳڙو بہ ان جو شڪار ٿئي ٿو پر سادو سودو ڀڳڙو اهي ڳالهيون سمجهي نٿو سگهي. مندر ۾ ڀڳوان جو درشن ڪري جڏهن ٻاهر نڪري ٿو تہ تڏهن ڪيس دوستن جي ياد اچي ٿي پر اهي ڪٿي بہ ڏسڻ ۾ نٿا اچن. آخر اڪيلو ئي اڪيلو گهر طرف وڃڻ لاءِ پهاڙيءَ کان هيٺ لهي ٿو. رستي ۾ ٿڪجي ڪري هڪ پٿر تي ويهي رهي ٿو. تڏهن پرسان ئي چورن جو آواز ٻڌي ٿو جيڪي هڪ شاهوڪار جي گهر مان چوري ڪري آيا هئا ۽ شاهوڪار جي نوڪر جي جوان ڌيءَ کي بہ ڀڄائي آيا هئا. سادو سودو ڀڳڙو ان وقت پنهنجي دماغ کان ڪم وٺي، اهڙي اٽڪل ڪري ٿو جو سردار پنهنجي ساٿين کي هڪ هڪ ڪري ماري ڇڏي ٿو. هوُ پاڻ بہ ڊپ ۾ 'پوت پوت' ڪندو اُتان ڀڄي وڃي ٿو. ڀڳڙو سيٺ کي سندس چوري ٿيل ملڪيت ۽ نوڪر کي سندس ڌيءَ چمپا سپرد ڪري ٿو. ڀڳڙي جي بهادريءَ عيوض ڪيس سيٺ پنج هزار رپيا انعام ڏئي ٿو ۽ چمپا سان شادي بہ ڪرائي ٿو. ڀڳڙي کي ائين ٿو لڳي تہ ڀڳوان ئي هن جي سچي دل سان ڪيل پوڄا قبول ڪئي آهي ۽ سندس ٻئي گهرون قبول ڪيون آهن.

## راجا راڻين جا ناول

هن قسم جي ناول جي مکيہ ڪٿا راجا-راڻين ۽ راجڪمارن وغيره جي اِرد گرد گهمندي آهي. ان ۾ چمتڪارن، بهادريءَ ۽ سياڻپ ذريعي راجا يا راجڪمار، تڪليفن ۽ سنڪٽن مان پار پوندو آهي ۽ پنهنجي منزل مقصود تي پهچندو آهي.

هن قسم جا ناول چڱا لکيا ويا آهن.

هوندراج بلواڻيءَ جي ’هڪڙو هو راجڪمار‘ ۾ رتن پور نالي هڪ ديش جي ڳالهه آهي. اُتان جي راجا رتن سنگهه کي اولاد ڪونه ٿيندو هو. آخر روز روز پرارٿنائن ڪارڻ راجا کي پٽ ڄائو. سندس نالو چندرسنگهه رکيو ويو. راجڪمار چندرسنگهه جڏهن جوان ٿيو تڏهن راجا سندس شادي ڪرائڻ چاهي. راجا جو نيچ منتري ان موقعي جي تاڙ ۾ هو. هن سوچيو ته جيڪڏهن هوُ پنهنجي ڌيءُ جي شادي راجڪمار سان ڪرائي ته کيس ٻٽو فائدو ٿيندو. هڪ ته کيس هميشهه لاءِ وزيري ملي ويندي، ٻيو راڄ ۾ هن جو ڌاڪو به رهندو. پر راجڪمار چندرسنگهه کي اِها ڳالهه نه وڻي. هڪ ڏينهن راجڪمار سفر تي نڪتو. جهنگل ۾ هڪ تلاءُ هو. اُتي مور جي روپ ۾ ست راجڪماريون سنان ڪرڻ آيون هيون. اُنهن مان سڀ کان ننڍي راجڪماري نيلم راجڪمار چندرسنگهه کي وڻي ويئي. هوُ کيس پنهنجي ديش ۾ وٺي آيو. راجڪمار ۽ نيلم جي شاديءَ جون تياريون ٿي رهيون هيون تڏهن دشٽ منتريءَ پاڙيسري راجا کي رتن پور تي حملو ڪرڻ لاءِ همٿايو. راجڪمار لڙائيءَ تي روانو ٿيو ته منتريءَ اٽڪل سان نيلم جي باري ۾ ڳاله ڦهلائي ته هوءَ اِنسان نه پر ڀوت آهي. نيلم کي قيد ۾ رکيو ويو. بعد ۾ هوءَ اٽڪل سان پنهنجي ديش وڃي پهتي. هيڏانهن راجڪمار جڏهن جنگ جيتي واپس آيو تڏهن کيس نيلم جي باري ۾ خبر پيئي. راجا کي دشٽ منتريءَ جي چال سمجهه ۾ اچي ويئي. راجڪمار، نيلم جي ڳولها ۾ نڪتو. آخر ڇڱيون تڪليفون سهندي نيلم جي ديش ۾ وڃي پهتو ۽ آخر نيلم کي پنهنجي ديش واپس وٺي آيو.

هي ناول چين جي هڪ لوڪ ڪٿا جي آڌار تي لکيل آهي. انهيءَ ناول جي ٻئين ڇاپي ۾ سنڌ جو ٻال ساهتيڪار اياز پاٽولي پنهنجو رايو ڏيندي لکي ٿو، ”هڪ ٻار لاءِ ٻار تي لکڻ بذات خود هڪ وڏو فن آهي. تازو ڪتاب ’هڪڙو هو راجڪمار‘ به انهن بامقصد ڪتابن مان هڪ آهي جو ٻاڻ نهايت دلڪش انداز ۾ بيان ڪيو اٿس.“

جگديش لڇاڻيءَ جي ’روپ نگر جي راجڪماري‘ ۾ هڪ راجڪمار نه، پر راحب نالي هڪ عام رواجي اِنسان جي ڪهاڻي آهي. هوُ تمام بهادر آهي. هڪ دفعي جڏهن ڪو راڪاس، روپ نگر جي راجڪماريءَ کي کڻي وڃي ٿو تڏهن راجا ۽ نگر جا سڀ ماڻهو دکي ٿين ٿا. ڪنهن کي به سمجهه ۾ نٿو اچي ته هوُ راجڪماريءَ کي راڪاس کان ڪيئن بچائين. سياڻن جي صلاح تي

راجا پنهنجي نگر ۾ پڙهو گهمائي ٿو ته جيڪو به شخص راجڪماريءَ کي راڪاس کان بچائي ايندو، تنهن کي اڌ راڄ-اڌ ڀاڱو ۽ هيرن جواهرن سان پريل هڪ سون جو ٿالهه ڏنو ويندو ۽ سندس شادي به راجڪماريءَ سان ڪرائي ويندي. بهادر نوجوان راحب پنهنجي ڀاءُ صاحب کي ساڻ ڪري راڪاس جي ڳولها ۾ نڪري پوي ٿو. تمام گهڻين تڪليفن ۽ چمتڪاري چيزن سان پنهنجي سمجهه ۽ همت سان مقابلو ڪري آخر راجڪماريءَ کي، راڪاس جي چنبي مان آزاد ڪرائي ٿو پر رستي ۾ سندس سڳو ڀاءُ صاحب ڪيس دوکو ڏيئي، راجڪماريءَ کي وٺي هليو وڃي ٿو. آخر سچائيءَ جي جيت ٿئي ٿي. راحب کي راجڪماري ۽ اڌ راڄ ملي ٿو.

هي ناول سنڌي لوڪ ڪهاڻيءَ تي آڌارت آهي. ناول جي باري ۾ پوپٽي هيرانندڻيءَ لکيو آهي، ”’روپ نگر جي راجڪماري‘ ناول ۾ ٻارن اڳيان بهادريءَ جا مثال رکيل آهن. آکاڻيءَ جو نائڪ سورمو ۽ بي ڊپو آهي. اڄ جي زماني ۾ ڇوڪرن توڙي ڇوڪرين لاءِ اهو گڻ تمام ضروري آهي. جڳديش ٻاراڻي ٻوليءَ ۾ ڪلپنا کان ڪم ورتو آهي ۽ وڏن اکرن ۾ ناول جي ڪهاڻي ڇپائي ٻارن تي وڏو وڙ ڪيو آهي. اهي ٻئي چيزون ٻارن جي ساهت لاءِ ضروري آهن. ان خيال کان هيءَ رچنا ٻال ساهت ۾ سٺو اضافو آهي.“

سنڌي لوڪ ڪهاڻيءَ جي آڌار تي ٺهيل جڳديش لڇاڻيءَ جو ٻيو ناول آهي ’گلن ڦلن جي راڻي‘. انهيءَ ناول ۾ به هڪ بهادر ۽ ساهسي راجڪمار جا ڪارناما بيان ڪيا ويا آهن. هڪ نيڪ ۽ داني راجا جي راڄ ۾ ڏيئرن کي زنده رهڻ جو ڪو حق نه هو. جيڪي به ڏيئر ڄمنديون هيون تن کي سمنڊ ۾ لوڙهيو ويندو هو. راجا خود پنهنجين ٻن ڏيئرن کي به ان طرح ختم ڪرائي ڇڏيو هو. هڪ دفعي راجڪمار جڏهن ٻن داين کي پنهنجي نئين جاول ڀيڻ کي سمنڊ ۾ لوڙهيندو ڏسي ٿو تڏهن هوءَ ان کي بچائي ٿو. راجڪماريءَ کي پنهنجي هڪ دوست جي گهر رهائي ٿو جتي هوءَ وڏي ٿئي ٿي. وڏي ڀيڻ تي هڪ دفعي راجا کي ان ڳالهه جي خبر پوي ٿي تڏهن هو راجڪمار ۽ راجڪماريءَ کي جهنگل ۾ وڃي ختم ڪري اچڻ جو، جلادن کي حڪم ڏئي ٿو. جلادن کي ديا اچي وڃي ٿي ۽ هوُ ٻنهي کي ڇڏي ڏين ٿا. ڀئي ڀاءُ ڀيڻ گهمندا گهمندا هڪ اهڙي شهر ۾ اچن ٿا جتي سڀ ماڻهو مئا پيا هئا. تنهن کان پوءِ راجڪمار ان شهر جي راجڪماريءَ کي راڪاس جي چنبي مان بچائي ٿو. کوهه ۾ قيد ٿيل راڪاس تي راجڪمار جي ڀيڻ موهت

ٿئي ٿي ۽ ڀاءُ کي مارائڻ جون گهڻيون ڪوششون ڪري ٿي جن مان راجڪمار بهادريءَ سان بچي نڪري ٿو. تڏهن راجڪمار کي سمجهه ۾ اچي ٿو ته راڻا پنهنجي ملڪ جي سيني ڏيڻ کي ڇو مارائي ڇڏيندو هو.

ناول جي باري ۾ ديال آشا ٻڌائي ٿو، ”ناول جي آڪاڻي منڍ کان آخر تائين بلڪل دلچسپ ۽ اُتسڪتا سان ڀريل آهي جو هڪ دفعو هٿ ۾ کڻڻ سان پوري ڪرڻ بنا رهي نه سگهبو. جگديش ٻولي به سرل، سرس ۽ وڻندڙ ڪم آندي آهي.“

’لال جادوگر‘ ميول آهوجا جو لکيل هڪ اهڙو ناول آهي جنهن ۾ لال جادوگر جي جادوئي دنيا آهي. ڪهاڻين ۾ ڪهاڻيون آهن، گهٽنائن مان ٻيون گهٽنائون نڪرن ٿيون. لال جادوگر تمام ظلمي آهي. هڪ دفعي ستيهپال نالي راجا جي ڌيءُ سونا تي موهت ٿي پوي ٿو. راجا، جادوگر جو مقابلو نٿو ڪري سگهي ان ڪري بيوس آهي. آخر ۾ شهر ۾ ڍنڍورو گهمايو وڃي ٿو ته جيڪو ماڻهو راجڪماري سونا کي لال جادوگر جي چنبي مان بچائيندو تنهن سان راجڪماريءَ جي شادي ٿيندي. هڪ غريب ڪڙميءَ جو پٽ روشن ڪمار اِها ڳالهه سويڪاري ٿو ۽ لال جادوگر جي تلاش ۾ نڪري ٿو. هوُ نه صرف لال جادوگر جي جادوئي دنيا کي ختم ڪري ٿو پر ان سان گڏ ٻين ڪيترن ماڻهن جي ڀلي جا ڪم ڪري ٿو.

ليکڪ جي چوڻ موجب، هي ناول ڪنهن لوڪ ڪٿا وغيره تي آڌارت نه آهي بلڪ ڪالپنڪ آهي ۽ ان جو پلاٽ سندس ويچار شڪتيءَ جي دين آهي. پوپٽي هيراننداڻي، ڪتاب جي مهاڳ ۾ چوي ٿي، ”اڳئين زماني ۾ ٻارن کي راجڪمارين ۽ راجڪمارن جون ڪهاڻيون ٻڌائبيون هيون. انهن ڪهاڻين ۾ راجڪمارين جي سندرتا ۽ راجڪمارن جي بهادريءَ ۽ هوشياريءَ جو ذڪر هوندو هو. ’لال جادوگر‘ ڪهاڻيءَ ۾ پڻ روشن ڪمار جي بهادري ۽ همت اهڙيءَ طرح چترت ڪيل آهي جو ڪهاڻي ٻارن جي من تي امٽ اثر ڇڏيندي. مون کي شڪايت رهندي هئي ته اسين جهرڪين ۽ پرين جون اُهي ڪهاڻيون ٿا لکون جي صرف پنجن ستن ورهين جي ٻارن کي ئي وندرائينديون. پر ميول آهوجا جي هيءَ لنبي ڪهاڻي پندرهن سورهن ورهين جي ڇوڪرن ڇوڪرين جي ڪلپنا کي رنگين بڻائي ڪين بهادري ۽ سياڻپ جي گڻن سان پاڻ سينگارڻ لاءِ اُتساهت ڪندي. اَڄا به جيڪر جادوئي رنگ جي بدران اڇوڪي وگيان جي رنگ کان ڪم ورتو وڃي ها ته سون تي سهاڳي

جو ڪم تي وڃي ها.“

پنهنجي رچنا ۾ جادوئي رنگ ڀرڻ جي بدران راجائي ڪٿا جي پس منظر ۾ اڄوڪي زماني جي ٻالهه چوڻ ۽ اڄوڪي وگيان جي حاصلاتن جو ذڪر ڪرڻ جو ڪم جيوت گوگيا ’جوت‘ ڪيو آهي. سندس ’شينهن ۽ ٻڪري‘ ۾ هڪ ظلمي ۽ ستا جي لالچي راجا وڪرم جي ڪهاڻي آهي. سندس ظلم ڪان تنگ اچي هن جي راڄ جا امير ۽ اُمراءَ ۽ مٽ مائٽ سڀ هن جي خلاف لڪل بغاوت ڪن ٿا. راجا وڪرم کي ان ٻالهه جي سڌس پئجي وڃي ٿي ان ڪري جن جن مان ڪيس بغاوت جو ڊپ هو تن کي پاڻ سان گڏ جهنگل ۾ شڪار تي وٺي وڃي ٿو پر ڏيري ڏيري سڀ ماڻهو جهنگل مان غائب ٿي وڃن ٿا ۽ راجا اڪيلو رهجي وڃي ٿو. هوُ جهنگل ۾ رستو ڀلجي پوي ٿو. تڏهن سخت پياس ڪري وياڪل ٿي هڪ گهاٽ تي پاڻي پيئڻ لاءِ رڪجي ٿو. راجا ڏسي ٿو ته انهيءَ گهاٽ تان شينهن ۽ ٻڪري پاڻي پي رهيا آهن. شينهن ٻڪريءَ کي ڪجهه نٿو ڪري ۽ مٿس ڪو حملو نٿو ڪري. تڏهن راجا جي من ۾ ڦيرو اچي ٿو.

هن ناول ۾ اڄ جي يگ جي جاسوسي سرشتي، تندتار، آتنڪواد، اخبارن، ٽي.وي.، اليڪشن وغيره جو به ذڪر آهي. هن ڪتاب جي مهاڳ ۾ جگديش لڇاڻي چوي ٿو، ”جيوت ’جوت‘ جي هيءَ ڪهاڻي هڪ بيحد ڪامياب ٻال ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻيءَ جي پلاٽ ۾ مونکي ٻال ٽي.وي. فلم جا ڪافي زوردار عناصر ڏسڻ ۾ آيا آهن. ٿورن ڊرامائي Elements وجهڻ سان هن مان هڪ سٺي ٽي. وي. ٻال فلم ٺاهي سگهجي ٿي. هن ۾ ليکڪ وقت انوسار هڪ اعليٰ اُديش به رکيو آهي جنهن ڪهاڻيءَ کي ڪافي جاندار بڻائي ڇڏيو آهي.“

راجائي ڪهاڻين ۾ مئترڪ جي هڪ شاگرد راجيش ڪتواڻي (هن وقت ٻارن جو اسپيشلسٽ ڊاڪٽر) جو لکيل ’پوپو جادوگر‘ به شامل ڪرڻ گهرجي. هن ناول ۾ به هڪ راجڪمار آهي. هوُ بهادريءَ سان پوپي جادوگر جي طلسمي دنيا کي ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب وڃي ٿو. لڳڻي اهڙي ته پڪي پختي آهي جو اهو هڪ وديارٿيءَ جو لکيل نٿو لڳي. ناول جي باري ۾ به اڪر لکندي ٻڳوان نردوش چوي ٿو، ”حاطم طائي، علاوالدين جو جادوئي چراغ ۽ علي بابا چاليهه چور جهڙن جادوءَ جي داستانن، ڊپ، ويرتا ۽ اُتڪنٺا سان ڀر سنسنيخيز ڪهاڻين جي سڪ لاهڻي هجي ته راجيش ڪتواڻيءَ جو هيءُ ڪتاب

’يوپو جادوگر‘ پانڪن کي ضرور پڙهڻ گهرجي.“

## ساهس پريل ناول

ساهس پريل ناول ٻارن ۾ همت ۽ ساهس جو ٻج ڇٽين ٿا. ڪين نڊر ۽ پرا ُپڪاري بڻائين ٿا. هن قسم جي ناولن جو نايڪ وڏين وڏين مشڪلاتن کي منهن ڏئي ٿو ۽ مسئلن جو حل ڪڍي ٿو. ائين ڪندي هو پنهنجي دماغ ۽ سمجهه شڪتيءَ کان ڪم وٺي ٿو. ڪيس ڪا چمتڪاري يا جادوئي چيز نه پر پنهنجي همت ئي اڳتي وڌائي ٿي ۽ ڪانئس وڏا وڏا ڪارنا ڪرائي ٿي.

ساهس سان پريل ٻه ناول ملن ٿا. هڪ آهي جگديش لڇاڻيءَ ۽ منوهر بيديءَ جي گڏيل ڪوشش سان لکيل ’ملي ڪبو مقابلو‘ ۽ ٻيو آهي جگديش لڇاڻيءَ جو اڪيلي سر لکيل ’لال هيري جي ڳولها.‘

پهرئين ناول ۾ هڪ واگهه جي شڪار جي ڪٿا جو ورنن آهي. ڪئپٽن ڪئلاش شرما هڪ رٽائرڊ ملٽري آفيسر آهي. هوُ پنهنجي پوٽي وڪاس سان ڳالهيون ڪندي اهو محسوس ڪري ٿو ته اڄ جي ٻالڪن کي پنهنجي بچاءَ ۾ مارشل آرٽس ۽ بچاءَ جا هنر سکڻ گهرجن. ٻار هن وٽان اهي ڪلائون سکڻ لاءِ ڪنا ٿين ٿا تڏهن ڪئپٽن ڪئلاش شرما کين پنهنجي زندگيءَ جي هڪ ڳ هتنا ٻڌائي ٿو جنهن ۾ ٻار ڪوهجي وڃن ٿا. وچ وچ ۾ ڪانئس سوال پڇن ٿا. سڄي گهٽنا جهنگل ۾ گهمندڙ آدمخور واگهه جي شڪار سان واسطو رکندڙ آهي. ناول جي باري ۾ جگديش لڇاڻي پاڻ مهاڳ ۾ ٻڌائي ٿو، ”شڪاري جيون تي لکيل هيءُ سنڌيءَ ۾ پهريون ٻال اُپنياس آهي. اسان جي منڊ کان وٺي اها ڪوشش پئي رهي آهي ته ٻارن اڳيان گوناگون ساهت پيش ڪجي. اڄ جا ٻار آئينده جا ابا آهن. اُهي ٻين ملڪن جي ٻارن کان ڪنهن به طرح پٺتي نه آهن. انهن ۾ ڪچيءَ عمر ۾ ئي ويرتا، اُتساهه، بهادريءَ جي ڀاونا ۽ انياءَ خلاف ودروهه جا ويچار وجهڻ سان اُهي آئينده ۾ ڏاڍا ڪارائتا ثابت ٿين، اها ئي اسان جي مراد آهي.“

ٻئي ناول ۾ راجڪمار ۽ راجڪماريءَ جي ڪهاڻيءَ کي هاٺوڪي يگ جي ماحول ۾ ساهس سان پريل ڪٿا جي روپ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. عام طرح جئن ناولن ۾ ٿيندو آهي، هن ناول ۾ به هڪ راجڪماري پنهنجي شاديءَ لاءِ هڪ شرط رکي ٿي. ان شرط موجب نه ڪنهن جادوگر سان مقابلو ڪرڻو آهي ۽ نه ڪنهن راڪاس کي ختم ڪرڻو آهي. راجڪماري اهڙي نوجوان سان شادي

ڪرڻ چاهي ٿي جيڪو سمنڊ مان لال هيرو ڳولهي آڻي ڏئي. هڪ بهادر راجڪمار اهو ڪم سرانجام ڪري ٿو. ناول ۾ سمنڊ جي اندر رهندڙ جيوَن جو ورنن آهي. مانگرمڇ سان مقابلو ته اٺ پيري ۽ شارڪ مڇيءَ جي جنگ. ويڊيو ڪئميرائون، ٽرانسميٽر، آڪسيجن گئس، ڪرين (Crane)، بجليءَ جا شعاع، روبوٽ وغيره اهڙا آڌونڪ ساڌن آهن جن جي وسيلي راجڪمار راجڪماريءَ جي شرط کي پورڻ ڪرڻ ۾ ڪامياب وڃي ٿو.

ناول جي باري ۾، مهاڳ ۾ هيرو شيوڪاڻي چوي ٿو، ”ڪهاڻي البت پراڻي وارتا، راجڪمار ۽ راجڪماريءَ جي ڍنگ جي آهي پر ان ۾ بهادري، ائڊوينچر، همٿ کي سمائيندي ڪلوز سرڪٽ ٽي.وي.، ڪامپيوٽر ۽ روبوٽ جهڙن نون وگيانڪ ساڌنن کي سمائي وٽندڙ ڪلپنا شڪتيءَ جو پريچيه ڏنو اٿس.“

## قصا

ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ ڪيترن مشهور قصن کي ٻار شوق سان پڙهندا هئا. اهي قصا جيتوڻيڪ ٻارن جي لاءِ لکيل نه هوندا هئا تڏهن به انهن ۾ سنسنيخيز ۽ رومانچڪ گهٽنائون هئڻ جي ڪارڻ اهي وڏن سان گڏ ٻار به شوق سان پڙهندا هئا. ورهاڱي کان پوءِ اهڙي قسم جا روچڪ قصا شروعات ۾ ايل. ڪشنچند ائنڊ سنس ۽ اجمير جي گورڌن بوڪ اسٽال وارن ڇپايا. اهي قصا گهڻو ڪري دولترام هيمنداس ڪلياڻيءَ جا لکيل هئا. اهڙي قسم جي قصن ۾ ’چار درويش‘، ’ممتاز دمسار‘، ’حاطم طائي‘، ’گل بڪاولي‘، ’وڪرماجيت جون ٣٢ پتليون‘ وغيره پنهنجو رنگ ڄمايو. سترامداس سائل وري ’سهراب ۽ رستم‘ جو قصو قلمبند ڪيو. اهڙي قسم جا ناول هڪ وار هٿ ۾ کڻڻ کان پوءِ انهن کي ڇڏڻ تي دل نه ٿيندي آهي.

## ڪي جاچنائون ۽ حقيقتون

(١) ٻال گيتن ۽ ٻال ڪهاڻين جي ڀيٽ ۾ ٻال ناول جو وڪاس تمام گهٽ ٿي سگهيو آهي. ٻال ناولن جي تعداد تي نظر وجهڻ سان اها ڳالهه صاف ٿي بيهي ٿي. ائين ته گهڻو ڪري هر ٻوليءَ ۾، ٻال گيتن ۽ ٻال ڪهاڻين جي ڀيٽ ۾ ٻال ناول گهٽ لکيا ويندا آهن، تنهن هوندي به انهن جو انداز اينترو نراس ڪندڙ نه هوندو آهي. ڪنهن به تسليم ٿيل ٻوليءَ ۾، ٻال ناول جي حالت، سنڌيءَ جهڙي ڪونه هوندي. چاليهن-پنجيتاليهن سالن جهڙي وڏي عرصي ۾ ٻال ناولن جو انداز (صرف ١٤، جنهن ۾ به قصا وغيره شامل آهن)

ڏيکاري ٿو تہ ٻال ناول طرف ٻال ساهتيڪارن گهٽ ڌيان ڏنو آهي. معيار جي خيال کان بہ ٻال ناول کو خاص مقام حاصل نہ ڪري سگهيو آهي.

(٢) سيني ٻال ناولن ۾ فقط موهن ڪلپنا جو ’سرڳہ جي ڳولها‘ ئي هڪ اهڙو ٻال ناول آهي جنهن کي ناول-ساهتيہ ۾ سڀ کان وڌيڪ لوڪپريتا ۽ مشهوري ملي آهي. ناول ۾ سرگم جو پاتر اُپري بيهي ٿو. سچي ڪهاڻي هن جي آسپاس ڦري ٿي. ٻيا پاتر بہ پنهنجي پنهنجي نقطہنگاہ کان نهڪندڙ ۽ اثردار آهن. سرگم جو ڪردار رچي ليکڪ ٻارن جي دنيا، ماحول، اُڏام، ترڪ شڪتي، هوشياري، معصوميت، ڪلپنائن، سوالن، مسئلن، ڀاونائن وغيره کي بخوبي چٽيو آهي. موضوع، وشيہ وستو ٻارن جي پسندگيءَ انوسار آهي. ناول جو ليکڪ موهن ڪلپنا، بنيادي طور هڪ سٺو ڪهاڻي نويس ۽ ناول نويس آهي، تنهن ڪري هن ناول جي اُٺت بہ هوُ صحيح ڍنگہ سان ڪري سگهيو آهي. ايترين سارين خوبين جي باوجود، ناول ۾، خاص ڪري پڇاڙيءَ واري حصي ۾ گهڻن هنڌ ليکڪ پنهنجا فيلسوفاڻا ويچار پيش ڪري ٻارن جي ناول کي اجايو گنڀير بڻايو آهي. انهيءَ سبب ڪهاڻيءَ جي رواني ۾ اجايو رخنو پوي ٿو، تنهن کان سولائيءَ سان ڪنارو ڪري سگهجي ها. هڪ اڌ مثال ڏيڻ سان ڳالهہ واضع ٿيندي–

”يلا سرڳہ ڇا آهي؟“ هن (سرگم) پڇيو.

”سرڳہ هڪ پرم آهي.“ هڪ مزور چيو.

”۽ پرم ڇا آهي؟“ سرگم پڇيو.

”پرم کنهن ڪوڙي اثر کي چئبو آهي.“

”۽ ڪوڙ ڇا آهي؟“ سرگم پڇيو.

”اها چيز يا ڳالهہ جنهن جو ڪوئي وجود نہ هجي.“

”۽ وجود ڇا آهي؟“ سرگم پڇيو.

”ڪنهن چيز يا ڳالهہ جي هئڻ جو ثبوت.“

”۽ ثبوت ڇا آهي؟“ سرگم پڇندو رهيو.

”ڪنهن چيز يا ڪنهن ڳالهہ جي هئڻ جو وشواس.“

”۽ وشواس ڇا آهي؟“

”اسين پنهنجي حواسن معرفت پنهنجي هرڪا ڳالهہ دماغ تائين پهچايون ٿا ۽ دماغ جنهن کي نيڪ هئڻ جي قبوليت تو ڏئي، اها قبوليت وشواس آهي.“ (ص. ٦٧ ۽ ٦٨)

سرگم جي سوچڻ جو ڍنگ ڏسو :

- مزو تہ ان ۾ آهي تہ سڀ هڪ ٻئي جا مددگار هجن- ماني هجي- کير هجي- قرب هجي- مسافري هجي- هوا هجي ۽ سڄ ڳالهائڻ جي آزادي هجي- (ص. ٧١)

انهن ننڍين ڪمين کان ڪنارو ڪجي ها تہ ناول اَجا بہ نج ٻارن جو لڳي ها. اِها بہ حقيقت آهي تہ اهي ٿوريون ڪميون ناول جي خوبين جي ايڏو آڏو نٿيون اچن ۽ ناول هڪ سٺي ٻال ناول جي روپ ۾ اُڀري بيهي ٿو. ٻين ناولن ۾ مکيہ ڪٿا تنتوُ ايترو اثردار نہ هئڻ ڪري، اهي 'سرڳہ جي ڳولها' جي صف ۾ نٿا بيهن.

(٣) بناوت ۽ قد جي خيال کان 'سرڳہ جي ڳولها' ۽ 'لال جادوگر' انهن ٻن ناولن کان سواءِ باقي سڀ ناول تمام ننڍا آهن. مثال طور- 'هڪڙو هو راجڪمار' (٢٦ پيج)، 'پوپو جادوگر' (٢٧ پيج)، 'گلن ڦلن جي راڻي' (٣٦ پيج)، 'روپ نگر جي راجڪماري' (٣٢ پيج)، 'ملي ڪيو مقابلو' (۴٠ پيج)، 'لال هيري جي تلاش' (٢١ پيج)، ۽ 'شينهن ۽ ٻڪري' (٢٨ پيج). 'لال جادوگر' قد بت جي خيال کان ٻال ناول آهي تہ ان ۾ ڪهاڻيون نڪري ٻال پانڪ کي منجهائي ٿيون ڇڏين. 'پڱڙو مندر ۾' وارتا فقط پڱڙي جي مندر ۾ وڃڻ تائين محدود آهي. ٻين ناولن جي مکيہ وارتا ايتري تہ مختصر آهي جو اهي بناوت جي خيال کان، ڪو ٻال ناول نہ پر ڪهاڻي پيا لڳن.

(۴) ٻال ناول جا ڪي ٻيا پهلوُ-

(الف) سڀ کان وڌيڪ ٻال ناول ڏيڻ ۽ اُنهن کي آڏونڪ رنگہ ڏيڻ جي خيال کان جگديش لڇاڻيءَ جو يوگدان ساراهہ جوڳو آهي.

(ب) راجا راڻين جي ناولن جي اڪثريت آهي. گهڻن ئي قسمن جا ٻال ناول اَجا لکيا ئي نہ ويا آهن. مثال طور اتهاسڪ ناول، جاسوسي ناول.

(ث) ٻال ناول لکڻ لاءِ هڪ وشال پلاٽ، چٽن ڪردارن ۽ انهن کي مکيہ ڪٿا سان جوڙڻ جي قابليت ۽ وڌيڪ وقت جي گهرج هئڻ ڪري، ٻين صنفن جي پيٽ ۾ هن صنف ڏانهن جوڳو ڌيان نہ ڏنو ويو آهي.

□□

باب ڇهون

# ٻــال نــاٽڪ

ناٽڪ ادب جي هڪ اهڙي صنف آهي جنهن جو واسطو نه صرف ساهتيه سان آهي پر رنگه منچ سان به آهي. ڪنهن به ناٽڪ جي سڦلتا جي ڪسوٽي رنگه منچ ليکيو وڃي ٿو. جيئن وڏن جي لاءِ لکيل ادب ۾ ناٽڪ جي لکڻي هڪ خاص ڪلا گهري ٿي تهڙيءَ طرح ٻال ساهتيه ۾ به ٻال ناٽڪ لکڻ لاءِ هڪ خاص ۽ علحدي ڪلا ۽ سُوجهه ٻُوجهه جي ضرورت آهي. ٻال ناٽڪ لکڻ جي ڪلا بنيادي طور هڪ ڏکي ڪلا آهي. وڏي عمر جي درشڪن لاءِ ناٽڪ لکڻ وقت جن ڳالهين جو ڌيان رکڻو پوي ٿو تنهن کان به وڌيڪ ڌيان ٻال ناٽڪ لکڻ لاءِ رکڻو پوي ٿو. ٻارن جون ڪلپنائون، ضرورتون ۽ مسئلا اسان وڏن کان نرالا هوندا آهن. وڏن جي نظر ۾ جن مسئلن کي ڪا معنيٰ ڪانهي، ٻارن جي دنيا ۾ انهن کي وڏي معنيٰ آهي. ان ڪري سياويڪ طور جن ٻال درشڪن لاءِ ناٽڪ لکيو يا پيش ڪيو وڃي ٿو، انهن جي دنيا کي سمجهڻ بنا، اهو لکيو يا پيش ڪيو ته ڪامياب نه ويندو. ٻارن کي وڏيون وڏيون ۽ ڳُوڙهيون ڳالهيون پسند نه هونديون آهن. ڪين سڌي اُپديش واريون ڳالهيون به پسند نه آهن. هنن جي ڪلپنائن موجب نه هجن، اهڙيون ڳالهيون به هوُ ڏسڻ-ٻڌڻ پسند نٿا ڪن. هنن جي گرهڻ شڪتي ۽ ياد شڪتي به وڏن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ تيز هوندي آهي. هوُ جيڪي ڪجهه ڏسن ٿا تنهن ۾ کوهجي وڃن ٿا. سياويڪ لڳندڙ ڪردارن ۾ هوُ پاڻ کي ڏسن ٿا. انهن پاترن جو نقل ڪن ٿا. ناٽڪ ذريعي حاصل ڪيل ڳالهين جو هنن جي جيون تي گهرو اثر ٿئي ٿو ۽ اڳتي هلي اهي ڳالهيون هنن جي چرتر جو انگه بڻجي وڃن ٿيون. ٻارن جو آتم وشواس وڌي ٿو. هوُ رچناتمڪ ڪارين ۾ هوشيار ٿين ٿا.

بقول سرويشور ديال سڪسينا، ”ٻارن کي ٿيٽر وادي رنگه منچ جي ضرورت نه آهي. ٻار هڪ ڪکه سان جيتري وڏي ڪلپنا ڪري سگهندو آهي، وڏا نه ڪري سگهندا آهن. هن کي ڪلپناشيل سادو رنگه منچ کپي. ائبسرڊ ٿيٽر ۾ هن کي اَجا به وڌيڪ مزو اچي ٿو. هوُ قدرت، جانورن، ناچ گاني،

شورغل سيني سان ڏاڍي لڳن سان جڙندو آهي. ان ڪري هن جي لاءِ ناٽڪ لکڻ هڪ ڪئنواس جي سامهون ڪڙو تيڻ آهي. جيڪڏهن توهان ان ڪئنواس جي سامهون پاڻ کي ننڍا محسوس نہ ڪريو تہ ٻارن جي نالي تي اهو ڪئنواس ننڍو نہ ٿيندو.'' [1]

## ٻال ناٽڪ جا عناصر :

ٻال ناٽڪ لکڻ وقت هيٺين عناصرن جو ڌيان رکڻ ضروري آهي.

### (١) وشيہ وستو

سڀ کان اهم جزو موضوع يا وشيہ وستو آهي. ٻال ناٽڪ جو موضوع ڪهڙو هئڻ گهرجي، ان لاءِ مختلف رايا ملن ٿا. ڪي ٻال ساهتيڪار انهيءَ راءِ جا آهن تہ ٻارن جي واستوڪ جيون سان واٻسطہ گهٽنائن تي ٻال ناٽڪ لکڻ گهرجن. ڪي ان راءِ جا آهن تہ يٿارٿ واري دنيا ۾ ٻارن جو ايترو من نہ لڳندو آهي، جيترو ڪالپنڪ دنيا ۾. تنهن ڪري ڪين اهڙا ناٽڪ ڏيڻ گهرجن جيڪي ڪين ڪلپنا جي دنيا ۾ وٺي وڃن. حقيقت ۾ ٻال ناٽڪ ڪهڙي بہ وشيہ تي لکيو وڃي پر اهو اهڙو هئڻ گهرجي جيڪو ٻارن جي سرل سمجهہ تي پنهنجو اثر ڇڏي سگهي. اهو ايڏو وڏو بہ نہ هئڻ گهرجي جو ويٺي ويٺي ٻار ٿڪجي پوي. ان ۾ اُتسڪتا ۽ انتظاري هجي. هنن جي جڳياسا جاڳي. گهٽنائون جلد ۽ تڪڙيون ٿينديون رهن. تڏهن ئي اهو ناٽڪ ٻارن تي گهرو اثر ڇڏي سگهندو.

### (٢) گفتگو

گفتگوءَ تي ٻال ناٽڪ جو گهڻو دارومدار رهي ٿو. ٻال ناٽڪ ڪار لاءِ اهو ضروري آهي تہ هو ننڍا ننڍا، سؤلا ۽ ٻارن جي سمجهہ جي دائري اندر جا ڊائلاگ ڪم آڻي. وڏن ۽ ڏکين ڊائلاگن کان ڪنارو ڪري. وڏا، منجهيل ۽ اڻچٽا ڊائلاگ هڪ طرف ٻال ناٽڪ سمجهڻ ۾ مونجهارو پيدا ڪن ٿا تہ ٻئي طرف ٻارن جي چاهہ کي ختم ڪن ٿا. جيڪڏهن پاترن جي گفتگو کي صحيح ڍنگ سان نہ لکيو ويو تہ اهو ٻال ناٽڪ ٻارن جي پسنديءَ جو نہ بڻجي سگهندو.

---

1. 'ٻال ساهتيہ رچنا اور سميڪشا' ۾ 'بچون ڪي ناٽڪ' ص. ١١٧

## (٣) پاتر

ٻال ناٽڪ ۾ پاتر جيترا گهٽ هجن اوترو سٺو. پاترن جو انداز گهٽ هئڻ سبب ٻال درشڪ انهن کي سولائيءَ سان سمجهي ۽ سڃاڻي سگهندا. انهن پاترن جي هڪ ٻئي سان لاڳاپي جي باري ۾ به سمجهڻ لاءِ کين گهڻو مغز ڏوڙائڻو نه پوندو. سڀ پاتر، ٻارن جي دنيا ۽ ماحول مان ئي کنيل هئڻ گهرجن. ٻارن جي ڪلپنائن جي وڪاس ۾ مددگار بڻجن، اهڙا هئڻ گهرجن. ٻال ناٽڪ جي شروعات ۾ سيني پاترن جي عمر، پوشاڪ، سڀاءَ، لاڳاپي وغيره جي باري ۾ ڄاڻ ڏني ويندي ته ناٽڪ کي رنگ منچ تي آڻڻ وقت ڊائريڪٽر کي پوري رهنمائي ملندي.

## (٤) ڀاشا - شئلي

ناٽڪ جي ڀاشا ٻارن جي سمجهه شڪتيءَ جي دائري مان کنيل هئڻ گهرجي. ننڍڙا ننڍڙا جملا، سولا لفظ، عام فهم ٻوليءَ جو استعمال، ٻارن جي لاءِ وڌيڪ اُپيوگي بڻجي ٿو. عام زندگيءَ ۾ اسين جيڪا ٻولي ڳالهايون ٿا، ٻال ناٽڪ ۾ اهڙي ٻولي ڪم آڻڻ گهرجي. اصطلاح ۽ پهاڪا به ڪم آڻي سگهجن ٿا، پر انهن جو مطلب ٻار سولائيءَ سان شمجهي سگهندا هجن، اهڙا هئڻ ضروري آهن. ڪن لفظن يا جملن جو بار بار دهراءُ ٻال ناٽڪ کي وڌيڪ روچڪ بڻائي ٿو.

## سنڌي ٻال ناٽڪ

ٻال ناولن جيان ٻال ناٽڪن جي به سنڌيءَ ۾ ڪافي اڻاٺ رهي آهي. حقيقت ۾، ورهاڱي کان اڳ به ئي ٻال ناٽڪن جي گهٽي ڪوت هئي. ورهاڱي کان پوءِ به ان ۾ خاص ڪو اضافو ڪونه آيو آهي. ٻارن جي ناٽڪن جا آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ڪتاب مس ڇپيا آهن. ڇپيل ڪتابن جا تفصيل هيٺ ڏجن ٿا.

### خاڪو - ٧ ٻال ناٽڪن جي ڪتابن جي وچور

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ | ڇپائيندڙ | سال | ناٽڪن جا نالا ۽ ٻيا تفصيل |
|---|---|---|---|---|---|
| ١ | ڇهڇٽا | منوهرداس ڪوڙومل | — | ١٩٦٤ | صحت تي ننڍا ننڍا ناٽڪ |

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ | ڇپائيندڙ | سال | ناٽڪن جا نالا ۽ ٻيا تفصيل |
|---|---|---|---|---|---|
| ٢ | ڏهين جو نوٽ | هوندراج بلواڻي | گلستان پبليڪيشن، احمدآباد | ١٩٦٨ | ستن ايڪانڪي ناٽڪن جو مجموعو: ڏهين جو نوٽ، سوکڙي، مورتي، اهو ٻه ايندو اٿم، ماستر موکل تي، اُهي مائر پلي مرڪن ۽ ڪاڪي جو فوٽو |
| ٣ | گلن جهڙا ٻارڙا | ڪيرت مهرچنداڻي | رتن ڪتاب گهر، احمدآباد | ١٩٦٩ | ڪاوياتمڪ گفتگو ۽ مونو لاگس جو مجموعو |
| ٤ | سدا مهڪن گلڙا | ” ” | ” ” | ١٩٧٠ | سدا مهڪن گلڙا، ماتا جو هردو (ٻين رچنائن سميت) |
| ٥ | جمني ڪئي شادي | ڀڳونتي ڪڪريجا | گلستان پبليڪيشن، احمدآباد | ١٩٨٠ | ٽن ننڍن ناٽڪن جو مجموعو: سنڌونگر جي بس، جمني ڪئي شادي، چنڊ جو ڇا ٿيو؟ |
| ٦ | رنگ رنگيلي محفل | هوندراج بلواڻي | ” ” | - | ٻارن جا ٽي ريڊيو روپڪ- بنا عنوان |
| ٧ | اَمان، توکي خبر آهي؟ | واسديو نرمل | پورڻما پبليڪيشن، بمبئي | ١٩٨٢ (ٻيون) (ڇاپو) | ٻارن جي لاءِ مونولاگس |
| ٨ | انمول موتي | هوندراج بلواڻي | گلستان پبليڪيشن، احمدآباد | ١٩٨٢ | ٻارن جي لاءِ ٻه-فصلو ناٽڪ (Full length) |

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ | ڇپائيندڙ | سال | ناٽڪن جا نالا ۽ ٻيا تفصيل |
|---|---|---|---|---|---|
| ٩ | پوست جو ڏبو | چندرسين ناواڻي | گلستان پبليڪيشن، احمدآباد | ١٩٨٢ | اٺن ٻال ايڪانڪين جو مجموعو : پوست جو ڏبو، .... ۽ هوُ سڌري پيو، سچ پيو چمڪي، تماشو رانديڪن جو، انصاف جو فرشتو، سوکڙي، سچ جي سوڀ، ماڊرن بيربل |
| ١٠ | ٻلي آيو آرتوار | رام ٻاڳچنداڻي 'گيان' | گلستان پبليڪيشن، احمدآباد | ١٩٨٢ | ڇئن ٻال ناٽڪن جو مجموعو : ٻلي آيو آرتوار، رانديڪن جي لئبرري، سنگهه تاري ڪسنگهه ٻوڙي، شانتا |
| ١١ | راڻي پدمڻي | پوپٽي هيراننداڻي | ڪويتا ساهتيه مالها، احمدآباد | ١٩٨٣ | پنجن ناٽڪن جو مجموعو : راڻي پدمڻي، رکڙي، خاموش فرياد، گذر ڪري ويو، پوءِ شهنائي..... |
| ١٢ | ٽرنگي روشني | جيٺو لالواڻي | سنڌي ٻال ساهتيه پريشد، احمدآباد | ١٩٨٦ | ڇئن ريڊيو ناٽڪن جو مجموعو : قومي ايڪتا، پستڪاليه، ٽرنگي روشني، آرزو- |

**نوٽ** : (١) ٻال ناٽڪن جي ڪل ڏهن ڪتابن ۾ مونولاگس ۽ ريڊيو روپڪ وغيره به شامل آهن.

(٢) ٻال ناٽڪن جي ڪتابن جي ورهاست ڪبي تہ اهي هن نموني الڳہ ٿي بيهندا :
مونو لاگس - ٣، ريڊيو روپڪ - ١، وڏو ناٽڪ - ١، ايڪانڪي ناٽڪن جا مجموعا فقط - ٧ (ريڊيو ناٽڪن سميت)

(٣) ايڪانڪي ناٽڪن جي ڪل ٧ ڪتابن ۾ بہ اهڙا سنگرهہ بہ شامل آهن (’جمني ڪئي شادي‘ ۽ ’راڻي پدمڻي‘) جيڪي مکيہ طرح سان خاص ٻارن لاءِ نہ لکيا ويا آهن.

(۴) ٻال ناٽڪن (وغيره) جي رچيندڙن جو انداز هن ريت آهي :
هوندراج بلواڻي - ٣، ڪيرت مهرچنداڻي - ٢،
باقي ٻين جو فقط ١ - ١ ڪتاب آهي.

مٿين ۽ وچور مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ٻال ناٽڪن جي زبردست کوٽ رهي آهي. انهيءَ کوٽ جي پورائي لاءِ ڪنهن حد تائين مخزنن ۽ رسالن جو سنو يوگدان رهيو آهي. انهن رسالن، ڪهاڻين ۽ گيتن وغيره سان گڏ ٻال ناٽڪن کي پڻ جڳهہ ڏني آهي. هيٺ انهن مان هٿ آيل ٻال ناٽڪن جا تفصيل ڏجن ٿا :

## خاڪو - ٨ جدا جدا رسالن وغيره ۾ ڇپيل ٻال ناٽڪ

| نمبر | ٻال ناٽڪ جو نالو | ليکڪ | رسالي وغيره جو نالو |
|---|---|---|---|
| ١ | گلدستو | هريش ڪڪواڻي | گلستان (جنوري ٨٠) (ٻال رنگہ منچ پرچو) |
| ٢ | راند | ” ” | ادبي چمن |
| ٣ | پهلاج (هڪئي ڪردار) | رام ياگچنداڻي ’گيان‘ | گلستان (جولاءِ ٦٨) |
| ۴ | سنسڪار (مونولاگ) | ” ” | گلستان (مارچ ٦٩) |
| ۵ | فيصلو | پريم پرڪاش | ’پيريءَ جو عشق‘ (ليکڪ جي ناٽڪن جو مجموعو) |
| ٦ | چوري | ڦتن سکواڻي | جهرمر (جنوري ٦٩) |
| ٧ | همت جو هتيار | ڦتن سکواڻي | جهرمر (آڪٽوبر ٦٩) |
| ٨ | همايون اڪبر جو پٽ هو | واسديو نرمل | ’ٻوڙا اچي مڙيا‘ (ليکڪ جي ناٽڪن جو مجموعو) |

| نمبر | ٻال ناٽڪ جو نالو | ليکڪ | رسالي وغيره جو نالو |
|---|---|---|---|
| ٩ | ٻوڙا اچي مڙيا | واسديو نرمل | 'ٻوڙا اچي مڙيا' (ليکڪ جي ناٽڪن جو مجموعو) |
| ١٠ | جليبي ڪائو | جي. اين. ناگراڻي | هندواسي (٢٩ سيپٽمبر ٨٥) |
| ١١ | ماءُ جو پيار | منوهر نهالاڻي | جهرمر (آڪٽوبر ٦٩) |
| ١٢ | اسين سڀ هڪ آهيون | ڪنعيو گوپلاڻي | جهرمر (آڪٽوبر ٦٩) |
| ١٣ | عجيب ڪيڏ | 'چندر' | ڦلواڙي (نومبر ٦٢) |
| ١٤ | بهاني باز | گيان پرڪاش 'شرمن' | گلدستو (مارچ ٨٧) |
| ١٥ | ڏس چوري جا حال (ڊائلاگ) | هوندراج بلواڻي | ڦلواڙي (جولاءِ ٦٦) |
| ١٦ | اسين دوست آهيون | ” ” | هندواسي |
| ١٧ | ماڻهو بڻيو مشين | ” ” | گل ڦل (سنڌ) |
| ١٨ | گم ٿيل اُٺ | ” ” | هندواسي (١٩٨٣) |
| ١٩ | علي بابا تي مقدمو | ” ” | ڪمل پشپ |
| ٢٠ | سير تہ سيڪو پر سوا سير ڪير | ” ” | هندو (ڏياري پرچو) |
| ٢١ | پٿر جادوءَ جو | ” ” | ادبي چمن |

**نوٽ :** مٿي ڏنل وچور مڪمل نہ آهي. فقط مثال ڏيڻ جي مقصد سان هت آيل ڪن ٻال ناٽڪن جا نالا ڏنا ويا آهن.

## ٻال ناٽڪن جا قسم :

ٻال ناٽڪ کي ليکن، هدايتڪاريءَ پاترن انوسار ڪيترن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. مثال طور وڏن جا فقط ٻارن لاءِ لکيل ناٽڪ، ٻارن جا لکيل ۽ ڊئريڪٽ ڪيل وڏن لاءِ ناٽڪ، جنهن ۾ فقط ٻار ئي پاتر هجن اهڙا ناٽڪ، جنهن ۾ فقط وڏا ئي پاتر هجن اهڙا ٻال ناٽڪ. وشيہ وستوءَ کي ڌيان ۾ رکي بہ ٻال ناٽڪن کي گهڻن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. مثال طور قومي ناٽڪ، ڌارمڪ ناٽڪ، اتهاسڪ ناٽڪ، سماجڪ ناٽڪ، پري ڪٿا ناٽڪ، چمتڪاري ناٽڪ وغيره. هتي اسين ٻال ناٽڪ جا اهڙا قسم ڏسنداسين جن کي لکڻ يا پيش ڪرڻ لاءِ الڳ قسم جي ڏانوَءَ رتا جي ضرورت پوندي آهي.

## (ا) اسٽيج ناٽڪ

هن قسم جا ناٽڪ ٻالڪن دوران منچ ٺاهي کيڏيا وڃن ٿا. ٻارن جي دنيا سان واسطو رکندڙ وشين تي انهن کي لکي ڪري اسڪول جي سالياني جلسن ۾ يا ٻين موقعن تي اسٽيج تي پيش ڪيو وڃي ٿو. ٻارن جي لاءِ هيءَ اُتساهه ڏياريندڙ مشغولي آهي. ٻارن جي لاءِ الڳ رنگ منچ جي به ضرورت ڪي محسوس ڪيو ويو آهي. پر ان دشا ۾ گنيپيرتا سان جيترو ڪجهه ٿيڻ کپي سو اَڃا اسان جي ديش ۾ نه ٿيو آهي. ٻارن جي لاءِ اسان کي اهڙن ناٽڪن جي ضرورت آهي جن ۾ ٻارن لاءِ ڀرپور وندر هجي، اهي محدود ساڌنن سان اسٽيج تي پيش ڪري سگهجن، انهن جا ڊائلاگ بلڪل سرل ۽ ياد ٿي سگهڻ جهڙا هجن. تنهن ڪان سواءِ انهن ۾ اسٽيج تي آڻڻ جون قوتون هجن. اهڙن ٻال ناٽڪن جي گهٽي ڪوت آهي.

ٻارن لاءِ ناٽڪ لکڻ، وڏن جي ناٽڪن ڪان جيترو وڌيڪ ڏکيو آهي، تنهن کي پيش ڪرڻ ان ڪان به وڌيڪ ڏکيو، ساڻ ساڻ مهانگو پڻ آهي. ٻارن جي لاءِ اسٽيج ناٽڪن لاءِ گهٽا سيٽ، گهٽا پاتر، پوشاڪون، جادوئي-چمتڪاري گهٽنائن لاءِ اِفيڪٽس وغيره گهرجن. ٻئي طرف ايڏن خرچن جي موٽ تمام ٿوري ملي ٿي. ٻارن جي ناٽڪن لاءِ ٽڪيٽن جو اگهه گهٽ رکڻو پوي ٿو تنهن ڪان سواءِ ٻارن لاءِ ناٽڪ جو شو رکڻ لاءِ اسڪول جي موڪلن جو به ڌيان رکڻو پوي ٿو جو چالو ڏينهن تي ناٽڪ ڏسڻ جي ٻارن کي موڪل ورلي ملي ٿي.

اسٽيج ناٽڪن کي مکيه طور ٻن حصن ۾ ورهائجي ٿو. (الف) ايڪانڪي ناٽڪ (ب) وڏا ناٽڪ.

## (الف) ايڪانڪي ناٽڪ

ننڍا ناٽڪ، جيڪي ڪنهن به هڪ وشيه کي کڻي لکيل هجن، جن کي اسٽيج تي آڻڻ لاءِ گهڻن پاترن جي ضرورت نه هجي، جيڪي پندرهن منٽن ڪان اڌ ڪلاڪ جي آسپاس پورا ٿي سگهندا هجن، سي ايڪانڪي ناٽڪ آهن.

سنڌيءَ ۾ هيٺين وشين تي لکيل ايڪانڪي ناٽڪ ملن ٿا :

### (i) ٻال جيون جا ناٽڪ

هنن ناٽڪن ۾ مکيه طور، ٻارن جي روزمره جي جيون سان واسطو ڳالهين، گهٽنائن، وشيه ۽ ماحول کي کنيو وڃي ٿو.

’پلي آيو آرتوار‘ (رام پاڳچنداڻي ’گيان‘) ۾ آرتوار جي ڏينهن بابت ڏيکاريل آهي ته ٻار ڪيئن نه انهيءَ ڏينهن تي گهڻا خوش هوندا آهن. ڪين اسڪول کان ڇوٽڪارو ملندو آهي ۽ ان ڪري خوب رانديون رونديون ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي. ٻارن جي مائٽن لاءِ به اهو ڏينهن وڏيڪ آنند وارو آهي جو اهو ڏينهن دوستن ۽ مائٽن ڪي ملاڻ جو ڪم ڪري ٿو. ان ڏينهن مهراج به شادين، جٽين وغيره جهڙن خوشيءَ جي موقعن جا مهورت ڪڍن ٿا ۽ نوڪريءَ وارن کي ان ڏينهن گرما گرم روٽي کائڻ جو وجهه ملي ٿو.
’سوکڙي‘ (هوندراج بلواڻي) ۾ رميش ۽ سريش ناليِ ٻن دوستن جي هڪ ٻئي لاءِ قرباني ڏيکاريل آهي. ٻئي دوست هڪ ٻئي کي نئين سال جي سوکڙي ڏيڻ چاهين ٿا. پر پيسن نه ملي سگهڻ جي مجبوريءَ سبب هوُ پنهنجيون پنهنجيون پياريون شيون وڪڻي هڪ ٻئي لاءِ سوکڙي خريد ڪن ٿا. رميش پنهنجا آڪاڻين جا ڪتاب وڪڻي سريش جي لاءِ هڪ آلبم خريد ڪري ٿو. هوڏانهن سريش سهڻن نظارن وارا فوٽا وڪڻي رميش لاءِ ڪتابن رکڻ جي شيلف خريد ڪري ٿو. هن ايڪانڪيءَ جو مرڪزي خيال او. هينريءَ جي هڪ ڪهاڻيءَ تان ورتل آهي.
’مادرن بيربل‘ (چندرسين ناواڻي) بچت جي اهميت ٻڌائيندڙ ايڪانڪي آهي. ضرورت جي وقت سريش پنهنجي دوست رام کان ڏهه رپيا اُڌارا وٺڻ اچي ٿو تڏهن رام پنهنجي مادرن بيربل ذريعي هن جي مدد ڪري ٿو.
مادرن بيربل هڪ رانديڪو آهي جيڪو پنداري جو ڪم ڏئي ٿو. رام انهيءَ ۾ ٿورا ٿورا پيسا رکندو ويندو آهي. راندڪي بابت رام چوي ٿو:
”جيئن بيربل، اڪبر جي درٻار ۾ هڪ هڪ لفظ ڪفايت سان ڳالهائيندو هو ته هن جي چوڏاري ڪيتري نه عزت آبرو هئي. هي راندڪو منهنجو مادرن بيربل آهي.“

### (ii) سماجڪ ناٽڪ

ٻار سماج جو هڪ حصو آهي. گهر جي اندر چاهي ٻاهر هن جي اڳيان اهڙا انيڪ مسئلا اچن ٿا جن کي ڪيس منهن ڏيڻو پوي ٿو. ٻارن جي وڏن جون به پنهنجون سماجڪ ضرورتون، مجبوريون، اِڇائون وغيره آهن. تنهن سواءِ سماجڪ برايون به اِنسان کي پنهنجي شڪنجي ۾ آڻين ٿيون. اهڙن مسئلن تي لکيل ناٽڪن ذريعي ٻارن ۾ سماجڪ سجاڳي اچي ٿي، هوُ براين کان پاسو ڪن ٿا، ماڻهن جي مجبورين کي محسوس ڪن ٿا ۽ سماج جي هڪ

حصي طور هوُ پنهنجين جوابدارين کي سمجهن ٿا.
’شانتا‘ (رام پاٻچنداڻي ’گيان‘) ۾ اڇوتن، ٻاپوءَ جي لفظن ۾ ’هريجنن‘ کي ۽ پنهنجي سماج ۾ جاتيءَ جو ضروري انگ سمجهي ساڻن بنا ڪنهن ڀيدڀاوَ جي، پريم ڀاوَ سان ورتاءُ ڪيو وڃي، اهڙو سنديش ڏنو ويو آهي.
’سچ پيو چمڪي‘ (چندرسين ناواڻي) ۾ ۽ اڇوتپڻي کي دور ڪرڻ جي ڳالهه ڏانهن اِشارو ڪيل آهي.
’سنڌونگر جي بس‘ (ڀڳونتي ڪڪريجا) ۾ سنڌين جي وڏي بستي سنڌونگر جي بس ۾ مسافرن جي حالت ڪهڙي ٿئي ٿي، اُن جو چٽر ڪڙو ڪيو ويو آهي.
’ٽرنگي روشني‘ (جينو لالواڻي) ۾ آمدرفت جي قاعدن جي سمجهاڻي ڏني ويئي آهي.

### (iii) قومي ناٽڪ

ديش پريم ۽ قومي ڀاونا سان ڀريل ايڪانڪين مان ٻارن کي وندر گهٽ پر سکيا وڌيڪ ملي ٿي. هنن ۾ ديش لاءِ ڪجهه ڪري ڏيکارڻ جي ڀاونا پيدا ٿئي ٿي. سڀني جاتين جو پاڻ ۾ ايڪو وڌي ٿو. ديش جي آڏو ايندڙ مشڪلاتن کي پاڻ ۾ گڏجي ڪري منهن ڏيڻ جي پريرڻا ملي ٿي.
’قومي ايڪتا‘ (جينو لالواڻي) ۾ اسڪولن جي اندر ٿيندڙ راندين روندين جي چٽاڀيٽين ۾ ڪي وديارٿي غلط ڪم ڪن ٿا، تنهن جو چٽر ڪڙو ڪيو ويو آهي.
’اُهي مائر پلي مرڪن‘ (هوندراج بلواڻي) ۾ جنگ تي ويل هڪ فوجي سپاهيءَ جي شهيد ٿيڻ تي سندس پتني ۽ ننڍو ٻالڪ دکي ٿين ٿا. تڏهن ٻالڪ پننجي ماءُ کي همٿ ڏياري ٿو.

### (iv) اتهاسڪ ناٽڪ

اتهاس مان ڪنيل ڪن هستين جي جيون مان ڪي گهٽنائون ڪٽي اتهاسڪ ناٽڪ لکيا وڃن ٿا. اهڙن ناٽڪن ذريعي ٻارن کي پنهنجي ورثي جي خبر پوي ٿي ۽ مهاپرشن جي جيون مان پريرڻا حاصل ڪري هوُ لائق اِنسان بڻجڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.
’سنگ تاري ڪسنگ ٻوڙي‘ (رام پاٻچنداڻي ’گيان‘) ۾ شيواجيءَ جي پٽ سمڀاجيءَ جي خراب سنگت جي ڳالهه آهي. ڪيس شيواجيءَ جي دربار ۾ پيش ڪيو وڃي ٿو. سمڀاجي ۽ ٻئي هڪ گنهگار ڪالوشا کي الڳ الڳ بند

ڪيو وڃي ٿو ۽ ڪانھوجيءَ کي دربار ۾ ترسايو وڃي ٿو. شيواجيءَ جي سمجھائڻ تي ڪانھوجيءَ جي من مان غلط فھميون دور ٿين ٿيون ۽ ھوُ معافي وٺي ٿو.

’اِنصاف جو فرشتو‘ (چندرسين ناواڻي) ۾ جھانگير جي بي‌رياءُ اِنصاف جي ھڪ گھٽنا پيش ڪيل آھي. ھوُ پنھنجي بيگم نورجھان کي سندس ڪيل غلطيءَ ڪارڻ موت جي سزا ڏيڻ کان بہ نٿو ھٽڪي.

’راڻي پدمڻي‘ (پوپٽي ھيرانند اڻي) ۾ راڻي پدمڻيءَ جي بي‌مثل قربانيءَ جي دل ڏھلائيندڙ گھٽنا آھي.

### (v) پؤراڻڪ ناٽڪ

اسانجن ويدن، پراڻن ۽ ٻين ڌرمي گرنٿن مان ڪن ڪردارن ۽ گھٽنائن کي کڻي لکيل ناٽڪن کي پوراڻڪ ناٽڪ چئجي ٿو.

’سچ جي سوڀ‘ (چندرسين ناواڻي) اھڙو ئي ھڪ ناٽڪ آھي جنھن ۾ ڀڳت پرھلاد جي، ايشور ۾ ويساھہ ۽ سندس پتا ھرڻڪشپ جي ظلمن جي ڳالھہ پيش ڪيل آھي.

### (vi) مذاقي ناٽڪ

ھن قسم جي ناٽڪن جو مول مقصد ٻارن کي وندرائڻ ھوندو آھي. ھنن ۾ ڪا سکيا ۽ نصيحت ھئڻ ضروري ناھي پر جيڪڏھن اٽسڏيءَ طرح ڪو سنديش ھجي تہ ان ۾ ڪو ھرج ڪونھي.

’ڪاڪي جو فوٽو‘ (ھوندراج بلواڻي) ۾ ڪاڪو، پٽ تي ڪيئن فوٽو ٽنگي ٿو، تنھن کي مذاقي نموني پيش ڪيو ويو آھي.

### (vii) نواڻ وارا ناٽڪ

جن ناٽڪن ۾ وشيہ وستو يا پيشڪش جي خيال کان ڪا نہ ڪا نواڻ ھجي، تن کي ھن قسم جي ناٽڪن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو.

چندرسين ناواڻيءَ جي ٻن ناٽڪ ’پوسٽ جو ڏٻو‘ ۽ ’تماشو راند يڪن جو‘ کي ان قسم جي ناٽڪن ۾ شامل ڪري سگھجي ٿو.

پھرئين ناٽڪ ۾ نرمل ناليٰ ھڪ ڇوڪرو پوسٽ جي ڏٻي اندر خطن جي وچ ۾ ٿيندڙ ڳالھہ ٻولھہ ٻڌي ٿو. ٻئين ناٽڪ ۾ رانديڪن جي پاڻ ۾ لڙائي ڏيکاريل آھي جنھن جي آخر ۾ سچ جي جيت ٿئي ٿي. ھيءُ ناٽڪ گوورڌن ڀارتيءَ جي ٻال ڪھاڻي ’بجرنگہ بلي‘ جي آڌار تي لکيل آھي.

## (ب) وڏا ناٽڪ

اهڙا ناٽڪ جن ۾ هڪ کان وڌيڪ انڪ هجن، جن ۾ مکيہ هڪ ڪٿا جي اِردگرد ڦهليل پيون گهٽنائون ۽ پاتر هجن، جن کي اسٽيج تي آڻڻ لاءِ ڪلاڪ-ڏيڍ يا ان کان وڌيڪ وقت ۾ پورو ڪري سگهجي، تن کي وڏا ناٽڪ چئجي ٿو.

وڏو ناٽڪ فقط هڪ ئي لکيل ملي ٿو، سو آهي هوندراج بلواڻيءَ جو 'انمول موتي'.

ناٽڪ جي باري ۾ ڊاڪٽر پريم پرڪاش لکي ٿو :

''ٻارن 'جو' ناٽڪ - جنهن ۾ ٻارن جي پوري حصيداري لکڻ/لکائڻ ۽ ڪرڻ/ڪرائڻ ۾ رهي، ٻارن 'لاءِ' ناٽڪ جيڪو خاص ٻارن لاءِ وڏن لکيو هجي پر اُهو ٻار ڪن يا وڏا ڪن يا ٻئي ملي ڪن، 'ٻاراڻو ناٽڪ' جي معنيٰ اور آهي. هوندراج جو 'انمول موتي' ناٽڪ ٻارن 'لاءِ' ناٽڪ آهي، جيڪو ٻار ۽ وڏا ملي منچ تي پيش ڪندا.'' [1]

ناٽڪ جو موضوع پريم پرڪاش جي لفظن ۾ -

'' 'انمول موتي' ناٽڪ ۾ هلڪو اِشارو آهي تہ لڇو لنگڙو شاگرد پنهنجي لائق ڪردار ڪري ماسترن ۾ پريہ آهي، پر اهو دوستن ۾ ناهي. ٻين سيني شاگردن جو هن سان نہ دشمني، نہ ريس جو هڪ نفرت جو رشتو آهي. پريم ۾ ٻاراڻيون، اهي شرارتي خوبيون آهن جيڪي خراب شرارتون ڪري ڳٺيون وجن ٿيون ۽ ان ڪري هڪ ماستر ڪيس سمجهائڻ جي غلط ۽ غير منووگيانڪ غرض ۾، بورنگہ لنبن اُپديش پريل ڊائلاگن ذريعي پريم کي سڄي ڪلاس سامهون سڀن سميت پڌرو ڪري ڪيس معافي وٺڻ ۽ آئينده ائين نہ ڪرڻ لاءِ چوي ٿو. پريم جي اندر ضد ۾ هڪ ٻيو پريم آڪار پائيندو وڃي ٿو جنهن جو هر جواب ناڪار آهي، نتيجن ڪيس ڪجهہ ڏينهن اسڪول نہ اچڻ جي سزا ملي ٿي. پريم جا لڇوءَ سان دشمنيءَ وارا ناتا تهائين پختا ٿين ٿا. ظاهر آهي اهڙو ڪردار ماءُ يا ڏاڏي جي وس جو ناهي. روئيءَ بدران ماءُ جي مار ڪائي، سمهي پوي ٿو. پڙهائيءَ ۾ ڪچو آهي، تنهن پريم کي، درسي ڪتابن جي پڙهيل سبقن جا چند مهاپرشن جا ڪردار (چاچا نهرو، گوتم، گوکلي، ٻاپوجي، شاستري) سپني ۾ هلاڪ ڪن ٿا. پنهنجي جيون

---

1. 'ناٽڪ ٻارن سان گڏجي ڪريو/لکو' ('انمول موتي' جو مهاڳہ)

جون گهٽنائون پڌائي، ڪيس سنو ٻار ٽيڻ جو اُپديش ڏين ٿا. پريم سپني توڙي ساپيا ۾ واعدو ڪري ٿو.'' [1]

ڪوبہ ناٽڪ جيسنائين اسٽيج تي نہ آيو آهي، تنهن جي سڦلتا يا اسڦلتا جي باري ۾ يقين سان ڪجهہ نٿو چئي سگهجي. 'انمول موتي' اسٽيج تي نہ آيو آهي تنهن ڪري ٻال ناٽڪ طور اهو ڪيتري قدر ڪامياب ويندو، چئي نٿو سگهجي.

ان باري ۾ واسديو نرمل جو رايو آهي، ''ناٽڪ ۾ 'انتظار' (جو ئي سچ پچ ناٽڪ جي جان هوندو آهي) ڏانهن هوندراج گهٽ توجهہ ڏنو آهي. ان کان سواءِ ٻارن جي منورنجن لاءِ ان ۾ خير ڪجهہ آهي. ان هوندي بہ ٻال ناٽڪن جي اٽاٽ کي ڏسندي، هوندراج جي اِها ڪوشش ساراه جوڳي آهي.... اهو ناٽڪ کي ڦيريون ڦاريون ڪري رنگہ منچ تي آڻي سگهجي ٿو. پر ان کان اڳہ هوندراج ان ۾، ٻارن جي منورنجن لاءِ ڪو مصالحو ميسر ڪري سگهي تہ بهتر، ورنہ ٻال درشڪن کي ان ۾ ماستر ۽ مهاپرشن جا اُپديش ئي اُپديش پيا لڳندا.'' [2]

## (٢) ريڊيو ناٽڪ

ريڊيو ناٽڪ، ڪنن ذريعي ماڻڻ جي رچنا آهي. انهيءَ ۾ اسٽيج ناٽڪ جيان ڪنهن بہ سيٽ يا پوشاڪن وغيره جي ضرورت نٿي رهي پر آواز ذريعي ڪنهن بہ ڪردار يا ماحول سان سڃاڻپ ڪرائي وڃي ٿي. ريڊيو ناٽڪ ۾ گفتگو، آوازن ۽ اِفيڪٽس جي گهڻي اهميت آهي. ٻارن لاءِ ريڊيو ناٽڪ بہ ساڳي ئي ٽيڪنيڪ سان لکيو وڃي ٿو. البت ان جو موضوع ٻارن لائق هئڻ گهرجي. ٻال ريڊيو ناٽڪ ڪهڙو هجي، تنهن جي باري ۾ ويڙهو رفيق چوي ٿو، ''شروعات دلچسپ، وڻندڙ، انتظار پيدا ڪندڙ، وڪاس ڪشمڪش وارو ۽ لڳاتار انتظاري پيدا ڪندڙ، پڇاڙي انيوتي ڪرائيندڙ، اوچتو جهٽڪو ڏيندڙ هئڻ گهرجي.'' [3]

سنڌيءَ ۾ ٻال ريڊيو ناٽڪن جي حالت ڪافي نراس ڪندڙ رهي آهي. تنهن هوندي بہ آڪاشوا ڻيءَ جي جدا جدا ڪيندرن جهڙوڪ احمدآباد-ٻڙودا،

---

1. 'ناٽڪ ٻارن سان گڏجي ڪريو/لکو' ('انمول موتي' جو مهاڳہ)
2. ڪتابي سمالوچنا- 'هندواسي' هفتيوار (١٨ سيپٽمبر ٨٣)
3. 'ٻال ريڊيو ناٽڪ' (گلستان - ٻال رنگہ منچ پرچو)

دهلي، بمبئي، جئپور، ڀوپال ۽ ٻيھ تان وقت بہ وقت ٻارن جي پروگرامن ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪي ٻال ناٽڪ ٿيندا رهيا آهن.
هينيان ٻال ناٽڪ ريڊيو تان پرسارت ٿي چڪا آهن.

## خاڪو -٩ ريڊيو تان پرسارت ٿيل ٻال ناٽڪ

| نمبر | ناٽڪ جو نالو | ليکڪ | پيش ڪندڙ اسڪول/سنستا |
|---|---|---|---|
| ١ | گلن جهڙا ٻارڙا | ڪيرت مهرچنداڻي | سنڌ ائڪيڊمي هاءِ اسڪول، (احمدآباد) |
| ٢ | سدا مهڪن گلڙا | ,, ,, | ,, ,, ,, |
| ٣ | روشنيءَ جا ترورا | ,, ,, | ,, ,, ,, |
| ٤ | ماتا جو هردو | ,, ,, | — |
| ٥ | اُڏيرو لعل | ,, ,, | آدرش هاءِ اسڪول (احمدآباد) |
| ٦ | ماستر موڪل تي | هوندراج بلواڻي | ٻال سنڌو سرڪل (احمدآباد) |
| ٧ | ماڻهو ٺٽيو مشين | ,, ,, | سنڌ ماڊرن هاءِ اسڪول (,, ) |
| ٨ | علي بابا تي مقدمو | ,, ,, | ,, ,, ,, |
| ٩ | ٺهڪن جي ٺجوڙي | ,, ,, | ,, ,, ,, |
| ١٠ | هڪڙي ڏينهن جو ماستر | ,, ,, | ,, ,, ,, |
| ١١ | سير تہ سيڪو پر سوا سير ڪير | ,, ,, | آڪاشواڻي احمدآباد |
| ١٢ | وڏو ڪير؟ | هريش ڪڪواڻي | چلڊرينس ٿئيٽر (احمدآباد) |
| ١٣ | چاچا نهرو | ,, ,, | ,, ,, ,, |
| ١٤ | پوسٽ جو ڊبو | چندرسين ناواڻي | ايم.ڊي. هاءِ اسڪول (,, ) |
| ١٥ | ٽرنگي روشني | جينو لالواڻي | ,, ,, ,, |
| ١٦ | عدالت | ناماديو تاراچنداڻي | سنت ڪنوررام هاءِ اسڪول (احمدآباد) |
| ١٧ | عجيب اِنصاف | ٽي. جي. ٽنڊواڻي | سنڌي هاءِ اسڪول (احمدآباد) |

**نوٽ :** مٿيان تفصيل اٽپورا ليکڻ ڪپن جو (١) احمدآباد-بڙودا تان پرسارت ٿيل ٻين ناٽڪن جي ڇاڻ حاصل نہ ٿي سگھي آهي. (٢) ٻين ڪيندرن تان بہ پيش ٿيل ناٽڪن بابت بہ، گھڻين ڪوشش جي باوجود، ڇاڻ نہ ملي سگھي آهي.

مٿين ٻال ناٽڪن مان ڪنهن نہ ڪنهن خوبيءَ ڪارڻ ڪي ريڊيو ناٽڪ ڏيان ڇڪائين ٿا. آڪاشواڻي احمدآباد- بڙودا تان نشر ٿيل ٻال ناٽڪن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ بعد، ويڙهو رفيق هينئين نتيجي تي پهتو آهي :

”مذڪور ٻال ريڊيو ناٽڪن مان هوند معيار خواه پيشڪش جي لحاظ کان ’پوسٽ جو ڊبو‘، ’ماڻهو بڻيو مشين‘، ’چاچا نهرو‘، ’گلن جهڙا ٻارڙا‘، ’ماسٽر موکل تي‘ ۽ ’عدالت‘ ناٽڪن کي ڪنهن بہ حالت ۾ مارڪون ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي.“ [1]

## (٣) پڙهڻ لائق ناٽڪ

شري گريش گڻاتراجي چوڻ موجب، ”جتي اِظهار جو گهٽ ۾ گهٽ موقعو هجي، ڪلاس ۾ ان جو ايپاس ٿي ڪرڻو هجي ۽ ساهتيہ جي هڪ پرڪار طور ان جي ٻُٽپ ڪري پڙهڻ لائق سامگري ٿي ميسر ڪرڻي هجي، اهي پڙهڻ جا ناٽڪ آهن. اهي ٻلي رنگہ ڀوميءَ جي درجي جا نہ هجن پر انهن مان گهربل ايپاس ۽ وندر ملي سگهي ٿي. ٻار ان مان ڪي پرسنگہ ياد ڪري مُوڪ (مؤن) اداڪاري ڪري سگهن ٿا يا وستوءَ کي ياد رکي پنهنجي ڪلپنا جا رنگہ ڀري جڏهن چاهين تڏهن پنهنجي اداڪاري شڪتيءَ دواران ان وستوءَ کي ظاهر ڪري سگهن ٿا. اهڙا ناٽڪ انگن جي اداڪاريءَ کي ظاهر ڪرڻ بدران پڙهڻ جي اداڪاريءَ لاءِ ضرورت جيتري ساڌن سامگري ڏيئي سگهن ٿا. ناٽڪن جي مکيہ مقصدن ۾ واچڪ ايينيہ (پڙهڻ جي اداڪاري) اهميت واري آهي. پڙهڻ لائق ناٽڪ ٻارن ۾ آواز ذريعي جدا جدا اظهارن جو وڪاس ڪري سگهن ٿا.“ [2]

هن قسم جا ناٽڪ، سنڌي درسي ڪتابن ۾ گفتگو جي روپ ۾ ملن ٿا. مثال طور، ’هاري ۽ سپاهي‘ (جينت ريلواڻي)، رام ۽ ڀرت (—)، ’لو ڪش‘ (—) وغيره. مهاراشٽر ۽ گجرات جي درجي پنجين جي درسي ڪتاب ۾ چپيل، نانڪرام

1. ’ٻال ريڊيو ناٽڪ‘ (’گلستان‘- ٻال رنگہ منچ پرچو)
2. ’گرنٿ‘ (گجراتي) ١٩٦٨ - ص. ٧٣

ڏرمداس ميرچندائيءَ جي ناٽڪ ۾ بہ ڪيترا ڊائلاگہ پڙهڻ لائق ناٽڪ جهڙا اچن ٿا. ’پناداڻي‘ ناٽڪ جو هڪ ڊائلاگہ ڏسو :

پنا - (پنهنجي منهن) ويچارا معصوم! هنن کي نڪا سرديءَ جي سُڌ، نڪا گرميءَ جي ڪل- هڙ۾و ڪُوڪَت وهي ويو آهي؛ اُڏيسنگ جو پيءُ خون ٿي ويو آهي، چتور جو راج گهراڻو ناس ٿي ويو آهي ۽ بنبير بدڪار تخت ڏٺي ٿي وينو آهي! پر جيسين جسم ۾ جان اٿم، تيسين هن معصوم جو وار بہ ونگو ٿيڻ نہ ڏينديس. سرٻواسي مهاراجا سان سچي رهنديس ۽ اُن جي ٻچيل نشانيءَ جي مٿان پنهنجي ٻچي جي جان بہ قربان ڪنديس.

## (۴) گهر اڱڻ جا ناٽڪ (جهلڪون)

اهڙا ناٽڪ، جي بلڪل ننڍڙي عمر جي ٻارن لاءِ هجن ۽ جن کي پيش ڪرڻ لاءِ ڪنهن اسٽيج يا رنگہ منچ جي ضرورت نہ پوندي هجي، تن کي گهر اڱڻ جا ناٽڪ چئجي ٿو. اهڙن ٻال ناٽڪن کي پيش ڪرڻ لاءِ ٻارن کي خاص هدايتڪاريءَ جي ضرورت نہ پوندي آهي. ڊاڪٽر ديوسري جي چوڻ موجب، ”اهڙا ناٽڪ ڪلاس جي ڪمري ۾، گهر جي ورانڊي ۾ يا راند جي ميدان تي يا باغ ۾ کيڏي سگهجن ٿا. اسان وٽ اهڙن ناٽڪن جي بلڪل کوٽ آهي، جڏهن ڪ ٻار اهڙن ناٽڪن کي گهڻو پسند ڪندا آهن. ڇو تہ انهن کي هوُ بنا ڪنهن وڏيڪ ڪوشش جي راند روند ۾ کيڏي سگهندا آهن. اهي ناٽڪ ٻارن جي من تي اڻسڌو اثر ڇڏيندا آهن. ٻار انهن ۾ پنهنجائپ محسوس ڪندا آهن ۽ انهن مان گرهڻ ڪيل اثر دائمي بڻجي ويندا آهن. انيڪ سماجڪ آچار-ويچار سيکارڻ ۽ سنين عادتن جو نرماڻ ڪرڻ ۾ اهڙا ننڍا ننڍا ناٽڪ گهڻا سڦل سِدّ ٿيا آهن. تمام مختصر جهڙي ڳالهہ، ننڍا ننڍا جملا، بلڪل سرل ڀاشا ۽ سچاتل ماحول ئي انهن ناٽڪن جي خاصيت هوندي آهي. اسڪول مان موٽي پنهنجا ڪتاب، ڪپڙا، جوتا وغيره صحيح هنڌ تي رکڻ جي عادت، ڪچرو نہ ڦهلائڻ جي عادت، صبح جو جلدي اُٿڻ، وقت تي اسڪول پهچڻ وغيره اهڙا وشيہ آهن جن تي انيڪ ننڍا ننڍا ناٽڪ لکي سگهجن ٿا.“ [1]

ٻين ٻولين ۾ اهڙي قسم جا ناٽڪ نہ جهڙا آهن. سنڌيءَ ۾ منوهرداس ڪوڙيمل جي ’ڇهچتا‘ ۾ بازاري گنديون شيون نہ کائڻ ۽ اهڙن ٻين وشين

1. ’ٻال ساهتيہ : رچنا اوَر سميڪشا‘ ۾ ’ٻال ناٽڪ پريوگ اور اُپلبڌييان‘ ص. ۹۹

تي لکيل ناٽڪ، پنهنجين مريادائن جي باوجود، هن قسم جي ناٽڪن جو پورائو ڪن ٿا. البت اهي ننڍا نہ آهن.

## (٥) ٻارن ڏواران خلقيل ناٽڪ

هن قسم جي ناٽڪن جو ذڪر انسائيڪلوپيڊيا آميريڪانا ۾ ملي ٿو. ڪلاس روم ۾ ٽيچر شاگردن کي ڪا آکاڻي يا تصوير ڏئي ٿو ۽ انهيءَ ۾ سمايل ناٽڪ جي امڪانات ڏانهن هنن جو ڌيان ڇڪائي ٿو. ٻار پوءِ گڏجي ويهي انهيءَ آکاڻي يا تصوير کي ناٽڪ جو روپ ڏين ٿا. هوُ درشين، پاترن ۽ گفتگو وغيره جي، پنهنجي دماغ سان ڪلپنا ڪن ٿا. ان طرح ٻارن جي تخليقي شڪتيءَ جو وڪاس ٿئي ٿو. هي ناٽڪ پبلڪ اڳيان آڻڻ جي لاءِ نہ هوندا آهن پر ٻار آزاد طرح انهن کي پنهنجي ئي ڪلاس روم ۾ پيش ڪندا آهن. هنن ناٽڪن جو لاڀ درشڪن کي نہ پر ناٽڪ ڪيڊنڊڙن کي ملي ٿو. گهٽن ڄاڻن جو رايو آهي تہ اهي ناٽڪ تعليم جو هڪ حصو هئڻ گهرجن ڇو جو ٻارن کي انهن مان نہ صرف ناٽڪ ڪلا جو انيو ملي ٿو پر اهي سندن تعليم جو بہ جزو بڻجن ٿا. اهو ئي ڪارڻ آهي جو ڪيترن ملڪن ۾ ٽيچر ٽريننگ ڪورسز ۾ هن مشغوليءَ کي هڪ وشيہ طور شامل ڪيو ويو آهي.

هيءَ مشغولي ليڪن سان گڏ ٻارن کي ناٽڪ پيش ڪرڻ جي ڏس ۾ اڳتي آڻڻ جي پريرڻا ڏئي ٿي. ان ڪري اها ٻال رنگہ منچ جي قريب آهي.

## (٦) مونولاگ

مونولاگ، ناٽڪ جو هڪ فارم آهي. هن ۾ فقط هڪ پاتر هوندو آهي جيڪو ڪنهن نہ ڪنهن ماڻهوءَ سان يا اڪيلائيءَ ۾ پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندو آهي. ٻارن لاءِ لکيل مونولاگہ جو وشيہ ٻارن جي لائق هئڻ ضروري آهي. جيئن تہ اهو ٻال درشڪن جي اڳيان پيش ٿيڻو هوندو آهي تنهن ڪري ان جي ڀاشا بہ ٻارن جي سمجهہ شڪتيءَ موجب هئڻ گهرجي.

سنڌيءَ ۾ مونولاگس، واسديو 'نرمل' سٺا لکيا آهن. ''اَمان، توکي خبر آهي؟'' نالي سنگرهہ ۾ هن جا ٢٥ مونولاگس ڇپيل آهن.

ڪتاب بابت پوپٽي هيراننداڻيءَ جو رايو —

''واسديو نرمل جو هيءُ ڪتاب 'اَمان توکي خبر آهي؟' ٻين ڪتابن کان نرالو آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻين ليکڪن جي لکڻين ۾ 'اَمان' پنهنجي ٻارن کي ڪجهہ پڙهائيندي آهي ۽ هن ڪتاب ۾ ٻار 'اَمان' کي ٿو ڪجهۂ پڙهائي. ائين

ڪندي هوُ ثابت ٿو ڪري تہ ’ٻار پنهنجي اَبي جو بابو‘ آهي.... ڪتاب ۾ ڪشش ڪندڙ آهي واسديو جي ٻولي. نيٽ سنڌي هوندي بہ، هن جي ٻولي نهايت ئي سرل ۽ سپڪ آهي. جيئن ٻار سهج سڀاويڪ نموني ۾ ٻوليندو آهي، ننڍا ننڍا جملا چوندو آهي ۽ جملي کان پوءِ تصديق ڪرڻ لاءِ، ’نہ‘ پڇندو آهي يا ’خبر اٿيئي؟‘ چوندو آهي، تيئن هنن رچنائن ۾ هوُ ٻولي ٿو.“ [1]

مونولاگس قسم جون ڪوتائون ڪلا پرڪاش جي ’ممتا جون لهرون‘ ۽ ڪيرت مهرچنداڻيءَ جي ’گلن جهڙا ٻارڙا‘ ۾ شامل آهن. ’ممتا جون لهرون‘ ۾ ماءُ، ٻار کي مخاطب ٿي ڳالهائي ٿي. اِهي ڪوتائي مونولاگس، ڪافي لوڪپريہ ٿيل آهن.

## ٻال رنگ منچ

ٻال رنگہ منچ معنيٰ جتي فقط ٻارن لاءِ انهن جي لائق ناٽڪ کيڏي سگهجن. اهي ناٽڪ جيڪڏهن وڏا اڪيلا ڪن يا ٻار ۽ وڏا گڏجي ڪن يا صرف ٻار اڪيلا ڪن، تہ بہ اهو ليکبو ٻارن جو رنگہ منچ ئي. اهو رنگہ منچ اسڪول جو ميدان بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن مڪان جو ڪُڊ بہ ٿي سگهي ٿو.

ٻارن جي ڪلپنا شڪتي وڌائڻ لاءِ اداڪاريءَ جي بہ گهڻي اهميت آهي. اداڪاريءَ ذريعي ٻار پنهنجن اُمنگن، اِڇائن، ڪلپنائن وغيره کي سنتوشي سگهن ٿا. ٻارن جي ڄاڻ جو دائرو وسيع ٿئي ٿو. هنن جو آتم وشواس وڌي ٿو. ڪنهن بہ ننڍي ۾ ننڍي گهٽنا يا ڳالهہ طرف هوُ ڌيان ڏيڻ سگهن ٿا. ناٽڪ ۾ ڪاويہ، سنگيت، نرتيہ،چترڪلا، اداڪاري وغيره جهڙين ڪلائن جو سنگم آهي- ان ڪري ٻارن ۾ ڪلا کي سمجهڻ-پرکڻ جي سوُجهہ پيدا ٿئي ٿي. تنهن کان سواءِ ناٽڪ ذريعي ٻارن جي ڀاشا جو بہ وڪاس ٿئي ٿو. لفظن کي برابر ۽ صحيح نموني اُچارڻ، جملي کي ان جي ڀاوَ موجب چوڻ، رفتار، لاهي چاڙهي وغيره جي ڄاڻ پوي ٿي. ناٽڪ ٻارن کي سموُهہ ۾ رهڻ يا هڪ ٻئي سان سهيوگہ ڪرڻ جي بہ سکيا ڏئي ٿو. ٻار وقت جو پالن ڪرڻ سکن ٿا. مطلب تہ ٻار جي سمپورڻ وڪاس لاءِ ٻال رنگہ منچ کين پوريون سهوليتون ميسر ڪري ڏئي ٿو. ٻارن جي وڪاس ۾ ان جي اينٽري اُپيوگتا کي ڏسي دنيا جي انيڪ ديشن جو تعليم جي آيوجنن ۽ ڪاريہ ڪرمن ۾ ٻال رنگہ منچ يعني ٻال ناٽڪ جي مشغوليءَ کي جوڳي جڳهہ ڏني وڃي ٿي.

---

1. مهاڳہ : ’امان، توکي خبر آهي؟‘

سنڌيءَ ۾ ٻال رنگ منچ طرف گهٽ ڌيان ڏنو ويو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪي ڪوششون ٿيون آهن ته اهي ايتريون ڪارگر ثابت نه ٿيون آهن. اسان وٽ ٻارن جو ٿئيٽر ڪونهي، ڪا اهڙي سنستا به ڪانهي جيڪا هميشهه ٻارن جا ناٽڪ ڪندي رهي. ٻال ناٽڪن جون مشغوليون اسڪولن تائين محدود رهيون آهن- سي به نيمائتيون نه پر وقت وقت تي ۽ اتفاقي. ٻال ناٽڪن جي پسندگي به سني نه هوندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن وڏن لاءِ لکيل ناٽڪ ٻارن کان ڪرايا ويندا آهن.

## ٻال ناٽڪ تي ڪي نوٽ

(۱) ٻال ناٽڪ جي اسٽتي، ليڪن چاهي پيشڪش جي خيال کان، گهٽي نراسائي پيدا ڪري ٿي.

(۲) سنڌيءَ ۾ وڏن لاءِ لکندڙ سٺا ناٽڪ نويس موجود هوندي به، انهن ٻال ناٽڪ طرف بلڪل ڌيان نه ڏنو آهي.

(۳) ٻال ناٽڪن جي ڇپيل ڪتابن ۾ گهڻا ڪتاب احمدآباد جي ليکڪن جا آهن. ٻيا شهر خاموش آهن.

(۴) ٻال ناٽڪ اشاعت جي خيال کان ۱۹۸۲ سال وڏيڪ اهميت ڀريو رهيو. ان سال ۾ ڪل چار ڪتاب ڇپرا ٿيا، جيڪو عجيب اتفاق آهي. ٻئي طرف، ٻين سيني سالن ۾ حد کان وڏيڪ ماٺائي رهي.

(۵) درسي ڪتابن ۾ به 'کانو ٻتو' (وي. بي. شواداساڻي) ۽ 'ڇڙواڳي' (-) جهڙي هڪ اڌ ناٽڪ کان سواءِ، ٻارن جي لائق ڪي ناٽڪ موجود ڪونهن. انهن ۾ 'رستي پار ڪرڻ جا نيم'، 'وقت سڃاڻڻ'، 'پاڻ تي ڀاڙڻ' وغيره جهڙا گفتگو عام جام آهن.

□□

باب ستون

# ٻال ساهتيہ جون ڀيون صنفون

ٻال ڪهاڻين، ٻال گيتن ۽ ٻال ناٽڪن وغيره کان سواءِ ٻين صنفن جا ڪتاب بہ ٻال ساهتيہ جي دائري ۾ اچن ٿا. ٻارن جي لاءِ لکيل ان قسم جي ساهتيہ کي مکيہ طرح سان هيٺين حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو :

(۱) جيوني ساهتيہ (۲) گيان وگيان (۳) راند روند جو ساهتيہ (۴) چُٽڪلا يا ٽوٽڪا (۵) پروليون ۽ ڳجهارتون (۶) سير سفر (۷) اتهاس (۸) متفرقہ.

## (۱) جيوني ساهتيہ

جيوني ڪنهن بہ مهاپرش جي ٿي سگهي ٿي. ڪنهن بہ مشهور ديش شيوڪ، شهيد، وگياني يا ليکڪ وغيره جي جيون جي مختلف پهلن کي اُڀارڻ لاءِ جيوني ساهتيہ لکيو ويندو آهي. جيوني لکڻ کان اڳہ اهڙن مهاپرشن جي چونڊ ڪرڻ گهرجي جن جو جيون ٻارن لاءِ پريرڻادايڪ هجي.

جيوني، ٻارن جي لاءِ هڪ مهان شخص جي اصلي ڪهاڻي هوندي آهي. ان ۾ اهڙا تتوَ هئڻ ضروري آهن جن ۾ ٻارن جي رُچي قائم رهي سگهي. تنهن ڪري ٻارن لاءِ سرل ۽ رس پيدا ڪندڙ جيونيون اهميت رکن ٿيون. ننڍي عمر ۾ ٻارن جي من تي انهن جو جيڪو اثر ٿئي ٿو سو وڏي عمر ۾ نٿو ٿي سگهي.

جيوني ساهتيہ ٻن قسمن جو ٿيندو آهي : (الف) آتم ڪٿائون (ب) جيون چرتر.

## (الف) آتم ڪٿائون

آتم ڪٿائون اُهي آهن جن کي ماڻهو خود لکن ٿا. آتم ڪٿا لکندڙ شخص پنهنجي جيون جي باري ۾ پاڻ ٻڌائيندو آهي. هوُ پاٺڪن سان پاڻ مخاطب ٿي ڳالهائيندو آهي ۽ احوال ڏيندو آهي. آتم ڪٿا لکندڙ ماڻهوءَ لاءِ اهو تمام ضروري آهي تہ هوُ پنهنجي ڳالهہ هڪ طرف سچائيءَ سان پيش ڪري تہ ٻئي طرف اهڙين ڳالهين کان ڪنارو ڪري جيڪي ٻارن کي سمجهہ ۾ نہ اچن يا ٻارن تي اُلٽو اثر ڪن.

آتم ڪٿائن کي ٻن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو : (۱) ڪالپنڪ آتم ڪٿا (۲) حقيقي آتم ڪٿا. ڪالپنڪ آتم ڪٿا ۾ ڪا به جاندار يا بي جان شيءِ ٻارن کي پنهنجي جيون ڪهاڻي، سکن دکن وغيره جي باري ۾ خيالي ڪهاڻي جي روپ ۾ ٻڌائيندي آهي، جئن ته ڇتيءَ جي آتم ڪٿا، گل جي آتم ڪٿا، گهوڙي جي آتم ڪٿا وغيره. اهڙي قسم جي آتم ڪٿا خيالي هوندي آهي ۽ ڪنهن ليکڪ دواران لکي ويندي آهي.

حقيقي آتم ڪٿا ۾ ڪو به حيات شخص پنهنجي جيون جي حقيقي گهٽنائن ۽ آزمودن کي ٻارن جي اڳيان رکندو آهي.

سنڌيءَ ۾ ڪالپنڪ آتم ڪٿائون گهٽ ڪري اسڪولي ايياس ڪرم تائين محدود رهيون آهن. شاگردن کي درسي ڪتابن ۾ ئي اهڙيون آتم ڪٿائون پڙهڻ ملن ٿيون. سوالي پيپرن ۾ به گهٽ ڪري ڪا نه ڪا آتم ڪٿا پڇي ويندي آهي پر ساهتيڪ رچنا طور، ڪا به ڪالپنڪ آتم ڪٿا ڏسڻ ۾ نٿي اچي.

حقيقي آتم ڪٿا به سنڌيءَ ۾ گهٽ ڪري عدم موجود رهي آهي. مهاتما گانڌي ۽ جواهرلعل نهروءَ جون آتم ڪٿائون سنڌيءَ ۾ ڇپيل آهن پر اهي ترجمو ٿيل آهن.

## (ب) جيون چرتر

جيون چرتر ڪو به ماڻهو خود نه لکندو آهي بلڪ ان جي باري ۾ ٻيا لکندا آهن. ٻيا ماڻهو جڏهن ڪنهن جو جيون چرتر لکندا آهن تڏهن ان جي جيون جي مختلف پهلن جو چڱيءَ طرح ايياس ڪندا آهن. جيون چرتر ذريعي ان جي شخصيت کي اُپاريو ويندو آهي. سڀ گهٽنائون اهڙيءَ طرح پيش ڪيون ويندون آهن جئن ان جي شخصيت پڙهندڙن تي پنهنجو اثر ڇڏي سگهي.

جيون چرتر ذريعي ڪنهن به مهان شخص جي ڪيل ڪارين کي پڙهي ٻار ان شخص جي جڳهه تي پاڻ کي ڏسندا آهن. تنهن ڪري ٻارن جي لاءِ جيون چرتر لکڻ وقت ڪهڙي ڳالهه ٻارن تي سٺو اثر وجهندي ۽ ڪهڙي ڳالهه خراب اثر وجهندي، ان جو سوچ ويچار ڪرڻ ضروري آهي.

سنڌيءَ ۾ ڇپيل، جيون چرترن جو جائزو وٺون.

## خاڪو - ١٠ جيوني ساهتيہ جي وچور

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ | سال | ڇپائيندڙ |
|---|---|---|---|---|
| ١ | ملڪ جا مدبر - پال اوستا ۽ | گدومل هرجاڻي | — | ليکڪ پاڻ |
| ٢ | ستارا | ديپچندر تلوڪچند | ١٩٥٩ | نوجيون ساهتيہ منڊل، اجمير |
| ٣ | جواهر جيون (د) | پريداس برهمچاري ۽ ديپچندر تلوڪچند | — | ” ” ” |
| ۴ | جواهر درشن (د) | ديپچندر تلوڪچند | ١٩٦٦ | سندر ساهتيہ پبلشنگ، هائوس، اجمير |
| ۵ | لعل بهادر شاستري | لوڪ نوتاڻي ۽ هوندراج بلواڻي | — | جيئو گناڻي |
| ٦ | باپو درشن | پريداس برهمچاري | ١٩٦٨ | سندر سا.پب.ها. اجمير |
| ٧ | دادا درشن | ديال آشا | — | — |
| ٨ | سنڌي سپوت (ہ ڀاڱا) | ديپچندر تلوڪچند | ١٩٧۵ | نوجيون ساهتيہ منڊل، اجمير |
| ٩ | ڀارت رتن | ڪيرت مهرچنداڻي | ١٩٧٧ | رتن ڪتاب گهر، احمدآباد |
| ١٠ | وطن صدقي | ديال آشا | ١٩٨٠ | شوڀا پبليڪيشن، بمبئي |
| ١١ | وڏن جي نديڻ | رام ڀاڳچنداڻي ’گيان‘ | ١٩٨١ | گلستان پبليڪيشن، احمدآباد |
| ١٢ | وير بالڪ | منوهر نهالاڻي | ١٩٨١ | سنگيتا پبليڪيشن، احمدآباد |
| ١٣ | وير ناريون وير پرش | پيمنداس شهدادپوري | ١٩٨١ | — |
| ١۴ | ماڻڪ ۽ موتي | بي.ايچ. آڏواڻي | ١٩٨٢ | لتا بي. آڏواڻي |

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ | سال | ڇپائيندڙ |
| --- | --- | --- | --- | --- |
| ١٥ | جيون ريکا | ڪيرت مهرچنداڻي | ١٩٨٣ | — |
| ١٦ | وطن جي صدقي | جينو لالواڻي | ١٩٨٥ | ليکڪ خود |
| ١٧ | نڊر ٻالڪ | رتنا ٻنيجا | ١٩٨٦ | رتنا ٻنيجا |

جيون چرترن کي هيٺين روپن ۾ پيش ڪيو ويو آهي :

(١) هڪ ئي مهاپرش جي جيون جو سمورو احوال.

(٢) الڳ الڳ مهاپرشن جي جيون جون ڪي اهم گهٽنائون، پرسنگ يا ننڍپڻ جا واقعا.

هڪ ئي مهاپرش جي جيون ۽ ڪاريه تي لکيل ڪتابن ۾ ديپچندر تلوڪچند جو لکيل 'جواهر درشن' خاص جڳهه والاري ٿو. هن ڪتاب ۾ پنڊت جواهر لال نهروءَ جي جيون جي اهم پهلن کي ٩٠ ننڍڙين آکاڻين جي روپ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. هوُ ٻارن جو پيارو 'چاچا نهرو' هو. ان ڪري ڪي آکاڻيون هن جي ۽ ٻارن جي وچ ۾ ٿيل ڪن گهٽنائن تي آڌار رکندڙ آهن. مثال طور ٻاراڻي شرارت، ٻارن سان رهاڻيون، ٻار مڙيئي ٻار، ٻارن لاءِ پيار، روسي ٻارن جي وچ ۾، غريب ٻالڪ سان وڙ، ٻارن سان نچيو، ٻالڪ جي هٻڪ وغيره.

ڪتاب جي باري ۾ پريداس برهمچاري چوي ٿو :

''هن ڪتاب ۾ ليکڪ، پنڊت جواهرلعل نهرو جي جيون جون انيڪ جهانڪيون ڏيئي، سندس جيون جو چٽو چتر چٽيو آهي. هيءُ ڪتاب ننڍڙن خواهه وڏڙن لاءِ هڪ دلچسپ ته ٻئي طرف سکيادائڪ پڻ سڌ ٿيندو.'' [1]

اهڙو ئي هڪ ٻيو ڪتاب مهاتما گانڌيءَ جي جيون تي آهي. پريداس برهمچاريءَ جي لکيل 'ٻاپو درشن' ۾ گانڌيجيءَ جي سموري جيون ۽ ڪيل ڪمن کي ٻاراڻي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. سرلا نالي هڪ ڇوڪريءَ کي سندس پيءُ هرروز رات جو مهاتما گانڌيءَ جي جيون جون ڳالهيون ٻڌائي ٿو. وچ وچ ۾ سرلا پنهنجي پيءُ کان سوال پڻ پڇي ٿي. ٻارن کي آکاڻيون وڻنديون آهن تنهن ڪري سرلا به پنهنجي پيءُ کي آکاڻي ٻڌائڻ لاءِ چوي ٿي. انهيءَ سلسلي ۾ ڌيءُ ۽ پيءُ جي وچ ۾ ٿيل ڳالهه جو نمونو ڏسو :

---

1. اڳ اکر 'جواهر درشن'

پيءُ : توکي آکاڻيون تہ گهڻيئي ٻڌايون اٿم، پر اڄ کان مان توکي آهستي آهستي ڪن مهاپرشن جا چرتر ٻڌائيندس.

سرلا : نہ بابا! چرتر ٻڌڻ مان ڪهڙو مزو ايندو؟ توهان مون کي هميشهہ وانگر ڪا آکاڻي ئي ٻڌايو.

پيءُ : سرلا! تون هي ڇا چئي رهي آهين؟ تون هاڻي وڏڙي ٿي آهين. توکي پنهنجن وڏن ماڻهن جي چرترن جي بہ ڄاڻي ڄاڻ رکڻ کپي. هائو، چرترن ٻڌائيندي، توکي ڪيتريون ننڍيون آکاڻيون بہ ٻڌائيندس. چرترن هنڌائڻ سان اُمنگہ ۽ اُتساهہ ملندءِ ۽ مهاپرشن ۾ جيڪي خوبيون آهن، انهن کي جهٽڻ تي بہ دل ٿيندءِ.

ديال آشا جي 'وطن صدقي' ۾ لالا لجپتراءِ، چندر شيکر آزاد، سردار ڀڳت سنگهہ، رام پرساد بسمل، سڀاش چندر بوس، وير ساورڪر، هيمون ڪالاڻي، کوديرام بوس، پريم رامچنداڻي ۽ مئڊم ڪاما جي جيون جون اُتساهہ ڏياريندڙ ڪهاڻيون شامل آهن.

رامڪرشن آڏواڻي، ڪتاب بابت مهاڳہ ۾ ٻڌائي ٿو :

''پروفيسر ديال آشا هيءُ ڪتاب لکي جاتيءَ ۽ راشٽر جي شيوا ڪئي آهي. ڪتاب ۾ درج ٿيل، ڀارت جي ويرن جون وارتائون ٿي سگهي ٿو تہ نئينءَ ٽهيءَ وارن کي حقيقتن کان واقف ڪرڻ سان گڏ شايد ڪنهن جي دل ۾ اهڙي جوالا جاڳائين جو ايندڙ سمي ۾ انهن ٻارن مان ڪي نيتاجي يا باپوڄي، پنڊتجي ۽ شاستريجي بڻجي ڀارت جي بهبوديءَ لاءِ نڪري نروار ٿين ۽ ڀارت کي بربادي‌ءَ کان بچائي، اُنتيءَ جي راهہ تي وٺي وڃن.''

ڪتاب جو ڇپائيندڙ وشنداس آسراڻي لکي ٿو :

''اڄ جي نئين ٽهي پشچمي سڀيا ۽ سڀيتا جي اثر ۾ اچي پنهنجي ديش ۽ ڌرم ڏانهن پنهنجو فرض ۽ ڪرم ڀلائي ويٺي آهي. سو اڄڪلهہ جي وايومنڊل ۾ اهڙن ڪتابن جي سخت ضرورت آهي جيڪي ڌرمي ۽ قومي ڀاونا پيدا ڪن.''

ديپچندر تلوڪچند جي 'سنڌي سپوت' ۾ فقط سنڌي هستين جهڙوڪ نرملداس گربخشاڻي، گهنشيام شوداساڻي، سوامي ليلاشاهہ، ساڌو ريجهومل لاهوري، آچاريہ ڪرپالاڻي، ديوان ڪوڙيمل ۽ ٻين جي باري ۾ ننڍا ننڍا جيون چرتر آهن.

سائنس جي ڪيتر ۾ پاڻ ملهائيندڙ سائنسدانن جي جيون جي باري ۾

بي.ايچ. آڏواڻيءَ ’ماڻڪ ۽ موتي‘ ۾ لکيو آهي. هن سنگرهه ۾ پرفلچندر رايِ، ترپووندداس گجر، جگديش چندر بوس، وشويشريا، وئنڪٽ رامن، تيرو وئنڪٽ، راجيندر شيشادري، هومي جهانگير ڀاڀا، ايل. پي. پِتناگر، وڪرم سارابائي ۽ بيربل ساهنيءَ جي ڪيل ڪمن جي باري ۾ احوال آهي.

مشهور شخصيتن جي ننڍپڻ جون ڪي گهٽنائون ڪٽي انهن ذريعي ٻارن کي وندرائڻ ۽ گڏوگڏ کين پريرڻا ڏيڻ جي اُديش سان ڪن ليکڪن دواران مهاپرشن سان ڏيٽ ويٽ ڪرائي ويئي آهي.

گدومل هرجاڻيءَ ’ملڪ جا مدبر - ٻال اوستا ۾‘ ڪتاب ذريعي مهاتما گانڌي، جواهرلال نهرو، ٻال گنگاڌر تلڪ، لالا لجپتراءِ، ڊاڪٽر راجيندرپرساد ۽ رابيندرناٿ ٽئگور جي ننڍپڻ جا ڪي پرسنگ ٻڌايا آهن.

ڪتاب بابت، خود ليکڪ جو چوڻ آهي، ”هن ڪتاب ۾ هن وقت جي ٻارن کي ڪجهه سنا ساٿي ۽ سنگتي ڏيڻ جي ڪوشش ڪيل آهي. اڄڪلهه جي مهاپرشن ۽ ملڪ جي مدبرن کي انهن جي ٻال اوستا ۾ پيش ڪيو ويو آهي ته جيئن ٻار انهن سان بنا جهجهڪ جي ملي جهلي سگهن. انهن کي سمجهن ۽ انهن مان ڪجهه حاصل ڪن. ٻار، ٻارن جو ئي سنگ وڌيڪ پسند ڪندا آهن. ان لاءِ يقين اٿم ته اسان جا ٻار پنهنجي ۽ ملڪ جي مدبرن (اڄڪلهه جي مهاپرشن) ۾ ڪوئي خاص فرق نه پائيندا ۽ انهن جي دل تي اهو چٽيءَ طرح نقش ٿيندو ته هوُ (ننڍڙا ٻالڪ) به انهن وانگر وقت اچڻ تي ديش ۽ جاتيءَ جا وڏا نيتا ۽ سڌارڪ ٿي سگهن ٿا ۽ وڏا ٿي هوُ چو کين مدبر ٿيندا؟ اڄ اسان کي ٻارن ۾ اهو ئي روح ڦوڪڻو آهي. اهو هيئڻ گهرجي اسان جو آدرش ۽ هيءُ ڪتاب به انهيءَ نقط نگاه کان شايع ڪجي ٿو.“

اهڙو ئي هڪ ٻيو ڪتاب آهي رام پاڃنداڻي ’گيان‘ جو ’وڏن جي ننڍپڻ‘. انهيءَ ڪتاب ۾ وير ساورڪر، سڀاش چندر بوس ۽ ٻين مهاپرشن جي ننڍپڻ جون ڪي اُتساهه ڏيارينڊڙ ڳالهيون درج ڪيل آهن. ٻال پاڻڪ، جن لاءِ هي ڪتاب لکيو ويو آهي، تن سان مخاطب ٿي ليکڪ چوي ٿو، ”اسان جا وڏا جي جسماني طور زندهه ناهن پر سندن نالو اتهاس جي آڪاش ۾ سج، چنڊ ۽ تارن جيان روشن آهي، اهي به شروع ۾ اوهان جي انهن ننڍي اوستائن يعني ننڍپڻ ۽ ڪشور اوستا مان لنگهيا آهن. پوءِ ئي هو جيون جا

روشن منار بڻيا آهن. اوهان بہ انهن جيان پنهنجو جيون جريت، همت ۽ ساهس پريو بڻائي سگهو ٿا. اوهان بہ سياش ۽ ساورڪر، تلڪ ۽ ٽئگور، شاستري ۽ سروجنيون بڻجي سگهو ٿا.''

منوهر نهالاڻيءَ جي 'وير ٻالڪ' ۾ پرت، لوُ ۽ ڪش، ايمنيو، سڪند گپت، همير، ٻادل، حقيقترايءِ، رامسنگهہ، درگاداس، پرٿويسنگهہ، اجيت ۽ جهنجهار ۽ چندرشيکر جهڙن وير ٻالڪن جون ڪهاڻيون ڏنل آهن.

ڪتاب بابت گوبند مالهيءَ جو رايو آهي تہ، ''شري منوهر نهالاڻي وير ٻالڪن جا جيون چرتر سليس ۽ سياويڪ ٻوليءَ ۾ چٽي ٻارن کي سورويرتا، ديش ڀڳتيءَ ۽ فرض ادائيءَ لاءِ اُتساهت ڪرڻ جي ساراهہ جوڳي ڪوشش ڪئي آهي. وير ٻالڪن جي چونڊ بہ ڪنهن نيم ۽ نيتيءَ سان ڪيل آهي. رامايڻ جي زماني کان وٺي سلسليوار مغلن جي پڇاڙيءَ تائين عيوضي ٻار کنيا ويا آهن. پرت منهنجي سمجهہ ۾ مهاڀارت واري ڀڳہ سان ٺهڪي نسبت رکي، انهيءَ ڪري اهو ايمنيو کان پوءِ اچڻ کپندو هو. ٻيءَ طرح ترتيب صحيح ۽ رٿائتي آهي.'' [1]

'وير ٻالڪ' جيان 'نڊر ٻالڪ' ۾ ٻالڪن جي سورويرتا جون ڪهاڻيون آهن. هن ڪتاب ۾ ايمنيو، راجرشي ڌرو ۽ پورن جتيءَ جي ڪٿائن کي سمايو ويو آهي. هيءُ ڪتاب سنڌ ۾ اڳہ ڇپيل 'هندو وير ٻالڪ' جو وري ڇپايل ڇاپو ٿو ڏسڻ ۾ اچي. پر ڪتاب ۾ ڪٿي بہ اهڙو ذڪر ڪونہ ڪيو ويو آهي.

ڀارت ديش ڇاهي دنيا جي ڪيترن ئي مهاپرشن ۽ شخصيتن جي جيون مان پريرڻا ڏيندڙ پرسنگن کي ٻارن اڳيان پيش ڪرڻ جو مقصد ڪٽي لکيل ڪتاب 'ستارا' هڪ اهم ۽ ڪارائتو ڪتاب آهي. ديپچندر تلوڪچند جي لکيل هن ڪتاب ۾ ۴۰ مهاپرشن جي جيون جون جهانڪيون، آکاڻين جي روپ ۾ ڏنيون ويون آهن.

ڪتاب بابت جيرامداس دولترام چوي ٿو :

'' 'ستارا' پنهنجي آدرشي جيون وسيلي اسان جي ٻارن جي سدائين سونهپ پيا ڪندا ۽ کين روحاني ڪاچ پيا رسائيندا، جنهن مان ايندڙ پيڙهيءَ جي اخلاقي صحت ٺهندي ۽ ڀارت جي سنتان نيتڪ سنسار ۾ اوچي ڳاٽ هلي، پنهنجي سيپتا ۽ جس ۽ ناماچار جو نئون دؤر شروع ڪندي. هن پستڪ جي ڪهاڻين ۾ گهڻو رس آهي؛ ننڍيون ۽ سنيون آهن؛ گٽن جي سکيا سان

1. بہ لفظ - گوبند مالهي 'وير ٻالڪ'.

ٽمتار آهن. چترن سندن اثر هٽائين وڌايو آهي. رنگين چترن تهائين وڌيڪ. سنڌي ٻوليءَ ۾ خاص ٻارن جي نيتي سکيا لاءِ ڪو چڱو پستڪ ڏنو اٿم. شايد هيءَ پهرين ڪوشش ان ڪيتر ۾ آهي.''[1]

بمبئيءَ جي دليپسنگهه ماڻڪاڻيءَ گهٽائي جيون چرتر ڇپايا، جي مکيه طور ترجمو هئا.

## (٢) گيان وگيان

وگيان جو ڪيتر اينرو وشال آهي جو ان جي باري ۾ ٻار پنهنجي من ۾ انيڪ سوال ڪٽي هلندا آهن. سنسار ۾ اهڙيون انيڪ چيزون آهن جن ڪي جاڻڻ جي ٻارن ۾ جگياسا هوندي آهي. ٻارن جي انهيءَ جگياسا کي سنتوشڻ لاءِ، ٻارن جي جاڻ ۾ اِضافو آڻڻ لاءِ ٻارن ۾ وگيانڪ نقطه نظر جو وڪاس ڪرڻ لاءِ ڪين وگيانڪ ساهتيہ ڏيڻ ضروري آهي. هي ساهتيہ گهڻن ئي نمونن ۾ پيش ڪري سگهجي ٿو. سڌو ئي سڌو مضمون جي روپ ۾ بہ انهيءَ کي پيش ڪري سگهجي ٿو تہ سوالن جوابن جي روپ ۾ بہ پيش ڪري سگهجي ٿو. ڪنهن وگيانيءَ يا جاڻو ماڻهوءَ جو خيالي ڪردار خلقي، ٻارن سان ان جي روح رهاڻ بہ ڪرائي سگهجي ٿي. ڪنهن بہ نموني پيش ڪجي، پر ان ۾ 'ونڊر' جو جزو هئڻ ضروري سمجهيو ويندو آهي. ان ۾ صحيح ۽ وگيانڪ جاڻ ڏيڻ بہ اوتري ئي ضروري آهي. جنهن بہ وشيہ تي لکجي، ان جي باري ۾ ليکڪ کي پوري پوري جاڻ هئڻ گهرجي. ٻارن جي سمجهہ شڪتيءَ کي چڱيءَ طرح سمجهڻ گهرجي. ٻارن جي اڳيان اها سامگري ڪيئن رکجي، ان جي بہ ڪيس پوري جاڻ هئڻ گهرجي.

سنڌيءَ ۾ گيان وگيان جا هيٺيان ڪتاب ڇپيل آهن :

### خاڪو - ١١ گيان وگيان جي ڪتابن جي وچور

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ | سال | ڇپائيندڙ |
|---|---|---|---|---|
| ١ | عام جاڻ (د) | ديپچندر تلوڪچند | ١٩٦١ | نيوجيون ساهتيہ منڊل، اجمير |
| ٢ | دنيا جا ٻالڪ (د) | ديپچندر تلوڪچند | ١٩٦٥ | نوجيون ساهتيہ منڊل، اجمير |

1. مهاڳ : جيرامداس دولترام 'ستارا'

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ | سال | ڇپائيندڙ |
|---|---|---|---|---|
| ٣ | عجب هيءَ دنيا | واشديو سنڌو پارتي | ١٩٦٧ | پشپ ڪمل پبليڪيشن، جئپور |
| ٤ | دنيا رنگبرنگي | هوندراج بلواڻي | ١٩٦٩ | بال سنڌو پبليڪيشن احمدآباد |
| ٥ | جانورن جو باغ | لڇمڻ ڪڪريجا | ١٩٨٠ | گلستان پبليڪيشن احمدآباد |
| ٦ | گيان جو خزانو | هوندراج بلواڻي | ١٩٨٢ | ” ” ” |
| ٧ | آڪاشي ياترا | جينو لالواڻي | ” | ليکڪ پاڻ |
| ٨ | سُوريہ شڪتي | رام پاٻچنداڻي ’گيان‘ | ١٩٨٤ | ” ” |
| ٩ | برهمانڊ جو سئر | تيجهہ قابل | ١٩٨٦ | ” ” |
| ١٠ | سائنس ڪلب | رام پاٻچنداڻي ’گيان‘ | ١٩٨٨ | ” ” |

گيان وگيان جي ساهتيہ کي سهوليت جي خيال کان هيٺين ٻن حصن ۾، ورهائي سگهجي ٿو.

(١) گيان وڌائيندڙ ساهتيہ يا عام ڄاڻ جا ڪتاب

(٢) وگيان جي ڄاڻ ڏيندڙ ڪتاب.

پهرئين قسم جي ساهتيہ کي سڌو ئي سڌو انگن اکرن جي روپ ۾ بہ ڏيئي سگهجي ٿو تہ گهربل تفصيل ڏيئي مضمون وغيره جي روپ ۾ بہ پيش ڪري سگهجي ٿو.

’عام ڄاڻ‘ ڪتاب ۾ فقط انگہ اکر ڏنا ويا آهن، جيڪي ٻار سولائيءَ سان ياد ڪري سگهن ٿا پر انهن مان ٻارن کي وندر نٿي ملي. انهيءَ ڪتاب ۾ دنيا جا کنڊ، مهاساگر، مکيہ نديون ۽ ڍنڍون، مکيہ ٻيٽ، ٻرندڙ جبل، رڻپٽ ۽ ڏرم وغيره، مکيہ ملڪ ۽ انهن جي گادين جا هنڌ، دنيا جا مکيہ پستڪ ۽ انهن جا رچيندڙ، دنيا جا عجائب، دنيا جون اخبارون ۽ اهڙي ٻي ڄاڻ ڏنل آهي.

واشديو سنڌو پارتيءَ جي ’عجب هيءَ دنيا‘ ۾ ٻارن جي لاءِ تمام گهٽي عجب ۾ وجهندڙ ڄاڻ آهي. هرهڪ وشيہ کي تفصيلن سان پيش ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ ڏنل عجيب غريب ڳالهين ۾ يورپ جون رنگين وصيعتون،

ٻجليءَ جا اِنسان، آدمخور وڻ، ھھڙا ٻه راجائون ھئا، حيرت انگيز ڪپڙا، ٻنا ڊرائيور جي ھلندڙ ريل گاڏيون، پلاسٽڪ جا ڪرشما، اِنساني دماغ رکندڙ مڇيون، پوليس جي فائيلن مان، مشينن جو چمتڪار، عجيب وَ غريب نوڪريون جھڙا وشيه شامل آھن.

ساڳيءَ ئي طرز تي ھوندراج بلواڻيءَ جي لکيل 'رنگبرنگي دنيا' ۾ به عجيب وَ غريب ڳالھيون آھن. ھن ڪتاب ۾ سنسار جا عجيب ماڻھو، سندرتا جا عجيب رواج، راجا-راڻين جون ڳالھيون، عجيب چوريون جھڙا وشيه شامل ڪيا ويا آھن.

ديپچندر تلوڪچند جي 'دنيا جا ٻالڪ' ۾ جدا جدا ملڪن ۾ رھندڙ ٻار ڪيئن رھن ٿا، انھن جون ضرورتون ڪھڙيون آھن، ڪھڙيءَ طرح تعليم پرائين ٿا، ٻارن ۽ مائٽن جا سنبنڌ ڪھڙا آھن، انھن ڳالھين جي ڄاڻ ڏني ويئي آھي. ان جو اُديش اھو آھي ته ڀارت جي ٻارن کي پتو پوي ته ھوُ ٻين ملڪن جي ٻارن کان ڪھڙين ڳالھين ۾ سمان آھن يا الڳ آھن. ھن ڪتاب ۾ جپان، عربستان، تبيت، ھالنڊ، سيام، آفريڪا، مئڪسيڪو ۽ اسپين جي ٻارن جي جيون تي روشني وڌي ويئي آھي.

لڇمڻ ڪڪريجا جي 'جانورن جو باغ' ۾ ھاٿي، واگھه، ڪنگارو، جراف، اجگر، لومڙ، شينھن، دريائي گھوڙي، اُٺ پکي، ڀارتي گينڊي ۽ قطبي رڇ سان ٻارن جي سڃاڻپ ڪرائي ويئي آھي.

ٻارن جي ڄاڻ وڌائڻ لاءِ الڳ الڳ وشين تي مضمون لکڻ جي ڪوشش ھوندراج بلواڻيءَ ڪئي آھي. سندس لکيل 'گيان جو خزانو' ۾ ھينئين وشين تي ٻال مضمون ملن ٿا. (١) تکلين جي عجيب دنيا (٢) اخبار ڪيئن ڇپجندي آھي (٣) آئيسڪريم جي ڪھاڻي (٤) ٻئنڪون ۽ انھن جا ڪم (٥) نوٽن ڇپڻ جي پريس (٦) غريبن جو قاصد - پوسٽ ڪارڊ.

مٿي ذڪر ڪيل سڀ ڪتاب ٻارن جي لاءِ گيان وڌائيندڙ ڪتاب آھن. ھينئر وگيان جي وشين تي لکيل ڪتاب ڏسون.

آڪاش جي وگيانڪ کوجنائن تي 'آڪاشي ياترا' ڪتاب لکيو ويو آھي. ليکڪ جيٺي لالواڻيءَ ان کي ماسٽر ۽ شاگردن جي وچ ۾ گفتگو ذريعي پيش ڪيو آھي. ڪتاب ۾ آڪاش جي گرھن، اُپگرھن، راڪيٽن وغيره جي ڄاڻ ڏني ويئي آھي.

آڪاشي دنيا ۽ برهمانڊ جي انيڪ چيزن تي ٻيو هڪ ڪتاب آهي ٽيهه قابل جو. 'برهمانڊ جو سئر' نالي ڪتاب ۾ سج، ڌرتي، منگل، چنڊ، ٻڌ، برهسپتي، شڪر، شني، يورينس، نيپچون، پلوٽو ۽ ڌومڪيتو وغيره جي باري ۾ ٻڌايل آهي.

''شري ٽيهه قابل جي هن ڪتاب ۾ سورج منڊل جي گرهن، اُپگرهن، ڌومڪيتن جو ورنن آهي. سنڌي پاٺڪن کي انهيءَ ڪتاب ذريعي ڀَن سڄي برهمانڊ جو سير ڪرايو آهي. گرهن وغيره جي باري ۾ اڄ تائين جيڪي کوجنائون ٿي چڪيون آهن ۽ جيڪي سچ ظاهر ٿي چڪا آهن، انهن جو هن سلسليوار بيان ڪري ٻڌايو آهي. ڪتاب ۾ ڏنل ڪيتريون ڳالهيون دلچسپ به آهن ته عجيب به.'' [1]

متيان ٻئي ڪتاب، ائين ته ٻارن لاءِ خاص لکيل نه آهن. انهن جو وشيه، پيشڪش ۽ ڀاشا وغيرهه به ٻارن جي شڪتيءَ کان ٻاهر آهن پر وڏي عمر جا ٻار انهن مان فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا.

سائنس جي وشيه تي ٽيون ڪتاب آهي رام پاڳچنداڻي 'گيان' جو 'سائنس ڪلب'. ماستر ۽ شاگرد جي وچ ۾ گفتگو جي روپ ۾ لکيل هن ڪتاب ۾ فقط هڪ وشيه نه پر پورا ست وشيه کنيا ويا آهن. اُهي ست وشيه آهن سائنس جون ست کوجنائون. جيٽ، راڪيٽ، ٽي.وي.، رڊار، ڊيزل اِنجڻ، ٽيليپرنٽر ۽ سولر ريفريجريٽر. هيءُ ڪتاب خاص شاگردن لاءِ لکيو ويو آهي.

ٽي.جي. ٽنڊواڻيءَ جي راءِ موجب ''موجوده ڪتاب ۾ ڀاءُ پاڳچنداڻيءَ هڪ اهڙي ڪوشش ورتي آهي ته جيئن ننڍڙا ٻالڪ وديارٿي ۽ وڏو عام ماڻهو به وگيانڪ سڌانتن کي ۽ هاڻوڪن جديد ساڌنن کي سولائيءَ سان ۽ سهڄ سڀاءُ ڍنگ سان سمجهي سگهن.'' [2]

رام پاڳچنداڻيءَ جي ٻئي هڪ ڪتاب 'سوريه شڪتي' ۾ سج مان پراپت ٿيندڙ شڪتيءَ جي اهميت ۽ انهيءَ جي مدد سان هلندڙ نون ساڌنن ۽ کوجنائن جي باري ۾ ٻارن کي ڄاڻ ڏنل آهي.

## (٣) راند روند جو ساهتيه

ٻارن کي جدا جدا قسمن جي راندين جي باري ۾ ڄاڻ ڏيڻ، رانديگرن

---

1. مهاڳ – هوندراج بلواڻي 'برهمانڊ جو سئر'
2. ڪتاب ۾ ڏنل رايو

جي جيون جي جدا جدا پهلن کان کين واقف ڪرڻ، رانديگرن کان ملاقاتون ونڻ وغيره جهڙيون ڳالهيون راند روند جي ساهتيہ ۾ اچن ٿيون. راندين جي ساهتيہ کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

**(الف) سوچناتمڪ راند ساهتيہ**

هن قسم جي ساهتيہ ۾ ٻڌايو ويندو آهي تہ ڪهڙي راند ڪيئن ڪجي، ان جي باري ۾ ڪهڙين ڳالهين جو خيال رکجي، ان جا ڪهڙا نيم آهن، ان لاءِ ڪهڙا ساڌن کپن وغيره. ضرورت انوسار ان ۾ شڪلين ذريعي بہ سمجهاڻي ڏيئي سگهجي ٿي.

**(ب) پريرڻادايڪ راند ساهتيہ**

هن قسم جي ساهتيہ ۾ رانديگرن جا جيون چرتر يا انهن جي جيون مان ڪي پرسنگ ٻارن اڳيان پيش ڪجن تا جيئن انهن جون ڳالهيون پڙهي ٻارن ۾ بہ رانديگر بڻجڻ جو اُتساهہ پيدا ٿئي ٿو. جيڪي رانديگر هن وقت حيات آهي، انهن کان روبرو ملاقاتون وٺي بہ ٻارن کي انهن جي ڪارائتين ڳالهين کان واقف ڪري سگهجي ٿو.

هن قسم جي ساهتيہ ۾ سنڌين جي دلچسپي تمام گهٽ رهي آهي. ورهاڱي کان اڳ پمي سدارنگاڻيءَ 'رانديون' نالي هڪ ڪتاب لکيو هو پر ورهاڱي کان پوءِ اهڙي قسم جو هڪ بہ ڪتاب ڇپيو ڪونهي. ڇينٽي لالواڻيءَ 'شاريرڪ سکيا' نالي هڪ ڪتاب لکيو آهي پر اهو اسڪولي ايياس ڪرم سان واسطو رکندڙ ڪتاب آهي.

لوڪ راندين تي هوندراج بلواڻيءَ جو فقط هڪ ئي ڪتاب 'ٻارن جون لوڪ رانديون' (١٩٩٢) ڇپيل آهي. انهيءَ ڪتاب ۾ راند جي اهميت، راندين جا قسم، لوڪ رانديون ڇا آهن- اهڙن وشين تي شروعاتي ڄاڻ سان گڏ ٻارن جي لوڪ راندين جهڙوڪ لي لي لاوان، مڇي ماني ڪير کائي ويو، پيرڙو پنڌڙو، اکبوٽ، ارچڪ مرچڪ، ايسي ڏي موري ڏي وغيره جي ڄاڻ ڏني ويئي آهي.

سنڌي لوڪ رانديون ڏيري ڏيري ختم ٿينديون پيون وڃن، جن کي ڪنهن طرح محفوظ رکڻ جي سخت ضرورت آهي.

## (۴) چُٽڪلا يا ٽوٽڪا

'چٽڪلو' لفظ جيِ ويوتپتيءَ جي باري ۾ الڳ الڳ رايا آهن. هڪ راءِ

موجب ’چُتڪلا‘ لفظ ’چوٽ‘ ۽ ’ڪلا‘ لفظن مان نهيو آهي، جنهن جو مطلب آهي اهڙي ڪلا جا چوٽ ڪري يا گهرو اثر ڪري. ڊاڪٽر ديوسري ’چُتڪلي‘ جو ارٿ هن طرح ڏنو آهي :

’چُٽ جو ارٿ آهي چٽڪي. ٻارن ۾ هڪ ٻئي کي چٽڪي ڪڍڻ (چهنڊڙي پائڻ) جي عادت هوندي آهي پر هتي ان جو ارٿ اهڙي چٽڪي ڪڍڻ سان نہ آهي، جنهن سان سُور ٿيندو آهي- بلڪ ان محاوري سان آهي جنهن کي ’چٽڪي وٺڻ‘ چوندا آهن. هتي چٽڪي جو ارٿ آهي مذاق ڪرڻ يا ڪلائڻ. ٻيو لفظ ’ڪُلا‘، ’ڪُليل‘ مان نهيل آهي. ’ڪُليل‘ معنيٰ ’گُدگدي‘. ان طرح چٽڪلي جو ارٿ آهي گُدگدائڻ واري چٽڪي.“ [1]

چٽڪلي بابت راڌيشيام پرگليپ ٻڌائي ٿو، ”چٽڪلي کي ودوان ماڻهو جنم نٿا ڏيئي سگهن. هنن جو ودوانپڻو ان ۾ رڪاوٽ وجهندڙ ٿيندو آهي. مورکہ ماڻهو بہ چٽڪلي کي گهڙي نٿا سگهن چوتہ اها هنن جي وس جي ڳالهہ ڪانهي. اپواد طور ڪجهہ مثال ملي وڃن سا اُور ڳالهہ آهي. اصل ۾ چٽڪلن کي جنم ڏيندا آهن اُهي ٻُڌيمان ماڻهو جيڪي حاضر جوابيءَ سان ڀريل هوندا آهن.“ [2]

چٽڪلو يعني چرچو، جو ٻارن جي گهڻي پياري چيز آهي. چٽڪلا ٻارن جو منورنجن ڪن ٿا تہ منجهن حاضر جوابيءَ جو گڻ بہ پيدا ڪن ٿا. راڄ دربارن ۾ ودوشڪ ۽ چتر ماڻهو پنهنجي حاضر جوابيءَ جي گڻ سان راجا ۽ راڄ دربارين کي وندرائيندا هئا. تنهن ڪري ڪيترن راجائن جي ڪٿائن ۾ چٽڪليبازيءَ جو ذڪر اچي ٿو. چٽڪلن جو ڪيتر تمام وسيع آهي. لڳ ڀڳ سيني ٻولين ۾ ماستر شاگرد، پتي پتني، پيءُ پٽ، ماءُ ڌيءُ، ڊاڪٽر مريض، ڪنڊڪٽر مسافر، نيتا ووٽر، دڪاندار خريدار وغيره تي اڪيچار چرچا موجود آهن.

سنڌيءَ ۾ بہ چرچن ۽ ٽوٽڪن جا ڪتاب جهجهي انداز ۾ ڇپيا آهن. انهن کي نہ صرف ٻارن پر وڏڙن پڻ پسند ڪيو آهي. اڪبر بيربل جي سياڻپ جي ڳالهين کي بہ عام پاٺڪن چڱو پسند ڪيو آهي.

---

1. هندي ٻال ساهتيہ : ايڪ اڌيَيَن ص. ۴۰۹
2. ٻال ساهتيہ : رچنا اُور سميڪشا - ص. ۱۴۳

## خاڪو - ١٢ ٽوٽڪن ۽ چُٽڪلن جا سنگرهه

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ/گڏ ڪندڙ | سال | ڇپائيندڙ |
|---|---|---|---|---|
| ١ | ٽهڪ ئي ٽهڪ | داس طالب | — | سنڌبڪ ڪمپني، بمبئي |
| ٢ | ١٠٠ ٽهڪ | — | — | ,, ,, ,, |
| ٣ | بيربل نامون | — | — | هيمنداس بوڪ سيلرس، گواليار |
| ۴ | چرچائن جو چاچو | — | — | ,, ,, ,, |
| ۵ | ٽهڪن جي برسات | هوندراج بلواڻي | ١٩٦٩ | جگديش بوڪ ڊيپو، اُلهاسنگر |
| ٦ | ڪل گهٽو- جيءُ گهٽو | ,, ,, | ,, | ,, ,, ,, |
| ٧ | ڪاڪو ڪوڏومل | ,, ,, | ,, | ,, ,, ,, |
| ٨ | وتائي فقير جا ٽوٽڪا ۽ ٽهڪ | وشنداس آسراڻي | ١٩٧٣ | شوپا پبليڪيشن، بمبئي |
| ٩ | ڇهر ڀهر چٽڪي | هوندراج بلواڻي | ١٩٧۵ | گلستان پبليڪيشن، احمدآباد |
| ١٠ | گول گپا | ,, ,, | ١٩٧٦ | ,, ,, ,, |
| ١١ | بيربل جو پاءُ | ,, ,, | ,, | ,, ,, ,, |
| ١٢ | ٽهڪ ئي ٽهڪ | ,, ,, | ١٩٧٧ | ,, ,, ,, |
| ١٣ | ٽهڪن لاءِ ٽول | ,, ,, | ١٩٧٩ | ,, ,, ,, |
| ١۴ | چرچا مهاپرشن جا | ,, ,, | — | اپسرا ڪتاب گهر، احمدآباد |
| ١۵ | ڪتا منا گول گپا | ,, ,, | — | اپسرا پبليڪيشن، ,, |
| ١٦ | ٻول ٽول | گ.ل. ڏوڏيجا | ١٩٨٨ | نوبل پرنٽرس، پونه |
| ١٧ | وتائي فقير جا نوان ٽهڪ ۽ ٽوٽڪا.... | وشنداس آسراڻي | ,, | شوپا پبليڪيشن، بمبئي |

مٿين ڪتابن ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪتاب اهڙا آهن جن ۾ هتان-هتان چرچا ۽ ٽوٽڪا ڪٺا ڪري ڏنا ويا آهن. گ.ل. ڏوڏيجا جي 'ٻول ٽول' ۾ سياٽپ جون مزيدار ڳالهيون آهن. ڪتاب جي شروعات ۾ ليکڪ، ٻارن کي مخاطب ٿي چوي ٿو، ''وڏن لاءِ گهٽو ئي لکيو ويو آهي ۽ سدا لکبو پيو رهندو.

پر توهان ننڍڙن طرف اسان وڏن جو مشڪل سان ڌيان وڃي. ڏينداٰ ٻار بي پرواهه آهن پر هن ڳالهه ۾ ته وڏا بيپرواهه رهيا آهن. ٻيا مڃن نه مڃن، مان پنهنجي غلطي مڃي ان کي سڌارڻ لاءِ تيار ٿيو آهيان. ٥٥ ورهين جو آهيان. هي گلدستو تيار ڪندي پنهنجي عمر جو هڪ ٥ ڪڍي ڇڏيو ۽ پاڻ کي ٥٠ سال پٺتي ڇڪي ويس. اڌ صدي اڳه واري پنهنجي ٻالڪپڻي طرف!''

## (٥) پروليون ۽ ڳجهارتون

پرولي ٻارن جي لاءِ هڪ اهڙي مشغولي يا راند آهي جنهن ۾ ٻارن جو گيان به وڌندو آهي ته کين آنند به ملندو آهي. ٻار پاڻ به پروليون سليندا آهن پر کين وڌيڪ مزو تڏهن ايندو آهي جڏهن کو وڏڙو ڪانئن پروليون پڇندو آهي. آدي ڪال کان جيئن ڏاڏيون ۽ نانيون آڪاڻيون ٻڌائينديون رهيون آهن تيئن ڏاڏا ۽ نانا وري ٻارن کان پروليون پڇندا رهيا آهن. ٻار پنهنجن وڏڙن کي گهيري ونندا آهن. وڏڙو هنن کان پرولي پڇندو آهي ته سيني ٻارن کي ان جو جواب ڏيڻ جي تڪڙ ٿيندي آهي پر ترت ئي جواب نه سجهڻ جي ڪارڻ هو ُچپن تي آڱريون رکي يا متو ڪنهندي جواب ڳولهڻ ۾ کوهجي ويندا آهن. ڪڏهن جواب سجهي اچڻ تي سڀ 'مان ٻڌايان، مان ٻڌايان' چئي جواب ٻڌائڻ جي تڪڙ ڪندا آهن. پرولي پڇندڙ هڪ هڪ جو جواب ٻڌندو ويندو آهي ۽ ان کان پوءِ ان جو صحيح جواب جڏهن ٻارن جي اڳيان ايندو آهي تڏهن ٻارن جا چهرا ڏسڻ جهڙا ٿي ويندا آهن.

ڪنهن به ماڻهوءَ جي سمجهه کي پرکڻ لاءِ پرولين جو اُپيوگ ڪيو ويندو آهي. عام ٻوليءَ ۾ جڏهن چيو ويندو آهي ته 'پرولين ۾ نه ڳالهاءِ' ته ان جو مطلب اهو هوندو آهي ته ڳالهه کي اهڙيءَ طرح سڌن يا سولن لفظن ۾ صاف چٽُه جئن اِها ڳالهه سمجهه ۾ اچي. پرولين ۾ چيل ڳالهه اڻ چٽي هوندي آهي. منجهائيندڙ هوندي آهي. اُن کي سمجهڻ لاءِ دماغ کي ڪسرت ڪرائڻي پوندي آهي.

پرولين جي شروعات ڪيئن ٿي؟ چيو وڃي ٿو ته جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪا ڳالهه صاف لفظن ۾ چوڻ ۾ ڪا رڪاوٽ ٿي هوندي تڏهن پرولين جي شروعات ٿي هوندي. پراچين ڪال ۾ جڏهن وندر جو ڪوئي وسيلو نه هوتڏهن سڄي ڏينهن جي ٿڪاوٽ کان پوءِ ماڻهو ٻاهه ٻاري ان جي چوڌاري ويهندا هئا ۽ هڪ ٻئي کان پروليون پڇندا هئا. انهن مان هنن کي وندر ته

ملندي ٿي هئي پر ان سان گڏ هنن جي شرير توڙي دماغ کي بہ آرام ملندو هو. راجا مهاراجائون بہ هڪ ٻئي کي پرولين ذريعي سنديش موڪليندا هئا. هڪ ديش جو راجا ٻئي ديش جي راجا کي جڏهن پروليءَ ذريعي ڪو سنديش موڪليندو هو تہ ٻئي طرف کان راجا وٽان جيڪو جواب ايندو هو تنهن مان ئي اندازو لڳايو ويندو هو تہ اهو راجا يا ان جا راڄ درٻاري ڪيترا عقلمند آهن. ويدن ۾ بہ پرولين جو روپ ملي ٿو. موهن ڀائي پٽيل جي چوڻ موجب، ”اُتي اُهي ’برهموديہ‘ جي نالي سڃاتيون وڃن ٿيون. راڄ سوُيہ يڳيہ ھجي، اَشوَ جي ٻلي ڏني ويندي هجي اُتي اهڙا برهموديہ ٿيندا هئا. ويد کان پوءِ اها برهموديہ جي پرمپرا پرولين ۾ بدلجي ويئي هجي، ائين لڳي ٿو. پُراڻ ڪال ۾ پرولين کي ’ڪوُٽ‘ چوِندا هئا. مهاڀارت ۾ يکش ۽ يڌشٽر جي وچ ۾ اهڙا ’ڪوُٽ‘ ٿيا هئا، سو تہ مشهور آهي. سنسڪرت ۾ ’ڪوُٽ‘ گهڻا پرچلت هئا.“ [1]

پروليون تمام گهڻن وشين تي نهيل ملن ٿيون. مکيہ طور سج، چنڊ، تارا، گهر، گهر جون شيون، ڏيئو، بادل، برسات، ڪلف ڪنجي، اکيون، ڏينهن، مهنا، سال وغيره وشين تي پروليون عام جام ملن ٿيون.

پروليون سنڌي اخبارن ۾ تہ تمام گهڻيون ڇپيل ملن ٿيون پر انهن کي ڪٺو ڪري ڪتابي صورت ۾ آڻڻ جون ڪوششون گهٽ ٿيون آهن. صرف هوندراج بلواڻيءَ جو هڪ ننڍڙو پستڪ ’سليو پروليون وٺو انعام‘ (١٩٦٩) ملي ٿو. جنهن ۾ ٩٢ پروليون شامل آهن. هري دلگير وري ’پروليون‘ (١٩٩١) نالي هڪ ڪتاب ڪوتا ۾ لکيو آهي. ڪتاب ۾ ٻن ٻن سٽن کان ويندي آخر اٺن سٽن جون بہ پروليون آهن. ڪوتا ۾ پرولي هڪ نئين چيز آهي. ڪوي دلگير ڀاڻ ٻڌائي ٿو :

”ٻارن لاءِ هر ٻوليءَ ۾ پرولين جي اهميت اڄ بہ قائم آهي. پر نئين زماني ۾ نيون چيزون ايجاد ٿيون آهن جهڙوڪ ويڊيو، ٽي. وي. وغيره. اڄ اُنهن تي پروليون نهيون آهن. ٻين ڀاشائن ۾ پرولين لاءِ پل ڪيترو بہ پيار هجي، پر سنڌيءَ ۾، سو بہ ڀارت ۾، ان جو قدر ۽ قيمت نہ جيان ٿي آهي. اڄ سنڌي ٻولي ڀارت ۾، ڏکئي دؤر مان گذري رهي آهي. گهرن ۾ سنڌي ٻالهائڻ جو واهپو ئي گهٽجي ويو آهي. اسان جي ٻارن کي هنديءَ ۽ انگريزيءَ ۾ پروليون اينديون آهن، پر سنڌي پرولين کان هوُ غيرواقف

1. گجراتي مان ٻال ساهتيہ ص. ١٠٧ ۽ ١٠٨

آهن. انهن ۾ نئين شوق کي جاڳائڻ لاءِ مون هڪ ڪوشش ڪئي آهي ۽ ڪجهه پروليون تيار ڪيون اٿم.'' [1]

پرولين جيان ڳجهارتون پڻ ٻارن توڙي وڏن جي سمجهه شڪتيءَ کي پرکڻ لاءِ ڪم آڻيون آهن. ڳجهارتن ۾ ٻوليءَ جي ڪيترن گيان ڀريل گفتن ۽ سياڻپ جي سخنن کي ڪٺي ڪري ٺاهيل 'آڏ اکر ڳجهارتون' (١٩٩٨) به گهڻي معنيٰ رکن ٿيون. انهيءَ ڪيتر ۾ جشنلعل سوماڻي بي مثال ڪم ڪيو آهي. هُو پنجاهه سالن کان اهي آڏ اکر ڳجهارتون ٺاهيندو پيو اچي جيڪي ورهاڱي کان اڳ پرمانند ميوارام جي 'جوت' ۾ ڇپبيون هيون ۽ ورهاڱي کان پوءِ 'هندواسي' هفتيوار ۾ ڇپجنديون رهن ٿيون. آڏ اکر ڳجهارت جي سمجهاڻي، خود جشنمل سوماڻي هن طرح ڏئي ٿو :

''اوائلي آڏ اکر ڳجهارتن جو سلسلو انگلنڊ ۾ ١٩٢٣ع ۾ جاري ٿيو. ڳجهارتن ۾ چورس خانا، نمبرن سان سامهون توڙي هيٺ مليل هوندا آهن. ڪي گفتا ۽ نقطا ستن جي صورت ۾ لکيل هوندا آهن، جن جي پڙهڻ سان ائين سمجهڻ ۾ ايندو ته هڪ کان وڌيڪ ممڪن جواب ساڳئي جملي سان ٺهڪي سگهن ٿا پر تز ۽ صحيح جواب اهو ليکيو ويندو آهي جو مليل درجي کي سلڻ ۽ سمجهڻ ۾ پڙهندڙن يا سليندڙن کي دماغي ڪسرت ڪرڻي پوندي آهي ۽ عقل جي ڪيڏ سان گڏ هنر، ڪاريگريءَ ۽ چترائيءَ جي گهرج ٿئي ٿي.'' [2]

ليڪڪ جي مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب ۾ ٦٠ آڏ اکر ڳجهارتون ۽ آخر ۾ انهن جا جواب ڏنل آهن.

## (٦) سير سفر

سير سفر کي اڄڪلهه گهڻي اهميت ڏني پيئي وڃي ڇو جو سيرسفر ذريعي ٻارن جو گيان وڌي ٿو؛ ٻين شهرن ۽ ٻين ملڪن جي نين نين ڳالهين جي ڪين ڄاڻ پوي ٿي.

سير سفر جي ڪتابن ۾ سڀ کان اهم ۽ اُپيوگي ڪتاب آهي فتحچند واسواڻيءَ جو 'ڀارت درشن' (١٩٦١). هن ڪتاب جي پهرئين ڀاڱي ۾ اُتر هندستان جي شهرن ۽ استانن جهڙوڪ جئپور، دهلي، ڀاکرا نانگل، سملا ۽

---

1. مهاڳ – 'پروليون'
2. ٻه اکر – 'آڏ اکر ڳجهارت'

بمبئيءَ جو احوال ڏنل آهي. ٻئي ڀاڱي ۾ پونا، بئنگلور، ڀِلائي، ڪلڪتہ، شانتينڪيتن، بنارس، لکنو ۽ گواليار جو ورنن آهي.

ٻارن کي مخاطب ٿي، ليکڪ لکي ٿو، ”هي ڪتاب اوهان جو سچو رهنما آهي. اُن جي پوئواري ڪرڻ سان اوهان کي گهٽوئي ڪي پڙپندو؛ اهڙي آس اٿم. اوهين آئينده ڀارت جون آسون اُميدن آهيو. اوهان جي ئي تعليم ۽ هنر، محنت ۽ قرباني، سچائيءَ، چرتر ۽ اوچ آدرش تي ديش جي ترقي، شانتي ۽ سکہ مدار رکن ٿيون. تنهن ڪري هي ڪتاب نہ رڳو پڙهو، پر ويچاريو ۽ هنڊايو. سڌي وات اوهان اڳيان آهي؛ هلڻ ڪم اوهان جو. مون پنهنجو فرض نباهيو؛ اوهان نباهڻ جي ڪوشش ڪريو. هي منهنجي پيار جي سوکڙي آهي اوهان نؤ نهالن لاءِ.“[1]

سچو ڪتاب وڻندڙ، محاوريدار، سپاويک ٻوليءَ ۾ لکيل آهي. ٻارن کي انهيءَ مان جاڻ سان گڏ وندر بہ ملي ٿي جا عام طرح اهڙن ڪتابن ۾ عدم موجود هوندي آهي.

انهيءَ ڪتاب کان سواءِ ٽيہ قابل جا ٻہ ٻہ ڪتاب لکيل آهن- ’ڀارت درشن‘ (١٩٨٥) ۽ ’ڀارت ياترا‘ (١٩٨٩)، جن ۾ بہ ڀارت جي ڪيترن شهرن ۽ هنڌن جي جاڻ آهي. ٻئي ڪتاب جينوٽيڪ وڏن لاءِ لکيل آهن، پر اسڪولي شاگرد بہ انهن کي پڙهي، فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا.

## (٧) اتهاس

اتهاس جا ڪتاب عام طرح اسڪولن ۾ پڙهبا آهن، تڏهن بہ اتهاس جي ڪيترين گهٽنائن ۽ ڳالهين تي ٻارن جي لاءِ ڪتاب لکي سگهجن ٿا. اهڙن ڪتابن جو مؤل منو ٻارن کي پنهنجي ديش جي مهان ورثي کان واقف ڪري ڪين لائق بڻائڻ هوندو آهي. تنهن ڪري ٻارن لاءِ اتهاس جا ڪتاب اهڙي دلچسپ نموني لکڻ گهرجن، جئن ٻارن کي ائين نہ لڳي تہ ڪين اتهاس سيکاريو پيو وڃي.

سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ اتهاس جو فقط هڪ ئي ڪتاب ملي ٿو. ڦول روهڙا جي لکيل ڪتاب ’هندستان جي آزاديءَ جي ڪهاڻي‘ ۾ (١٩٨٥) ديش جي آزاديءَ ۾ جن جن مدبرن حصو ورتو، تنهن جو ورنن ڪيو ويو آهي.

---

1. مهاڳ - ’ڀارت درشن‘ (پاڻو - ٢)

## (٨) متفرقہ

متي ذڪر ڪيل ڪتابن کان سواءِ پيا بہ ڪي اهڙا ڪتاب آهن جيڪي ڪنهن بہ صنف هيٺ شمارجي نٿا سگهن. اهڙن ڪتابن ۾ هڪ آهي هاسانند جادوگر جو ’ٻالڪن جو ٻوڙ‘. ان ڪتاب ۾ ٻارن لاءِ سوال جواب، سياٽپ جا گفتا، ڪي سمجهاڻيون، انگن مان اِنسان ناهڻ جي ڪلا ۽ الف بي ذريعي اِنسانيت جا گڻ سکڻ وغيره جهڙيون ننڍڙيون چيزون ڏنل آهن. ليکڪ چوي ٿو، ’’ننڍڙن ٻارن کي گهرجي وندر واري سکيا، هٿن جي حرڪت لاءِ هنر، دل کي ريجهائڻ لاءِ وندر، دماغ کي درست ڪرڻ لاءِ گيان. هنر نالو آهي هٿن جي هيرڻ جو، وندر ۾ کين راڳ روپ، کل چرچا، نرت ڪلا وارا ناچ، گيان وارا گانا، سداچار ۽ ششٽاچار جا سبق. دل جي وندر ننڍي وڏي، ناري نر، ٻڍي ٻالڪ لاءِ ضروري آهي، پر اها وندر گناهن کان بچائيندڙ ۽ چرتر اوچو ڪندڙ هجي.‘‘

چرچن ۽ ٽوٽڪن واري حصي ۾ ذڪر ڪيل، گ.ل. ڏوڏيجا جي ’ٻول ٽول‘ ۾ پيو بہ مصالحو شامل ڪيل آهي، جنهن ۾ ننڍڙيون ننڍڙيون آکاڻيون ۽ پرسنگ، ٻارڙن جون معصوميت ڀريون ڳالهيون ۽ عام ڄاڻ جو علم اچي وڃي ٿو.

تاس فقط جوئا ناهي پر ان ذريعي ڪيترا کيل بہ ڪري سگهجن ٿا. دولترام ايچ. ڪلياڻيءَ جي ’تاس جو جادو‘ ۾ تاس جي پتن سان ٿيندڙ ١٤ کيل ٻڌايا ويا آهن.

□□

باب اُنون

# ٻارن جا رسالا

چيو وڃي ٿو تہ اڄ جو ٻال ساهتيہ اخبارن ۽ مخزنن جي دين آهي. چاڪاڻ تہ اهي اخبارون ۽ مخزنون ئي آهن جيڪي هِتي هُتي ڦهليل ٻال ساهتيہ کي ڪٺو ڪري پاڻڪن جي اڳيان پيش ڪن ٿيون. اهي نہ صرف ٻال ساهتيہ کي ڇپين ٿيون پر ٻال ساهتيڪارن کي پيدا ڪرڻ ۾ بہ اهم پارٽ ادا ڪن ٿيون. انهيءَ ڪري اخبارن ۽ مخزنن جي اهميت کي وسارڻ نہ گهرجي.

ٻال ساهتيہ شايع ڪندڙ اخبارون ۽ رسالا ٻن قسمن جا ٿين ٿا :

(۱) جن ۾ صرف ٻارن جي لاءِ ذخيرو ڏنو ويندو هجي يعني ٻال رسالا.

(۲) جيڪي وڏن جي لاءِ نڪرندڙ هجن پر انهن ۾ ٻارن جي لاءِ بہ هڪ بہ صفحو ڏنو ويندو هجي يعني ٻارن جي لاءِ جن ۾ الڳ ڪالم هجي.

## ٻال رسالا

هتي شروعات ۾ اسين ٻارن جي رسالن جي ڳالهہ ڪنداسين. ٻارن جي لاءِ الڳ مخزنن هئڻ جي ڳالهہ تمام گهٽي جهوني نہ آهي تنهن ڪري ٻال رسالن جي عمر بہ خاص گهٽي نہ آهي. بنگلا ۾ ۱۸۱۸ع ۾ 'دگدرشن' نالي ٻارن جي لاءِ پهريون رسالو نڪتو. تمل ۾ پهريون ٽماهي رسالو 'والا ديپڪائي' ۱۸۴۰ع ۾ نڪتو. مراٺيءَ ۾ 'ٻال ٻوڌ' نالي ماهوار رسالو ۱۸۸۱ع ۾ نڪتو.

ٻار ڪوبہ رسالو ڇا لاءِ پڙهڻ ٿو چاهي، تنهن جي باري ۾ جئہپرڪاش ڀارتي هينيان ڪارڻ ٿو ٻڌائي- انهن جي اهميت سميت :

(۱) ٻار رسالي کي آنند ۽ وندر حاصل ڪرڻ لاءِ پڙهي ٿو.

(۲) هوُ اڪيلو ويهي رسالو پڙهي سگهي ٿو، اُستاد يا ماءُ پيءُ جي مدد جي ضرورت نٿي رهي.

(۳) اڄ ڪتنب ننڍا ٿيندا وڃن ٿا- ماءُ پيءُ ۽ هڪ يا بہ ٻار. ماءُ پيءُ گهٽو ڪري ڪم تي وڃن ٿا. هنن وٽ ٻارن جي لاءِ وقت ڪونہ هوندو آهي. اهڙي حالت ۾ ٻار پنهنجي من پسند چيز پڙهڻ چاهي ٿو.

(۴) هوُ اهڙي پٽريڪا پڙهڻ چاهي ٿو جيڪا دماغ تي بوجو نہ بڻجي بلڪ هن جي بوريت گهٽ ڪري.

(۵) پٽريڪا کي ٻار ڪنهن بہ وقت پنهنجي سهوليت انوسار پڙهي سگهي ٿو- چاهي گهر جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي يا باغيچي ۾ وڃي ڪري. جڏهن ڪ ٽي.وي. ڏسڻ ۾ اها سهوليت نہ آهي. اها ڏسڻ سان اکين تي وڏيڪ زور پوي ٿو، ٿڪ بہ ٿئي ٿو.

(٦) پهرين گڏيل ڪٽنب هوندا هئا. وڏا-ٻيڙا آکاڻيون ٻڌائي ڪري ٻارن لاءِ منورنجن ميسر ڪندا هئا. بدلجندڙ سماجڪ ماحول ۾ اهو ممڪن ڪونہ رهيو آهي. اهڙي حالت ۾ اُن کوٽ جو پورائو پٽريڪائون ئي ڪن ٿيون.

ٻارن جا رسالا ٻارن جي لاءِ اُستاد، اُپديشڪ، ماءُ پيءُ، دوست، صلاحڪار، رهبر جهڙا انيڪ رول نباهين ٿا. سڏي چاهي اڻسڌيءَ طرح هوُ سکيا ڏيڻ جو ڪم ڪن ٿا، سيکارڻ- چاڻ ڏيڻ جو ڪم ڪن ٿا. اسڪولن ۾ جيڪو نٿو پڙهايو وڃي سو هنن رسالن ذريعي ٻارن جي اڳيان اچي ٿو. اسڪولي ڪتابن کان ٻار جيترو ٿهن ٿا، اوترو رسالن جي ويجهو اچن ٿا. انهيءَ خيال کي ڏسجي تہ ٻارن جي رسالن جو ڪاريہ اسڪولي ڪتابن کان بہ وڌيڪ ذميواريءَ وارو آهي. ٻال رسالن جي سمپادڪ کي تمام وڏي، اهميت واري ۽ نازڪ جوابداري نباهڻي پوي ٿي. سمپادڪ جي سوُجهہ ٻوُجهہ، چاڻ ۽ شڪتي ٻال رسالي کي ٻارن ۾ وڌيڪ لوڪپريہ بڻائي ٿي.

ٻار کي پنهنجي آمدني نٽي ٿئي. ماءُ پيءُ ۽ وڏن وٽان مليل خرچيءَ مان ئي هن کي پنهنجي لاءِ اخبار يا رسالو خريد ڪرڻو پوي ٿو. جيڪڏهن ماءُ پيءُ سجاڳہ آهن تہ هوُ پنهنجي ٻار لاءِ بازار مان ڪو رسالو يا ڪتاب وٺي اچن ٿا جيڪو ئي ٻار کي پڙهڻو پوي ٿو. ٻار کي پنهنجي پسنديءَ انوسار ساهتيہ خريد ڪرڻ جو موقعو گهٽ ملي ٿو.

## سنڌيءَ ۾ ٻال رسالا

سنڌيءَ ۾ ٻال رسالن جي شروعات ورهاڱي کان اڳہ ئي ٿي چڪي هئي. ورهاڱي کان پوءِ ٻالڪن جي ڀاريءَ طرفان نڪرندڙ 'گلستان' رسالو وري نئين سر شروع ڪيو ويو. ٻيا بہ نوان رسالا ڀارت جي جدا جدا شهرن مان نڪتا آهن.

## خاڪو - ١٣ ٻارن جا رسالا

| نمبر | رسالي جو نالو | شهر | مدو | ڪڏهن شروع ٿيو؟ | ڪڏهن بند ٿيو؟ | سمپادڪ |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ١ | گلستان | بمبئي | ماهوار | ١٩٤٨ | ١٩٥٣ | سينا سامتاڻي، تيرت سياڻي، پربنڌڪ سمپادڪ پيتامبرداس سهجرام |
| ٢ | ڦولستان | اجمير | ماهوار | ١٩٤٨ | — | چيتانند لعلواڻي |
| ٣ | وير ٻالڪ | ” | ” | اپريل ١٩٤٩ | — | پارومل ڪيولراماڻي |
| ٤ | چندا ماما (د) | مدراس | ” | ١٩٥٢ | — | — |
| ٥ | ٿارزن | بمبئي | ” | ١٩٥٢ | — | اشوڪ ڪشوراڻي |
| ٦ | گلڪاري | اجمير | ” | ١٩٥٢ | ١٩٥٤ | پشپاراڻي بيدي |
| ٧ | ڦلواڙي | ” | ” | ١٩٥٢ | اڃا چالو | پريداس برهمچاري |
| ٨ | جوت | بمبئي | ” | ١٩٥٣ | — | ديپچندر بيلاڻي، هوندراج بلواڻي |
| ٩ | گلدستا (د) | آديپور | ” | آڪٽوبر ١٩٥٥ | سيپٽمبر ١٩٥٧ | ڪرشنا پمياڻي، ستيش ڪمار روهڙا |
| ١٠ | گلڙا | اُلهاسنگر | ” | مي ١٩٦٣ | اپريل ١٩٦٧ | نندڪمار پارتي |
| ١١ | شانتي | بمبئي | ” | ١٩٦٤ | ١٩٦٥ | وشنو ڀاٽيا |
| ١٢ | گل ڦل | ” | ” | ١٩٦٦ | ١٩٧٠ | هريشڪمار لعلواڻي |
| ١٣ | گلستان | احمدآباد | ” | اپريل ١٩٦٦ | ١٩٨٦ | رام پاڳچنداڻي ’گيان‘، شيام رامرکياڻي، هوندراج بلواڻي |
| ١٤ | مکزيون (د) | دهلي | ٽماهي | آگسٽ ١٩٦٦ | جنوري ١٩٧١ | موهنلعل شرما |

| نمبر | رسالي جو نالو | شهر | مدو | ڪڏهن شروع ٿيو؟ | ڪڏهن بند ٿيو؟ | سمپادڪ |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ١٥ | گلشن | احمدآباد | ماهوار | جولاءِ ١٩٦٨ | نومبر ١٩٦٩ | گنگو شيوارام آهوجا |
| ١٦ | ديشي وديشي ڪٿائون لوڪ ڪٿائون | احمدآباد | ماهوار | جنوري ١٩٦٩ | ڊسمبر ١٩٦٩ | چئنلعل آهوجا |
| ١٧ | جهرمر | ” | ماهوار | جنوري ١٩٦٩ | آڪٽوبر ١٩٦٩ | گورڌن تنواڻي، ڪشن خوبچنداڻي |
| ١٨ | گلابي گلڙا | اُلهاسنگر | ” | نومبر ١٩٧٠ | — | ڪشور پهوجا |
| ١٩ | ببلوُ | احمدآباد | ” | ١٩٧١ | ١٩٧٢ | هوندراج بلواڻي |
| ٢٠ | گلشن | ” | ماهوار | جنوري ١٩٧٧ | ڊسمبر ١٩٧٧ | رميش راجواڻي |
| ٢١ | ٻارڙا | ” | ” | جون ١٩٧٧ | اپريل ١٩٧٨ | موهن پنجواڻي |
| ٢٢ | چانڊوڪي (د) | آگرو | ٽماهي | جنوري ١٩٨٥ | — | موهنلعل ناگديو |
| ٢٣ | ٻال منچ | احمدآباد | ” | ١٩٨٥ | ڊسمبر ١٩٨٨ | هوندراج بلواڻي |
| ٢٤ | گلدستو | اُلهاسنگر | ” | جولاءِ ١٩٨٦ | جنوري ١٩٨٧ | هري تنواڻي ’نماڻو‘. |

## گلستان

ورهاڱي کان اڳ ٻارن جي لاءِ جيڪي رسالا نڪرندا هئا تن ۾ ’گلستان‘ رسالو وڏيڪ لوڪپريہ هو.هي رسالو ١٩٣٣ ۾ ڪراچيءَ مان شروع ڪيو ويو هو. ٻارن جي مشهور سنستا ’ٻالڪن جي ٻاري‘ طرفان شروع ڪيل ان رسالي جو سنستاپڪ ۽ سنچالڪ دادا شيوڪ ڀوڄراج هو. سڄيءَ سنڌ ۾ ٻالڪن جي ٻاريءَ جون شاخائون هيون تنهن ڪري هن رسالي جا پاٺڪ ۽ خريدار بہ

جهجها هئا. ڊبل ڪرائون سائيز ۾ ننڍڙو ’گلستان‘ رسالي ۾ ٻارن جي وندر ۽ سکيا لاءِ آکاڻين ۽ گيتن کان سواءِ ڪيترا وڻندڙ ڪالم پڻ ڏنا ويندا هئا، جهڙوڪ هتان هتان جون خبرون، راند رمت، دادا جي دري وغيره. انعامي مقابلو، خطن جا جواب، ڪل ته سهين، ننڍڙن جون لکڻيءَ ۾ ڪوششون- جهڙن ڪالمن ۾ ٻار اُتساهه سان ڀهرو وٺندا هئا. شروعات ۾ رسالي جا سمپادڪ شريمتي پاروتي ٿي. گدواڻي ۽ دادا شيوڪ ڀوڄراج هئا. اڳتي هلي دادا شيوڪ جي جڳهه تي لالچند امرڏنومل جڳتياڻيءَ کي شامل ڪيو ويو. مئنيجنگ ايڊيٽر رام ٻي. موٽواڻي هو. رسالي جي قيمت هڪ آنو ۽ ساليانو چندو هڪ رپيو هو. پنجن سالن کان پوءِ مهانگائيءَ ڪارڻ پرچي جي قيمت هڪ پيسو وڌائي، ڪل پنج پيسا ڪئي ويئي. بعد ۾ ان جي قيمت ٻه آنا ڪئي ويئي. نومبر ۱۹۳۹ جي پرچي ۾ لکيو ويو :

”گلستان اخبار جو ڇهون سال سڪ سان پورو ٿيو. سنڌ ۾ اخبارون هيئنئر وڌنديون پيون وڃن پر ٻارن جي ڏانوَ جون نه، الائجي ڇو؟ ٻارن کي اخبارن پڙهڻ جو اهڙو ئي شوق آهي، جهڙو وڏن کي. هو به چاهين ٿا ته پنهنجو قلم هلايون. پنهنجا خيال ونڊيون ۽ وراهيون. انهيءَ ڪري ٻارن گلستان اخبار کي چڱيءَ طرح پي همٿايو آهي؛ ۽ اسان پڻ ڪوشش ڪري ٻارن جي ڏانوَ جا ليکَ، ٻاراڻا سرل گيت، آکاڻيون، رانديون، پروليون، حساب وغيره پي وڌا آهن. منجهس هنري تجويزون، مهاپرشن جا جيون چرتر به ڏنا ويندا آهن. تعليم کاتي وارن اسڪولن کي گلستان اخبار وٺڻ جي منظوري ڏني آهي. گلستان اخبار ۾ مورتون گهٽيون ڏنيون وينديون آهن، جنهن تي البت خرچ اچي ٿو وڃي. گهڻا بلاڪ ته پشپ اخبار ۾ ڪم آندل ڏنا ويندا آهن. ڪي بلاڪ هندو پريس مان ورتا ويندا آهن، تنهن هوندي به سال بسال ڏاڍو نقصان پي پيو. انهيءَ ڪري گذريل سال پرچي جي قيمت هڪ آني مان وڌائي پنج پيسا ڪئي ويئي آهي.“

’گلستان‘ رسالي جي ڪوتا وڀاڳ جي جوابداري ڪجهه وقت لڇمڻ جي. پنجواڻي ’سائل‘ نباهي. ۱۹۴۵ کان وٺي انهيءَ وڀاڳ جو انچارج هري درياڻي ’دلگير‘ کي ڪيو ويو، جنهن کي ۱۹۴۷ع تائين هن صاحب تمام گهڻي اُتساهه سان نباهيو.

ورهاڱي کان پوءِ ’گلستان‘ رسالي کي وري نئين سر بمبئيءَ مان شروع ڪيو ويو. ڀارت ۾ اچي هن رسالي سنڌ وارو ساڳيو آب تاب ۽ معيار رکڻ جي

ڪوشش ڪئي. ضرورت انوسار ان ۾ ڪي صفحا ديوناگري لپيءَ ۾ به ڏيڻ شروع ڪيا ويا. سمپادڪ هئا سيتا سامتاڻي ۽ تيرٿ سياڻي. پربنڌڪ سمپادڪ پيتامبرداس سهجرام هو. ڪن مشڪلاتن جي ڪارڻ 'گلستان' رسالي کي ١٩٥٣ ۾ بند ڪيو ويو.

## وير بالڪ

اپريل ١٩٤٩ع ۾ پارومل ڪيولراماڻيءَ، اجمير مان 'وير بالڪ' نالي ماهوار رسالو شروع ڪيو. ڪرائون سائيز جي اٽڪل چاليهن صفحن ۾ ٻارن جي لاءِ آکاڻيون، گيتن، چرچن، معلوماتي ليکن وغيره سان گڏ 'دماغي آڏ اکر ڳجهارت' جهڙيون انعامي پروليون ڏنيون وينديون هيون. هر انڪ کي ڪتاب جو روپ ڏيئي، الڳ نالو پڻ ڏنو ويندو هو، جيئن ته 'چالاڪ پنڊت'، 'ٻالڪ ڌرو' وغيره.

## ڦولستان

هي رسالو ڀارت جيون ساهتيہ منڊل طرفان چيتانند لعلواڻيءَ، اجمير مان شروع ڪيو. هن رسالي ۾ ٻارن جي وندر لاءِ آکاڻيون، ڪوتائون ۽ انعامي پروليون وغيره ڏنيون وينديون هيون.

## چندا ماما (د)

مدراس مان 'چندا ماما' نالي نڪرندڙ ٻارن جو رسالو تمام گهڻو مشهور ۽ لوڪپريہ آهي. اهو ڀارت جي ڪيترين ٻولين جهڙوڪ هندي، گجراتي، مراٺي، انگريزي، تامل، تيلگو وغيره ۾ نڪرندڙ آهي.

١٩٥٢ ۾ اهو سنڌيءَ (ديوناگري لپي) ۾ به شروع ڪيو ويو هو. ٻين ٻولين جيان ان ۾ ويرتا ۽ ساهس ڀريل آکاڻيون، رنگين تصويرن سان ڏنيون وينديون هيون. ڇپائي بيحد وڻندڙ ۽ دلڪش هوندي به ٻين ڀاشائن جي ڀيٽ ۾ ان کي پاٺڪ گهٽ ملڻ سبب ۽ وڪرو تمام گهٽ ٿيڻ سبب، اهو رسالو گهڻو وقت نہ هلي سگهيو ۽ جلد بند ڪيو ويو.

## ٽارزن

سال ١٩٥٢ ۾ اشوڪ ڪشوراڻيءَ 'ٽارزن' رسالو شروع ڪيو. ٽارزن ٻارن جو هڪ پيارو پر ڪالپنڪ ڪردار آهي جيڪو جهنگل ۾ رهي ٿو، جهنگل جي

جانورن جا ڏک درد سمجهي ٿو، مصيبت ۾ قاتل ڪنهن به جانور يا اِنسان کي بهادريءَ سان بچائي ٿو. 'ٽارزن' نالي انهيءَ رسالي ۾ ٽارزن جي بهادريءَ جون ڪهاڻيون شايع ڪيون وينديون هيون. پار اهو رسالو چاهه سان پڙهندا هئا پر ڪن ڪنناين ڪارڻ رسالو اڳتي هلي بند ٿي ويو.

## گلڪاري

اجمير مان ١٩٥٢ع ۾ 'گلڪاري' نالي ماهوار رسالو شروع ڪيو ويو. رسالي ۾ ٻارن جي ڏانوَ جون ڪهاڻيون، گيت، پروليون ۽ ٻيون رچنائون ڏنيون وينديون هيون. ٻارن کي اخلاقي، چرتروان ۽ ديش ڀڳت بڻائڻ لاءِ رسالي ۾ اتهاسڪ ۽ وير رس سان ڀريل رچنائن طرف وڌيڪ ڌيان ڏنو ويندو هو. رسالي طرفان 'قومي ٻاري' پڻ هلائي ويندي هئي جنهن جو سنچالڪ ايسرسنگهه بيدي هو. ڪرائون سائيز ۾ مورتن سان نڪرندڙ هن رسالي جي سمپادڪا شريمتي پشپاراڻي بيدي هئي. اٽڪل ٻه سال هلي هي رسالو بند ٿي ويو.

## ڦلواڙي

ٻال ساهتيه جي ضرورت کي محسوس ڪندي ١٩٥٣ع ۾ اجمير مان 'ڦلواڙي' ماهوار رسالو ديوناگري لپيءَ ۾ شروع ڪيو ويو. ان وقت هن رسالي جو ساليانو چندو صرف هڪ رپيو هو. سمپادڪ ڀائو پريداس برهمچاري ۽ ديپچندر تلوڪچند بيلاڻي هئا. هي رسالو ڪجهه سال راجستان راجيه ٻالڪن جي ٻاريءَ طرفان نڪرندو رهيو. اُن وقت اجمير ۾ ٻارن جون ٦ ٻاريون هلندڙ هيون، جنهن ڪري رسالي جي وڪري ۾ چاهي مواد حاصل ڪرڻ ۾ ڪا دقت نه ٿيندي هئي. اڳتي هلي عربي سنڌي لپيءَ ۾ به، الڳه مئٽر سان، رسالو شروع ڪيو ويو. سنڌي ٻوليءَ جو هي هڪ ئي رسالو آهي، جيڪو چاليهن سالن کان برابر نيم سان، ٻنهي لپين ۾، الڳه الڳه مواد سان نڪري ٿو. ڪافي تڪليفون سهندي به هن رسالي جا باني‌ڪار ان کي بانيم ڪيندا پيا اچن. ساليانو چندو به فقط نوَ رپيا آهي. (١٩٩٤ کان اهو ڏهه رپيا ڪيل آهي.) ڪوبه انڪ هيلتائين ڪڏهن گسايو نه ويو آهي. ڪوبه انڪ ٻن مهنن جو گڏيل انڪ ڪري نه ڪڍيو ويو آهي. ڀائو پريداس برهمچاريءَ جي گذاري وڃڻ کان پوءِ ديپچندر بيلاڻي هن رسالي جي سموري جوابداري سنڀاليندو رهيو آهي. هن وقت اهو رسالو شري رامڪرشن ڏرمارٿ ٽرسٽ طرفان نڪري ٿو. ١٩٨١ع کان وني ديپچندر بيلاڻيءَ سان گڏ هوندراج بلواڻي

پڻ سمپادڪي جوابداري نباهي رهيو آهي.

## جوت

بمبئيءَ جي ٻن اسڪولن (سنڌ ماڊل هاءِ اسڪول ۽ گرلس ماڊل هاءِ اسڪول) ۽ ڪلياڻ- اُلهاسنگر جي ٻن اسڪولن (سنڌ نئشنل هاءِ اسڪول ۽ جئہ هند ائڪيڊمي) جي گڏيل ترسٽ طرفان ١٩٥٣ع ۾ 'جوت' رسالو ڪڍيو ويو. جيڪو ڪيترن سالن تائين ٻارن جي ڏانوَ جون رچنائون پيش ڪندو رهيو. ڪرائون سائيز ۾ اٽڪل ٽيهن-ٻٽيهن صفحن ۾ ٻارن جي لکيل رچنائن کي خاص اهڃائي ڏني ويندي هئي. ٻين ليکڪن جي رچنائن کي ٻہ ان ۾ ڇٽي جڳهہ ڏني ويندي هئي. مثال طور آگسٽ ١٩٧٢ جي انڪ ۾ ڏنل هي رچنائون ڏسو : نڊر نينگر- شهيد چندرشيکر آزاد (لکميچند روپچندائي)، گلاب چمون (ڪنعيالال 'ڪان')، 'جهرڪي ويئي ترڪي' (هوندراج بلوائي)، ٻڌورام (ڪمل پياسي)، 'تہ ڇا اخبار ڇاپيندي؟' (روچو خوابي).

هن رسالي جو سمپادڪ جڳتراءِ مولچندائي هو. رسالو ڇئني اسڪولن جي شاگردن تائين محدود رهيو ۽ ٻيا ٻار ان جو لاڀ نہ وٺي سگهيا. هي رسالو ماهوار هو.

## گلدستا (د)

لوڪ ساهتيہ پرڪاشن جي زير سايع آڪٽوبر ١٩٥٥ ۾ گانڌيڌام مان 'گلدستا' ماهوار رسالو شروع ڪيو ويو. هي رسالو مکيہ طرح هندي ۽ سنڌي (ديوناگري) ۾ هو پر ان ۾ گجراتي ۽ ڪڇي ٻوليءَ ۾ بہ مئٽر ڏنو ويندو هو. رسالي جا سمپادڪ ڪرشنا يمياڻي ۽ ستيش ڪمار روهڙا هئا. شروعاتي پرچي ۾ سنڌيءَ ۾ لکيل هينيون رچنائون ملن ٿيون : وڻ پوکينداسين (هوندراج دکايل)، سائنس جو چمتڪار (دينٻنڌو گرداساڻي 'پريم')، سياٽپ دنيا ۾ ڪيئن پکڙي؟ (لوڪ ڪهاڻي)، سانتيڪي سوپ (ڪرشنا يمياڻي). ڊيمي سائيز جي اٽڪل چوويهن صفحن ۾ وڏن ۽ ٻارن جي لاءِ گڏيل مسيل رچنائون ڏنيون وينديون هيون. پرچي جي قيمت ٻہ آنا ۽ ساليانو چندو ڏيڍ رپيو هو. هي رسالو ٻہ سال هلي ١٩٥٧ع ۾ بند ٿي ويو.

## گلڙا

نندڪمار يارتي عرف ڪرشن چندر يارتيءَ جي سمپادڪيءَ ۾ ميءِ ١٩٦٣

ڪان ڪرائون سائيز ۾ هي ماهوار رسالو اُلهاسنگر مان شروع ڪيو ويو. پهرئين ئي پرچي ۾ ٽيهارو صفحن جي اندر ٻارن جي لاءِ آکاڻين، گيتن، ٽوٽڪن، جيوني، انعامي پرولين ۽ عام ڄاڻ وغيره جهڙو گهڻو ئي مصالحو ڏنو ويو. پر اهو رسالو گهڻو وقت ٽڪي نه سگهيو ۽ ڪجهه سالن کان پوءِ بند ٿي ويو. ٽئگور ساهتيه منڊل پاران نڪرندڙ هن رسالي جو ساليانو چندو فقط ڏيڍ رپيو هو ۽ انڪ جي قيمت ۱۵ پيسا هئي.

## شانتي

بمبئيءَ مان نڪرندڙ ادبي مخزن 'شانتي' ڪي ۱۹۶۴ع ۾ ٻارن جي مخزن جو روپ ڏنو ويو تڏهن انهيءَ مخزن جو هرهنڌ تمام سنو سواگت ٿيو. هڪ ته ان جي سائيز (۶½ × ۸ انچ) وڻندڙ هئي. ٻيو ان مخزن ۾ سنڌيءَ جي ناميارن ليکڪن به لکڻ شروع ڪيو. تنهن کان سواءِ ٻارن جي پسندگيءَ جا ڪيترا ڪالم انهيءَ ۾ شروع ڪيا ويا. تنهن ڪري هيءَ مخزن ٻارن ۾ چڱي پياري بڻي. پهرئين پرچي جي باري ۾ 'پارتواسي' اخبار جي سمپادڪ ٻلديو گاجرا جو هي رايو ڏسو:

''گهڻي عرصي بعد هڪ سني مخزن هٿ ۾ آئي آهي، سني نه پر اعليٰ جنهن جي آجيان ڪندي دل خوش ٿي ٿئي ۽ جنهن تي فخر وني سگهجي ٿو. هن ننڍڙي مخزن جي هر چيز اوچي معيار جي آهي. جهڙا دلچسپ، سکيا ڏيندڙ ۽ وندرائيندڙ مضمون آهن، اهڙي ئي ڇپائي ۽ ٻيهڪ موهيندڙ آهن ۽ اينترا ئي وري فوٽا، بلاڪ ۽ ڪور دلپزير آهن. آرٽ پيپر جي ڪور تي مريادا پرشوتم رامچندر جي ٽرنگي تصوير مخزن کي ڪٽي بيني آهي. مضمون ۽ مصالح جي لحاظ کان هرڪو پاڻُو اعليٰ آهي. وشنو ڀاٽيا جو سمپادڪي ليکه اخلاقي سطح تان لکيل آهي. ٿوري ۾ چئجي ته سچي مخزن چڻ دلڪش رنگن سان ڇتيل اِندلٺ آهي يا تجليدار موتين سان جڙيل هڪ مالها. جي سمپادڪ سدائين اهو معيار مخزن جو رکي سگهيا ته مون کي خاطري آهي ته سنڌي ساهتيه ۾ ٻال ڪينتر لاءِ هڪ املهه خزانو گڏ ڪندا هلندا.''[1]

'شانتي' رسالي جو مکيه سمپادڪ رميش ملڪاڻي، سمپادڪ وشنو ڀاٽيا ۽ صلاحڪار هري موٽواڻي هو. فقط ويهن پيسن جي پرچي ۾ دادا جو دفتر،

---

۱. 'شانتي' جنوري ۱۹۶۵

سئر شغل، دماغي ورزش، توهان کي خبر آهي تہ؟، ٿهڪن لاءِ ٿول وغيره جهڙن ڪالمن سان گڏ آکاڻيون، گيت ۽ پروليون وغيره ڏنا ويندا هئا. هڪ سال کن تائين هلڻ کان پوءِ ڪن ڪارڻن سبب هي رسالو بند ٿي ويو.

## گل ڦل

ڀارت جيون ساهتيہ منڊل جي چيئنانند لعلواڻيءَ جي ڪوشش سان بمبئيءَ مان ١٩٦٦ ۾ هي رسالو شروع ڪيو ويو. رسالي جي سائيز ڪرائون هئي ۽ قيمت ٥٠ پيسا. هر انڪ جي ڪور تي رنگين تصوير رهندي هئي ۽ اندر سليو پروليون، سنڌيءَ ۾ پهاڪا، پڇو سوال وٺو جواب وغيره جهڙن ڪالمن سان گڏ آکاڻيون ۽ گيت وغيره بہ ڏنا ويندا هئا. ڪشنچند هوتچند ناگراڻيءَ جي قلم مان 'ديس ديس جون ٻال ڪهاڻيون' وياڳہ ۾ هڪ مشهور ڪهاڻي بہ ڏني ويندي هئي. هر پرچي ۾ لڳ ڀڳ پنجاهہ صفحا رهندا هئا، جن ۾ ٻارن جي لاءِ وڻندڙ مواد ڪي سمائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هئي. هر انڪ ۾ گڏيل مسيل رچنائون هوندي بہ هر مهني ان جي ٽائيٽل مٿان ڪنهن ڪهاڻيءَ جو نالو ڇپي، رسالي کي ڪتابي روپ ۾ پيش ڪيو ويندو هو. ان طرح ڇم ڇم پري، سوني واچ، ننڍڙو ماستر، نيڪ دل شهزادي، وفادار ڪتو، خون جو تلاءُ، ننڍڙو ڊاڪٽر، ننڍڙو رانديگر، ڪرامتي هيرو، پوريل خزانو نالا ڏيئي 'گل ڦل' رسالي کي ڪتابي روپ ۾ پيش ڪيو ويو. رسالي جو سمپادڪ هريش ڪمار لعلواڻي هو.

جنوري ١٩٦٧ انڪ ۾ 'ٻہ اکر' ذريعي ٻال ساهتيہ جي اهميت ۽ ضرورت کي ڪٽي ٻڌايو ويو تہ :

''ٻال ساهتيہ جي سنڌيءَ ۾ سخت ضرورت آهي ۽ خاص ڪري جڏهن سرڪار سنڌي ٻوليءَ کي تسليم ڪري وڌان جي ٨ شيڊول ۾ آڻي رهي آهي. ٻارن لاءِ ٻال ساهتيہ نہ هوندو تہ هو ٻين ٻولين کي اپنائيندا ۽ ائين سنڌي ٻولي ساهتيہ ۽ سنڌي سنسڪرتي تباهہ ٿي ويندي. اچو تہ اسان پنهنجي ماترڀاشا کي بچايون ۽ زندهہ رکون.''

ان جي باوجود هي ماهوار رسالو بہ ٻين رسالن جيان وڌيڪ وقت نہ هلي سگهيو ۽ ١٩٧٠ ڌاري اهو بند ٿي ويو.

## گلستان

احمدآباد مان اپريل ١٩٦٦ ۾ 'گلستان' ماهوار رسالو شروع ڪيو ويو. سمپادڪ هئا رام ڀاڳچنداڻي 'گيان'، شيام رامرکياڻي ۽ هوندراج بلواڻي.

پهريون پرچو ڪرائون سائيز ۾ ڪڍيو ويو. قيمت چار آنا ۽ ساليانو چندو اڍائي رپيا هو. شروعاتي پرچي ۾ ڏنل 'سمپادڪيہ' ۾ رسالي ڪڍڻ جو مقصد هن طرح ٻڌايو ويو :

”سنڌي ساهتيڪار ۽ ساهتيہ پريمي ان ڪان ڪڏهن بہ اِنڪاري ٿي نہ سگهندا تہ اڄ ڀارت ۾ سنڌي ٻال ساهتيہ نہ جهڙو نڪري ٿو، جڏهن ٻين ٻولين جي هر روزاني اخبار جي هفتيوار پرچي ۾ ٻارن لاءِ خاص ڪالم تہ ايندا رهن ٿا تنهن ڪان سواءِ خاص ٻارن جا هفتيوار، ماهوار رسالا ۽ خاص ساليانہ انڪ پڻ نڪرندا رهن ٿا جن جي ڇپائي، رچنائون ٻارن جي دل وٺان هونديون آهن. پر ڀارت ۾ سنڌي ٻارن لاءِ ان ڏس ۾ ڇا ٿو نڪري؟ جيتري قدر ڄاڻ اٿئون تہ اجمير ڪان نڪرندڙ ماهوار رسالو 'قلواڙي' ۽ بمبئيءَ مان نڪرندڙ 'هندواسي' ۾ ٻارن جي قلواڙي جو هڪ وڏو پيہج. بس! چئجي ڪٽي تہ اهي ٻال ساهتيہ جي پورائي ۾ اوائلي ڪوشش آهن ۽ انهن ڪوشش ۾ هي 'گلستان' احمدآباد جي سنڌي ٻارن طرفان ساري ڀارت جي سنڌي ٻارن وٽ پهچڻ لاءِ باتصوير ماهوار رسالي جي روپ ۾ هڪ وڏي ڪوشش آهي، جا ڪوشش اُميد تہ اوهان جو ساٿ ۽ پيار پائي پنهنجي اڳيان رکيل مقصد ۾ ضرور ڪامياب ٿيندي.“

پنهنجي مقصد کي پورو ڪرڻ لاءِ 'گلستان' جي بانيڪارن گهڻيون ئي ڪوششون ڪيون. هر پرچي ۾ ٻارن جي وندر ۽ سکيا لاءِ دلچسپ ۽ سکياڏائڪ آکاڻيون، ڪوتائون، چرچا، پروليون، مهاپرشن جون جيونيون ۽ پرسنگ، ڀهاڪا، ناٽڪ، ناول (قسطن ۾) وغيره ڏنا ويندا هئا.

'گلستان' رسالي طرفان ڪيترا خاص انڪ ڪڍي نوان تجربا ڪيا ويا. شاگردن جي رچنائن جو انڪ، شاگردن طرفان ايڊٽ ٿيل انڪ، پري ڪهاڻي انڪ وغيره اهڙا کي انڪ آهن.

'گلستان' طرفان ٻال ساهتيہ جا سؤ ڪان مٿي ڪتاب پڻ ڇپايا ويا. انهن ڪتابن جو الڳہ الڳہ بابن ۾ ذڪر ٿي چڪو آهي تنهن ڪري انهن جي نالن وغيره جي دهراءَ ڪان هٽي ڪنارو ڪجي ٿو.

هي رسالو ١٩٦٦ ڪان ١٩٨٦ تائين، ويهن-ايڪويهن سالن تائين بانيہ نڪرندو رهيو. سهڻي سمپادڪي سوجهہ ٻوجهہ هن رسالي جو هڪ جمع پاسو هو. مئنيجنگ ايڊيٽر شيام رامرکياڻي جي اٿاهہ محنت ۽ لڳن ڪارڻ رسالي جو سرڪيوليشن ٻہ هزارن ڪاپين تائين پهتو، جو پنهنجو پاڻ ۾ هڪ رڪارڊ آهي.

## مکڙيون (د)

'مکڙيون' ٽماهي رسالو دهليءَ مان آگسٽ ١٩٦٦ ۾ شروع ڪيو ويو. انهيءَ رسالي ۾ گهڻو ڪري شاگردن لاءِ ڪارگر لکڻيون ڏنيون وينديون هيون. ڪي رچنائون وڏن جي لاءِ به هونديون هيون. رسالي جو آنرري مئنيجنگ سمپادڪ ڊاڪٽر موهنلعل شرما هو. تنهن سواءِ هڪ سمپادڪ منڊل پڻ ناهيو ويو جنهن جا ميمبر هئا گوبندرام چوڌرياڻي، ليکراج 'هنس'، موتومل بالاڻي، ڪوينا هنگوراڻي ۽ جي.اي. بابلاڻي. ڪجهه وقت بعد انهيءَ سمپادڪ منڊل ۾ پروفيسر سنتداس جهانگياڻي، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، امرلعل ساڌواڻي، ڪرشنلعل ٻجاج جهڙن ساهتيڪارن کي به شامل ڪيو ويو. سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۽ شاگردن لاءِ ڪتابن وغيره ڇپائڻ جي اُديش کي کڻي سنڌي پبلشنگ ڪو-آپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ نالي هڪ سنستا ناهي ويئي جنهن جو صدر جيرامداس دولترام هو. هي رسالو انهيءَ سوسائٽيءَ جي زير سايع شروع ڪيو ويو. شروعاتي پرچي ۾ دهليءَ جي اسڪولن ۾ الڳ الڳ وشين ۾ پهريون نمبر آيل شاگردن جا نالا ڏنا ويا. تنهن سواءِ شاگردن جي ڄاڻ وڌائڻ لاءِ هينيون ڪارائتو ذخيرو ان ۾ ڏنو ويو :

سنڌين جو شان (جيرامداس دولترام)، ناٽڪ جي اُتپتي (وي.ٽي. ڀاردواج)، ٽائيم ٽيبل (ليکراج هنس)، نئون هنومان (موهنلعل شرما)، آئينده جا اَبا (ڪوينا هنگوراڻي)، سنڌي ڇوڪريون (گيهي همتاڻي)، ديش ڀڳت ٺئگور (امرلعل ساڌواڻي) وغيره.

جنوري ١٩٧١ کان پوءِ هن رسالي جو ڪوبه انڪ نڪري نه سگهيو.

## گلشن

احمدآباد مان گنگو آهوجا جي سمپادڪيءَ ۾ هيءُ ماهوار رسالو جولاءِ ١٩٦٨ ۾ شروع ڪيو ويو. ڪرائون سائيز جي ويهارو پيجن ۾ ٻارن جي لاءِ آکاڻيون، گيت وغيره ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هئي پر ڪنهن به رٿا ۽ سوجهه کان سواءِ نڪتل اهو رسالو ٻارن جو يا وڏن جو ڪو خاص ڌيان ڇڪائي نه سگهيو ۽ هڪ اڌ سال هلي بند ٿي ويو.

## ديشي وديشي ڪٿائون لوڪ ڪٿائون

هي رسالو احمدآباد مان جنوري ١٩٦٩ ۾ شروع ڪيو ويو. سمپادڪ هو

چئنلعل آھوجا. رسالي جي نالي مان جڻن لڳي ٿو، ان ۾ ھر مھني ديش وديش جون ڪھاڻيون ۽ لوڪ ڪھاڻيون ڏيڻ جو آيوجن ڪيو ويو. قيمت في پرچو چاليھہ پيسا ۽ ساليانو چندو اڍائي رپيا رکيو ويو. ڪرائون سائيز جي اٽڪل پنجاھہ صفحن ۾ گھٽو ڪري ترجمو ٿيل آکاڻيون ڏنيون ويندڙيون ھيون.

پھرئين پرچي ۾، رسالو ڪڍڻ جو مقصد ٻڌائيندي پاٺڪن کي مخاطب ٿي سمپادڪ چوي ٿو :

”سنڌ ۾ ايسپ جون آکاڻيون پڙھيون ھئم- جي لوڪ ڪٿائون چئجن يا لوڪ ڪٿائن جي آڌار تي رچيل ڪھاڻيون؟ ھندستان ۾ ’عربستان جون آکاڻيون‘، ’جاتڪ ڪٿائون‘، ’پنچتنتر‘ ۽ گجراتي، ھندي ۽ انگريزيءَ ۾ ڪھاڻيون پڙھندي رھڻ ڪري شوق پيدا ٿيو تہ دنيا جي ٻين ملڪن ۽ ھندستان جي ٻين ٻولين جي ڪھاڻين جو مزو سنڌي نوجوانن ۽ نوجوانڙين، نر ۽ نارين کي وٺائجي، ان شوق کي ھڪ ماھوار رسالي جي روپ ۾ ساڪار ڏسندي مون سان گڏ اوھان کي بہ آنند ايندو.“

ان نظر کان ڏسجي تہ ھيءُ رسالو پنھنجو پاڻ ۾ ھڪ نئين ڪوشش ھو پر ان جو ڦھلاءُ چڱيءَ طرح نہ ٿي سگھيو ۽ ھڪ سال جي اندر ۹ انڪ ڪڍڻ کان پوءِ، ان کي مجبورن بند ڪيو ويو.

## جھرمر

’جھرمر‘ نالي نئين رسالي جنوري ۱۹٦۹ ۾ احمدآباد ۾ جنم ورتو. رسالي جي سائيز (۲۰ × ۱٦ س.م) ٻارن جي رسالن جھڙي وٽندڙ ھئي. پھرئين انڪ سان ئي ھي رسالو ٻارن توڙي وڏڙن جو ڌيان ڇڪائي سگھيو. ’جھرمر‘ جي ھر انڪ ۾ ٻال ڪھاڻين، ٻال گيتن کان سواءِ ھڪ اڌ ناٽڪ، ويچار، گيان-وگيان، تعليمي ڄاڻ، جيون ڪٿا، قلمي دوستي، چرچا وغيره ڏنا ويندا ھئا. آڪٽوبر ۱۹٦۹ ۾ ناٽڪ پرچو ڪڍيو ويو.

رسالي جا سمپادڪ گورڌن تنواڻي ۽ ڪشن خوبچنداڻي ھئا. تنھن سواءِ ھڪ ايگزيڪيوٽو بورڊ ٺاھيو ويو جنھن جا ميمبر ھئا ڪيرت مھرچنداڻي، ڦتن سکواڻي، سريچند ڪيسواڻي ۽ چندر امبواڻي. پرچي جي قيمت پنجٽيھہ پيسا ھئي ۽ ساليانو چندو چار رپيا. پھرئين پرچي ۾ سمپادڪن طرفان ڏنل ’اسان جي ڳالھہ‘ ۾ ٻڌايو ويو :

ساهتيہ بلڪل گهٽ ٿو نڪري.'' پر معياري، نصيحت آميز ۽ اخلاقي ساهتيہ ڏيڻ جي ڏس ۾ هن رسالي ڪو خاص ڪم نہ ڪري ڏيکاريو. ڪرائون سائيز جي هن ٻال رسالي جو مکيہ سمپادڪ موهن پنجواڻي ۽ سهايڪ سمپادڪ ارجن ساجناڻي ۽ هريش هرپالاڻي هئا. هن رسالي جي هرهڪ انڪ جي سمپادڪيہ ۾ سنڌي ٻولي، تعليم جي ڪاريہ ۾ لڳل سنستائن وغيره جي ڪاريہ تي ٽيڪا ٽپڻي ڪندڙ اهڙا ويچار پيش ڪيا ويندا هئا جن جو ٻارن سان ڪوبہ واسطو نہ هوندو هو. نہ اهي ٻارن لاءِ هوندا هئا ۽ نہ ٻارن بنسبت. رچنائون بہ سڀ ٻارن لاءِ نہ هونديون هيون. ٻہ سال ڪن هلي هيءُ رسالو بند ٿي ويو.

## چانڊوڪي (د)

آگريٰ جهڙي شهر مان، سنڌو ساهتيہ منڊل سنستا جي زير سايع هيءُ رسالو ديوناگري لپيءَ ۾ ڪڍيو ويو. ڊيمي سائيز جي هن رسالي جو سمپادڪ موهنلعل ناگديو هو. رسالي جي ڪوَر تي ڇپيل هي لفظ ''سنڌي ديوناگري لپيءَ ۾ شايع ٿيندڙ ٻارن لاءِ ٽماهي ادبي رسالو (ساهتيڪ پتريڪا)''، خود بانيڪارن کي ان مونجهاري ۾ وجهندڙ هئا تہ رسالي کي ٻارن لائق ٻڻائجي يا ادبي رسالي يعني ساهتيڪ پتريڪا جو روپ ڏجي. انهيءَ مونجهاري سبب مئٽر بہ گڏيل مسيل ڏنو ويو، جيڪو بہ گهٽو ڪري وڏن لاءِ هو. ڪجهہ وقت نڪرڻ کان پوءِ رسالواخباري سائيز ۾ ڪڍيو ويو. رسالو هينئر بہ نڪرندو آهي يا نہ، تنهن جي بہ خبر نہ آهي.

## ٻال منچ

هي ٽماهي رسالو احمدآباد مان جنوري ١٩٨٦ ۾ شروع ڪيو ويو. سمپادڪ هو هوندراج بلواڻي. نئون رسالو شروع ڪرڻ جي مقصد کي، پهرئين پرچي ۾ هن طرح واضع ڪيو ويو :

''سنڌيءَ ۾ ٻارن جي لاءِ 'قلوازي' ۽ 'گلستان' جهڙا ماهوار رسالا موجود آهن ان هوندي بہ اهڙي هڪ رسالي جي ضرورت هئي جنهن ۾ ٻال ناٽڪن، ٻال ساهتيہ ۽ ٻارن جي ٻين مشغولين جو تفصيلوار احوال هجي جئن ٻارن کي انهن مان اُتساهہ ملي. ان ضرورت کي خيال ۾ رکي هيءُ 'ٻال منچ' ٽماهي رسالو ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي.... هر انڪ ۾ ٻارن جي لاءِ آڪاڻيون، ناٽڪ، گيت وغيره تہ ڏنا ويندا پر ان سان گڏ ٻارن جي سرگرمين جا سماچار، ٻال پريمين سان اِنٽرويو، ٻال سنستائن جي ڄاڻ، ٻارن

جي چپيل نون ڪتابن جا تفصيل وغيره پڻ شايع ڪيا ويندا. مطلب تہ ’ٻال منچ‘ کي ٻارن سان واسطو رکندڙ سرگرمين جو صحيح معنيٰ ۾ هڪ منچ ڪري پيش ڪيو ويندو.‘‘

مٿي ڄاڻايل مقصد کي پورو ڪرڻ لاءِ، ڪرائون سائيز جي اٺڪل چاليهن صفحن ۾، ٻين رچنائن سان گڏ ٻال جڳت سماچار، نئون ٻال ساهتيہ وغيره جهڙن ڪالمن کي شروع ڪيو ويو. گجراتيءَ جي مشهور ٻال ساهتيڪار گجوڀائيءَ جون رچنائون ڏنيون ويون. هڪ خاص انڪ ’اُمنگ‘ نالي دهليءَ جي ٻارن جي ٿئيٽر تي پڻ ڪڍيو ويو. هيءُ رسالو بہ ٻين ٻال رسالن جيان گهڻو وقت جٽاءُ نہ ڪري سگهيو ۽ هڪ سال کان پوءِ بند ٿي ويو.

## گلدستو

سنڌو پرگتي ڪيندر، اُلهاسنگر جي زير سايع هيءُ ٽماهي ٻال رسالو جولاءِ ١٩٨٦ کان شروع ڪيو ويو. ڊيمي سائيز ۾ مٽر سان واسطو رکندڙ ڪيترين تصويرون ڏيئي هن رسالي کي هڪ سٺي ٻال رسالي جي روپ ۾ ظاهر ڪيو ويو. رسالي جو سمپادڪ هري تنواڻي ’نماڻو‘ هو. پهرئين ئي انڪ ۾ ڪيترن مشهور ساهتيڪارن جون چونڊ رچنائون ظاهر ڪيون ويون. ان بعد بہ اها روايت چالو رهي. مٽر سان واسطو رکندڙ چٽر مشهور چترڪارن مينگهراج تلريجا ۽ لڇمڻ ڪڪريجا تيار ڪيا. پهرئين پرچي ۾ ڏنل هيٺئين مٽر مان رسالي جي معيار جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو :

ٻال گيت جهڙوڪ ڏٽيءَ در وينتي (ٻيوس)، منهنجي ٻيڙي (ديپچندر بيلاڻي)، پنهنجو هٿ جڳنناٿ (روچو خوابي)، بادل آيا (لڪميچند پريم)، راجا هڪڙي انب چليو (دکايل)، واڌڻمل جي شادي (ڊولڻ راهي)، سولجر ٽيندس (ليلاڌر موجي)، ٻار جو انگل (سنتداس ڪشناڻي)، ٽي.وي. (ديال آشا)، گلڙن ڦلڙن جهڙا آهيون (ارجن حاسد).

آکاڻيون جهڙوڪ چالاڪ واپاري (آسودومل موهناڻي)، بهادر ٻالڪي (پورن ڪتواڻي)، ڊيمبو ڊيمبي (پريم لتا)، پريرٽا جو پشپ (رام ياڳچنداڻي)، شيدي غلام جو موتي (لڇمڻ ڪڪريجا)، مينڪا پري (جيوت گوگيا)، ڏاڏو ڏيڏر (سي. ايچ. رائسنگهاڻي)، نمسڪار مهراج (گهنشيام ساگر).

رسالو هر لحاظ کان سنتوش ڪارڪ رهيو پر ٽن انڪن بعد ان جو انت اچي ويو. ڇهن ستن سالن جي خاموشيءَ بعد هينئر وري ان کي ساليانی

رسالي جي روپ ۾ شروع ڪيو ويو آهي، جنهن جو هڪ ٻه انڪ ڇپجي چڪو آهي.

## اخبارن/مخزنن ۾ ٻارن جا ڪالم

ڀارت جي جدا جدا ٻولين ۾ نڪرندڙ لڳ ڀڳ سڀني روزانين اخبارن ۾ آرتوار (يا ٻئي ڪنهن ڏينهن) جي پرچي ۾ ٻارن جو وڀاڳ يا ڪالم ضرور ڏنو ويندو آهي. گهڻو ڪري سڀ روزانيون اخبارون آرتوار جي ڏينهن هڪ الڳ سپليمينٽ ڏينديون آهن جن ۾ وڏن، ٻارن، زالن، نوجوانن وغيره لاءِ پيهج يا اڌ پيهج جيترو مئٽر هوندو آهي. چئجي ڪٿي ته اها سپليمينٽ ڪٽنب جي هر ڀاتيءَ لاءِ هوندي آهي جنهن ۾ هرهڪ عمر-جنس جي پسنديءَ جو مئٽر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي جن ۾ ٻار به شامل آهن. ڪن اخبارن جي ٻال وڀاڳ کي ٻار بيحد چاهه سان پڙهندا آهن. ڪي وڏا به انهيءَ وڀاڳ جو مزو وٺندا آهن.

روزانين اخبارن کان سواءِ هفتيوار اخبارن ۾ به ٻال وڀاڳ ڏنو ويندو آهي. ڪن مخزنن ۾ به اهو ڪالم ڏنو وڃي ٿو. ان طرح وڏن پاٺڪن سان گڏ ننڍن پاٺڪن کي به ياد ڪيو وڃي ٿو. اهو وڀاڳ ٻارن جي ضرورتن کي ڪيتري قدر پورو ڪندڙ رهيا آهن، سا الڳ ڳالهه آهي. ڪن اخبارن ۾ ٻارن جو ڪالم سنڀالڻ لاءِ ڪو ڄاڻو مقرر ڪيل هوندو آهي. ڪن اخبارن ۾ اخبار جي اسٽاف مان ئي ڪنهن تي اِها جوابداري رکي ڪم ٽپايو ويندو آهي.

سنڌيءَ ۾ روزانيون اخبارون تمام گهٽ نڪرن ٿيون. مکيه به اخبارون- بمبئيءَ مان نڪرندڙ 'هندستان' ۽ احمدآباد مان نڪرندڙ 'هندو'- آهن جيڪي گهڻن پاٺڪن ۽ شهرن تائين پهچن ٿيون. انهن ٻنهي اخبارن مان 'هندستان' آرتوار ڏينهن نڪري ڪانه، ان جي بجاءِ 'هندواسي' هفتيوار کي 'هندستان' اخبار جو آرتوار وارو پرچو ليکڻ کپي. انهيءَ ۾ ڪهاڻين، ليکن، سرگرمين وغيره سان گڏ 'ٻالڪن جي ٻاري' نالي هڪ صفحو ٻارن لاءِ ڏنو ويندو آهي. انهيءَ ۾ گهڻو ڪري وڏن جون ٻارن لاءِ لکيل لکڻيون ئي ڇپيون ويندون آهن. ڪڏهن ڪڏهن ٻارن جي لکڻين کي به جڳهه ڏني ويندي آهي. ان خيال کان اهو صفحو ڪنهن حد تائين ٻارن کي سنتوشي سگهيو آهي.

'هندو' روزاني اڳ اجمير مان نڪرندڙ هئي تڏهن ان ۾ 'ٻارن جي دنيا'

ڪالم ڏنو ويندو هو. ١٩٨٣ ۾، هيءَ اخبار احمدآباد مان شروع ڪئي ويئي تڏهن ’ٻال جڳت‘ نالي ٻال وڀاڱ شروع ڪيو ويو، جنهن جو انچارج هوندراج بلواڻي هو. ان بعد هن ۾ جدا جدا نالن سان ٻال وڀاڱ ايندو رهيو آهي.

مٿين ٻن روزانين ڪان سواءِ اُلهاسنگر مان ’آزادي‘، ’نگر نيوز‘، ’نگرواسي‘، ’چيتاوني ايڪسپريس‘ ۽ ٻيون روزانيون اخبارون نڪرنديون آهن جن جو دائرو گهڻو ڪري اُلهاسنگر تائين محدود رهيو آهي. انهن اخبارن مان ’نگرواسي‘ ۾ اڳي ’ٻال جڳت‘ نالي ۽ ان بعد ’ٻاراڻي محفل‘ نالي ٻارن جو ڪالم ڏنو ويو. اهڙيءَ طرح ٻين اخبارن ۾ به ٻارن جو ڪالم، ڪڏهن ڪڏهن ڏيئي ڪم ٽپايو ويچي ٿو. انهن مان ڪنهن به اخبار جو ٻال وڀاڱ ڪارائتو ثابت نه ٿيو آهي ڇو جو اهي اخبارون قد بت جي خيال ڪان ايتريون ته ننڍيون آهن ۽ انهن ۾ ان قسم جو مٽر ڏيڻ لاءِ ايتري ته جڳهه گهٽ آهي جو پوريءَ طرح ان ڪالم کي نياءُ ڏيئي نٿيون سگهن.

ڀوپال مان نڪرندڙ ’فرض‘ روزاني پڻ تمام ننڍي قد بت واري اخبار آهي. ان ۾ ڪڏهن ڪڏهن ’ٻال جڳت‘ نالي ڪالم ۾ ڪا ننڍڙي آڪاڻي ڇپي ويندي آهي.

روزانين اخبارن ڪان سواءِ ٻين هفتيوار ۽ ماهوار اخبارن/مخزنن ۾ ٻال وڀاڱ ڏنا وڃن ٿا.

جن اخبارن ۽ مخزنن جي ٻال وڀاڱن جي معلومات هٿ اچي سگهي آهي، تن جي وچور هيٺ ڏجي ٿي.

## خاڪو - ١٤ اخبارن ۽ مخزنن ۾ ٻال وڀاڱن جا تفصيل

| نمبر | اخبار/ مخزن | مدو | شهر | سمپادڪ | ڪالم جو نالو | انچارج |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ١ | هندو | روزاني | احمدآباد | ڪشن ورياڻي | ٻال جڳت ٻارن جي دنيا | هوندراج بلواڻي |
| ٢ | فرض | روزاني | ڀوپال | راجيش گائيڊ | ٻال جڳت | — |
| ٣ | نيو سنسار سماچار | هفتيوار | بمبئي | راجاداس | آئينده جا ابا | — |

| نمبر | اخبار/ مخزن | مدو | شهر | سمپادڪ | ڪالم جو نالو | انچارج |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ۴ | نگرواسي | روزاني | اُلهاسنگر | ڪيمچند هرچندائي | ٻال جڳت | — |
| | | | | راجيش هرچندائي | ٻارائي محفل | — |
| ۵ | هندواسي | هفتيوار | بمبئي | تيرٿ سياڻي | ٻارن جي قلوازي | — |
| | | | | | ٻالڪن جي ٻاري | — |
| ٦ | سنڌو ڌارا | ” | ” | ڪيرت ٻاٻاڻي | ٻال سيا | — |
| | | | | | ٻاراڻيون ٻوليون | — |
| ۷ | چيتي چنڊ | ” | نڙياد | پريم لکياڻي | ٻال واڙي | هيملتا ٻجاج |
| ۸ | مهراڻ | ” | اُلهاسنگر | هري تنواڻي ’نماڻو‘ | آئينده جا اَبا | — |
| ۹ | زندگي | ” | احمدآباد | شيام رامرکياڻي | ٻهڪندڙ ٻارڙا | هوندراج بلواڻي |
| ۱۰ | سنت ڪنوررام | ” | اجمير | ڪشن وريائي | هيءَ دنيا ٻارن جي | — |
| ۱۱ | سمرات داهرسين | پاکشڪ | اندور | ڪمل سچديو | ٻال سنسار | — |
| ۱۲ | سوجهرو | ماهوار | اُلهاسنگر | گورڌن تنواڻي | قلوازي | — |
| ۱۳ | مارئي | ” | احمدآباد | رجني پنجابي | ٻال سنسار | هوندراج بلواڻي |
| ۱۴ | ميار | ” | اجمير | آر.ڪي. ٻجلاڻي | ٻاراڻي ٻاري | هوندراج بلواڻي |

| نمبر | اخبار/ مخزن | مدو | شهر | سمپادڪ | ڪالم جو نالو | انچارج |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ١٥ | سورج | هفتيوار | احمدآباد | گيانچند جوڏاڻي | پال سنسار | هوندراج بلواڻي |
| ١٦ | سنگيتا | ” | بڙودا | آنند ٿهلراماڻي | پال سيا | ” ” |
| ١٧ | فلمي تصوير | ” | بمبئي | ايس.ايس. راجپوت | پال سنسار | — |
| ١٨ | سهڻي | ماهوار | جئپور | سندر اگناڻي، لڇمڻ پمياڻي، واشديو سنڌو پارتي | پال جڳت | — |
| ١٩ | نئين زندگي | ” | جبلپور | راڌاڪرشن گرناڻي | ناني ءَ جو آکاڻيون | — |
| ٢٠ | نذرانو | ٽماهي | بئنگلور | بي. ايچ. آڏواڻي | پال تصويري پرولي | واشديو سنڌو پارتي |
| ٢١ | ڪونج | ماهوار | بمبئي | هري موٽواڻي | پاراڻيون پوليون | واسديو نرمل |
| ٢٢ | هير | ” | پونو | رميش پاٽيا | پال جڳت | — |

نوٽ : (١) سنڌيءَ ۾ هيلتائين تمام گهٽيون اخبارون ۽ مخزنون نڪتيون آهن. سوَن جي تعداد ۾ نڪتل انهن سيني اخبارن ۽ مخزنن مان جن اخبارن/مخزنن جي پال وڀاڳن جي ڄاڻ ملي سگهي آهي، سا هتي ڏني ويئي آهي. ممڪن آهي تہ ڪي اخبارون ۽ رسالا رهجي ويا هجن.

(٢) سيني اخبارن ۽ مخزنن ۾ شايع ٿيل/ٿيندڙ ڪالمن جي لاءِ گهڻو ڪري ڪو الڳ ماڻهو مقرر ڪونہ ڪيو ويو آهي. سمپادڪ ئي انهن ڪالمن جي لاءِ مئٽر جي چونڊ ڪندو آهي.

## اخبارن ۽ مخزنن جا خاص انڪ

ٻارن جي رسالن کان سواءِ ڪڏهن ڪڏهن ٻين اخبارن ۽ رسالن جي طرفان ڪن خاص موقعن تي ٻال انڪ شايع ٿيندا رهيا آهن.

بمبئيءَ مان نڪرندڙ 'نيو سنسار سماچار' هفتيوار طرفان ۱۹۸۶ع ۾ 'ٻال ساهتيہ ساليانو پرچو' ظاهر ڪيو ويو. ڊبل ڪرائون سائيز جي ۸۴ پيجن جي انهيءَ خاص انڪ جو سمپادڪ راجا هوندراج داس آهي. پرچي ۾ 'اسين لکون اوهان پڙهو ۽ سمجهو' جي سري هيٺ ڏنل ڪيترائي ٽوٽڪا، لطيفا ۽ مهاپرشن جا پرسنگ وٽندڙ آهن. تنهن ڪانسواءِ 'مسخرو ملان نصرودين' جون مذاقي ڳالهيون، جيوت گوگيا جو لکيل ناٽڪ 'موُت جو فرشتو'، آکاڻيون 'بهادر عورت'، 'چٽيهه طعامي ديگڙو'، 'عجيب اِنصاف'، 'سواميءَ جي تلاش' بہ ڏيان ڇڪائين ٿيون. ڪوَر تي هڪ ٻار جو رنگين فوٽو ڏنل آهي.

بمبئي ميونسپل سنڌي سرڪل طرفان نڪرندڙ ساليانو رسالي 'سورٺ' جو ۱۹۷۹ع انڪ 'خاص ٻال انڪ' ڪري ڪڍيو ويو. جيتوڻيڪ هي انڪ مڪمل روپ سان ٻال انڪ ڪونہ آهي. ان ۾ ٻال رچنائن کان سواءِ وڏن لاءِ بہ رچنائون آهن. ٻارن توڙي ٻال ساهتيہ جي باري ۾ رچنائن ۽ خاص ٻارن لاءِ ڏنل بہ رچنائون جي معيار کي ڏسي، سمپادڪ واسديو نرمل جي ڪيل محنت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ان خاص انڪ ۾ ٻارن جي باري ۾ هيٺيان مضمون آهن: گل جون پنکڙيون (ڦتن پرسواڻي)، ڪجهہ ننڍي ٿهيءَ صدقي(هاسو داگيا)، ٻار مچ جو وار (چندولعل جئسنگهاڻي)، ٻار : هڪ گرو (موتيرام سونيجي)، ٻالڪ ۽ سندس آئيندو (ڪي. وي. آڏواڻي)، سورداس جو ٻال ڪرشن (واسديو نرمل).

'خاص ٻارن لاءِ' سري هيٺ ڏنل الڳ وڀاڳ ۾ جدا جدا ليکڪن جون ٻارن لاءِ لکيل رچنائون-گيت، آکاڻيون، ناٽڪ، مضمون ۽ چرچا آهن. هن خاص انڪ ۾ ڏنل سمپادڪيہ ۾ ٻال ساهتيہ کهڙو هئڻ گهرجي، تنهن جي باري ۾ سمپادڪ جا ويچار پيش ڪيل آهن.

احمدآباد جي 'استيج' تماهي ۽ 'گلستان' ماهوار جي گڏيل ڪوشش سان ڊسمبر ۱۹۷۹ ۾ 'ٻال رنگ منچ' پرچو ڪڍيو ويو. جيئني لالواڻي ۽ هوندراج بلواڻيءَ جي گڏيل سمپادڪيءَ ۾ ظاهر ٿيل انهيءَ انڪ ۾ ٻال رنگ منچ سان واسطو رکندڙ ليک جهڙوڪ سنڌيءَ ۾ ٻال ناٽڪ ۽ انهن جو وڪاس (هوندراج بلواڻي)، ٻال ريڊيو ناٽڪ (ويڙهو رفيق)، ٻال رنگ منچ : هڪ روپ ريکا (چندرسين ناواڻي) ڏنا ويا.

ٻال رنگ منچ تي نظرثاني ڪرڻ جي هيءَ ڪوشش ڪارائتي رهي.
پوني مان هر سال ڏياريءَ جي موقعي تي نڪرندڙ ساليانو انڪ 'ورثو' جو هڪ شاندار ٻال ساهتيه انڪ پڻ ڪڍيو ويو. سمپادڪا ريتا شهاڻيءَ جي سمپادڪي سُوجهه ٻُوجهه ۽ محنت ان مان صاف جهلڪي ٿي.
'لوڪ راجيه' طرفان ڊسمبر ١٩٧٩ ۾ 'انترراشتريه ٻال ورش پرچو' پڻ نڪتل آهي.

## اسڪول مخزنون

جدا جدا شهرن ۾ هلندڙ سنڌي اسڪولن طرفان اسڪول مخزنون ڪڍيون وڃن ٿيون. انهن اسڪولي مخزنن ۾ شاگردن ۽ اُستادن جون لکڻيون ڏنيون وينديون آهن. ٻال ساهتيه جي واڌاري لاءِ ٻارن کي ساهتيه سرجڻ جي ڏس ۾ همٿائڻ لاءِ انهن اسڪول مخزنن جو سٺو رول رهيو آهي.
هيٺ اهڙين اسڪول مخزنن جي وچور ڏجي ٿي :

### خاڪو - ١٥ اسڪولي مخزنن جي وچور

| نمبر | مخزن جو نالو | اسڪول | شهر |
|---|---|---|---|
| ١ | هنس | مهاتما گانڌي هاءِ اسڪول | احمدآباد |
| ٢ | ڪمل پشپ | شري ابيچنداڻي سنڌ ماڊرن هاءِ اسڪول | ,, |
| ٣ | سرسوتي | مهرشي ديانند هاءِ اسڪول | ,, |
| ٤ | ميور | ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي هاءِ اسڪول | ,, |
| ٥ | انجلي | شري لڌارام سنڌ هندو هاءِ اسڪول | ٻڙودا |
| ٦ | پشپ | جي.اين.وي. هاءِ اسڪول | ,, |
| ٧ | سنڌو پشپ | هري شيوا گرلس هاءِ اسڪول | ,, |
| ٨ | گرنار جي گود ۾ | سوامي ليلاشاهه وديا مندر | جهوناڳڙهه |
| ٩ | (بنا نالي) | جي.ايس. آدرش ڪنيا وديالیه | گانڌيڌام |
| ١٠ | نيراجنا | ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي هاءِ اسڪول | ,, |
| ١١ | سيتارام پرڪاش | سيتارام پرڪاش هاءِ اسڪول | بمبئي |
| ١٢ | پريم پرڪاش جوتي | پريمئر هاءِ اسڪول | ,, |
| ١٣ | جوت | سنڌ ماڊل هاءِ اسڪول | ,, |

| نمبر | مخزن جو نالو | اسڪول | شهر |
|---|---|---|---|
| ١۴ | وديا | ڪملا هاءِ اسڪول | بمبئي |
| ١٥ | سڳنڌ | ڪي. جي. ڪلناڻي هاءِ اسڪول | بمبئي |
| ١٦ | ڦولستان | جئہ هند هاءِ اسڪول | پمپري، پونہ |
| ١٧ | گيان ديپ | بي.ٽي. شهاڻي نوين هند هاءِ اسڪول | پونہ |
| ١٨ | نيلم | ڊاڪٽر گجر سياش هاءِ اسڪول | ديولالي |
| ١٩ | گيان ديپ | آدرش هاءِ اسڪول | يوساول |
| ٢٠ | نوڪرڻ | اندرام ٽي. شهاڻي هاءِ اسڪول | بئراڳڙه، ڀوپال |

اسڪول مخزنن ۾ سڀ کان وڌيڪ سندر ۽ رڱائتي رنگ روپ ۽ ذخيري ڪارڻ جئہ هند اسڪول، پمپري (پونہ) جي 'ڦولستان' اڳتي رهي آهي. هيءَ مخزن هر سال چوويهين جنوريءَ تي ظاهر ڪئي ويندي آهي. ١٩٩٢ ۾ ان جو پنجتيهون انڪ پڌرو ڪيو ويو. هن مخزن ۾ رچنائن سان واسطو رکندڙ چتر پڻ ڏنا ويندا آهن. مخزن ۾ سنڌيءَ سان گڏ هندي، مراٺي ۽ انگريزي وياڳہ هوندا آهن. وديارٿين ۽ اُستادن جون رچنائون اُنهن ۾ شامل هونديون آهن.

١٩٩٢ جي انڪ ۾ 'بلبلين جي چهڪ' سري سان ڏنل فهرست ۾ رچنائن جا نالا ڏسو :

نظم وياڳہ ۾ - تون ڪين چڏيندين، او منهنجا مرليڌر، شمع ٻاريندو وڃ، رکہ پنهنجي ڪا شناس، زماني ڪي جهومائي ڇڏيو، گوندرن جا گل، هڪ ڏيئو جلايل آ، حياتيءَ جي معنيٰ، الائي ڇو؟

نثر وياڳہ ۾ - سچائي، نور بنا سڀ ڪوڙ، هڪ ٻئي سان ڪيئن هلون؟، سپنا ۽ حقيقتون، مان ڇا بڻجان؟، عبادت، اؤلاد، بنا عنوان ڪهاڻي وغيره.

هڪ وديارٿڻ انيتا چندناڻيءَ جي هيءَ ڪوتا ڏسو :

ڪو ڪيئن سڏي، ڪو ڪيئن سڏي،
آءٌ جو ئي آهيان، سو ئي آهيان،
ڪو سنهي سڏي، ڪو ٿلهي سڏي،
ڪو مون ڪي ٿو ٻي ٻولي سڏي،
ڪو اونده سڏي، ڪو روشني سڏي،
آءٌ جو ئي آهيان، سو ئي آهيان.

گيٽاَپ، ڇپائي ۽ رچنائن جي چونڊ ڪارڻ هيءَ مخزن گهٽي اُيري بيهي ٿي- بانيم نڪرڻ ڪري بہ.
بڙودا جي شري لڏارام سنڌ هندو هاءِ اسڪول طرفان گذريل ٢٢ سالن کان ’انجلي‘ نالي مخزن بانيم ڪڍي ويندي آهي. مخزن ۾ سنڌي، هندي، گجراتي ۽ انگريزي وڀاڳ هوندا آهن. رچنائن جي چونڊ ۽ مخزن جي ڇپائي ٺيڪ ٺاڪ آهي. ٩٣-١٩٩٢ جي، سال ۾ هن جو ٢٢ انڪ ظاهر ڪيو ويو.
احمدآباد جي سنڌ ماڊرن هاءِ اسڪول طرفان هر سال ’ڪمل پشپ‘ نالي اسڪول مخزن بانيم ڪڍي ويندي هئي. اهو سلسلو ١٩٨۴ تائين هليو. ان سال مخزن جو ٽيويهون انڪ ڪڍيو ويو. ان کان پوءِ ڪوبہ انڪ ظاهر نہ ٿيو آهي. هيءَ مخزن رچنائن جي چونڊ ۽ ڇپائي وغيره جي خيال کان گهٽي سٺي هئي. مخزن ۾ سنڌيءَ سان گڏ هندي، انگريزي ۽ گجراتي وڀاڳ پڻ ڏنا ويندا هئا.
بڙودا جو، جي. اين. وي. هاءِ اسڪول گذريل اٺن سالن کان ’پشپ‘ نالي هڪ مخزن ڪڍندو رهيو آهي. هن مخزن ۾ گهڻو ڪري فقط سنڌي وڀاڳ هوندو آهي. پيپر ٿورا هوندي بہ نيم سان نڪرڻ هن مخزن جي پرمپرا رهي آهي. ٩٢-١٩٩١ جي سال ۾ هن مخزن جو اٺون انڪ ظاهر ڪيو ويو.
احمدآباد جي مهاتما گانڌي هاءِ اسڪول طرفان گهڻا سال اڳہ ’هنس‘ نالي مخزن هر سال ڪڍي ويندي هئي. ١٩٦٣ ڌاري انهيءَ کي ماهوار سپليمينٽ جي روپ ۾ بہ ظاهر ڪيو ويو. بعد ۾ ماهوار سپليمينٽ بند ڪئي ويئي تہ ساليانو انڪ ڪڍڻ جو بہ سلسلو بند ڪيو ويو. گهڻن سالن کان پوءِ ٨٧-١٩٨٦ جي سال ۾ ’هنس‘ جو هڪ انڪ شايع ڪيو ويو.
بي. ٽي. شهاڻي نوين هند هاءِ اسڪول جي مخزن ’گيان ديپ‘ سچ پچ گيان جي جوت جڳائيندي رهي آهي. دل ڇڪيندڙ ڇپائي ۽ معياري رچنائن سان سينگاريل هيءَ مخزن گذريل ڪجهہ سالن کان نيم سان نڪرندي رهي آهي. ’ڦولستان‘ جيان هن مخزن ۾ بہ رچنائن سان نهڪندڙ ڪيترا چٽر هوندا آهن. مخزن ۾ سنڌيءَ سان گڏ هندي، انگريزي ۽ مراٺي حصو بہ هوندو آهي.
ٻين اسڪولن جون مخزنون ڪڏهن ڪڏهن نڪرندڙ آهن يا ماڳهين بند ٿي چڪيون آهن.

## ڪي حقيقتون ۽ جاچنائون

(۱) ٻارن جي رسالن جي سموري استثنيءَ جو جائزو وٺڻ سان اِها ڳالهه صاف ٿي بيهي ٿي تہ ورهاڱي کان پوءِ سنڌيءَ ۾ ٻارن جا رسالا تہ تمام گهڻا نڪتا آهن پر انهن جي حياتي تمام مختصر رهي آهي. ڪي بہ چار انڪ نڪري بند ٿي ويا آهن تہ ڪي سال اڌ هلڻ کان پوءِ خاموش ٿي ويا آهن. انهن رسالن ۾ 'ڦلواڙي' هڪ اپواد آهي، جيڪو چاليهن سالن کان نڪرندو پيو اچي. قد ۾ تمام ننڍڙو ئي سهين، رٽپٽ ۾ وڻ جي بجاءِ ڪانديئڙي سمان، ٻال ساهتيہ کي ٿڌي ڇانوَ ڏيندو رهيو آهي. 'گلستان' رسالو بہ هڪ پيو اپواد ڇئي سگهجي ٿو جيڪو ويهارو سال لڳاتارنڪري ٻال ساهتيہ جي شڪتيءَ آهر شيوا ڪندو رهيو. 'ڦلواڙي' رسالو تہ هڪ ئي وقت ٻن ليپين ۾، بنا ڪنهن بہ انڪ جي آرام جي، لڳاتار نڪرڻ سبب بہ اهميت رکي ٿو.

(۲) معيار جي خيال کان سنڌ جو 'گلستان'، جيڪو ورهاڱي کان پوءِ بہ ڪي سال بمبئيءَ مان نڪرندو رهيو ۽ ان کان پوءِ احمدآباد مان نڪتل، 'گلستان' ۽ 'جهرمر'، اجمير جو 'ڦولستان' ۽ 'ڦلواڙي'، بمبئيءَ جي 'شانتي' ۽ 'گل ڦل'، اُلهاسنگر جو 'گلدستو'- اهي رسالا ڪافي وڻندڙ ثابت ٿيا ۽ ان ڪري لوڪپريہ بڻيا.

(۳) سنڌيءَ ۾ شايع ٿيندڙ لڳ ڀڳ سيني رسالن ۾ تصويرن جي گهٽي کوٽ رهندي آهي. پنهنجي پنهنجي وس آهر ڪن مخزنن بلاڪ ڏيئي، پنهنجي رسالي ۾ رونق آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، سا آتت ڏيندڙ ڳالهہ آهي. ان جي باوجود اڄ ٻين ڀاشائن ۾ جيئن رنگارنگي تصويرن سان سينگاريل ڪي ٻال رسالا نڪرن ٿا، تن جهڙو هڪ بہ رسالو سنڌي ٻارن کي نہ ملي سگهيو آهي.

(۴) وڏن جي اخبارن ۽ مخزنن ۾ ٻارن جي لاءِ الڳ ويا گہ ڏيڻ جون ڪوششون ٿلهي ليکي نيڪ رهيون آهن پر تنهن هوندي بہ ٻارن جا اهي ڪالم، ٻارن کي ڀاڻ ڏانهن ڇڪڻ ۾ ايترا ڪامياب نہ رهيا آهن. انهيءَ ڏس ۾ روزاني اخبارن جون ڪوششون بہ ايتريون ڪارگر نہ بڻجي سگهيون آهن. ٻارن جي لائق وڻندڙ ڪالمن جي عدم موجودگيءَ ۾ ٻارن جي لکڻين کي بہ ايڏو اُتساهہ نہ ملي سگهيو آهي.

(۵) اسڪول جي مخزنن ۾ ائين ڏنو ويو آهي تہ ٻار تمام گهٽ چاهہ وٺن

ٿا. اُستادن طرفان بہ ڪين اُتساهہ نٿو ڏياريو وڃي، تنهن ڪري ماسترن جون رچنائون وڏيڪ ڏيئي مخزن کي پورو ڪيو وڃي ٿو. ٻار انهن مخزنن دوارا پنهنجن ويچارن ۽ ڪلپنائن کي، رچنائن ذريعي اُجاگر ڪري سگهن تنهن لاءِ ڪين اهڙو ماحول ڪڙو ڪري ڏيڻ جي ضرورت آهي. ٻارن جي لکل شڪتين کي ٻاهر آڻڻ لاءِ اسڪول مخزنن جو هر سال نڪرڻ بہ ايترو ئي ضروري آهي.

□□

باب نائون

# ٻال ساهتيہ جي وڪاس ۾ چوڌس ڦهلاءَ ذريعن ۽ سنستائن جو يوگدان

اڄ جي زماني ۾ چوڌس ڦهلاءَ جي ذريعن (ماڌيمن) جهڙوڪ آڪاشواڻي ۽ دوردرشن وغيره جو اهميت ڀريو رول رهيو آهي. انهن ذريعن جي مدد سان ساهتيہ ۽ ڪلا جو وڪاس ٿيندو رهيو آهي. ٻين پراديشڪ ٻولين ۾ تہ ڇڱن ڪلاڪن جا پروگرام اچن ٿا پر سنڌيءَ ۾ اهي ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽ آهن. گهڻو ڪري هرهڪ پرانت، پنهنجي پنهنجي پرانت جي ٻوليءَ ۾ ڇڱن ڪلاڪن جا پروگرام ڏئي ٿو. چوڌس ڦهلاءَ جي انهن ذريعن کان سواءِ ڪي سرڪاري اِدارا ۽ غيرسرڪاري سنستائون پڻ ساهتيہ جي واڌاري لاءِ پنهنجي پنهنجي سر ڪوشش ۾ لڳل آهن. سنڌي ٻوليءَ ڪي پنهنجو پرانت نہ هوندي بہ چوڌس ڦهلاءَ جي ذريعن ۽ سرڪاري توڙي غير سرڪاري سنستائن طرفان ساهتيہ ۽ ڪلا جي بهبوديءَ لاءِ ڪوششون ٿينديون رهيون آهن.

## ا. چوڌس ڦهلاءَ جا ذريعا :

سڀ کان اول آڪاشواڻي ۽ دوردرشن جهڙا ذريعا ڏسون.

### (ا) آڪاشواڻي

ديش جي جدا جدا پرانتن ۾ جتي سنڌي جهجهي تعداد ۾ رهن ٿا، اُتان جي ڪنهن نہ ڪنهن ريڊيو اسٽيشن تان سنڌيءَ ۾ پروگرام ڏنو وڃي ٿو. احمدآباد-بڙودا، بمبئي، دهلي، جئپور، ڀوپال ۽ ڪڇ-ڀڄ اهڙا ڪيندر آهن جن تان سنڌي پروگرام پرسارت ڪيو ويندو آهي- احمدآباد، دهلي ۽ بمبئيءَ تان روزانو تہ ٻين ڪيندرن تان هر هفتي هڪ، ٻہ يا ٽي دفعا. انهن پروگرامن ۾ ٻارن جا پروگرام بہ شامل هوندا آهن.

سال ۱۹۸۴ ۾ ٻارن جي پروگرامن سان واسطو رکندڙ هڪ سوالنامو مٿي ذکر ڪيل ريڊيو اسٽيشن کي موڪليو ويو هو جنهن جي جواب ۾ فقط دهليءَ ۽ بمبئيءَ مان ڪي تفصيل ملي سگهيا هئا. احمدآباد ڪيندر جي روبرو ملاقات وٽي تفصيل ڪٺا ڪيا ويا هئا.

سوال هيٺيان هئا :

(۱) ٻارن جو پروگرام ڪڏهن ۽ ڪيترو وقت ڏنو ويندو آهي؟

(۲) ٻارن جي پروگرام جي شروعات ڪڏهن کان ٿي؟ اهو ڪهڙي نالي سان ڏنو ويندو آهي؟

(۳) ٻارن جي پروگرام ۾ مکيہ طور ڇا ڇا ڏنو ويندو آهي؟

(۴) ٻارن جي پروگرام ۾ ناٽڪ ڏنا ويا آهن؟

(۵) ٻال ساهتيڪارن کان ڪيتري قدر سهڪار حاصل ٿي سگهيو آهي؟

(٦) پروگرام ڪيتري قدر سڦل رهيو آهي؟

(۷) ڪي مجبوريون، اوڻايون ۽ ڪنايون، جيڪي پروگرام کي سڦل بڻائڻ جي آڏو ايندڙيون هجن؟

(۸) پروگرام کي سڦل بڻائڻ لاءِ اوهان طرفان ڪي سجهاوَ.

مٿئين سوالنامي موجب آل اِنڊيا ريڊيو دهليءَ جي ڪماري وينا شرنگيءَ جا جواب : [1]

(۱) دهليءَ تان نشر ٿيندڙ پروگرام ۾ مهني ۾ ٻہ دفعا ٻارن جو پروگرام ڏنو ويندو آهي.

(۲) ٻارن جي پروگرام جي شروعات ڏيڍ يا ٻہ سال اڳہ ٿي آهي. اهو 'گل گلاب جا' نالي سان ڏنو ويندو آهي.

(۳) ٻارن جي پروگرام ۾ ناٽڪ، ٻال گيت، نصيحت ڀريون ڪهاڻيون، دماغي ورزش، چرچا، پروليون، ٻارن کي دهليءَ جي مختلف عمارتن، باغ بغيچن ۽ چڙياگهر وغيره جو سير ڪرائڻ ۽ ڪڏهن ڪڏهن عام ڄاڻ (General Knowledge) جا سوال جواب ڏنا ويندا آهن.

(۴) هيلتائين ٽي ناٽڪ ڏنا ويا آهن. (۱) راڻي جهانسي (۲) ڪالو ڪوئو (۳) وملا جو جنم ڏن.

(۵) ٻارن لاءِ اديبن ۽ ليکڪن جو تعاون وٺڻ چاهيون ٿا پر ٻاهر وارن وٽان

---

1. ڪماري وينا شرنگي وٽان مليل تاريخ ۸۴.٦.۲۳ جي خط جي آڌار تي

رڪارڊنگ پهچن نتيون. هيلتائين دهليءَ کان ٻاهر جي هينئن ليڪن جون ڪهاڻيون ڏنيون آهن: (١) هوندراج بلواڻي (٢) واشديو سنڌو ٻارتي (٣) ڊيولڻ راهي (۴) سندري اُتمچنداڻي (۵) پوپٽي هيرانانداڻي.

(٦) پروگرام ڪيتري قدر سڦل آهي، ان جي جواب ۾ ٻڌندڙن جو چوڻ آهي ته بيحد ڪامياب آهي. خاص ڪري سنڌ جا ٻڌندڙ ڳوناڻا مرد، عورتون ۽ ٻار ان ڏهاڙي پاڻ کي فارغ رکن ٿا ۽ وقت ڪڍي پروگرام ٻڌن ٿا پر منهنجي شخصي لحاظ کان ان ۾ سڌاري جي گهڻي گنجائش آهي.

(٧) مجبوريون، اوڻايون ۽ ڪنايون؟ مان ته ائين چونديس ته قدم قدم تي انهن سان جنگ جوٽڻي پوي ٿي جنهن ڪري پريشاني، حيراني ۽ مونجهارو پيدا ٿئي ٿو پر صبر جو دامن ڇڏڻ ۽ انهن رڪاوٽن اڳيان هٿيار وجهڻ تي دل آماده نه آهي. هڪ ته هتي سنڌي ٻارن کي مائٽ سنڌي نٿا سيکارين. هرهڪ مائٽ پنهنجي ٻار کي هڪڙو ٻي ٻيٽ سيکاري اچي ٿو. پيسو لڌم پٽ تان.... ٻڌي ٻڌي بيزار ٿي پيا آهيون. سنڌي ٻار ٻ، ڳ، ڄ، غ اهڙا اُچار چٽيءَ طرح چئي نٿا سگهن. دهليءَ ۾ ته مان ڪيترن وڏن کي به شامل ڪنديس. ائين چونديس ته ٨٠ سيڪڙو يا ٧۵ سيڪڙو ان جو شڪار آهن.

(٨) پروگرام کي بهتر بڻائڻ لاءِ پوري انڊيا جي ريڊيو اسٽيشنن تان تعاون ملڻ گهرجي پر تجربي ڏيکاريو آهي ته انهن وٽان پورو سهڪار نٿو ملي.

بمبئيءَ جي آڪاشواڻي ڪيندر تان به ٻارن جو پروگرام ڏنو ويندو آهي. ان ٻاري ۾ منوهر چگهه وٽان مليل تفصيل هيٺ ڏجن ٿا: [1]

(١) آڪاشواڻي بمبئيءَ تان هفتي ۾ به پروگرام پيش ٿين ٿا يعني مهني ۾ اٺ يا نوَ پروگرام. جن مان هڪ پروگرام ٻارن لاءِ ڏنو ويندو آهي.

(٢) اِها رٿا ١٩٧٦ کان هلندڙ آهي.

(٣) ٻارن جا پروگرام گهڻو ڪري اسڪولن کي يا ٻال سنستائن کي پيش

١. آڪاشواڻي بمبئيءَ جي تنهن وقت جي پروگرام ايڪزيڪيوٽو منوهر چگهه وٽان مليل تاريخ ٣٠-۵-٨۴ جي خط جي آڌار تي.

ڪرڻ لاءِ ڏنا ويندا آهن. پروگرام ۾ ناٽڪ، ڪهاڻي، گيت، چٽڪلا وغيره شامل هوندا آهن.

(۴) هر ٻارن جي پروگرام ۾ هڪ ٻال ناٽڪ ضرور پيش ڪيو ويندو آهي.

(۵) ليڪن وڻان ٻال ڪهاڻيون وقت بہ وقت گهرايون وينديون آهن. آڪاشواڻي بمبئيءَ، گوورڌن پارٽي ۽ ٻين ڪوين جا ٻال گيت رڪارڊ ڪيا آهن.

(٦) جيئن تہ پروگرام اسڪول طرفان يا ٻال سنستا طرفان پيش ڪيو وڃي ٿو تنهن ڪري ان اسڪول جي وديارٿين ۽ وديارٿين جي مائٽن تائين پروگرام سڦل رهي ٿو.

(۷) بمبئيءَ ۾ اُلهاسنگر کي ڇڏي گهٽي ڀاڱي سڀ اسڪول انگريزي ميڊيم جا آهن. اسڪولن ۾ پروگرام پيش ڪرڻ تي اصل ڌيان ڪونہ ٿو ڏنو وڃي. بمبئيءَ ۾ سنڌي بستيون دور دور آهن ان ڪري آڪاشواڻي پنهنجي سر ٻال ڪلاڪارن کي گهرائي پروگرام تيار ڪري اهو مشڪل ڪم آهي. ان ڪاريہ ۾ مائٽن پڻ سات ڪونہ ڏنو آهي.

(۸) منهنجي خيال ۾ سنڌي پروگرامن لاءِ هڪ آل اِنڊيا يونٽ ضروري آهي. اهو يونٽ ديش جي جدا جدا هنڌن تي جهڙوڪ اجمير، گانڌيڌام، جئپور، پيج، احمدآباد، دهلي، بمبئي، ڀوپال وغيره ۾ پروگرامن جي رڪارڊنگ ڪري ۽ رڪارڊنگ جون ڪاپيون جدا جدا ريڊيو اسٽيشنن تي موڪلي. اهڙيءَ ريت نہ فقط سنڌي هڪ ٻئي جي ويجهو ٿيندا پر ساڳئي وقت پروگرام پڻ هر ڏس ۾ مالامال ٿيندو.

آڪاشواڻي احمدآباد-بڙودا بابت روبرو هٿ ڪيل احوال موجب : [1]

(۱) ٻارن جو پروگرام مهني ۾ هڪ دفعو ڏنو ويندو آهي.

(۲) ٻارن جو پروگرام ۱۹۷۴ کان وٺي ڏنو پيو وڃي.

(۳) ٻارن جي پروگرام ۾ گهڻو ڪري هڪ دادا هوندو آهي جيڪو ٻارن سان ڳالهيون ٻوليون ڪندو آهي. ٻار ان ۾ ننڍڙيون آکاڻيون، گيت، جنرل ناليج، چرچا ۽ پروليون وغيره ٻڌائيندا آهن.

---

1. آڪاشواڻي احمدآباد-بڙودا جي تنهن وقت جي پروگرام ايگزيڪيوٽو هريش ڪڪواڻيءَ سان ٿيل ڳالهہ ٻولهہ جي آڌار تي.

(۴) ٻارن جي پروگرام ۾ گهڻا ئي ناٽڪ ڏيئي چڪا آهيون.
(انهن ناٽڪن جي باري ۾ 'ٻال ناٽڪ' واري حصي ۾ تفصيل ڏنل آهن.)
(۵) ٻال ساهتيڪارن وٽان سنو سهڪار ملندو رهيو آهي. خاص ڪري ٻال ناٽڪن لکڻ جي خيال کان. هڪ رڳو مغز ۾ آهي ته ٻارن جي پروگرام جون اِسڪرپٽس ليکڪ لکن ۽ اسڪول اهي پيش ڪن.
(٦) هوئڻ پروگرام لکڻ ۽ تيار ڪرڻ جي سموري جوابداري ڪنهن اسڪول تي رکي ويندي آهي. پر ان ۾ سنتوش نه ٿيندو آهي. البت ڪي اسڪول سچ پچ گنڀيرتا سان محنت ڪندا آهن. ڪي پرنسيپال ۽ ٽيچرس پهرين اهو ڏسن ٿا ته ٻارن ۾ منهنجو پٽ يا ڌيءُ آهي يا نه. اهي ڳالهيون ڏسي افسوس ٿيندو آهي. پروگرام ۾ جهڙي ڪوالٽي کپي سا نه اچي سگهي آهي.
(٧) انهيءَ سوال جو جواب مٿي ڏنل آهي. هن ۾ وڌيڪ هڪ ڳالهه چوندس ته پروگرام کي سڌارڻ لاءِ ڪجهه عرصو اڳ ٻال ڪلاڪارن لاءِ هڪ آڊيشن ٽيسٽ رکي ويئي. درخواستون گهرايون ويون پر اسڪولن جي بانيڪارن چاهه نه ورتو. تنهن ڪري ايتري ڪاميابي نه ملي.
(٨) پروگرام کي اَڃا به بهتر بڻائڻ لاءِ ڪيتريون ئي رٿائون تيار ڪري سگهجن ٿيون پر جيستائين سنڌي ساهتيڪارن، ڪلاڪارن، تعليمدانن ۽ خود ٻارن وٽان سهڪار نه ملندو ته سڀ ڪوششون وئرٿ ونديون. پروگرام ۾ نواڻ آڻڻ لاءِ ڪجهه عرصو اڳ 'مامو ماسي' نالي هڪ پروگرام شروع ڪيو ويو جنهن جو اُديش ٻارن جو جنرل ناليج وڌائڻ هو.

مٿي ذڪر ڪيل ٻارن جي پروگرامن کان سواءِ ٻال گيتن کي خاص طور سان رڪارڊ ڪرائي پيش ڪرڻ جي به ڪن ريڊيو اسٽيشنن دواران ڪوشش ٿي آهي. انهيءَ ڏس ۾ آڪاشواڻي جئپور خاص ذڪر جوڳو ڪم ڪيو آهي. ۱۹۸۴ ڌاري تنهن وقت جي پروگرام ايڪزيڪيوٽو موهن مهرچندائيءَ جي ايامڪاريءَ ۾ ڏيولڻ راهيءَ جا پنجاهه کن ٻال گيت رڪارڊ ڪيا ويا هئا. انهن سڀني گيتن جو گايڪ به خود ڏيولڻ راهي هو. ڪي سموهه گيت به هئا. اهي گيت هن وقت به نه صرف جئپور تان پر دهلي ۽ ٻين ڪيندرن تان وڄندا رهندا آهن ۽ ڪافي پسند پيا آهن. انهن ۾ واڌُڻمل جي شادي،

لاٽونئڙا ڦر ڦر، ڦتومل ڦوڪٽن وارو، راجوءَ جو سپنو، او ناني، پرين جي راجڪماري، ممي توسان ڪٽي وغيره مشهور آهن.

آڪاشواڻي احمدآباد لاءِ بہ چندرسين ناواڻيءَ جي نگرانيءَ ۾ چار ٻال گيت رڪارڊ ڪيا ويا آهن- بہ ڪشنچند بيوس جا ۽ ٻہ هوندراج بلواڻيءَ جا، جن کي ٻال سنڌو سرڪل جي ٻال ڳايڪن ڳاتو آهي. اهي گيت پڻ پسند پيل آهن.

ٻال ساهتيہ جو جائزو وٺڻ لاءِ وقت بہ وقت ڪي مقالا بہ، جدا جدا ريڊيو اسٽيشنن تان نشر ٿيندا رهيا آهن. اهي مقالا سنڌي ٻال ساهتيہ جي جدا جدا پهلن تي روشني وجهن ٿا. انهن مقالن ۾ مکيہ آهن هوندراج بلواڻيءَ جا لکيل ڪي مقالا جهڙوڪ : 'لوڪ ساهتيہ ۽ ٻال ساهتيہ'، 'ٻال ساهتيہ جي اپياس جو ٻارن جي نفسياتي ترقيءَ تي اثر'، 'ورهاڱي کان پوءِ جي ٻال ادب جو جائزو'، 'ٻال منووگيان ۽ اسان جو ٻال ساهتيہ' وغيره. اهي مقالا آڪاشواڻي احمدآباد-بڙودا، دهلي ۽ ڀڄ تان پرسارت ٿي چڪا آهن. انهن مقالن کان سواءِ احمدآباد-بڙودا تان جيني لالواڻي ۽ منوهر نهالاڻيءَ جو بہ سنڌي ٻال ساهتيہ تي هڪ هڪ مقالو پيش ٿي چڪو آهي.

## (٢) دوردرشن

دوردرشن تان سنڌي پروگرام تمام گهٽ ڏنو وڃي ٿو. فقط احمدآباد، بمبئي، دهلي ۽ جئپور وغيره ڪيندرن تان مهني ۾ هڪ يا بہ دفعا سنڌي پروگرام ڏنو وڃي ٿو، جيڪو گهڻو ڪري اڌ اڌ ڪلاڪ جو هوندو آهي. انهن پروگرامن ۾ ٻارن جي لاءِ ڪنهن اسم کي ڪڏهن بہ ڪٽي جڳهہ نہ ڏني وئي آهي. اڄوڪي سمي جي انهيءَ شڪتيشالي ماڌيم ذريعي ٻال ساهتيہ جي ڏس ۾ ڪو ڪارگر ڪم نہ ٿي سگهيو آهي. فقط احمدآباد دوردرشن تان، ٻال ساهتيہ جي استٿيءَ بابت، هوندراج بلواڻيءَ کان هڪ اِنٽرويو ورتو هو، اِنٽرويو وٺندڙ جينو لالواڻي هو. بس انهيءَ هڪ اسم کان سواءِ ڪنهن بہ ڪيندر تان، ڪو ٻارن لاءِ پروگرام ڏنو ويو آهي ۽ نہ ٻال ساهتيہ نسبت ڪو مقالو يا ٻي چيز.

## (٣) آڊيو-ويڊيو ڪئسيٽس

جديد زماني جي هنن ڪارائتن وسيلن جو سنڌي ٻال ساهتيہ جي واڌاري لاءِ خير ڪو اُپيوگہ ڪيو ويو آهي. آڊيو ڪئسيٽ لاءِ 'ٻال گيتن' واري باب ۾

ٻڌايو ويو آهي تہ فقط ڪوشي لعلواڻي ’گلڙن جا گيت‘ نالي آڊيو ڪئسيٽ تيار ڪري هڪ سٺو ڪم ڪيو آهي. ويڊيو ڪئسيٽ لاءِ، شايد، ڪنهن بہ ڪوشش نہ ڪئي آهي.

## ٢. سرڪاري اِدارا :

### (١) اين.سي.اِي.آر.ٽِي.

ڀارت سرڪار جي تعليم وياڳہ جي زيرسايع هلندڙ نئشنل ڪائونسل آف ايجيوڪيشنل ريسرچ ائنڊ ٽريننگ، جنهن کي مختصر ۾ اين.سي.اِي.آر. ٽِي. (NCERT) چيو ويندو آهي، تنهن جي طرفان ٻال ساهتيہ تي لکڻ ڀارت جي ١٨ ٻولين ۾ الڳہ الڳہ چٽاڀيٽي رکي ويندي آهي ۽ هرهڪ ٻوليءَ جي معياري ڪتاب تي ليکڪ کي انعام ڏنو ويندو آهي. هن چٽاڀيٽيءَ جو مکيہ مقصد سٺو ٻال ساهتيہ لکڻ لاءِ، ليکڪن ۽ ساهتيڪارن کي اُتساهت ڪرڻ آهي.

هن چٽاڀيٽيءَ جي شروعات سنہ ١٩٥٥ ۾ ٿي هئي پر سنڌي ٻوليءَ کي ان ۾ ١٩٥٧ ۾ شامل ڪيو ويو. شروعات ۾ اها ڀارت سرڪار جي تعليم کاتي طرفان رکي ويندي هئي. بعد ۾ ان جي جوابداري اين.سي.اِي.آر.ٽِي. کي سپرد ڪئي ويئي. شروعات ۾ چٽاڀيٽي هر سال رکي ويندي هئي پر گذريل ڪن سالن کان اها ٻن سالن ۾ هڪ دفعو رکي ويندي آهي. شروعات ۾ انعام جي رقم ٥٠٠ رپيا هئي جيڪا بعد ۾ وڌائي هزار رپيا ۽ ان کان پوءِ ٥٠٠٠ رپيا ڪئي ويئي. هن وقت انعام جي رقم ڏهہ هزار رپيا آهي. شروعات ۾ هنديءَ ۾ ٻن ۽ ٻين ٻولين مان هرهڪ ٻوليءَ جي هڪ ڪتاب کي انعام ڏنو ويندو هو. هن وقت هنديءَ ۾ چئن ڪتابن کي ۽ ٻين ٻولين مان هرهڪ ٻوليءَ جي ٻن ڪتابن کي انعام ڏنو وڃي ٿو.

هن چٽاڀيٽيءَ جي حاصلاتن تي رائزني ڪندي جيوت گوگيا چوي ٿو :

”انهيءَ چوڻ کان مان نٿو هٻڪان تہ سنڌي ٻال ساهتيہ جي نرماڻ جي سونهري يگہ جي شروعات ١٩٥٧ کان ٿي. ان سال ڀارت سرڪار جي مرڪزي تعليم کاتي طرفان ٻارن جي ساهت جي چٽاڀيٽيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ڀارت جي ٻين ٻولين سان شامل ڪيو ويو. پوءِ اسان ساهتڪارن جو ڌيان ان ساهت جي شاخ ڏانهن ويو.“ [1]

1. ’گذريل ڏهاڪي ۾ سنڌي ادب جو جائزو - ٻال ساهت‘ (جيوت گوگيا) ’ادبي چمن‘ ٨٨ ص. ٢

سنڌيءَ ۾ هيلتائين جن ڪتابن کي (۽ دستخطن کي) اهو انعام مليو آهي تن جي وچور هيٺ ڏجي ٿي.

## خاڪو - ١٦ اين.سي.اِي.آر.ٽي. طرفان ٻال ساهتيہ جو انعام حاصل ڪيل ڪتابن/ دستخطن جي وچور

| نمبر | ڪتاب/دستخط جو نالو | ليکڪ/رچيتا | انعام ملڻ جو سال | صنف |
|---|---|---|---|---|
| ١ | لاٽيون | گووردن ڀارتي | ١٩٥٧ | ڪوتا |
| ٢ | باغ بهار | پرسرام ضيا | ١٩٥٨ | ڪوتا |
| ٣ | ڏاڏيءَ جون آکاڻيون | جيوت گوگيا 'جوت' | ١٩٦٠ | آکاڻي |
| ٤ | ڀارت درشن | فتحچند واسواڻي | ١٩٦١ | سير سفر |
| ٥ | نئين بستي | گووردن ڀارتي | ١٩٦٢ | آکاڻي |
| ٦ | ڇهچٽا | منوهرداس ڪوڙومل | ١٩٦٣ | ناٽڪ |
| ٧ | ڏاڏيءَ جي ڏات | ليکراج هنس | ١٩٦٤ | لوڪڪهاڻي |
| ٨ | هڪڙو هو راجا | لڇمڻ ڀاٽيا 'ڪومل' | ١٩٦٥ | — |
| ٩ | جواهر درشن | ديپچندر تلوڪچند | ١٩٦٦ | جيوني |
| ١٠ | مرڪندڙ مکڙيون | لڇمڻ ڀمڀاڻي | ١٩٦٧ | ڪوتا |
| ١١ | ٻاپو درشن | پريداس برهمچاري | ١٩٦٨ | جيوني |
| ١٢ | دادا درشن | ديال آشا | ١٩٧٢-٧٣ | جيوني |
| ١٣ | گلڙن جا گيت | موتي پرڪاش | ١٩٧٣-٧٤ | ڪوتا |
| ١٤ | جهرمر | منوهر بيدي | ١٩٧٤-٧٥ | ڪوتا |
| ١٥ | وگيان جوتي | بي. ليکواڻي | ١٩٧٥-٧٦ | — |
| ١٦ | وطن صدقي | ديال آشا | ١٩٧٨-٧٩ | جيوني |
| ١٧ | ماستر موکل تي | هوندراج بلواڻي | ١٩٨٠-٨١ | ناٽڪ |
| ١٨ | مهڪندڙ مکڙيون | ديال آشا | — | ڪوتا |
| ١٩ | هندستان جي آزاديءَ جي ڪهاڻي | قول روهڙا | ٨٤ ۽ ٨٥ | اتهاس |
| ٢٠ | مزيدار گيت | هري دلگير | ٨٤ ۽ ٨٥ | ڪوتا |

| نمبر | ڪتاب/دستخط جو نالو | ليکڪ/رچيتا | انعام ملڻ جو سال | صنف |
|---|---|---|---|---|
| ٢١ | اسين سڀ هڪ آهيون | ديال آشا | ٨٦ ۽ ٨٧ | گفتگو ۽ ڪوتا |
| ٢٢ | امان توکي خبر آهي؟ | واسديو نرمل | ٨٦ ۽ ٨٧ | مونولاگ |
| ٢٣ | قدرت جي گود ۾ | هوندراج بلواڻي | ٨٨ ۽ ٨٩ | گفتگو |
| ٢٤ | چنڊ تي چڙهائي | گوورڌن ڀارتي | ٨٩ ۽ ٩٠ | ڪهاڻي |
| ٢٥ | سياڻا سمجهوُ ٻارڙا | هوندراج بلواڻي | ٨٩ ۽ ٩٠ | ڪهاڻي |
| ٢٦ | ٻارو اچو تہ ڳايون | ديال آشا | ٩٠ ۽ ٩١ | ڪوتا |
| ٢٧ | اُڏر اُڏر ڙي پوپٽڙا | ڪيمن موُلاڻي | ٩٠ ۽ ٩١ | ڪوتا |

## (٢) سينٽرل هندي ڊئريڪٽوريٽ

ڀارت سرڪار جي تعليم کاتي جي سايعي هيٺ هلندڙ سينٽرل هندي ڊئريڪٽوريٽ طرفان سنڌي ڀاشا ۽ ساهتيہ جي وڪاس لاءِ ڪوششون هلندڙ آهن. هن اِداري طرفان سيمينار ۽ ورڪشاپ ڪيا ويندا آهن، بهترين ڪتابن کي انعام ڏنا ويندا آهن، معياري ڪتابن جي ڀڃي خريدي ڪري، اهي ڪتاب ڀارت جي سنڌي سنستائن، لئبررين ۽ اسڪولن وغيره کي موڪليا ويندا آهن. بهترين ڪتابن کي انعام ڏيڻ جي اسڪيم ۾ اڄ تائين ٻال ساهتيہ جي ڪنهن بہ ڪتاب کي انعام نہ ڏنو ويو آهي پر اِداري طرفان ٿيندڙ ورڪشاپن ۽ سيمينارن ۾ ٻال ساهتيہ جي وشيہ کي شامل ڪيو ويو آهي.

ڊئريڪٽوريٽ طرفان هيلتائين جيڪي ورڪشاپ ٿي چڪا آهن تن مان ٻال ساهتيہ تي ڪل ٻہ ورڪشاپ ٿيا آهن. پهريون ٣ جون کان ٩ جون ١٩٨٠ تائين، آديپور (گانڌيڌام) ۾ ۽ ٻيو ١ مارچ کان ٧ مارچ ١٩٨٧ تائين، احمدآباد ۾. آديپور ۾ ٿيل ورڪشاپ جو ڊئريڪٽر هريش واسواڻي هو ۽ نون اُسرندڙ ليکڪن کي ٻال ساهتيہ لکڻ سيکارڻ لاءِ گائيڊ طور گوورڌن ڀارتي ۽ هوندراج بلواڻي حاضر رهيا هئا. ان ورڪشاپ ۾ ڏهاڪو کن اُسرندڙ ليکڪن حصو ورتو. ورڪشاپ جو اُدگهاٽن ٻال ساهتيڪار هري دلگير ڪيو جنهن پنهنجي تقرير ۾ سنڌي ٻال ساهتيہ جي هاڻوڪي حالت تي سرسري نظر وڌي. ڊئريڪٽوريٽ جي تنهن وقت جي ڊيپوٽي ڊئريڪٽر ايس.ڪي. ورما سماپن

سماروهہ ۾ ورڪشاپ جي حاصلات بابت ڳالهائيندي چيو :

”ٻال ساهتيہ ورڪشاپ جا ٻہ رهبر شري گووردن محبوباڻي ’پارتي‘ ۽ شري هوندراج بلواڻي انهيءَ ڪيتر جا آزمودگار، پختا ۽ سمرپت ليکڪ آهن. ورڪشاپ جي جدا جدا بئنڪن ۾ هنن وشيہ جي جدا جدا پهلن جي ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي. هنن نہ صرف گهربل تواريخي ۽ منووگيانڪ ڄاڻ ڏني آهي پر نون لکندڙن کي ٻال ساهتيہ لکڻ جا طريقا پڻ سمجهايا آهن.“ [1]

احمدآباد ۾ تاريخ ۱ مارچ کان ۷ مارچ ۱۹۸۷ تائين ٿيل ٻال ساهتيہ ورڪشاپ جو ڊئريڪٽر هوندراج بلواڻي هو ۽ گائيڊ هئا گووردن ڀارتي، جڳديش لڇاڻي ۽ شريمتي ڦول روهڙا. ان ورڪشاپ ۾ ۳۵ نون ليکڪن بهرو ورتو. مکيہ مهمان هو ٻالڪن جي ڀاريءَ جو برپا ڪندڙ دادا شيوڪ ڀوڄراج.

هن اداري طرفان ٻال ساهتيہ جا هيٺيان ڪتاب ٻين ٻولين مان ترجمو ڪرائي ڇپايا ويا آهن. (۱) سارٿي پتر جي ڪهاڻي (۲) موهن جي ڏڙي جي مايا (۳) اتهاسڪ آکاڻيون (۴) اسان جا پاڙيسري (۵) هماليہ جو جوکائتو سفر.

ڊئريڪٽوريٽ طرفان ٿيل سيمينارن ۾ فقط هڪ سيمينار ۾ ٻال ساهتيہ جي وشيہ تي مقالي کي جڳهہ ملي آهي. ’آزاديءَ بعد سنڌي ساهتيہ جي اوسر‘ وشيہ تي ۱۲ ۽ ۱۳ جنوري ۱۹۹۱ تي ڀوپال ۾ ٿيل سيمينار ۾ هوندراج بلواڻي ’سنڌي ٻال ساهتيہ جو تنقيدي جائزو‘ وشيہ تي پنهنجو مقالو پيش ڪيو هو.

بس، انهن چند مشغولين کان سواءِ، ڊئريڪٽوريٽ طرفان ٻال ساهتيہ لاءِ، ڪافي گنجائشون هوندي بہ، ٻيو ڪو خاص ذڪر جهڙو ڪاريہ نہ ڪيو ويو آهي.

## (۳) جدا جدا راڄين جون اڪادميون :

سڄي ڀارت ۾ فقط چئن راڄين ـــ راجستان، گجرات، مهاراشٽرا ۽ مڌيہپرديش ۾ سنڌي اڪادميون برپا ٿيل آهن. انهن سنڌي اڪادمين طرفان ٻال ساهتيہ لاءِ ڇا ڇا ڪيو ويو آهي، ان جو جائزو وٺون.

### (الف) راجستان سنڌي اڪادمي

راجستان سنڌي اڪادميءَ جي رچنا ۱۹۶۹ ۾ ٿي. هن اڪادميءَ طرفان

1. Paper presented on the occassion of Valedictory Function (9.6.80) by S.K. Verma, Deputy Director, CHD.

سنڌي ٻولي، ڪلا ۽ ساهتيہ جي وڪاس لاءِ جيڪي يوجنائون هلندڙ آهن تن ۾ ٻال ساهتيہ جون بہ ڪي يوجنائون آهن. بهترين ڪتابن کي انعام ڏيڻ واري يوجنا ۾ ٻال ساهتيہ کي پڻ شامل ڪيو ويو آهي، جنهن موجب فقط هڪ ئي دفعو ٽيل ٻال ساهتيہ جي چٽاڀيٽيءَ ۾ واشديو سنڌو پارتيءَ کي سندس لکيل ٻال ڪهاڻي سنگره 'نئين روشني' تي انعام مليل آهي. تنهن سواءِ ١٩٨٧ ۾ اکل ڀارت سطح تي ٻال ڪهاڻي چٽاڀيٽي بہ رکي ويئي جنهن ۾ هيٺين ٽن ٻال ڪهاڻين کي انعام ڏنا ويا :

| | |
|---|---|
| ١. جڏهن ڪوئي ٻليءَ کي سمهاريو | ايشور چندر |
| ٢. شريمان اڪروٽ | هوندراج بلواڻي |
| ٣. مستقبل جي ماتا | شوو رامناڻي |

انهن ٽنهي ٻال ڪهاڻين کي بعد ۾ وڏن جي لاءِ رکيل ڪهاڻي چٽاڀيٽيءَ جي انعامي ڪهاڻين سان شامل ڪري 'پراشچت' (١٩٨٨) نالي هڪ مجموعي ۾ ڇپايو ويو.

## (ب) ڀاشانيامڪ-گجرات ساهتيہ اڪادمي-گجرات سنڌي اڪادمي

گجرات سرڪار طرفان سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ جي وڪاس لاءِ ڀاشا نيامڪ (ڊئريڪٽر آف لئنگويجز) تي، گجراتيءَ سان گڏ سنڌي ۽ اُردو ڀاشا جي يوجنائن جي بہ جوابداري رکي ويئي. اڳتي هلي گجرات ۾ گجراتي ڀاشا لاءِ گجرات ساهتيہ اڪادميءَ جي رچنا ٿي تہ انهن سڀني يوجنائن جي جوابداري اڪادميءَ کي سونپي ويئي. بعد ۾ سنڌي ڀاشا لاءِ الڳہ گجرات سنڌي اڪادميءَ جي اِستاپنا ٿيڻ کان پوءِ اهي ساڳيون يوجنائون سنڌي اڪادميءَ کي سپرد ڪيون ويون.

شروعات ۾ ڀاشا نيامڪ طرفان معياري ڪتابن کي انعام ڏيڻ جي اسڪيم داخل ڪئي ويئي. جنهن موجب ٻال ساهتيہ جي ڪتابن لاءِ ڪهاڻي، گيت، ناٽڪ، عام ڄاڻ ۽ جيون چرتر جهڙن پنجن وڀاڳن ۾ هرهڪ وڀاڳہ لاءِ پهريون، ٻيون ۽ ٽيون- اهڙيءَ طرح ڪل ١٥ انعام ڏيڻ شروع ڪيا ويا. بعد ۾ اها ئي اسڪيم گجرات ساهتيہ اڪادمي ۽ گجرات سنڌي اڪادميءَ پڻ چالو رکي. هن اسڪيم هيٺ ٻال ساهتيہ جي هيٺين ڪتابن کي انعام ملي چڪا آهن:

| | |
|---|---|
| ١. وڏن جي ننڍپڻ | رام ڀاڳچنداڻي 'گيان' |

| | |
|---|---|
| ٢. پلي آيو آرتوار | رام پاٻچنداڻي ’گيان‘ |
| ٣. پري لوڪ | رام پاٻچنداڻي ۽ پيمنداس شهدادپوري |
| ٤. گيان جو خزانو | هوندراج بلواڻي |
| ٥. انمول موتي | هوندراج بلواڻي |
| ٦. چوٿون باندر | هوندراج بلواڻي |
| ٧. ڪوئي لڏي هڏ ڳڙي | هوندراج بلواڻي |
| ٨. پاراٽا گيت | سترامداس سائل |
| ٩. رنگبرنگي ڦوڪڻا | ڀڳوان نردوش |
| ١٠. رم جهم رم جهم | ڀڳوان نردوش |
| ١١ جادونگري | بي.ايڇ. آڏواڻي |
| ١٢. آڪاشي ياترا | جينو لالواڻي |
| ١٣. ڦول چمن جا | گهنشيام ساگر |
| ١٤. پوستن جو دٻو | چندرسين ناواڻي |
| ١٥. پنکڙيون گلاب جون | ڪمل پياسي |
| ١٦. منڙيون لاتيون | سياش شرما ’سجاڳ‘ |
| ١٧. وير بالڪ | منوهر نهالاڻي |
| ١٨. وچتر راجڪماري | منوهر نهالاڻي |
| ١٩. ڪنهن سان ٻالهه نه ڪڄ | ڪنعيو گيرياڻي |
| ٢٠. لال جادوگر | ميول آهوجا |
| ٢١. بال واچن مالا | پي. وي. گرناڻي |

ڀاشا نيامڪ طرفان گجراتيءَ مان سنڌيءَ ۾ ۽ سنڌيءَ مان گجراتيءَ ۾ ڪتاب ترجمو ڪري ڇپائڻ جي لاءِ انوادڪن کي گرانٽ ڏيڻ شروع ڪئي ويئي، جنهن کي ٻه اڳتي هلي ٻنهي اڪادمين جاري رکيو. هن اسڪيم هيٺ گجراتي ٻال ساهتيه جا ڪيترا ئي ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيا. انهن ڪتابن جي وچور الڳ هڪ باب ۾ ڏني ويئي آهي.

گجرات سنڌي اڪادميءَ طرفان جيوت گوگيا ’جوت‘ جي سمپادڪيءَ ۾ ’رنگبرنگي گيت ۽ ڪهاڻيون‘ نالي هڪ ڪتاب ڇپايو ويو آهي. ٻال ساهتيه ڇپائڻ لاءِ ليکڪن کي گرانٽ ڏيڻ جي يوجنا فقط هڪ سال داخل ڪئي ويئي جنهن ذريعي ٽن ليکڪن کي، سندن هيٺ ڄاڻايل ڪتابن لاءِ گرانٽ ڏني ويئي.

١. ٻارو اڇو تہ ڳايون — ديال آشا
٢. رمجهم رمجهم — پڱوان نردوش
٣. شينهن ۽ ٻڪري — جيوت گوگيا ’جوت‘

سنڌي اڪاديميءَ طرفان ٨٧.٨.٢١ تي ’گذريل ڏهاڪي جي سنڌي ادب جو جائزو‘ وشيہ تي هڪ سيمينار رکيو ويو جنهن ۾ ١٩٧٧ کان ١٩٨٧ تائين لکيل ٻال ساهتيہ تي جيوت گوگيا ’جوت‘ هڪ مقالو پيش ڪيو.

## (ب) مڌيہ پرديش سنڌي ساهتيہ اڪادمي

هن اڪادميءَ طرفان ٢٨ ۽ ٢٩ جولاءِ ١٩٨٦ تي بلاسپور ۾ ٻال ساهتيہ تي هڪ سيمينار رکيو ويو جنهن ۾ هوندراج بلواڻيءَ ’سنڌيءَ ۾ ٻال ساهتيہ ليکن‘ وشيہ تي، گوورڌن ڀارتيءَ ’اڇوڪي يگہ جي حوالي ۾ ٻال ساهتيہ‘ وشيہ تي ۽ راڌاڪرشن گرناڻيءَ ’ٻال ساهتيہ ۽ منووگيانڪ درشٽي‘ وشيہ تي پيپر پڙهيا. ان سواءِ ٻن وشين تي ننڍا پيپر بہ پڙهيا ويا جي هئا قيمت هريسنگهاڻيءَ جو ’ورهاڱي کان اڳہ ۽ پوءِ جو سنڌي ٻال ساهتيہ‘ ۽ جهمون ڇٻاڻيءَ جو ’سنڌي ٻال ساهتيہ ۾ اوڻايون ۽ انهن جي پوئواري.‘

# ٣. غير سرڪاري سنستائون :

## (١) ٻالڪن جي ٻاري

ٻالڪن جي ٻاري، ديش جي هڪ جهوني، وڏي ۽ مشهور سنستا آهي. ٻاريءَ جي اِستاپنا سنڌ جي ڪراچي شهر ۾ ١ آڪٽوبر ١٩٢٦ تي ٿي هئي. ان کي برپا ڪندڙ هو ٻال پريمي دادا شيوڪ ڀوڄراج. دادا شيوڪ جو ٻارن سان بيحد پيار هو انهيءَ ڪري شروعات ۾ هوُ ٻارن کي هر هفتي ڪنو ڪري آکاڻيون ٻڌائيندو هو، کلائيندو هو، کيڏائيندو هو. ٻارن سان هر هفتي ٿيندڙ انهيءَ گڏجاڻيءَ کي هن ٻالڪن جي ٻاري نالو ڏنو. ڪراچيءَ کان پوءِ سنڌ جي ٻين نگرن ۽ شهرن جهڙوڪ لاڙڪاڻہ، سکر، ميرپور خاص، حيدرآباد، جيڪب آباد، شڪارپور، نوابشاهہ، شهدادپور، روهڙي، ڪوٽڙي وغيره ۾ بہ ٻاريءَ جو شاخائون کليون. لڳ ڀڳ سٺن سالن تائين ٻاريءَ جو ڪاريہ کيتر سنڌ تائين محدود رهيو پر پوءِ سنڌ کان ٻاهر بہ ان جون شاخائون کلڻ لڳيون. ٻال ميلا لڳڻ لڳا. ٻارن کي هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻ جو وجهہ ملڻ لڳو. ٻارن ۾ آکاڻيون ٻڌڻ ۽ پنهنجيون ننڍڙيون رچنائون ٻڌائڻ جو شوق پيدا ٿيو ۽ اهو

وڏڻ لڳو. کين اُتساهه مليو. ۱۹۳۳ ۾ ٻالڪن جي ٻاريءَ طرفان ٻارن جو رسالو 'گلستان' شروع ڪيو ويو. اهو رسالو ٻارن کي خوب وڻيو. ورهاڱي کان پوءِ بمبئيءَ مان اهو رسالو وري شروع ڪيو ويو پر ڪيترين ڪنناين ڪارڻ اهو وڌيڪ وقت هلي نه سگهيو. ۱۹۳۶ ۾ ٻاريءَ طرفان انگريزيءَ ۾ 'پشپ' رسالو ڪڍيو ويو. انهن رسالن ۾ به ٻار پنهنجيون لکڻيون موڪليندا هئا، جنهن ڪري ٻارن ۾ اهي رسالا پڙهڻ ۽ انهن رسالن لاءِ ڪجهه نه ڪجهه لکڻ جو چاهه ٿيندو هو.

سنڌي ٻال ساهتيه جي واڌاري لاءِ ٻاريءَ جون ڪوششون سيني لاءِ پريرڻادايڪ رهيون آهن، ان ۾ ڪو شڪ نه آهي. نه صرف سنڌي ٻال ساهتيه لاءِ پر ٻين ٻولين جي ٻال ساهتيه لاءِ ٻاريءَ ذڪر جوڳو ڪم ڪيو آهي.

ٻالڪن جي ٻاري هن وقت هڪ انترراشتريه سنستا جي روپ ۾ سڄي دنيا ۾ ڦهلجي چڪي آهي. ديش وديش ۾ ان جون گهڻيون ئي برانچون آهن. انهن برانچن ۾ ٻار ملندا رهن ٿا، آکاڻيون، گيت ۽ ناٽڪ وغيره پيش ٿين ٿا.

## (۲) ٻال سنڌو سرڪل

ٻارن جي سنستا 'ٻال سنڌو سرڪل' جي اِستاپنا ۱۴ نومبر ۱۹۷۶ تي ٿي. پهريون پروگرام انهيءَ ڏينهن، ٻال دن جي موقعي تي رکيو ويو. 'ٻال مشاعرو' نالي انهيءَ پروگرام ۾ احمدآباد جي سنڌي اسڪولن جي وديارٿين پنهنجون رچيل ٻال ڪوتائون پيش ڪيون. بهترين رچنائن تي ٻارن کي روڪڙ انعام ڏنا ويا.

۱۹۷۹ ۾ ٻال ساهتيڪارن لاءِ اکل ڀارت سطح تي هڪ ڪهاڻي چٽاڀيٽي رکي وئي. چٽاڀيٽيءَ ۾ آيل سيني ڪهاڻين کي پهرين 'زندگي' اخبار ۾ هڪ هڪ ڪري ڇپايو ويو بعد ۾ سيني کي گڏ ڪري هڪ مجموعي جي روپ ۾ به 'انوکيون آکاڻيون' عنوان سان ڇپايو ويو. پهرين ٽن بهترين آکاڻين کي روڪڙ انعام ڏنا ويا. انعام حاصل ڪندڙ ٻال ڪهاڻيون هي آهن :

| | |
|---|---|
| ۱. ايڪتا جو ٻل | واشديو سنڌو ڀارتي |
| ۲. لالچ جو ڦل | جڳديش لڇاڻي |
| ۳. ماستر گوڙومل جو گڏهه | جيوت گوگيا 'جوت' |

اسڪولي ٻارن کي ڳائڻ لاءِ همٿائڻ لاءِ ۱۸ جنوري ۱۹۸۶ تي 'ٽئلينٽ

سرچ' جهڙو هڪ پروگرام رکيو ويو جنهن ۾ احمدآباد جي سنڌي اسڪولن جي شاگردن ٻال گيت ڳائي پيش ڪيا. انهيءَ چٽاڀيٽيءَ ۾ پهريون، ٻيون ۽ ٽيون نمبر آيل ٻارن کي انعام ڏنا ويا. انهن ئي ٻارن کي اڳتي هلي اسٽيج تي به پيش ڪيو ويو ته ريڊيو تي به پيش ڪيو ويو.

آڪاشواڻي احمدآباد ٻڙودا تان پڻ ٻال سنڌو سرڪل جي ٻال ڪلاڪارن ناٽڪ، گيت ۽ ٻيا پروگرام وقت به وقت پيش ڪيا آهن. سرڪل طرفان ٻال ساهتيه جا ڪي اڻلڀ ڪتاب به ٻيهر ڇپايا ويا آهن. انهن جا نالا آهن :

| | |
|---|---|
| ١. سرڳ جي ڳولها | موهن ڪلپنا |
| ٢. لاٽيون | گوورڌن ڀارتي |
| ٣. ڏاڏيءَ جون آکاڻيون | جيوت گوگيا 'جوت' |
| ٤. ڀائي وائي ۽ ڀائي وزو | مرزا قليچ بيگ |

٣١ آگسٽ ١٩٨٣ تي سرڪل طرفان گجراتي ساهتيه جي مشهور ٻال ساهتيڪارن- يشونت مهتا، هريش نايڪ ۽ شوم سندرم سان هڪ ملاقات رکي ويئي جنهن ۾ انهن ٻال ساهتيڪارن نه صرف ٻارن کي آکاڻيون ٻڌايون پر ٻارن جي سوالن جا جواب پڻ ڏنا.

## (٣) ٻيون سنستائون

اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا، سنڌي ٻولي، ساهتيه ۽ تعليم جي بهبوديءَ لاءِ ڪاريه ڪندي رهي آهي. هن سنستا طرفان وقت به وقت سيمينار ڪيا ويندا آهن. ٧ جولاءِ ١٩٧٩ تي سڀا طرفان ٻال ساهتيه تي هڪ سيمينار رکيو ويو، جنهن جو وشيه هو 'ٻال ساهت ۽ سنڌيءَ ۾ ان جي اهميت'. سيمينار ۾ انهيءَ وشيه تي ڪل ڇهه پيپر پيش ڪيا ويا.

ديش جي سنڌي اسڪولن ۽ ٻين تعليمي سنستائن طرفان به ڪڏهن ڪڏهن ننڍا وڏا پروگرام ٿيندا رهيا آهن.

هيترو ڪجهه هئڻ جي باوجود، ڪنهن سنستا ٻال ساهتيه لاءِ ڪو وڏو ڪارنامو ڪري ڏيکاريو هجي، اهڙو موقعو اَجا تائين نه آيو آهي.
□□

باب ڏهون

# ترجمو ٿيل ٻال ساهتيہ

هر ٻوليءَ ۾ اصلوڪي ٻال ساهتيہ سان گڏ ترجمو ٿيل ٻال ساهتيہ پڻ ڇپجندو رهيو آهي. ديش ۽ دنيا جي ٻال ساهتيہ سان ڏي-وٺ ۽ رابطو قائم ڪرڻ لاءِ انواد جي مشغولي ضروري بہ آهي. ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ڇپيل سنو ٻال ساهتيہ پنهنجي ٻوليءَ جي ٻارن کي انواد ذريعي ڏيئي سگهجي ٿو. ان طرح پنهنجي ٻوليءَ جي سٺي ٻال ساهتيہ کي ٻين ٻولين جي ٻارن تائين پهچائي سگهجي ٿو. ان طرح جي مشغوليءَ وسيلي پنهنجي ٻوليءَ سان گڏوگڏ ٻين ٻولين ۾ لکجندڙ ٻال ساهتيہ جي نہ صرف ڄاڻ پوي ٿي پر انهن ٻولين جي ٻال ساهتيہ جي لاڙن ۽ رخن کان بہ واقف ٿي سگهجي ٿو.

سنڌيءَ ۾ اصلوڪي ٻال ساهتيہ سان گڏ ترجمو ٿيل ٻال ساهتيہ بہ ڇپجندو رهيو آهي. ورهاڱي کان اڳ ٻين ٻولين جون سٺيون رچنائون ترجمو ڪري سنڌي ٻارن اڳيان رکيون ويون. ورهاڱي کان پوءِ اصلوڪو ٻال ساهتيہ ڇٽو لکيو ويو آهي گڏوگڏ انواد جي مشغولي بہ جاري آهي.

(١) ورهاڱي کان پوءِ ترجمو ٿيل ٻال ساهتيہ ۾ پهريون ڪتاب رابيندرناٿ ٽئگور جي مشهور رچنا 'ڊاڪ گهر' ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ١٩٥٧ ۾ نارائڻي پوڄواڻيءَ ان جو ترجمو ڪيو. ان بعد سنڌي ساهتيہ سمتي، بمبئي طرفان 'ڀيشم پتامهہ' ۽ 'ارجن' جهڙا ڪتاب ترجمو ڪري ڇپايا ويا. گجراتي ٻال ساهتيڪار گجوڀائي جي ٻال ڪهاڻين کي سنڌي روپ ۾ آڻي پيش ڪيو ويو. ترجمن جي رفتار شروعات ۾ ڍري رهي. ١٩٤٧ کان وٺي ١٩٦٥ تائين ٽوٽل ارڙهن سالن ۾ فقط چار ڪتاب ڇپيل نظر اچن ٿا.

(٢) ١٩٦٦ کان وٺي ترجمن جي مشغوليءَ ۾ تيزي آئي. ٻارن جي ماهوار رسالي 'گلستان' (احمدآباد) طرفان اصلوڪن ڪتابن سان گڏ ڪيترا ترجمو ٿيل ڪتاب جهڙوڪ 'گل ٽڙي پيا'، 'ست جادوگر'، 'پرين جو ناچ'، 'جادوگر جو چيلو'، 'پوري ٻلي'، 'پاپا وڃائجي ويو' وغيره ڇپايا ويا. اصلوڪن ٻال ناولن جي کوٽ کي محسوس ڪندي ڪي ترجمو ٿيل ٻال ناول پڻ ڇپايا ويا.

اهو سلسلو ۱۹۸۰ تائين هليو.

(۳) ۷۹-۱۹۷۸ سال ۾ گجرات سرڪار جي ڀاشا نيامڪ طرفان ترجمو ڪيل ڪتاب ڇپائڻ لاءِ گرانٽ ڏيڻ جي يوجنا شروع ڪئي ويئي تہ گجراتيءَ مان ترجمو ڪري ڪتاب ڇپائڻ جي مشغوليءَ زور پڪڙيو ۽ گجراتيءَ جون چونڊ رچنائون سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيڻ لڳيون. انهيءَ يوجنا هيٺ 'گجراتي ساهتيہ جا چونڊ ٻال ناٽڪ'، 'اچو ڪريون دنيا جو سير'، 'امرت ڪٿائون'، 'ميان ڦسڪي' سيريز جا ڪي ڪتاب ۽ ٻيو هرقسم جو ٻال ساهتيہ ترجمو ڪري ڇپايو ويو.

سنڌيءَ ۾، جدا جدا ٻولين مان ترجمو ٿي آيل ٻال ساهتيہ تي نظر وجهون.

## خاڪو-۱۷ ترجمو ٿيل ٻال ساهتيہ جي وچور

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ | انوادڪ | سال | صنف | ڇپائيندڙ |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ۱ | ڊاڪ گهر | رابيندرناٿ ٽئگور | نارائڻي يوڄراج آڏواڻي | ۱۹۵۷ | ناٽڪ | هندستان ساهتيہ مالا، بمبئي |
| ۲ | ڀيشم پتامهہ | ستيہ نارائڻ وياس | ايشوري جوتواڻي | ۱۹۶۰ | جيوني | سنڌي ساهتيہ سمتي، بمبئي |
| ۳ | ٻاراڻيون ٻوليون (د) | گجوڀائي | نارائڻداس ملڪاڻي | ۱۹۶۳ | ڪهاڻيون | لوڪ سيوا منڊل، بمبئي |
| ۴ | ارجن | ستيہ نارائڻ وياس | ايشوري جوتواڻي | ۱۹۶۳ | جيوني | سنڌي ساهتيہ سمتي، بمبئي |
| ۵ | وير نارِيون | — | هوندراج بلواڻي | ۱۹۶۶ | جيوني | آريہ پريمي ڪارياليہ، اجمير |

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ | انوادڪ | سال | صنف | ڇپائيندڙ |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ٦ | نيڪ نينگر | — | هوندراج بلواڻي | — | ناول | اپسرا پبليڪيشن، احمدآباد |
| ٧ | برف جو پتلو | جدا جدا ليکڪ | هوندراج بلواڻي | — | ڪهاڻيون | ” ” |
| ٨ | چون چون چاچو | يشونت مهتا | ” ” | ١٩٦٨ | چترڪٿا | گلستان پبليڪيشن، احمدآباد |
| ٩ | آڪاشي ڪوئو | ” ” | ” ” | ١٩٦٩ | ” | ” ” |
| ١٠ | گل ٽڙي پيا | بلونت سنگهه | رام پاگچنداڻي ’گيان‘ | ” | ناول | ” ” |
| ١١ | ست جادوگر | موهنچندر جوشي | هوندراج بلواڻي | ١٩٦٩ | ناول | ” ” |
| ١٢ | ڳاڙهو تاج | ڪرشن چندر | رام پاگچنداڻي ’گيان‘ | ١٩٧٠ | ” | ” ” |
| ١٣ | روپ ڪماري | ڪٿاسين | گنگو آهوجا | — | ” | ببلو پبليڪيشن، احمدآباد |
| ١٤ | راجا جي بلبل | هينس اينڊرسن ۽ ٻيا | هوندراج بلواڻي | ١٩٧٥ | ڪهاڻيون | گلستان پبليڪيشن احمدآباد |
| ١٥ | نانيءَ جي عجيب ڪرسي | فرانسس برائون ۽ ٻيا | ” ” | ” | ” | ” ” |
| ١٦ | پرين جو ناچ | گووند سنگهه | گوپال ڏيوناڻي | ١٩٧٦ | ناول | ” ” |

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ | انوادڪ | سال | صنف | ڇپائيندڙ |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ١٧ | عقل جون آڪاٽيون | آشا شرت | هوندراج جي. واڌواڻي | ١٩٧٦ | ڪهاڻيون | گلستان پبليڪيشن، احمدآباد |
| ١٨ | جادوگر جو چيلو | ڊي.ڪي. جئن | راجيش ڪتواڻي | ” | لنبي ڪهاڻي | ” ” |
| ١٩ | اڳڙيءَ جو گڏو | — | لڇمڻ ڪڪريجا | ” | ” ” | ” ” |
| ٢٠ | ٻوري ٻلي | — | ” ” | ١٩٧٧ | ” ” | ” ” |
| ٢١ | ايسپ جون آڪاٽيون | ايسپ | هوندراج بلواڻي | ” | ڪهاڻيون | ” ” |
| ٢٢ | راجڪماري سيپٽمبر | سامرسيٽ مام ۽ ٻيا | ” ” | ” | ” | ” ” |
| ٢٣ | ڪنجوس جو دان | — | موهن پنجواڻي | ” | ” | ” ” |
| ٢٤ | هرٽڪشپ جو خون | شريڪرشڻ | شيام رامرکياڻي | ” | ناٽڪ | ” ” |
| ٢٥ | هيرن جي چوري | شئل تواري ۽ ٻيا | ڪشن اوڏوداس ۽ لڇمڻ سنتومل | ١٩٧٨ | ڪهاڻيون | ” ” |
| ٢٦ | اگني پکي | جدا جدا ليکڪ | ديپا آزاد صوفي | ” | ” | ” ” |
| ٢٧ | پاپا وڃائجي ويو | وجيه تينڊولڪر | پريم پرڪاش | ١٩٧٩ | ناٽڪ | ” ” |
| ٢٨ | دنيا جون بهترين ٻال ڪهاڻيون | جدا جدا ليکڪ | هوندراج بلواڻي | ” | ڪهاڻيون | اپسرا پبليڪيشن، احمدآباد |

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ | انوادڪ | سال | صنف | ڇپائيندڙ |
| --- | --- | --- | --- | --- | --- | --- |
| ٢٩ | گلن جي ٽوڪري | ڪرشتاف وان شمڊ ۽ ٻيا | هوندراج بلواڻي | ١٩٧٩ | ڪهاڻيون | گلستان پبليڪيشن، احمدآباد |
| ٣٠ | ٽام هڪ ڇوڪرو هو | مارڪ ٽوين ۽ ٻيا | هوندراج بلواڻي | ” | ” | ” ” |
| ٣١ | هڪ گناهه معاف | يشونت مهتا | ” ” | ١٩٨١ | ” | انوادڪ پاڻ |
| ٣٢ | جادوئي چدو | جيورام جوشي | جينو لالواڻي | ١٩٨٢ | ناول | ” ” |
| ٣٣ | ڪڇوُ ٻڇوُ | هريش نايڪ | رام ياڳچنداڻي ’گيان‘ | ” | ” | ” ” |
| ٣٤ | اپنگ آهيون ڪمزور ناهيون | يشونت مهتا | جيوتي لالواڻي | ” | جيوني | ” ” |
| ٣٥ | سندباد جا ست سفر | ستيم | ارجن يمياڻي | ” | ناول | ” ” |
| ٣٦ | گرهه ۾ ساهسي اِنسان | يشونت مهتا | سريش ڪمار ٻيجاڻي | ١٩٨٣ | ” | ” ” |
| ٣٧ | ڇڪو ۽ مڪو | جيورام جوشي | رام جادواڻي | ” | ” | ” ” |
| ٣٨ | شاهوڪار ڪوئو | — | هوندراج بلواڻي | ” | ڪهاڻيون | گلستان پبليڪيشن، احمدآباد |
| ٣٩ | ڪمل ڪيسوُ ۽ گلاب | ميوُر | ريتيش جيوناڻي | ” | ” | انوادڪ پاڻ |
| ٤٠ | چمبيلي پري | بي.جي. ڪاپڙي | ڪمل ٽهلراماڻي | ” | ” | انوادڪ پاڻ |

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ | انوادڪ | سال | صنف | ڇپائيندڙ |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ۴۱ | علي بابا گم | جيورام جوشي | جينو لالواڻي | — | ناول | انوادڪ پاڻ |
| ۴۲ | چنڊ تي چڙهائي | يشونت مهتا | ڪمل ٺهلراماڻي | ۱۹۸۴ | ناول | انوادڪا پاڻ |
| ۴۳ | گجراتي ساهتيه جا چونڊ پال ناٽڪ | جدا جدا ليکڪ | هوندراج بلواڻي | ” | ناٽڪ | انوادڪا پاڻ |
| ۴۴ | سر جو سانگو | جيورام جوشي | هرديوي سوني | ” | ڪهاڻيون | انوادڪا پاڻ |
| ۴۵ | اچو ڪريون دنيا جو سير | يشونت مهتا | رام پاگچنداڻي ’گيان‘ | ” | عام ڄاڻ | انوادڪ پاڻ |
| ۴۶ | چوويهن گرن جو چيلو | هريش نايڪ | هرنام جيوناڻي | ” | ڪهاڻيون | انوادڪا پاڻ |
| ۴۷ | گِر جا شينهن | بي. جي. ڪاپڙي | ڪشور آهوجا | ” | عام ڄاڻ | انوادڪ پاڻ |
| ۴۸ | ٻوگهو گهوگهو | ڪنوپائي راول | ريتيش جيوناڻي | ” | ناول | انوادڪ پاڻ |
| ۴۹ | هڪ ڪن هيٺ، هڪ ڪن مٿي | هريش نايڪ | راجڪماري ٻالاڻي | ” | ڪهاڻيون | انوادڪا پاڻ |
| ۵۰ | امير غلام | جيورام جوشي | آشا سهجاڻي | ” | ناول | انوادڪا پاڻ |
| ۵۱ | عربستان جون آکاڻيون | اڌيا شولعل جيسلپورا | انيتا پنجابي | ” | ڪهاڻيون | انوادڪا پاڻ |
| ۵۲ | ڪلمڪ گانڌي | هريش نايڪ | آشا آهوجا | ” | هاسيه | سنڌي ساهتيه سيا جامنگر |

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ | انوادڪ | سال | صنف | ڇپائيندڙ |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ٥٣ | ڪلمڪ جواهر | هريش نايڪ | آشا آهوجا | ١٩٨٤ | هاسيه | سنڌي ساهتيه سڀا، ڄامنگر |
| ٥٤ | امرت ڪٿائون | يشونت مهتا | جينو لالواڻي | ١٩٨٥ | ڪهاڻيون | ” ” |
| ٥٥ | لاثاني ڪٿائون | يشونت مهتا | جيوتي لالواڻي | ” | ” | ” ” |
| ٥٦ | ميان قسڪي مصيبت ۾ | جيورام جوشي | آشا سهڄاڻي | ” | ناول | انوادڪا پاڻ |
| ٥٧ | هڪ گهوڙو پنج سوار | هريش نايڪ | ريکا جيوناڻي | ” | ” | ” ” |
| ٥٨ | ڇهين سڪه جي ڌرمشالا | جولي نايڪ | سندر آهوجا | ” | ” | سنڌي ساهتيه سڀا، ڄامنگر |
| ٥٦ | ڪارو ڪاڻ ۽ پورو گڏه | شيهاب | هوندراج بلواڻي | ١٩٨٥ | چترڪٿا | ٻاراڻو ادب، احمدآباد |
| ٥٧ | هيرا موتي | للت سهگل، وملا شرما ۽ شانتي پتناگر | ٺهلرام آزاد | ” | ٻي ناول | سنڌو راڄ پبليڪيشن، بمبئي |
| ٦١ | پنچتنتر | وشنو شرما | وشنداس آسراڻي | ” | ڪهاڻيون | شوڀا پبليڪيشن، بمبئي |
| ٦٢ | ٻارن جو گجوياڻي | گجوياڻي | هوندراج بلواڻي | ١٩٨٦ | ” | ٻاراڻو ادب، احمدآباد |
| ٦٣ | ميان قسڪيءَ جو سپنو | جيورام جوشي | هرجس رامرڪياڻي ’ٻالڪ‘ | ” | ” | انوادڪ پاڻ |

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ | انوادڪ | سال | صنف | ڇپائيندڙ |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ٦۴ | گجراتي ساهتيہ جا چوند ٻال گيت | جدا جدا ڪوي | هوندراج بلواڻي | ١٩٨٦ | گيت | ٻاراڻو ادب، احمدآباد |
| ٦۵ | ميان قسڪيءَ جو موت | جيورام جوشي | انيتا پنجابي | - | ناول | انوادڪا پاڻ |
| ٦٦ | ساگر راڻي | ” ” | جئشري نرسنگهاڻي | ١٩٩١ | ” | ” ” |
| ٦٧ | آڪاڻيون عجيب جون | آچاريہ رجنيش | ڦتن پرسواڻي | ١٩٩٢ | ڪهاڻيون | پرياڻ پبليڪيشن، اُلهاسنگر |

مٿين تفصيلن موجب ترجمو ٿيل ڪتابن تي نظرثاني ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ ورهاڱي کان پوءِ ترجمي جي رفتار شروعات ۾ ڍري رهي پر جلد ئي انهيءَ مشغوليءَ زور پڪڙيو. ترجمو ٿيل ساهتيہ انگن اکرن ۾ هن طرح ورهائي سگهجي ٿو :

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| پهريون | ڏهاڪو | ١٩۴٧ | کان | ١٩۵٦ | هڪ بہ ڪتاب نہ | | |
| ٻيون | ڏهاڪو | ١٩۵٧ | کان | ١٩٦٦ | جملي | ٧ | ڪتاب |
| ٽيون | ڏهاڪو | ١٩٦٧ | کان | ١٩٧٦ | ” | ١٢ | ” |
| چوٿون | ڏهاڪو | ١٩٧٧ | کان | ١٩٨٦ | ” | ۴٦ | ” |
| پنجون اڌ | ڏهاڪو | ١٩٨٧ | کان | ١٩٩٢ | ” | ٢ | ” |
| | | | | | ڪل | ٦٧ | ” |

انهيءَ ورهاست موجب ڏسبو تہ پهرئين ڏهاڪي ۾ ترجمو ٿيل هڪ بہ ڪتاب نظر نٿو اچي. ان جو ڪارڻ اهو ٿي سگهي ٿو تہ ورهاڱي کان پوءِ سڀ سنڌي ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ تڙي پکڙجي چڪا هئا ۽ اَجا پوريءَ طرح وسيا ڪونہ هئا. تنهن کان سواءِ سنڌي تعليم لاءِ بہ گهربل سهوليتون ڪونہ هيون. تنهن ڪري ٻارن لاءِ ڪتاب لکڻ يا ترجمو ڪرڻ جي مشغوليءَ طرف گهٽ ڌيان ڏنو ويو هوندو.

سڀ کان وڌيڪ ڪتاب چوٿين ڏهاڪي ۾ ملن ٿا جن جو انداز ۴٦ آهي.

گلستان رسالي طرفان ٻال ساهتيہ جا اصلوڪا توڙي انواد ٿيل ڪتاب ڇپائڻ جي مشغوليءَ انهيءَ تعداد ۾ چڱو اضافو آندو. تنهن ڪان سواءِ گجرات سرڪار طرفان گجراتيءَ مان سنڌيءَ ۾ (۽ سنڌيءَ مان گجراتيءَ ۾ پڻ) ڪتاب ڇپائڻ لاءِ مالي مدد ڏيڻ شروع ڪئي ويئي تہ انهيءَ جو فائدو وٺي گجراتي ساهتيہ جون چونڊ رچنائون سنڌيءَ ۾ آنديون ويون. جنهن سبب بہ ترجمو ٿيل ڪتابن جي تعداد ۾ واڌارو آيو.

هاڻي ترجمو ٿيل ڪتابن جي صنفن ۾ ورهاست ڪري ڏسون :

| | | |
|---|---|---|
| ڪهاڻي ساهتيہ | ٣٠ | ڪتاب |
| ناول | ٢١ | ” |
| ناٽڪ | ۴ | ” |
| جيونيون | ۴ | ” |
| چترڪٿا | ٣ | ” |
| عام ڄاڻ | ٢ | ” |
| هاسيہ (مذاقي) ساهتيہ | ٢ | ” |
| گيت | ١ | ” |
| | ٦٧ | ڪتاب |

## ٻيا ڪي نتيجا

(١) ترجمو ٿيل ٻال ساهتيہ ۾ سڀ کان وڌيڪ تعداد ڪهاڻين جو ۽ ان بعد ناولن جو آهي.

(٢) ترجمو ٿيل ڪتابن مان ٥٩ ڪتاب گجرات مان، ٧ ڪتاب مهاراشٽر مان ۽ ١ ڪتاب راجستان مان ڇپيا آهن.

(٣) ترجمو ٿيل گجرات جي ٥٩ ڪتابن مان ٣٠ ڪتاب گجرات سرڪار جي مالي مدد سان ڇپيا آهن ۽ ٢٢ ڪتاب گلستان پبليڪيشن وارن ڇپايا آهن. ان طرح ترجمي ۾، انهن ٻنهي جو سڀ کان وڏو رول رهيو آهي.

## هنديءَ مان ترجمو ٿيل ٻال ساهتيہ

هندي ديش جي راشٽر ڀاشا آهي. هندي گهڻو ڪري سڄي ديش ۾ لازمي وشيہ طور پڙهائي وڃي ٿي. هندستان جي هرڪنڊ ۾ رهندڙ سنڌي، هندي ٻولي ضرور ڄاڻن ٿا. هوُ هندي ڀاشا جو ساهتيہ پڙهن ٿا. اهو پڙهندي پڙهندي ڪڏهن ڪا سٺي رچنا سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ جي اِڇا بہ ٿئي ٿي. اهڙيءَ

طرح ساهتيڪ سُوجهہ ٻُوجهہ رکندڙ سنڌين وٽان چاهي اديبن وٽان هندي ٻوليءَ جون رچنائون، ترجمو ٿي سنڌيءَ ۾ اچن ٿيون.

هنديءَ مان ترجمو ٿيل ٻال ساهتيہ ۾ سڀ کان گهڻو انداز ناولن جو آهي. ان بعد ڪهاڻيون، جيونيون ۽ ناٽڪ وغيره اچن ٿا.

’نيڪ نينگر‘ نالي هڪ ناول ١٩٦٦ ۾ ڇپيو. هي ناول هنديءَ ۾ ’سڄان‘ نالي سان ڇپيل ناول جو ترجمو آهي. ناول جي ليکڪ جو نالو اصلي ڪتاب ۾ ڄاڻايل ڪونهي. تنهن ڪري سنڌيءَ ۾ بہ ان جو ذڪر نہ ڪيو ويو آهي پر انوادڪ هوندراج بلواڻي آهي.

هن ناول ۾ سڄان نالي هڪ نيڪ، محنتي، ايماندار ۽ آدرشوادي ڇوڪري جي ڪهاڻي ڏنل آهي جيڪو پنهنجي سني هلت ۽ وهنوار سان سڀني جون دليون ڇڪيندو رهي ٿو. سڄان جي پڙهائي ڪمل کي سڄان جي هلت بلڪل پسند ڪانہ هوندي هئي ان ڪري هميشہ پيو هن تي خار کائيندو هو پر آخر ۾ هوُ بہ سڌري پوي ٿو ۽ سڄان جو پوئلڳہ بڻجي وڃي ٿو. سڄان جي ڪيترين سٺين ڳالهين سان ڀريل هيءُ ناول ٻارن کي نيڪ بڻجڻ جي پريرڻا ڏئي ٿو.

’گل ٽڙي پيا‘ نالي ٻئي هڪ ناول جو ليکڪ بلونتسنگهہ آهي ۽ انوادڪ رام ياڳچنداڻي ’گيان‘ آهي. هن ناول ۾ راجو ۽ مينو نالي ٻن ٻارن جي ڪٿا ڏنل آهي. ٻنهي جي ڪاٺمنڊو (نيپال) ڏسڻ جي ڏاڍي دل هئي. هوُ پنهنجي ماءُ پيءُ سان گڏ هوائي جهاز ۾ چڙهي نيپال وڃن ٿا. اچانڪ جهاز جي مشين ۾ ڪجهہ خرابي ٿي پوي ٿي ۽ جهاز هيٺ ڪرڻ لڳي ٿو. اهو وڏي وڻ ۾ وڃي ڦاسي ٿو. سڀني کي گهاٽي جهنگل ۾ وقت ڪاٽڻو پوي ٿو. تڏهن کان ٻارن جي دليري ۽ همٿ جون ڪهاڻيون شروع ٿين ٿيون، تنهن ۾ بہ خاص راجو جنهن همٿ ۽ بهادريءَ سان هر مصيبت جو مقابلو ڪري ٿو تنهن کي ساراهيو وڃي ٿو.

مشهور اديب ڪرشنچندر جي هندي ناول ’لال تاج‘ جو ترجمو ’ڳاڙهو تاج‘ نالي سان رام ياڳچنداڻي ’گيان‘ ڪيو آهي. ناول جو موضوع هن ريت آهي :

ماڌوپور نالي هڪ ڳوٺ ۾ منوءَ نالي ستن ورهين جو ڇوڪر پنهنجي ماءُ پيءُ سان گڏ رهندو هو. هن جو پيءُ ٺاڪرسنگهہ ان ڳوٺ ۾ ڪڙمي هو ۽ محنت ۽ اورچائيءَ سان پنهنجي کيت ۾ کيتي ڪندو هو. ٺاڪرسنگهہ جو

پنهنجي پتنيءَ ۽ ٻارن سان گهڻو پريم هو. منوءَ جي گهر پرسان سندس ماسيءَ جو گهر هو. هوءَ بلڪل نڪمي ۽ جهيڙالو سڀاءَ جي هئي. هن جو پتي شامون به اهڙو ئي نڪمو ۽ جهيڙالو هو.

هڪ ڏينهن منو ۽ سندس پيءُ گهر آيا ته هنن ڏٺو ته منوءَ جي ماءُ گهر مان غائب هئي. ماڻهو مڙي ويا ۽ منوءَ ماءُ جي باري ۾ جڏهن پڇا ڳاڇا ڪئي ويئي تڏهن سيني منوءَ جي پيءُ کي ان لاءِ ڏوهي ٺهرايو. ڪيس پنهنجي پتنيءَ جي خون جي ڏوهه هيٺ پڪڙيو ويو ۽ صبح جو جيستائين پوليس اچي تيستائين شوالي ۾ بند رکيو ويو. منوءَ کي سندس ماسيءَ وٽ رهايو ويو. تڏهن منوءَ کي خبر پيئي ته سندس ماسي ۽ ماسڙ ڪيس مارڻ چاهين ٿا ان ڪري هوُ موقعو ڏسي اُتان ڀڄي نڪتو. هوُ جهنگل ۾ وڃي پهتو. اُتي ڪملا نالي هڪ ڇوڪري به ڪيس ملي، جنهن کي ڌاڪو ڪٽي آيا هئا. منو ۽ ڪملا، هڪ ٻئي جي مدد سان ڪيترين مشڪلاتن کي منهن ڏيندا منوءَ جي ماءُ کي ڳولهي لهن ٿا. ٺاڪرسنگهه به خون جي ڏوهه ۾ ڦاسيءَ تي چڙهڻ کان بچي وڃي ٿو. شامون ۽ سندس پتني (ماسڙ ۽ ماسي) کي جيل اُماڻيو وڃي ٿو.

’هيرا موتي‘ نالي ڪتاب ۾ ٽي ناول ڏنا ويا آهن. ’بيربل‘ نالي ناول ۾ اڪبر جي دربار جي سياڻي وزير بيربل جي حاضر جوابيءَ جون ڪيتريون ڳالهيون ڏنل آهن. ناول جو ليکڪ للت سهگل آهي.

’هڪ هو ننڍو سپاهي‘ ۾ سورجا نالي هڪ وير ٻالڪ جي ديش-ڀڳتي ۽ بهادريءَ جي ڪهاڻي آهي. هوُ پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي به چيني فوجن ۽ سندن بارود جي ڀنڊار کي اُڏائي ڪين ختم ٿو ڪري ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجي ديش جي سپاهين جي جان بچائيندي شهيد ٿو ٿي وڃي. هن ناول جي ليکڪا وملا شرما آهي.

ٽيون ناول آهي شانتي ڀٽناگر جو لکيل ’ماءُ جي گود‘. ان ۾ ماتا جي گود جي اهميت ٻڌائي ويئي آهي. حد کان وڌيڪ لاڏ ۽ پيار ٻارن کي بگاڙي ٿو. هوُ بري سنگت ۾ ڦاسي غلط رستي تي وڃن ٿا تڏهن ماءُ ئي آهي جنهن جي گود ۾ هنن کي سک، بچاءُ ۽ سلامتي ملي ٿي.

’هيرا موتي‘ ۾ ڏنل ٽنهي ناولن جو ترجمو ٺهلرام آزاد ڪيو آهي اهي ننڍا ناول شڪن پرڪاشن، دهليءَ طرفان هنديءَ ۾ ڇپايل ناولن ’بيربل‘، ’ايڪ ڇوٽا سپاهي‘ ۽ ’مان ڪا آنچل‘ جو سنڌي ترجمو آهن.

هنديءَ مان ترجمو ٿيل ٻين ناولن ۾ موهنچندر جوشي ’سڌاڪر‘ جو لکيل ۽ هوندراج بلواڻيءَ جو انواد ڪيل ’ست جادوگر‘، گووندسنگهہ جو لکيل ۽ گوپال ڏيوناڻيءَ جو انواد ڪيل ’پرين جو ناچ‘ بہ سٺا ڪتاب آهن.

ڪهاڻين جي خيال کان ڏسجي تہ اهي ناولن جيتري تعداد ۾ ترجمو ڪونہ ٿيون آهن. ايتريون معياري بہ ڪونہ آهن.

ناٽڪ فقط هڪ ڇپيو آهي ’هرڻڪشپ جو خون‘، جنهن جو ليکڪ شريڪرشڻ ۽ انوادڪ شيام رامرکياڻي آهي. هن ناٽڪ ۾ هرڻڪشپ تي پرهلاد جو خون ڪرڻ جي ڏوهہ هيٺ مقدمو هلايو وڃي ٿو. ناٽڪ ڪلائيمڪس آهي.

ناول جيان ٿي وڌندڙ لڳندڙ بہ ڪتاب ’ڀيشم پتامهہ‘ ۽ ’ارجن‘ حقيقت ۾ انهن مهاپرشن جا، وستار سان لکيل جيون چرتر آهن. ٻنهي ڪتابن جو ليکڪ ستيہ نارائڻ وياس آهي ۽ انوادڪا ايشوري جوتواڻي آهي.

## گجراتيءَ مان ترجمو ٿيل ٻال ساهتيہ

اسان اڳيان ڏسي آيا آهيون تہ گجرات ۾ گجرات سرڪار جي ڀاشا نيامڪ (ڊئريڪٽر آف لئنگويجز) جي زير سايع گجراتيءَ وانگر سنڌيءَ ۾ بہ ڪي يوجنائون شروع ڪيون ويون. ڪتابن ڇپائڻ لاءِ مالي امداد واري يوجنا ڪري گجرات جي ليکڪن ۽ انوادڪن کي اُتساهہ مليو. گجراتي ساهتيہ جا ڪيترا ڪتاب ترجمو ٿي سنڌيءَ ۾ ڇپجڻ لڳا. انهيءَ يوجنا کان اڳہ بہ گجراتي ٻال ساهتيہ جا ڪي ڪتاب سنڌيءَ ۾ ڇپيا هئا پر انهن جو انداز گهٽو ڪونہ هو. مٿين يوجنا بعد، خاص ڪري گجرات ۾ ترجمي جي ڪاريہ ۾ چڱي تيزي آئي.

گجراتيءَ مان ترجمو ٿيل ٻال ساهتيہ ۾ بہ سڀ کان گهڻو انداز ناولن جو آهي. ڪهاڻين جا ڪتاب بہ لڳہ ڀڳہ ناولن جيترا ئي آهن. ان بعد ٻيون صنفون آهن.

ٻارن جي ناولن ۾ مکيہ آهن جيورام جوشيءَ جا ناول. انهن ناولن ۾ گجراتيءَ جي هن بزرگہ ليکڪ جو خلقيل ’ميان ڦسڪي‘ ڪردار هڪ خاص اهميت رکي ٿو. ميان ڦسڪي سياڻو، چالاڪ ۽ چتر آهي. گڏوگڏ کلائڻ جو ڪم بہ ڪري ٿو. هن جو هڪ ساٿي بہ آهي- ’تلو پٽ‘. ٻئي گڏجي نوان نوان ڪرتب ڪن ٿا.

ميان ڦسڪي جي ڪردار وارا ڪيترا ناول سنڌيءَ ۾ بہ آندا ويا آهن.

جهڙوڪ ’ميان قسڪيءَ جو سپنو‘، ’ميان قسڪي مصيبت ۾‘ ۽ ’ميان قسڪيءَ جو موت‘. اهي ناول ٻارن کي ڪلائڻ جو ڪم ڪن ٿا.

گجراتي ٻال ساهتيہ ۾ ميان قسڪي ڪردار ايترو تہ مشهور آهي جو انهيءَ تي هڪ فلم بہ ناهي ويئي آهي ۽ ٽي.وي. سيريلون بہ اچي چڪيون آهن. اسٽيج تي بہ هن ڪردار جا ٻال ناٽڪ پيش ٿي چڪا آهن.

حقيقت ۾ ڏسجي تہ ميان قسڪي جي ڪردار وارا ناول، سياٽپ ۽ عقل جي آڪاڻين جا سنگرهہ آهن- اڪبر بيربل جيان. پر بيربل دربار ۾ هو، ميان قسڪيءَ لاءِ سڄي دنيا ڪليل آهي. من موجي، مست ۽ حاضر دماغ ميان قسڪي، ٻارن جو پيارو پاتر آهي.

ميان قسڪيءَ جيان جيورام جوشيءَ جا خلقيل ’چڪو‘ ۽ ’مڪو‘ بہ ٻارن جا پيارا پاتر آهن. چڪو ۽ مڪو بہ ڀائر آهن جيڪي گهر ۾ اڪيلا رهندا آهن. وڏي ڀاءُ چڪي جي مٿي تي تمام لنبا وار آهن. اهي وار هوُ ڪٽائيندو هو تہ پاڻ وڏي ڪري ٻيٺا ٿي ويندا هئا. تنهن ڪري هن وارن جو چوٽو ٻڌي ڇڏيو آهي. اهو چوٽو اهڙيءَ طرح ٻڌندو آهي جئن مٿي تي ٽوپلو لڳي. ننڍي ڀاءُ مڪي جي حالت ان کان اُبتڙ آهي. هن جي مٿي تي هڪ بہ وار ڪونہ آهي پر هن جي ڏاڙهيءَ تي ايڏا تہ گهاٽا وارا آهن جو اُتي جڻ ماکيءَ جو مانارو ٿي پيو آهي. هنن ٻنهي پاترن جي مذاقي ڳالهين تي ٻڌل آهي ناول ’چڪو ۽ مڪو.‘

هريش نايڪ وري ٻيا بہ ڪردار خلقيا آهن. هڪڙو آهي ’ڪڇوُ‘ تہ ٻيو آهي ’ٻڇوُ‘. ’ڪڇوُ-ٻڇوُ‘ نالي ناول ۾، اهي پنهنجن ڪارنامن سان سيني کي وندرائين ٿا. هنن جا وت کان وڏا ڪم، حاضر جوابي، هڪ ٻئي کي سر وناڻ جي عادت وغيره اهڙا گڻ آهن جن جي ڪري پاڻکن جي دلچسپي انت تائين قائم رهي ٿي. انهن ٻن پاترن کي سنڌي ٻارن تائين رام ڀاڳچنداڻي ’گيان‘ پهچايو آهي.

مٿين ناولن کان سواءِ بلڪل ئي علحدي قسم جا ڪي ناول پڻ گجراتيءَ مان سنڌي ۾ ترجمو ٿيا آهن. انهن ۾ مکيہ آهن يشونت مهتا جا لکيل بہ ناول ’چنڊ تي چڙهائي‘ ۽ ’گرهہ ۾ ساهسي اِنسان‘. ٻئي ناول وگيانڪ پس منظر تي لکيل، همت ۽ ساهس سان ڀريل آهن. پهرئين ناول ’چنڊ تي چڙهائي‘ ۾ ٻڌايل آهي تہ ڪيئن نہ آمريڪا جا چنڊ ياتري چنڊ تي پهچي ڪنهن مصيبت ۾ ڦاسن ٿا ۽ اهڙي مصيبت جي وقت جڏهن دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ

جا وگياني هنن جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن تڏهن بہ پارتي وگياني هنن جي مدد لاءِ ڊوڙن ٿا. ناول ۾ چنڊ جي باري ۾ هيلتائين حاصل ٿيل حقيقتون شامل آهن. هن ناول جي انوادڪا ڪمل ٿهلراماڻي آهي.

يشونت مهتا جي ٻئي ناول 'گرهہ ۾ ساهسي اِنسان' (انوادڪ سريش بيجاڻي) ۾ ساهسي ويرڪمار ۽ سندس ساٿين جي پراڪرمن جي ڪهاڻي آهي جنهن ذريعي ٻارڪن کي گرهن وغيرهہ بابت سچائيءَ تي ٻڌل ڳالهين جي ڄاڻ ملي ٿي.

جيورام جوشي جي 'علي بابا ڳم' (انوادڪ چينو لالواڻي) ۽ الف ليليٰ جي مشهور ڪهاڻي جادوئي چراغ جي طرز تي لکيل فئنتسي 'جادوئي چڊو' (انوادڪ چينو لالواڻي) ۽ 'امير غلام' (انوادڪا آشا سهجاڻي) ۾ ساهس، همٿ، محنت سان گڏ چالاڪي ۽ چترائيءَ جا قصا آهن.

ستيم جي لکيل 'سندباد جا ست سفر' (انوادڪ ارجن پمياڻي) ۾ عربستان جي جانباز سيلاني سندباد جي ڪهاڻي آهي جيڪو درياهي سفر ڪري ٿو، طرح طرح جي ماڻهن سان ملي ٿو، جوکمن سان مقابلو ڪري ٿو ۽ آخر ۾ هڪ وڏي دولت پائي ٿو.

گجراتيءَ جي ٻال ڪهاڻين کي سنڌيءَ ۾ آڻڻ جي پهرين ڪوشش نارائڻداس ملڪاڻيءَ ڪئي. هن گجوڀائيءَ جي ٻال ڪهاڻين کي 'ٻاراڻيون ٻوليون' نالي هڪ سنگرهہ ۾ شامل ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ گجوڀائيءَ جون ٢٤ ڪهاڻيون ڏنل آهن. سڀيئي ڪهاڻيون اهڙي تہ وڻندڙ ٻوليءَ ۾ پيش ڪيل آهن جو اهي اصلي سنڌيءَ جون ڪهاڻيون پيون لڳن. ڪتاب جي شروعات ۾ انوادڪ طرفان ٻارن کي ڪهاڻي ٻڌائڻ جي ڪلا تي عالماڻو ليکہ ڏنو ويو آهي.

گجوڀائيءَ جي ١١ ٻال ڪهاڻين کي 'ٻارن جو گجوڀائي' نالي ڪتاب ۾ بہ شامل ڪيو ويو آهي.هوندراج بلواڻيءَ هن ڪتاب ۾، ٻارن سان گجوڀائيءَ جي واقفيت بہ ڪرائي آهي.

يشونت مهتا جي ڪهاڻين جا ٽي مجموعا سنڌيءَ ۾ آيل آهن 'هڪ گناهہ معاف' (انوادڪ هوندراج بلواڻي) مجموعي ۾ جملي ٦ ڪهاڻيون آهن جيڪي ٻارن کي وندر سان گڏ ڪونہ ڪو سنديش پڻ ڏين ٿيون.

شراب پيئڻ جهڙي خراب عادت کان ڪنارو ڪرڻ جو سنديش ڏيندڙ ڪيتريون گهٽنائون، پرسنگ ۽ ڪهاڻيون 'امرت ڪٽائون' (انوادڪ چينو

لالواڻي) ۽ ’لاثاني ڪٿائون‘ (انوادڪا جيوتي لالواڻي) ۾ ڏنل آهن.

يشونت مهتا جا لکيل اهي ٻئي سنگرهه هڪ نئين ڪوشش آهن. ساڳئي ئي ليکڪ جا ٻيا به ٻه سنا ڪتاب آهن. ’اچون ڪريون دنيا جو سير‘ (انوادڪ رام ياڳچنداڻي) ۾ دنيا جي راڄڌانين جو پريچيه آهي. هن ڪتاب جي گجراتي ڇاپي ۾ هڪ سؤ راڄڌانين جي سچاڻپ ڏني ويئي آهي جن مان پسند ڪري سنڌي ڇاپي ۾ ويهه کن ڏنيون ويون آهن. ’اپنگ آهيون ڪمزور ناهيون‘ (انوادڪا جيوتي لالواڻي) ۾ دنيا ڀر جي اهڙين شخصيتن جي ڏکن ڏاکڙن جون ڳالهيون آهن جن اپاهج هوندي به ڪڏهن پاڻ کي اپاهج نه سمجهيو ۽ زندگيءَ جي الڳ الڳ کيترن ۾ هنن نالو ڪڍيو. هن انوکي ڪتاب ۾ هيلن ڪيلر ڪان ويندي نيلسن، بريئل، ملٽن، رڻجيت سنگهه وغيره جهڙين شخصيتن جا جيون چرتر آهن جيڪي سيني لاءِ پريرڻادايڪ ٿي سگهن ٿا.

ناٽڪن جو فقط هڪ ڪتاب ڇپيو آهي. هوندراج بلواڻيءَ جي ترتيب ڏنل ۽ ترجمو ڪيل ’گجراتي ساهتيه جا چونڊ ٻال ناٽڪ‘ ۾ پنج ٻال ناٽڪ آهن : ’جهونو سرڳ‘ (هريش نايڪ)، ’رنگبرنگي ڦوڪڻا‘ (ونلتا مهتا)، ’سپني آندو سنديش‘ (پرڪاش لالا)، ’جتي لوپي هجن‘ (پراگجي ڊوسا) ۽ ’بادشاهه سلامت‘ (چينو مودي). ڪتاب جي شروعات ۾ انوادڪ طرفان گجراتي ٻال ناٽڪن جي اِستتيءَ تي مهاڳ به ڏنو ويو آهي.

گيتن جو ڪتاب به فقط هڪ ڇپيو آهي، جيڪو پڻ هوندراج بلواڻيءَ جو ترتيب ڏنل ۽ انواد ڪيل آهي. ’گجراتي ساهتيه جا چونڊ ٻال گيت‘ نالي انهيءَ ڪتاب ۾ گجراتيءَ جي ٢١ ڪوين جا چونڊ ٻال گيت ڏنل آهن. گجراتي ٻال گيتن ۾ جن جن ڪوين جو يوگدان رهيو آهي، تن سيني کي هن مجموعي ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

ٻارن جي لاءِ تي چترڪٿائن جا ڪتاب به سنڌيءَ ۾ آندا ويا آهن. ’چون چون چاچو‘ ۽ ’آڪاشي ڪوئو‘ نالي ٻن ڪتابن جو ليکڪ يشونت مهتا ۽ چترڪار ديپڪ چوهاڻ آهي. انهن ٻنهي ڪتابن ۾ هڪ ڪوئي جي آڪاشي ياترا سان واسطو رکندڙ مزيدار ڳالهيون آهن. ٽئين ڪتاب ’ڪارو ڪانءُ ۽ پورو گڏهه‘ جو ليکڪ ۽ چترڪار شيهاب آهي.

مٿين ٽنهي ڪتابن جو انوادڪ هوندراج بلواڻي آهي.

## ٻين ڀارتي ڀاشائن مان ترجمو ٿيل ٻال ساهتيہ

ڀارت جي ٻين ڀاشائن مان ترجمو ٿيل ٻال ساهتيہ تمام گهٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

ناول جي صف ۾ بيهي سگهي اهڙو هڪ بہ ناول نہ ڇپيو آهي. ’روپ ڪماري‘ نالي هڪ ننڍڙو ناول، انهيءَ ڪوٽ کي پورو ڪرڻ ۾ ڪامياب نٿو وڃي. بنگالي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪٿاسين جي انهيءَ ننڍڙي ناول جو ترجمان گنگو آهوجا آهي.

سنسڪرت جي مشهور گرنٿ ’پنچتنتر‘ جا بہ ٽي ڇاپا سنڌيءَ ۾ نڪتا آهن. هندستان ڪتاب گهر وارن شروعات ۾ انهيءَ ڪتاب جو ترجمو ڪرائي پڌرو ڪيو. ان بعد ٻيو ڇاپو اجمير مان ظاهر ٿيو. ٽيون ڇاپو وشنداس آسراڻيءَ ڇپايو.

فارسيءَ جي مشهور گرنٿ ’انوار سهيليءَ‘ ۾ بہ پنچتنتر جيان سڪيادائڪ آکاڻيون آهن. انهيءَ ڪتاب مان پنج آکاڻيون کڻي هوندراج بلواڻيءَ ’شاهوڪار ڪوئو‘ عنوان سان هڪ مجموعو ڏنو.

ناٽڪن جا بہ ڪتاب ڇپيا آهن.

هڪ آهي گرديو رابيندرنات ٽئگور جو مشهور ناٽڪ ’ڏاڪ گهر‘، جنهن جو ترجمو ناراڻي يوڄراج آڏواڻيءَ ڪيو آهي. ڪتاب هر لحاظ کان تمام سندر آهي ۽ ترجمو پڻ وڻندڙ آهي. ڪتاب ۾ ڏنل ٻن اکرن ذريعي انوادڪا ٻڌائي ٿي :

’’اسڪول ۾ اُتسوَ لاءِ ڪو اهڙو ناٽڪ کپندو هو جنهن ۾ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گڏ، بنا حجاب، پنهنجي اداڪاريءَ جي فن جو وڪاس ڪري سگهن. مون کي ٽئگور جو ’ڏاڪ گهر‘ سجهي آيو. ٽئگور نہ رڳو هڪ اعليٰ ڪوي ۽ ناول نويس آهي، پر ڪامياب ناٽڪڪار پڻ. ’ڏاڪ گهر‘ هن جو اول درجي جو ناٽڪ آهي ۽ دنيا جي بهترين ڪامياب ناٽڪن مان هڪ ليکيو وڃي ٿو.‘‘

ٻيو ناٽڪ آهي وجيہ تينڊولڪر جي مراٺي ناٽڪ جو سنڌي ترجمو ’پاپا وڃائجي ويو‘. هن ايڪانڪي ناٽڪ جو ترجمان پريم پرڪاش آهي. ناٽڪ بهترين آهي. ان جو ترجمو بہ سندر ڪيل آهي. هي ناٽڪ هريش ڪڪواڻيءَ جي هدايتڪاريءَ ۾ مهرشي ديانند هاءِ اسڪول، احمدآباد طرفان ۱۹۷۸ ۾ پيش پڻ ٿي چڪو آهي.

## وديشي ٻولين مان ترجمو ٿيل ٻال ساهتيہ

دنيا ڀر جي ڪيترين ڀاشائن جي مشهور ٻال رچنائن جو سنڌي ٻارن ڪي سواد وٺائڻ جو سڀ کان وڏو ڪم هوندراج بلواڻيءَ ڪيو آهي. هن جدا جدا ديشن جي مختلف ٻولين جي ٻال ڪهاڻين جا چار مجموعا ڏنا آهن- ’نانيءَ جي عجيب ڪرسي‘، ’راجا جي بلبل‘، ’راجڪماري سيپٽمبر‘ ۽ ’گلن جي نوڪري‘. انهن چئن مجموعن ۾ شامل ٿيل ٻال ڪهاڻين کي بعد ۾ هڪ ئي مجموعي ۾ ’دنيا جون بهترين ٻال ڪهاڻيون‘ سري سان آندو ويو. ان مجموعي ۾ ٻال ڪهاڻين سان گڏ ڪي ناول بہ آهن، جن کي مختصر روپ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. مجموعي جا ناول ۽ ڪهاڻيون هن ريت آهن :

### ناول

(۱) آئرلئنڊ جي سورداس ليکڪا فرانسس برائون جي مشهور ناول جو ترجمو ’نانيءَ جي عجيب ڪرسي‘.

(۲) جيمس ايم. بيري جي مشهور ڪتاب ’پيٽرپان‘ جو ترجمو ’مان سدائين ٻار هجان.‘

(۳) مارڪ ٽوين جي مشهور ڪتاب ’ٽام سوائر‘ جو ترجمو ’ٽام هڪ ڇوڪرو هو.‘

(۴) جوناٿن سِوفٽ جي مشهور ڪتاب ’گليوَرس ٽراويلس‘ جو هڪ حصو ’پتڪڙن جي ديش ۾.‘

(۵) چارلس ڊڪينس جي جڳہ پرسڌ ڪتاب ’ڊيوڊ ڪاپر فيلڊ‘ جو ترجمو ’دکہ جا ڏينهن.‘

(٦) لوئي ڪئرول جي دنيا ڀر مشهور ڪتاب ’ايلس اِن ونڊرلئنڊ‘ جو ترجمو ’هڪ ڇوڪري عجيب ملڪ ۾.‘

(۷) جرمنيءَ جي ساهتيڪار ڪرسٽاف وان شمڊ جي مشهور ناول ’باسڪيٽ آف فلاورس‘ جو ترجمو ’گلن جي نوڪري‘.

### ڪهاڻيون

(۸) هينس اينڊرسن جي ڪهاڻيءَ جو ترجمو ’راجا جي بلبل.‘

(۹) رشيا جي مشهور ساهتيڪار ليئو ٽالسٽاءِ جي ڪهاڻي ’برائيءَ جو بدلو‘.

(۱۰) مشهور انگريزي ساهتيڪار سامرسيٽ مام جي ڪهاڻي ’راجڪماري سيپٽمبر‘.

(۱۱) ڀارت جي مشهور ساهتيڪار رابيندرناٿ ٽئگور جي مشهور ڪهاڻي ’ڪابوليءَ وارو‘.

مٿين تفصيلن مان پتو پوي ٿو ته جيڪو ٻال ساهتيه سڄي دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ لوڪپريه آهي تنهن کي مختصر ۾ ٿي سهين، هوندراج بلواڻيءَ سنڌيءَ ۾ آڻي، سنڌي ٻارن اڳيان رکيو آهي.

هوندراج بلواڻيءَ جي مٿين ڪتابن کان سواءِ ’ايسپ جون آکاڻيون‘ به ساڳي ئي صف ۾ اچي ٿو. انهن آکاڻين بابت ڪتاب جي شروعات ۾ انوادڪ ٻڌائي ٿو:

”ايسپ جي آکاڻين جو ڪتاب ته تمام وڏو آهي پر ان ڪتاب مان اسان فقط ۹ آکاڻيون ئي نموني طور چونڊيون آهن. ڪيتريون آکاڻيون ته درسي ڪتابن ۾ به اچي چڪيون آهن. ايسپ جون لکيل سڀ ڪهاڻيون دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙيل آهن. دنيا جي هرهڪ سڌريل ٻوليءَ ۾ انهن جو ترجمو ٿي چڪو آهي. انهن آکاڻين ۾ اِنساني ڪردارن توڙي پکين پسن کان اهڙن اعليٰ ويچارن جو اظهار ڪرايل آهي جو اهي اِنسان ۾ همت ۽ حوصلو پيدا ڪن ٿا.“

لڇمڻ ڪڪريجا به وديشي ٻال ساهتيه جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. هن ’رنگي‘ نالي هڪ انگريزي لنبي ڪهاڻيءَ جو ترجمو ’اڳڙيءَ جو گڏو‘ عنوان سان ڪيو آهي. اها ڪهاڻي ٻارن کي وندر سان گڏ نين نين ڳالهين جي به ڄاڻ ڏئي ٿي.

## ڪي حقيقتون ۽ ڄاڻايون

(۱) جدا جدا ٻولين مان ترجمو ٿيل ٻال ساهتيه ۾ سڀ کان وڏو انداز گجراتي ٻولين مان ترجمو ٿيل ٻال ساهتيه جو آهي. سڀ کان وڌيڪ ناول ۽ ڪهاڻيون گجراتيءَ مان ئي آيل آهن. نه صرف ايترو پر ٻين صنفن جهڙوڪ جيوني، ناٽڪ، ڪوتا، هاسيه، چترڪٿا ۽ عام ڄاڻ جا ڪتاب به تعداد جي خيال کان تمام گهٽ ٿي سهين، سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي ضرور آيا آهن. گجراتيءَ مان ايڏي وڏي تعداد ۾ ٻال ساهتيه ترجمو ٿيڻ جي سڀ کان وڏي ڪارڻ طرف هن ئي باب ۾ اڳ ۾ اِشارو ڪيل آهي. سو اِهو ته گجرات سرڪار طرفان گجراتيءَ مان سنڌيءَ ۾ ۽ سنڌيءَ مان گجراتيءَ ۾ ڪتاب ترجمو ڪري ڇپائڻ لاءِ گرانٽ ڏيڻ جي يوجنا شروع ڪئي ويئي، جنهن جي تحت ڪيترا

ڪتاب گجراتيءَ مان سنڌيءَ ۾ آيا. گجرات سرڪار پهرين ڀاشانيامڪ جي زير سايع انهن يوجنائن جي ۷۹-۱۹۷۸ سال ۾ شروعات ڪئي. ان بعد گجرات ۾ سال ۱۹۸۲ ۾ گجرات ساهتيه اڪادمي ٺهي تہ سنڌي ڪتابن سان واسطو رکندڙ سڀ يوجنائون جاري رکڻ جي جوابداري، اڪادميءَ کي سونپي ويئي. بعد ۾ سال ۱۹۸٦ ۾ راجيہ ۾ الڳہ سنڌي اڪادمي ٺهي تہ ساڳيون يوجنائون هلائڻ جي جوابداري سنڌي اڪادميءَ تي آئي. ان طرح انواد جي انهيءَ يوجنا جا ٽي ڏاڪا چئي سگهجن ٿا- ڀاشا نيامڪ، گجرات ساهتيه اڪادمي ۽ گجرات سنڌي اڪادمي. انواد ٿيل ٻال ساهتيہ جي سال وار انگن اکرن ڏسڻ سان اها ڳالهہ تري اچي ٿي تہ ڀاشا نيامڪ ۽ گجرات ساهتيہ اڪادميءَ واري دؤر ۾ (سال ۱۹۷۹ کان ۱۹۸۵ تائين) ترجمن جي رفتار تمام تيز رهي پر سنڌي ٻوليءَ لاءِ الڳہ اڪادمي ٺهڻ کان پوءِ (۱۹۸٦ کان پوءِ) ترجمن جي رفتار جيڪا اڃا بہ تيز ٿيڻ کپندي هئي سا تيز ٿيڻ بجاءِ بلڪل ڍلي رهي. (جيڪي ڪتاب ڇپيا سي اڳہ واري اڪادميءَ جا منظور ڪيل هئا پر ڇڏرا بعد ۾ ٿيا.) ان طرح، ان عرصي ۾ يعني سنڌي اڪادميءَ واري عرصي ۾ هڪ بہ ڪتاب ترجمو ٿيل ڪونہ ٿو نظر اچي، جيڪا هڪ عجب ۾ وجهندڙ ڳالهہ چئي سگهجي ٿي.

(۲) گجراتيءَ مان ترجمو ٿيل ڪتابن جي جهجهي انداز مان گهڻو حصو جيورام جوشي (۹ ڪتاب)، يشونت مهتا (۹ ڪتاب) ۽ هريش نايڪ (٦ ڪتاب) جي ڪتابن جو آهي. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ هنن ليکڪن جو گجراتي ٻال ساهتيہ ۾ اهم يوگدان رهيو آهي پر انهن ليکڪن کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترا ليکڪ آهن جن جو تعداد توڙي معيار جي خيال کان گهڻو اهم رول رهيو آهي. (مثال طور رمڻلعل سوني، سريش دلال، رميش پاريکہ)، انهن ليکڪن جي هڪ بہ رچنا سنڌيءَ ۾ ڪتابي روپ ۾ ڇو نہ آئي سا هڪ ٻي عجب ۾ وجهندڙ حقيقت آهي. تنهن کان سواءِ انواد جهڙو ڏکيو ڪم، ڪيترن سيڪرات انوادڪن دواران ٿيڻ ڪارڻ، ايترو اثردار ۽ وڻندڙ نہ ٿي سگهيو آهي.

(۳) گجراتي ۽ هنديءَ مان ترجمو ٿيل رچنائن ۾ سڀ کان وڌيڪ تعداد ناولن جو آهي، جا هڪ آئت ڏيندڙ ڳالهہ چئي سگهجي ٿي. سنڌيءَ ۾ اصلوڪا ناول گهٽ آهن تنهن ڪري ٻال پاٺڪن جي انهيءَ ضرورت جو پورائو ڪنهن حد تائين انواد ذريعي ٿي سگهيو آهي.

(۴) هندي ۽ گجراتي کان سواءِ ٻين ڀاشائن، پوءِ اهي ڀاهي ديشي هجن

يا وديشي، تن مان ترجمو ٿيل ٻال ساهتيہ تمام گھٽ ڇپيو آهي. ان جو ڪارڻ شايد اهو ٿي سگھي ٿو تہ هندي راشٽرياشا هئڻ ڪري گھڻو ڪري سڄي هندستان ۾ هڪ وشيہ طور پاڙهي وڃي ٿي. فلمن ۽ ٽي.وي. جهڙن ماڌيمن ذريعي بہ هنديءَ جو وڏيڪ ڦهلاءُ ٿئي ٿو. ساڳي حالت گجرات ۾ گجراتي ڀاشا جي آهي. گجرات ۾ گجراتي ڀاشا ڄاڻندڙ سنڌين جو انداز بہ چڱو وڏو آهي. ٻين پرانتڪ ٻولين جي ڀيٽ ۾ گھڻا سنڌي، گجراتي ٻولي ڄاڻن ٿا ان ڪري گجرات سرڪار جي يوجنائن جو بہ هوُ سٺو لاڀ وٺي سگھيا آهن. ٻين راڄين ۾ اهڙيون سهوليتون نہ آهن. ٻين ڀارتي ڀاشائن ۽ وديشي ڀاشائن جو جيڪو بہ ٻال ساهتيہ اسان وٽ موجود آهي سو گھڻو ڪري سڌو انهن ڀاشائن مان انواد ٿي نہ آيو آهي پر هندي يا انگريزيءَ ذريعي آيو آهي.

(٥) جدا جدا ٻولين تان ترجمو ٿيل ٻال ساهتيہ ڪي، صنف وار ڀيٽي ڏسبو تہ هيٺين تصوير ملندي :

| | هنديءَ تان | گجراتيءَ تان | ٻين ڀارتي ٻولين تان | وديشي ٻولين تان |
|---|---|---|---|---|
| ناول | ٦ | ١٤ | ١ | — |
| ڪهاڻيون | ٦ | ١١ | ٣ | ١٠ |
| جيونيون | ٣٠ | ١ | — | — |
| ناٽڪ | ١ | ١ | — | — |
| ڪوتا | — | ١ | — | — |
| هاسيہ | — | ٢ | — | — |
| چتر ڪٿا | — | ٣ | — | — |
| عام ڄاڻ | — | ٢ | — | — |
| | ١٦ | ٣٥ | ٤ | ١٠ |

= جملي ٦٥ ڪتاب

(٦) سنڌيءَ مان ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿيل ڪتابن جو تعداد تمام نہ جهڙو آهي. ڪي ڪتاب هنديءَ ۽ گجراتيءَ ۾ ترجمو ٿيا آهن پر انهن جو ترجمو معياري نہ ٿي سگھيو آهي (خاص ڪري گجراتيءَ ۾). ٻين ٻولين سان رابطو قائم ڪرڻ لاءِ ٻنهي طرفن کان انواد جي مشغولي تمام ضروري آهي جا گنڀيرتا سان ٿيڻ گھرجي. □□

باب يارهون

# ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ ٻچيل ٻال ساهتيہ : مختصر احوال

ورهاڱي کان پوءِ شروعات ۾ سنڌ جي سموري ادب ۾ ڇڱي مانائي رهي ڇاڪاڻ تہ سنڌي هندن جو هڪ تمام وڏو حصو سنڌ کي ڇڏي هندستان ۾ هليو آيو. انهيءَ سبب اُتي هڪ وڏو خال ٿي پيو. پر پوءِ جلد ئي سنڌ جي بزرگ اديبن ۽ نوجوان ليکڪن انهيءَ خال کي پيري ورتو. سنڌ جو هڪ اديب غلام محمد لاکو لکي ٿو :

”پاڪستان ٺهڻ سان ڪيترا سنڌي اديب اِنڊيا لڏي ويا، ان ڪري هتي هر قسم جي ادبي اوسر کي ڪاپاري ڌڪ لڳو. ٻيو وڏيڪ ادبي نقصان تڏهن ٿيو، جڏهن ڪراچيءَ کي وفاقي علائقو قرار ڏئي سنڌ کان ڌار ڪيو ويو. ڇو تہ ورهاڱي کان اڳ پوري سنڌ ادبي انڊسٽري توڙي يونيورسٽي وغيره هتي ئي هيون. بهرحال هن صورتحال تي جلدي قابو پاتو ويو. ڪجهہ بزرگ اديبن ۽ ڪجهہ نوجوان ليکڪن جي جوش ۽ جذبي پيدا ڪيل خال کي پُر ڪري ورتو. البتہ هيءَ شڪايت جاري رهي تہ سنڌيءَ ۾ ٻاراڻو ادب بنهہ ٿورو لکيو وڃي. ورهاڱي بعد سنڌي ادب جا ٻہ ميدان ٿيا، هڪ سنڌ ۾ ۽ ٻيو اِنڊيا ۾.“[1]

ورهاڱي کان پوءِ جي سنڌ جي ٻاراڻي ادب تي نظر وجهڻ سان ان جي اوسر جا ڪيترا اهڃاڻ ملن ٿا. سنڌي مسلمانن جو انداز هنن جي سنڌي هندن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ هئڻ سبب، اُتي وڏن جي ادب سان گڏ ٻارن جو ادب بہ ڇڱي تعداد ۾ نکري ٿو. ڪيترا ئي اديب آهن جيڪي ٻال ساهتيہ لکڻ ۾ اڳرا آهن. اُستاد بخاري، نصير مرزا، الطاف سومرو، اياز گل، ذوالفقار سيال، ادل سومرو، مختيار ملڪ، شمس الدين سومرو، ڪوثر ٻرڙو، حسام سومرو، محمد يوسفاڻي، آغا تاج محمد، اڪبر جسڪاڻي، بردو سنڌي، ناز سنائي، عزيز گوپانگ، عبدالرحمان سيال وغيره اهڙا نالا آهن جن ٻال ساهتيہ لاءِ لڳاتار ڪوششون پئي ڪيون آهن.

1. ’سنڌيءَ ۾ ٻچجندڙ - ٻاراڻو ادب‘- ’گل ڦل‘ (ڊسمبر ١٩٧٩) ص. ٧١

ڪي مثال ڏسون :

## ٻال گيت

سنڌ ۾ ڇپيل ٻال ساهتيه ۾ نثر جي ڀيٽ ۾ نظم وارو حصو وڌيڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سنڌ جي مختلف مخزنن ۾ ڪيترا سنا ٻال گيت ڇپجندا رهن ٿا جن کي ڪنو ڪري ڪتابي روپ ۾ آندو وڃي ٿو. ٻال گيتن جا تمام سهڻا ڪتاب تصويرن سان ڇپيل ملن ٿا.

ادل سومرو جي ’روز ٽڙن رابيل‘ (١٩٧٧) ۽ ’پتلين جو تماشو‘ (١٩٨٢) ۾ ٻارن جي ڏانوَ جا گيت آهن. هن جي ٻولي بلڪل سادي ۽ سلوڻي آهي. تنهن کان سواءِ هن پنهنجن گيتن ۾ ٻارن جي سمجهه شڪتي ۽ دائري موجب لفظ پسند ڪري پيش ڪيا آهن جنهن ڪري هن جا گيت ٻارن جي زبان تي چڙهن ٿا. ’پتلين جو تماشو‘ ۾ ڏنل سندس هڪ ڪوتا ڏسو :

وڪٽي پنهنجي ڇيلي کي
مُبن سنبريو ميلي تي
ميلي ۾ ها ڪُل هشام
کائڻ پيئڻ جون شيون جام
مبن ڪاڏي برفي پاءُ
جيئي جيئي منهنجي ماءُ.

ڪوتا جي آخر ۾ مُبن جو حال ٻڌائيندي چوي ٿو :

ڏوڪڙ پنهنجا سڀ کپائي
مبن وينو جهانجهه وڃائي
قاسم ترڪيو ڪيلي تان
مُبن موٽيو ميلي تان.

ذوالفقار سيال جا ٻه مجموعا ڇپيا آهن : ’مکڙين مالها‘ (١٩٧٩) ۽ ’منهنجي ديس جا ٻار‘ (١٩٨٢). ٻنهي مجموعن ۾ سندس سندر سندر ڪوتائون آهن. هن جي گيتن ۾ وندر ورونهه سان گڏ ڄاڻ ۽ اخلاق جون ڳالهيون ملن ٿيون. هن جون گهڻيون ڪوتائون سنديش پهچائڻ جو ڪم ڪن ٿيون. ’منهنجي ديس جا ٻار‘ ۾ ڏنل هن جي ’ڏينيو‘ نالي هڪ ڪوتا ڏسو :

ڏينين کي تون هٿ نه لاهه
ڏينيو نيٺ ڏنگيندا آهن

سونو رنگہ سجائي آيا
فطرت تن جي آهي ڪاري
رنگہ ئي دوکو ڏيندا آهن
ڏينيو نيٺ ڏنگيندا آهن.

اياز ڳل سنڌ جو اهو نوجوان شاعر آهي جنهن پنهنجي تازگي ڀريل شعرن سان سنڌي شاعري ۾ هڪ سنو مقام حاصل ڪيو آهي. هن ٻارن کي بہ نہ وساريو آهي. هڪ شاعر جيڪو وڏن لاءِ لکي ٿو، تنهن لاءِ ٻارن وانگر سوچڻ ۽ انهن جي ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ ڏکيو ڪم آهي جيڪو اياز گل ڪري ڏيکاريو آهي. اياز جي 'گل ۽ تارا' (١٩٧٩) ۾ ٻارن جي لاءِ وڻندڙ گيت آهن. انهيءَ مجموعي ۾ ڏنل سندس 'چڙيا گهر جو سير' نالي هي گيت ڏسو :

اڄو گهمون سڀ چڙيا گهر
وسيل جتي دلچسپ شهر
وڏو وڏو هي هاٿي آهي
ٻارن جو هي ساٿي آهي
جيئري لکہ جو ٿيندو آهي
مري سوا لکہ لهندو آهي...

ان طرح اڳتي هلي هو چڙيا گهر جي جانورن جي سڃاڻپ ڏيندو وڃي ٿو ۽ ٻار خوش ٿيندا وڃن ٿا.

نصير مرزا جو 'ڌرتيءَ جا تارا' (١٩٧٩)، مختيار ملڪ جو 'ٽم ٽم ٽانڊاڻا' (١٩٨٠) ۽ نياز پنهور جو 'ڪوڏ ۽ سپون' بہ ٻارن جي گيتن جا پيارا مجموعا آهن جن ۾ ٻارن جي پسنديءَ ۽ ڏانوَ جا گيت ڏنل آهن.

جدا جدا شاعرن جي رچنائن کي ترتيب ڏيئي هڪ ئي مجموعي ۾ آڻڻ جون سنڌ ۾ جيڪي ڪوششون ٿيون آهن تن ۾ 'ٻاراڻا ٻول' (١٩٧٥) ۽ 'ٻاراڻا گيت' (١٩٨١) خاص ذڪر لهڻو.

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ طرفان ١٩٧١ ۾ ٻارن جي گيتن جي هڪ ڇاپيتي رکي ويئي جنهن ۾ حاصل ٿيل قلمي نسخن مان سٺا سٺا ٻال گيت چونڊي انهن کي هڪ ئي ڪتاب جي صورت ۾ آندو ويو. 'ٻاراڻا ٻول' ۾ اهي سڀ گيت شامل ڪيا ويا آهن، جن کي سهريندڙ آهي ڊاڪٽر تنوير عباسي. شعرن جي چونڊ ڪرڻ وقت ڊاڪٽر عباسيءَ جيڪي ڳالهيون ڌيان ۾ رکيون آهن تن جو 'مهاڳ' ۾ ذڪر ڪندي هو چوي ٿو :

”هڪ تہ انهن جي ٻولي سليس، سادي ۽ روان هجي، جو ٻار جي ذهن ۾ ويهي وڃي، تہ زبان تي بہ سولائيءَ سان وري سگهي. ٻيو تہ بحر ننڍڙا هجن، ٽيون تہ انهن ۾ شعر وندرائيندڙ بہ هجن تہ معلوماتي پڻ. چوٿون تہ ڏاڪي بہ ڏاڪي نوان لفظ ايندا وڃن، جيئن ٻار جي ٻوليءَ جي باري ۾ معلومات وڌندي رهي.“

ٻئي ڪتاب ’ٻاراڻا گيت‘ ۾ بہ جدا جدا شاعرن جي شاعري آهي جن کي ترتيب ڏني آهي اُستاد بخاريءَ. جدا جدا وشين تي لکيل گيتن جو هيءُ مجموعو پڻ ڏيان ڇڪائيندڙ آهي.

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو جي ’لوڪ شاعري‘ (۱۹۸۱) ۾. جيتوڻيڪ وڏن لاءِ شاعري آهي پر منجهس ٻارن جا گيت بہ ڏنا ويا آهن.

مٿي ٻال گيتن جا فقط چند مثال ڏنا ويا آهن،جن مان پتو پوي ٿو تہ سنڌ ۾ ٻارن لاءِ پيار پيارا گيت لکندڙ سنا شاعر آهن. هنن نون وشين جي تلاش جاري رکي آهي.

## ٻال ڪهاڻيون

ٻال گيتن جي پيٽ ۾، ننڍ ٻارن لاءِ چئي سگهجن، اهڙيون ٻال ڪهاڻيون گهٽ نظر اچن ٿيون. نديم عباسي، ظفر عباسي، شير سومرو، شهزادو مگسي، سرور سهتو، غلام سرور لاکو ۽ اڪبر جسڪاڻي وغيره ٻال ڪهاڻيون لکڻ ۾ اڳرا آهن.

۱۹۸۴ ۾ روشن تارا ساهت سرڪل (حيدرآباد) طرفان ٻارن جي ڪتابن جي سيريز شروع ڪئي ويئي جنهن هيٺ ٻال ڪهاڻين جا ڪي سنا ڪتاب اشاعت هيٺ آيا.

الاهي بخش ٻانيڻ جي ’ڪانون جي ڪاهہ‘ (۱۹۸۵)، ع.ج. منگهاڻيءَ جي ’پتنگ پنيان ڊوڙ‘ (۱۹۸٦) ۽ اڪبر جسڪاڻيءَ جي ’خيرو حجم‘ ۾ ٻارڻ جي ماحول واريون سنيون ڪهاڻيون ڏنيون ويون.

سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپايل ’پولڙي جي پُل ۽ ٻيون آکاڻيون‘ (۱۹۷۹) ٻال ڪهاڻين جو هڪ بهترين ڪتاب آهي. ڪتاب جي ليکڪا گوهر ممتاز قاضي آهي. ڪتاب ۾ ڏنل سڀ آکاڻيون سليس ۽ وڻندڙ آهن. انهن ۾ سمايل اخلاقي سبق ٻارن کي سولائيءَ سان ذهن نشين ٿي وڃن ٿا. ڪتاب قد، روپ ۽ تصويرن جي خيال کان بہ ڏيان ڇڪائيندڙ آهي. هن مجموعي جون ڪل

ڪهاڻيون-مندن جو ميلو، ٻچڙي بدڪ، تبيلہ جي گڏي، پولڙي جي پُل، بزرگہ جو بار، ڪينهوڙي تي ڪيتو- ٻارن جي رنگہ ڍنگہ واريون، نراليون ڪهاڻيون آهن.

ٻال ڪهاڻين جي ٻين ڪتابن ۾ ادل سومري جو 'آچر جو احوال'، اڪبر جسڪاڻيءَ جو 'رمون پيتي'، شمس الدين سومري جو 'چتڪمري ٻلي'، اياز قادريءَ جا 'پرين جون ڪهاڻيون' ۽ 'پکين ۽ جانورن جو نصيحت ڀريون ڪهاڻيون' وغيره ذڪر لائق ڪتاب آهن.

تنهن کان سواءِ خالد ظفر جو 'پيچ مؤلا'، ظفر عباسيءَ جو 'تارا تارن هيٺ'، عرفان مهديءَ جو 'بوندون بس نہ ڪن'، ڪمار ناشاد جو 'هن ديس جون آکاڻيون'، حسام سومري جو 'عبرت ناڪ آکاڻيون' بہ ڇپيل آهن.

دادا سنڌي نهايت جوش ۽ جذبي سان سنڌ جون تاريخي ڪهاڻيون لکيون آهن، جي ٻارڙن کي خاص وڻيون آهن. اياز قادريءَ لوڪ ڪهاڻيون لکيون آهن جي 'مشهور سنڌي ڳالهيون' عنوان سان ڇپيل آهن.

ديش وديش جي ٻال ڪهاڻين کي سنڌي جامو پهرائڻ جون بہ ڪوششون ٿيون آهن. سنڌي ادبي بورڊ جي ڇپايل 'ٻارن لاءِ آکاڻيون' ۾ دنيا ڀر جي ڪيترن ملڪن جون سنيون ٻال ڪهاڻيون ڏنل آهن. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ طرفان ڇپايل 'پرڏيهي ڪهاڻيون' لاجواب ڪتاب آهي، جنهن جو ترجمو نور افروز خواجہ ڪيو آهي. الطاف حسين جوکيو جو ترجمو ڪيل 'موتين مالها' هڪ سني ڪوشش آهي. جپاني لوڪ ڪهاڻين کي ترجمو ڪري حميد سنڌيءَ 'سوني زنجير' مجموعي ۾ شامل ڪيو آهي. هند-سنڌ جي ليکڪن جون دلچسپ ڪهاڻيون دانيال طارف جي ترتيب هيٺ 'عقلمند ڪوئا' عنوان واري ڳٽڪي ۾ پڌريون ڪيون ويون آهن.

## ٻال گيتن ۽ ٻال ڪهاڻين جا گڏيل مجموعا

سنڌ ۾ اهڙا ڪيترا ئي ڪتاب ڇپيا آهن جن ۾ ٻال گيتن ۽ ٻال ڪهاڻين وغيره کي هڪ ئي جلد ۾ شامل ڪيو ويو آهي. اهڙن ڪتابن ۾ آيل ذخيرو گهڻو ڪري الڳہ الڳہ اديبن ۽ شاعرن جو هوندو آهي. اهڙن ڪتابن جا نالا، انهن کي ترتيب ڏيندڙن جي نالن سميت هن ريت آهن :

سچو دوست (الطاف سومرو)، جوڙو (زروار نقوي)، پتنگن پہ ڪيو (عبدالڪريم ميمڻ)، انڌي فقيراڻي (پروانو سيوهاڻي)، مار ڪيس لاچار

(شهزاده شنڪرلعل)، چورن مٿان مور (عرفان مهدي)، سهڻي صلاح (پروانو سيوهاڻي)، ٻالڪ (خان محمد پنهور)، اُميدن جو آشيانو (اعجاز حسين هاشماڻي)، ڦر ڦر سونتو (خالد ظفر)، تتيءَ ڏڏيءَ ڪاهه (ڪريم هالائي)، گلن جو هار (فاروق احمد ميمڻ)، جيجل ماءُ (قربان منگي)، سچائيءَ جي سرهاڻ (قربان جمالي)، سپي (آغا قيوم)، پريءَ جو ڀاڇولو (امتياز ابڙو)، خيالن جو خزانو (گرڌاريلعل کتري)، گلڙن رنگ لاتو (سيد الله خالد)، هِھڙا هاڃا ٿين (سچيڊنو)، ڪومل جذبا (امتياز ابڙو)، اُجايل اکڙيون (خالد حسين صدر ۽ نثار احمد) وغيره.

## پيو ٻال ساهتيه

ٻارن جي لاءِ ناٽڪ تمام گهٽ تعداد ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ٻال ناٽڪن جي خيال کان محمد اسماعيل عرساڻيءَ جو 'نندڙا ناٽڪ' (١٩٨١) هڪ اهم ڪتاب آهي جنهن ۾ حاتم ۽ نوفل، پوڙهو ۽ انب جو وڻ، ٻه سپتيا ماڻهو، مزور ۽ گيهه جو دلو، ٻه ته ٻارهن، سياڻو قاضي، محلات يا مسافرخانو- نالي سان ڪل ست ناٽڪ ڏنل آهن. سڀ ناٽڪ مشهور آکاڻين جا ناٽيه روپانتر آهن.

پاڪستان سرڪار جي تعليمي وزارت عام معلومات جا ڪيترا وٿندڙ دستخط تيار ڪرايا، جن کي سنڌي ادبي بورڊ طرفان ١٩٨١ ۾ ڇپرايو ويو. اهي ڪتاب ٻارن لاءِ گيان- وگيان جو ڪارائتو ڀنڊار آهن. هڪ هڪ وشيه تي پورو ڪتاب لکي، ٻارن جي سائنسي ۽ جاگرافيائي ادب ۾ هڪ بهترين اضافو ڪيو ويو آهي. اهي ڪتاب آهن :

'سمنڊ جا اسرار' (ڪريمداد پتافي)، 'سنڌ جا عظيم صوفي بزرگ' (تنوير عباسي)، 'پورهئي جو مانُ' (عبدالحميد سنڌي)، 'پاڪستان جا پراڻا شهر' (رشيد ڀٽي)، 'ڪپهه جي ڪهاڻي' (محمد امين)، 'درياءَ ۽ سامونڊي ڪنارن سان زندگي' (حبيب الله صديقي)، 'گهرو هنر' (عنايت اللهه عباسي)، 'برڪه سائنسي کوجنائون ۽ ايجادون' (محمد عثمان ڏيپلائي)، 'بدن ۽ ان جو ڪم' (علي مرتضيٰ ڏاريجو)، 'شهري حياتي ۽ ٻوٽ' (ڊاڪٽر عبدالحميد سنڌي)، 'ماڪوڙي، ماکيءَ جي مک ۽ ڪوريئڙي جي حياتي' (ڊاڪٽر هارون رشيد ميمڻ)، 'اُستادن جا ادب' ۽ 'مثالي شاگرد' (محبوب علي جوکيو) ۽ 'وڏن جو ادب' (ڊاڪٽر نواز علي شوق) وغيره.

مٿين ڪتابن جي نالن مان ئي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اهي ڪيتري نه محنت سان تيار ڪيا ويا هوندا ۽ ٻارن جي لاءِ ڪيترا نه ڪارائتا بڻجي

سگھيا هوندا. سيئي ڪتاب اهڙي تہ سولي ٻوليءَ ۾ لکيل آهن جو ٻارن کي هرهڪ وشيہ کي سمجھڻ لاءِ دماغ تي گھڻو زور ڏيڻو نٿو پوي.

مهراڻ پبليڪيشن (شڪارپور) طرفان بہ ٻارڙن جي لاءِ سنڌ جي معلومات تي سوالن جوابن ۾ 'سنڌ سيريز' شروع ڪئي ويئي. ان سيريز ذريعي عام ڄاڻ جا ڪيترا ڪتاب ظاهر ڪيا ويا آهن. جهڙوڪ مهراڻ ادبي سيريز، سنڌي انسڪائيڪلوپيڊيا، مهراڻ جنرل ناليج، اسان جا اديب، اسان جا شاعر وغيره.

## ٻارن جا رسالا

سنڌ جي جدا جدا شهرن مان ٻارن جا ڪي رسالا نڪرندا رهيا آهن. گھڻو ڪري سڀ رسالا ٿورو گھڻو وقت هلي بند ٿيندا رهيا آهن. سنڌ ۾ سڀ کان وڌيڪ لوڪپريہ رسالو 'گل ڦل' آهي.

'گل ڦل' ماهوار رسالو سنڌي ادبي بورڊ طرفان ۱۹۵۹ ۾ جاري ڪيو ويو جيڪو اڄ تائين بانيم نڪرندو پيو اچي. هن رسالي جو ايڊيٽر غلام رباني تي رهيو. ان بعد گھڻا سال انور هالائي ۽ ان جي رٽائر ٿي وڃڻ کان پوءِ، 'گل ڦل' جي جوابداري اڪبر جسڪاڻيءَ کي سونپي ويئي.

هي رسالو وڏندڙ سائيز، سهڻي ڇپائي، دلڪش ٽائيٽل ۽ ٻارن جي لائق ڪارگر مواد جي ڪارڻ سڄي سنڌ جي ٻارن ۾ پيارو آهي. منجھس ڪهاڻين، گيتن وغيرہ کان سواءِ- ڳالھہ ٻولھہ، لطيفي لات، سائنس، روح رهاڻ- جهڙا ڪالم ڏنا ويندا آهن. تنهن ڪانسواءِ 'روشن تارا' ۾ ڪنهن ٻال اديب، ٻال ڪلاڪار يا ڪنهن هنرمند ٻار سان ملاقات ڏني ويندي آهي. مزيدار خبرن جي لاءِ 'ٻارن جي اخبار' ڪالم آهي. 'ننڍڙا اديب' ۾ ٻارڙن جون تخليقون ڇپي کين اُتساھہ ڏياريو ويندو آهي. 'اوهان جو امتحان' ۽ 'آڏ اڪري ڳجھارت' جهڙن انعامي مقابلن ۾ صحيح جواب موڪليندڙ ٻارن جا انن انن پيچن تي ڦهليل نالا ڏسي اندازو لڳائي سگھجي ٿو تہ اهو رسالو ٻارن ۾ ڪيترو لوڪپريہ هوندو.

نئشنل بوڪ ڪائونسل آف پاڪستان طرفان 'گل ڦل' رسالي کي سنڌس بهترين ڪارڪردگيءَ تي ۱۹۸۰ ۾ انعام ملي چڪو آهي. پاڪستان ملڪ ۾ شايع ٿيندڙ معياري رسالن جو جائزو وٺڻ کان پوءِ اهو انعام 'گل ڦل' کي ڏنو ويو آهي. سنڌيءَ ۾ نڪرندڙ هي پهريون رسالو آهي جنهن کي اعزاز مليو آهي.

’هلال پاڪستان‘ طرفان ماهوار ’گلن جهڙا ٻارڙا‘ رسالو نڪتو جيڪو ٿي سال هليو.

’سنڌ ٽائيمس‘ روزاني اخبار طرفان ماهوار ايڊيشن ’ٻالڪ‘ شروع ڪيو ويو. محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي نگرانيءَ ۾ ۽ نياز پنهور جي ايڊيٽريءَ ۾ هن رسالي کي ١٩٨٠ ۾ سنو رنگ بخشيو ويو.

’سنڌالاجي‘ طرفان ’سائنس‘ نالي ماهوار رسالو شروع ڪيو ويو جنهن ۾ ٻارن لاءِ سائنسي مواد ڏنو ويندو آهي.

سنڌ جي دادو ضلعي مان ناز سنائيءَ ’چٽڻگ‘ نالي قومي رسالو شروع ڪيو.

الطاف سومري جي ادارت ۾ داد لغاريءَ مان ’گلشن‘ رسالو شروع ڪيو ويو.

نياز پنهور جي سمپادڪيءَ ۾ ’لاٽ‘ رسالو، ڄامشورو سنڌ مان نڪتو. ضمير جعفريءَ جي ڪوشش سان ’سورهه‘ رسالو نڪتو. ’گونج‘ رسالو به نڪتو.

مئي ١٩٧٨ ۾ قربان منگيءَ ’پوپٽ‘ رسالي جي پهرين ڪڙي پيش ڪئي. سندر پيشڪش ۽ وندرائيندڙ ڪالمن ۽ آفسيٽ ڇپائيءَ ۾ خيرپور ميرس مان نڪتل هن رسالي ڇڳو رنگ لاتو.

مختيار ملڪ جي ترتيب هيٺ ’جوت‘ رسالو ڊسمبر ١٩٧٦ ۾ خيرپور ميرس مان نڪتو.

١٩٧٨ ۾ نظام عباسيءَ جي ترتيب سان لاڙڪاڻي مان ’رابيل‘ رسالو نڪتو. هر پرچي ۾ وندر جو مصالح ڏنو ويندو هو جنهن مان ’ماما ٿمون‌مل جي محفل‘ ڪالم گهڻو وندرائيندڙ هو. هر پرچي ۾ دنيا جي ادب مان هڪ ڪهاڻي ڏني ويندي هئي جنهن ۾ ’باهه وارو پکي‘، ’سياڻا ٻار‘، ’سپاهي ۽ ڪڪڙ‘، ’آني جهڙو ان‘ جهڙيون پرڏيهي ڪهاڻيون ڏنيون ويون.

متين سيني رسالن جي حياتي تمام ٿوري رهي. انهن مان ڪيترا رسالا بي مدي هئا يعني انهن جي اشاعت جو ڪو مدو مقرر ٿيل ڪونه هو.

## پبليڪيشنس

سنڌ ۾ اهڙيون ڪيتريون ئي پبليڪيشنس برپا ٿيل آهن جيڪي ٻارن لاءِ مسلسل ڪتاب شايع ڪنديون رهيون آهن.

محمود يوسفاڻيءَ، ١٩٥٧ ۾ اتحاد پبليڪيشن نالي هڪ ادارو قائم ڪيو.

ان اداري طرفان ’چنڊ راڻي‘، ’گل بهادر‘، ’ڦلواڙي‘ ۽ ’ستارن جي دنيا‘ـ چار ڪتاب پڌرا ڪيائين. ١٩٦٢ کان ١٩٦٥ واري عرصي ۾ شمع سيريز نالي هڪ ادارو هلايائين جنهن ڪل ٢٤ ڪتاب شايع ڪيا. جن مان ’بخت جي بازي‘ ۽ ’ڪابولي وارو‘ پاڻ لکيائين. اهي سمورا ڪتاب ٻارن لاءِ ڪارائتا ثابت ٿيا.

سنڌ ۾ اهڙا ٻيا به ڪيترا ادارا آهن جيڪي هيلتائين ٻاراڻو ادب ڏيئي چڪا آهن يا ڏيئي رهيا آهن. انهن ادارن مان ڪي نالا ـ

اداره گلشن ادب (ٽنڊو محمدخان)، سنڌي ادبي بورڊ (حيدرآباد)، چٽنگ پبليڪيشن (سن)، رابيل پبليڪيشن (لاڙڪاڻو)، گلشن پبليڪيشن (داد لغاري)، پوپٽ پبليڪيشن (خيرپور ميرس)، ٻارڙا پبليڪيشن (عمر ڪوٽ)، جوت پبليڪيشن (حيدراباد)، ڦلواڙي پبليڪيشن (حيدرآباد)، جيلاني پبليڪيشن (بدين)، سرهاڻ پبليڪيشن (ٽنڊو محمدخان)، گلڙا پبليڪيشن (تلهار)، آزاد پبليڪيشن (سيوهڻ)، صدائي وطن پبليڪيشن (حيدرآباد)، سانگيئڙا پبليڪيشن (ٽنڊو آدم)، شهزاده پبليڪيشن (ٽنڊو باگو)، وڪ وڏايو پبليڪيشن (هالا پراڻا)، گل ڦل سنڌي سنگت (هالا)، ڪهاڻي پبليڪيشن (حيدرآباد)، پارس اشاعت گهر (سکر)، سرهاڻ پبليڪيشن (سيوهڻ)، ٻارن جي محفل پبليڪيشن (حيدرآباد) وغيره.

مٿين ادارن مان ڪي ادارا بند ٿي چڪا آهن جن جي جڳهه تي نوان نوان ادارا شروع ٿيندا پيا وڃن.

## سنڌي ادبي بورڊ

سنڌي ادبي بورڊ هڪ اهڙو اهم ادارو آهي جنهن تمام گهڻي انداز ۾ معياري ڪتاب ڇپايا آهن. ٻال ساهتيه جا به ڪيترا بهترين ڪتاب هن اداري طرفان ڇپايا ويا آهن. مرزا قليچ بيگ جي اوائلي ٻاراڻن ڪتابن کي وري نئين سر ڇپايو ويو آهي. مثال طور: عجيب طلسم، نيلو پکي، ٻه جاڙا ڀائر، لباخان درزي ۽ خليفو کهنگ، ٿي ديو يا راڪاس، شهزادي محبوب جي آکاڻي، شيطان جي ناني، رستم، پٽيل اڪيون پوريل اڪيون، پائي وائي ۽ پائي وزو، قدم برگ شهزادي، عجيب جواهر، املهه ماڻڪ ۽ ٻيا. لوڪ ڪهاڻين جا سڀ سارا ست وڏا جلد ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ترتيب هيٺ ڇپايا ويا آهن. دنيا جي بهترين ٻال ساهتيه مان به ڪيترا ڪتاب

جهزوڪ: گلن جي ٽوڪري (ڪرستاف وان شمڊ)، ڳليور جو سير ۽ سفر (جوناٿن سوفٽ)، سيا جو سينگار (پنچتنتر جو ترجمو وشنو شرما)، ايسپ جون آکاڻيون (ديوان نندیرام ميراڻي)، ڳرم جون آکاڻيون (خانصاحب مريد علي)، دلپسند قصا (وليم شيڪسپيئر)، آمريڪي لوڪ ڪهاڻيون (رئشل فيلڊ)، ٻارن لاءِ آکاڻيون (مرزا مراد علي 'اختر') وغيره ڇپائي ٻال ساهتيہ ۾ اضافو آندو ويو آهي. هن بورڊ طرفان ۱۹۵۹ کان نڪرندڙ ٻارن جو رسالو 'گل ڦل' اَڃا تائين پيو نڪري.

## اِدارہ گلشن ادب

هن اداري جو پايو ۱۹۵۷ ۾ اياز پاٽوليءَ وڌو. ٽنڊو محمدخان مان هن اداري جي شروعات ڪندي هن ٻارن کي سندن ضرورت انوسار، ٻال ساهتيہ ڏيڻ جو واعدو ڪيو ۽ ٻارن لاءِ لڳاتار ڪيترا ڪتاب ڇپايا. اداري طرفان سوين ڪتاب ڇپايا ويا آهن جن مان چاليهہ کن ڪتاب خود اياز پاٽوليءَ لکيا آهن. سندس ڇپايل ذڪر لائق ڪتاب آهن: هبڪار، ٽڙيل گل، مغرور بادشاهہ، روشن تارا، ڪنول شهزادي، غيبي خزانو، ڳامون سچار، حيرت انگيز هيرو، ڪڙيا ڪٽڻهار، عجيب اِسرار، چمڪندڙ ستارا، پاڻ وهيٽي پري، هيرالعل هزار، ڇتيهہ لکٽو، بخت جي واپسي، رشوءَ جو رانديڪو، ڏاهپ جون آکاڻيون، جادوءَ جو چلو، برف جو محل، سوا لکہ جو هيرو، ڪارو گلاب، ٽارزن، محنت جو ڦل، خير راڻي ۽ ٻيا.

۱۷ جولاءِ ۱۹٦۰ تي مذڪور اداري طرفان ٻالڪن جي ٻاريءَ جي طرز تي 'بزم گلشن سنگت سنڌ' جو پايو وڌو ويو ۽ سنڌ ۾ ڪيترن هنڌن تي سنگت جون شاخون کلڻ لڳيون تہ ٻال ساهتيہ جا پانڪ بہ وڌيا. ٻارڙا پاڻ ۾ گڏجي تقريرون ۽ تحريرون ڪرڻ لڳا. ڇپيل ٻال ساهتيہ جو گڏجي اڀياس ڪرڻ لڳا، جنهن ڪري ٻال ساهتيہ جي وڪري ۾ واڌ آئي.

## سنسار پبليڪيشن

۱۹۸۰ ۾ 'اديون' ماهوار جي سمپادڪ عمرالدين بيدار سنسار پبليڪيشن جي سايعي هيٺ ٻارن جي لاءِ ڪي ڪتاب ڇپايا. اڳتي هلي هن انهيءَ سلسلي کي 'ٻاراڻو ادب' نالو ڏنو. انهيءَ ذريعي هن ننڍا ننڍا ڪتاب ڇپايا جهزوڪ: آسمان تو ڪري، گهر جي ڇڪ، حال احوال، هوشو شيدي، ڪابولي، سنڌ مدرسي بابت ننڍپڻ جون يادگيريون، هاستل تي واگهہ جو حملو وغيره.

ٻال ساهتيه بابت عمرالدين بيدار ’آسمان ڇو ڪري‘ ۾ جيڪو رايو ڏنو آهي سو ڌيان ڇڪائيندڙ آهي. هوُ لکي ٿو :

”ڏسڻ ۾ آيو آهي ته ٻارن جي سنڌي ڪتابن لاءِ هيلتائين ڪنهن جو لاڙو نه هو. مائٽ، اُستاد، توڙي بوڪ اسٽالون ٻارن جي لٽريچر کي اهميت ڏيڻ لاءِ تيار ناهن. جيڪڏهن هاڻي به سنڌي ٻارن ۾ ڪتابن پڙهڻ جو لاڙو پيدا نه ڪيو ويو ته پوءِ وقت هٿن مان هليو ويندو. ٻارن جي مائٽن ۽ ماسترن تي قومي ۽ اخلاقي فرض آهي ته ٻارن کي انهن جي ننڍپڻ ۾ ئي همٿائين جئن اپياس ۽ ڪتابن ڏي ٻارن جو ننڍي وهيءَ کان ڌيان ڇڪجي.“

غلام محمد لاکو سنڌ ۾ ڇپجندڙ ٻال ساهتيه تي نظرثاني ڪرڻ بعد هيٺين نتيجن تي پهچي ٿو :[1]

- ورهاڱي کان ڪري ۱۹۷۳ع تائين ڪل ۱۲۷ سنڌي ٻاراڻا ڪتاب ڇپيا.
- هن وقت جيترا ٻاراڻا پبليڪيشنس سنڌيءَ ۾ نڪرن ٿا، اوترا وڏن لاءِ به نٿا ڇپجن!
- اسان جي ٻار کي مادري زبان ۾ ادب دستياب ڪونهي، پر پوءِ به صورتحال مايوس ڪندڙ نه آهي.
- وڏا ليکڪ ٻارن لاءِ لکندي عار محسوس ڪن ٿا.
- سنڌي اخبارون اندو ڪاڻو، ٻارن جو صفحو ڪڍي ٻارڙن جي ذهني تربيت ڪري رهيون آهن پر ڪين اَجا به گهڻو ڪجهه ڪرڻ گهرجي.
- سنڌيءَ ۾ ٻاراڻي ادب جو آئينده روشن آهي.

□□

---

1. ’گل ڦل‘ (ڊسمبر ۱۹۷۹) ۾ ليکڪ جي لکيل مضمون ’سنڌيءَ ۾ ڇپجندڙ ٻاراڻو ادب‘ مان کيل ٽڪرا.

باب ٻارهون

# ڪن مخصوص نُڪتن جي مدنظر سنڌي ٻال ساهتيہ : تاثرات

سنڌي ٻال ساهتيہ جي هيلتائين جي وڪاس ياترا ۾ ان جون ٽي منزلون ملن ٿيون- ورهاڱي کان اڳہ، ورهاڱي کان پوءِ ۽ ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾. انهن ٽن منزلن مان بہ پهريون بہ انهيءَ ڪري اهميت واريون آهن جو اِهي ورهاڱي کان اڳہ توڙي پوءِ، ڀارت ۾ لکيل، سنڌي ٻال ساهتيہ تي روشني وجهن ٿيون.

ورهاڱي کان اڳہ جو دؤر چاهي ورهاڱي کان پوءِ جو دؤر پنهنجي پنهنجي ليکي گهڻا اهميت وارا رهيا. انهن دؤرن ۾ ڪوتا ۽ ڪهاڻيءَ جهڙين صنفن تي گهڻو قلم هلايو ويو. ناول، ناٽڪ ۽ مضمون وغيره جي شاخ ورهاڱي کان اڳہ بہ گهٽ لکي ويئي تہ ورهاڱي کان پوءِ بہ انهيءَ شاخ طرف جيترو ڌيان گهربو هو، اوترو نہ ڏنو ويو. ورهاڱي کان اڳہ جيڪا ترجمن جي اڪثريت هئي سا ورهاڱي کان پوءِ گهٽجي ويئي ۽ اصلوڪو ساهتيہ وڌيڪ لکجڻ لڳو. ان حقيقت جي باوجود ترجمي جي مشغولي اڄ تائين زور شور سان چالو آهي.

## حاصلاتون ۽ محدودگيون

وشين جي خيال کان ڏسجي تہ ٻال ساهتيہ جيڪو اڳي ٻارن کي پرين ۽ راجڪمارن جي لوڪ ۾ وٺي ويندو هو تنهن ۾ تبديل آئي آهي. اهڙو ساهتيہ اڄ بہ لکجي ٿو پر تمام گهٽ. هينئر جي ٻال ساهتيہ جو آڌار اسان جي آسپاس جي دنيا، جيو جنتو ۽ وگيان وغيره ٿيڻ لڳا آهن.

سنڌيءَ ۾ ٻال ساهتيہ گهٽ ڪونہ لکيو ويو آهي. انگہ اکر ڏيکارين ٿا تہ تعداد جي خيال کان ان جو وڪاس ڍل ڍيمي رفتار سان رهيو آهي، ڪٿي ڪٿي ان ۾ تيزي بہ آئي آهي، تڏهن بہ اَڃا وڌيڪ ٻال ساهتيہ جي اسانجن ٻارن کي ضرورت آهي، ان حقيقت طرف اسانجن اديبن کي ڌيان ڏيڻ جڳائي.

---

1. 'سنڌيءَ ۾ ڇپجندڙ - ٻاراڻو ادب'- 'گل ڦل' (ڊسمبر ١٩٧٩) ص. ٧١

سڄي هندستان ۾ اهڙو ڪوبہ پبلشر ڪونهي جيڪو صرف ٻارن لاءِ ڪتاب ڇپائيندو هجي. هڪ اڌ اپواد ضرور آهي. احمدآباد جي گلستان پبليڪيشن وارن ٻال ساهتيہ جا سؤ کان مٿي ڪتاب ڇپايا آهن. ڪي ڪتاب ويٽا پبليڪيشن، الهاسنگر طرفان بہ ڇپيا آهن پر اينترو ڪجهہ ڪافي نہ آهي. ٻين پبليڪيشنس ڪڏهن ڪڏهن ڪتاب پئي ڇپايا آهن. سنڌيءَ ۾ ليکڪ گهڻو ڪري خود ڪتاب ڇپائين ٿا پر اهي ٻارن تائين پهچائڻ جي هنن وٽ ڪابہ رٿا نہ آهي. جنهن ڪري انهن مان گهڻا ڪتاب تہ ٻارن تائين پهچن ئي ڪونہ ٿا. ٻارن تائين ڪتاب پهچائڻ جو اسان ڪي ڪو وسيلو ڳولهڻو پوندو. ٻارن کي ڪتابن جي بکہ آهي. حالتون اهڙيون آهن جو ٻار ڪتابن تائين پهچي ڪونہ ٿا سگهن، ان ڪري ڪتابن کي ٻارن تائين پهچائڻو پوندو. ٻارن جا ڪتاب، ٻارن تائين پهچائڻ جو ڪو وسيلو ڳولهبو تہ وڪري جو مسئلو بہ خود بہ خود حل ٿي ويندو. ٻارن جا ڪتاب ڇپائڻ ۾ ڪا آرٿڪ ڪوت نہ رهندي. ان ڪري اَڃا بہ وڌيڪ سٺا ڪتاب ڇپائي سگهبا. ڇاهہ جوڙ، سڄاوَٽ ۽ تصويرن تي بہ خرچ ڪري سگهبو. ان جي لاءِ سهڪاري مٿي تي هڪ ٽرسٽ ڇاهڻ جي لاءِ بہ سوچي سگهجي ٿو. ٽرسٽ جون شاخائون اهڙن هنڌن، مرڪزن تي برپا ڪري سگهجن ٿيون جِتي جتي سنڌين جو تعداد ڇڱو آهي. مطلب تہ پوري رٿا سان انهيءَ ڪم کي عملي روپ ڏيئي سگهجي ٿو.

ٻال ساهتيہ، ٻارن تائين نہ پهچڻ جو هڪ سبب اهو بہ آهي تہ سڄي ديش ۾ سنڌي ڪتابن ملڻ جو هڪ بہ مرڪز ڪونهي. جتي جتي سنڌي تمام گهٽي تعداد ۾ رهن ٿا اُتي سنڌي ڪتابن جا اڳيئر جيڪي مرڪز هئا سي يا تہ بند ٿي چڪا آهن يا سنڌيءَ بجاءِ اُهي هندي ۽ انگريزي وغيره ٻولين جا ڪتاب رکڻ لڳا آهن. ان طرح، سنڌي ٻوليءَ کي وڏو ڌڪ لڳي رهيو آهي. اسان وٽ هڪ بہ ٻال پستڪاليہ ڪونهي. اسڪولن ۾ بہ ٻال لئبرريون ڪونهن. جي آهن تہ ٻارن ۾ ڪتاب پڙهڻ جو چاهہ وڌي اهڙيون ڪوششون نٿيون ٿين. پستڪالين ۽ لئبررين جي جيڪا اهميت آهي، ان طرف ڌيان نہ ڏنو ويو آهي.

ڀارت ۾ سرڪاري اِدارا جهڙوڪ نئشنل بوڪ ٽرسٽ، پبليڪيشن ڊويزن آهن، مشهور خانگي ٽرسٽ جهڙوڪ چلڊرينس بوڪ ٽرسٽ آهن. اهي ڀارت جي لڳہ ڀڳ سيني ٻولين ۾ ٻال ساهتيہ ڇپائيندا آهن. اهي انهن ڪتابن جو ٻين ٻولين ۾ ترجمو بہ ڪرائيندا آهن. پر اڄ تائين انهن ادارن سنڌيءَ ۾

هڪ به ڪتاب نه ڇپايو آهي. ان طرح اسان جو ٻال ساهتيه، ٻين ٻولين لاءِ اڻ سڃاتل رهجي ويو آهي.

سنڌيءَ ۾ هڪ به سٺو ٻارن جو رسالو ڪونهي. 'ڦلواڙي' رسالو پنهنجين ڪيترين محدودگين ۽ مريادائن هوندي به، بانيم نڪري ٿو سا آٿت ڏيندڙ ڳالهه ليکڻ کپي پر سنڌي ٻارن کي ان ڪان به وڌيڪ سندر، رنگين، دلڪش رسالي ڏسڻ جي چاهنا آهي.

## ٻال ساهتيه جي تنقيد

ٻال ساهتيه کي ساهتيڪ درجو ملي، ان لاءِ اسانجن نقادن ڪڏهن ڪوشش نه ڪئي آهي. هيڏين سارين مخزنن ۽ اخبارن هوندي به ٻال ساهتيه جي ڪتابن جي آلوچنا-تنقيد-چندچاڻ خير ڪو ٿيندي ڏسڻ ۾ آئي آهي. سنڌي ادب جي مڃيل نقادن مان، ڪنهن به ڪڏهن ٻال ساهتيه جي ڪتاب کي هٿ نه لاتو آهي. نتيجو اهو نڪتو آهي جو ڪيترين اخبارن ۾ ڪي سطحي سمالوچنائون پئي ڇپيون آهن. ان طرح ٻال ساهتيه، صحيح تڪ تور کان وانجهيل رهيو آهي. سنڌيءَ ۾ گهڻو ڪري معلوماتي قسم جي سمالوچنا ڏيڻ جو رواج وڌيڪ رهيو آهي. ان قسم جي سمالوچنا دواران، ذڪر هيٺ آيل ڪتاب ۾ ڪهڙي ڪهڙي قسم جون خوبيون آهن، ان ۾ ڪهڙي قسم جو ۽ ڪهڙي وشيه تي مئنتر آهي- فقط ان جي تفصيلوار ڄاڻ ڏني ويندي آهي.

ٻال ساهتيه جي تنقيد جي استثي، ٻين ڀاشائن ۾ به لڳ ڀڳ اهڙي آهي. ٻال ساهتيه جي صحيح ڪٿ نه ٿيڻ سبب، ان جي وڪاس ۾ اها ڳالهه آڏو اچي ٿي. اسان کي انهيءَ استثيءَ مان ٻاهر نڪرڻو پوندو.

## پراڊڪشن

تصويرن يا چترن جو ٻارن جي ڪتابن ۾ تمام اهميت ڀريو استان آهي. ننڍن ٻارن لاءِ ته مئنتر کان به وڌيڪ اهميت تصويرون رکن ٿيون. هوُ پنهنجي آسپاس جڏهن ڪا ڳانءِ، ڪتو، ڪبوتر وغيره ڏسن ٿا يا ريل گاڏي ۽ هوائي جهاز جهڙيون شيون ڏسن ٿا تڏهن هنن کي اچرج لڳي ٿو. انهن ئي چيزن کي جڏهن هوُ تصويرن جي روپ ۾ پنهنجي اڳيان ڏسن ٿا تڏهن اهي کين وڌيڪ وڻن ٿيون.

شروعاتي اوستا ۾ ٻار اکرن کي گهٽ، چترن کي وڌيڪ سڃاڻن ٿا. چترن جي ذريعي ئي هوُ اکرن کي سڃاڻڻ سگهن ٿا. ڏيري ڏيري ٻار جڏهن اکرن کي

سڃاڻندو ويندو تئَن چترن جو تعداد بہ گهٽجندو ويندو آهي. ان خيال کان ڏسجي تہ شروع ۾ لفظن جي گهٽ پر تصويرن جي وڌيڪ ضرورت هوندي آهي. ننڍن ٻارن لاءِ تيار ڪيل ڪتابن ۾، ان ڪري ئي، وڌيڪ ۾ وڌيڪ تصويرون ڏنيون ويندريون آهن. جيئن جيئن لفظن جو تعداد گهٽجندو ويندو آهي تئَن تئَن تصويرون ننڍيون ٿينديون وينديون آهن.

ٻارن کي تصويرون وڻن ٿيون، ان حقيقت کي سڀني قبول ڪيو آهي. ڪن ماڻهن جي اِها راءِ آهي تہ ٻارن جي ڪتابن لاءِ بالغ چترڪارن جي بدران جيڪڏهن ٻارن کان تصويرون ٺهرائي، انهن کي ڪم آندو وڃي تہ ٻال ساهتيہ جا ڪتاب وڌيڪ ڪارائتا ٿيندا. ليڪن ان راءِ کي وگيانڪ سطح تي ڪو ٽيڪو ڪونہ ملي سگهيو آهي. پريوگہ جي خيال کان اها ڳالهہ اُپيوگي ٿي سگهي ٿي ڇو جو پنهنجا چتر ڪتاب ۾ ڪم آيل ڏسي ٻارن کي، سياويڪ اُتساهہ ملندو ۽ کين پنهنجين ڪلپنائن کي اظهار ڏيڻ جو موقعو ملندو.

ڪن ڄاڻن جو اهو بہ رايو آهي تہ ٻال ساهتيہ ۾ ڪنهن بہ قسم جون تصويرون هئڻ ئي نہ گهرجن. سندن چوڻ انوسار، ٻار جڏهن ڪا آکاڻي پڙهي ٿو. تڏهن هن جي من ۾ نيون نيون ڪلپنائون جاڳن ٿيون. پر جڏهن ڪو چترڪار انهيءَ آکاڻيءَ سان واسطو رکندڙ ڪي تصويرون ٺاهي ٿو تڏهن ٻار جي ڪلپنا شڪتي ڄڻ هڪ دائري ۾ بند ٿي وڃي ٿي. ٻار آکاڻيءَ جو نايڪ بڻجي نيون نيون ڪلپنائون نٿو ڪري سگهي. جيڪڏهن آکاڻيءَ سان گڏ تصويرون ڏنيون ئي نہ وڃن تہ جيڪر ٻار، چترڪار جي آڱر پڪڙي سندس ئي نظر سان دنيا ڏسڻ بدران پنهنجي ڪلپنا لوڪ ۾ گهمڻ جو آنند ماڻي سگهي.

هن راءِ کي ڪنهن حد تائين وزن هوندي بہ، ٻال ساهتيہ جي ڄاڻن، تصويرن هئڻ واري ڳالهہ جي لازميت کي شدت سان محسوس ڪيو آهي. ٻال ساهتيہ کي سينگارڻ ۾ تصويرن جي اهم رول کان اِنڪار نٿو ڪري سگهجي. نہ صرف ايترو پر ڪيترن ڪتابن لاءِ تہ رنگين تصويرون ڏيڻ بلڪل ضروري آهن. جدا جدا رنگن جي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ لکيل ڪتاب يا گلن جو پريچيہ ڪرائڻ لاءِ لکيل ڪتاب جيڪڏهن رنگين نہ هوندو تہ اهو ڪوبہ اثر ڇڏي نہ سگهندو. تصويرن ذريعي ٻارن کي وشيہ کي سمجهڻ جي مدد ملي ٿي تہ منجهن ڪلا ٻوڌ جو بہ وڪاس ٿئي ٿو.

تصويرن سان گڏ ڪتابن جي ڇپائيءَ بہ ڌيان لهڻو. سڀ کان اول تہ ڪتاب، ڪهڙي عمر گروپ جي ٻار لاءِ آهي ان ڪي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ۽ ان نموني ئي اکرن جا پائنٽس (Points) طئہ ڪرڻ گهرجن. جيڪڏهن ڪتاب تمام ننڍي عمر جي ٻارن لاءِ آهي تہ ان جا اکر وڏا هئڻ گهرجن. اکرن تي زيرون زبرون ڏيڻ گهرجن. ننڍن ٻارن لاءِ پڙهڻ جي سامگري ڪاري مس جي بدران ٻئي ڪنهن رنگہ ۾ بہ ڇاپي سگهجي ٿي پر ان لاءِ هڪ خاص خبرداري رکڻ جي ضرورت آهي سا اِها تہ اُها مس سائي، پيلي ۽ ڪيسري جهڙن رنگن جي نہ هئڻ گهرجي. اهڙن رنگن ۾ ڇپيل مٽتر ڪي پڙهڻ ۾ ٻارن کي تڪليف ٿئي ٿي. وڏي عمر جي ٻارن لاءِ وڏا اکر نہ هلن. اهي ننڍن پائنٽس وارا پسند ڪرڻ گهرجن. مٽتر سان گڏ ايندڙ تصويرن کي اهڙي هنڌ تي رکجي جئن ٻارن کي پڙهڻ وقت اهي تصويرون رنڊڪ نہ پهچائين. هرهڪ صفحي تي مس جي چمڪ نيڪ ۽ هڪجهڙي هجي. چئني طرفن کان صحيح حاشي ڇڏيل هجي ۽ لفظن ۽ سٽن جي وچ ۾ گهرج جيتري جڳهہ بہ هئڻ گهرجي - نہ گهٽ نہ وڌ.

هينئر ڪتاب جي ٻاهرئين رنگہ روپ کي ڏسون. رنگہ روپ ۾ گهٽيون ئي ڳالهيون اچن ٿيون. پهرين آهي ان جي سائيز. ڪتاب ڪهڙي عمر جي ٻارن لاءِ آهي، ان کي ڌيان ۾ رکي ڪتاب جي سائيز مقرر ڪرڻ گهرجي. عام طور ننڍن ٻارن لاءِ ڊيمي يا ان کان ٿوري وڏي يا ٿوري ننڍي سائيز پسند ڪئي وڃي ٿي. وڏي عمر جي ٻارن لاءِ ڪرائون سائيز ئي نيڪ رهندي. ڪاغذ اڇو ۽ ٿورو ٿلهو واپرائڻ گهرجي. اهو جيترو اڇو، وٽندڙ ۽ ٿلهو هوندو اوترو ڪتاب وٽندڙ، دلڪش ۽ مضبوط بيهندو. هلڪو ڪاغذ ٻارن جي هٿن ۾ جلد ڦاٽي پوندو آهي. ڪتاب جو ٽائيٽل ڪوَر بہ هڪ کان وڌيڪ رنگن وارو، مضبوط پاڻي وارو هوندو تہ ڪتاب وٽندڙ ۽ مضبوط بيهندو. ڪل ملائي ڪتاب ڏيک ۽ ڇپائيءَ وغيره ۾ اهڙو هئڻ گهرجي جو ٻارن کي اهو هٿ ۾ کڻڻ ۽ پڙهڻ تي دل ٿئي.

ٻال ساهتيہ جي پراڊڪشن سان واسطو رکندڙ مٿين باريڪ ڳالهين ڏانهن توجه ڏيڻ جي ضرورت آهي. ڀارت جي هرهڪ ٻوليءَ ۾ ڇپجندڙ ٻال ساهتيہ جو گهڻو حصو تہ مٿين ڳالهين جو ڌيان رکڻ بنا، پڌرو ڪيل ٻال ساهتيہ آهي، سنڌيءَ سميت. البت اها ڪچائي، ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾، سنڌيءَ ۾ ٿوري وڌيڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. سنڌيءَ ۾ محدود ساڌنن، گهربل سهولتن ۽ وڪري

جي عدم موجودگي وغيره جهڙين حقيقتن کي سويڪاري هلجي تہ پوءِ اها
ڪمي، اها ڪچائي ڪنهن حد تائين نظرانداز ڪري سگهجي ٿي. ان هوندي
بہ ڇٽيرا ڪتاب اهڙا آهن جن تصويرن، اکرن جي پائنٽس، زير زبرن،
ڇپائي، قد بت، رنگ روپ جي مڙني خوبين يا انهن مان ڪن خوبين جي
ڪارڻ ڏيان ڇڪايو آهي. ڪي نالا جهڙوڪ : ’لاتيون‘، ’ٻارو اچو تہ ڳايون‘،
’نئين بستي‘، ’اَمان توکي خبر آهي؟‘، ’ستارا‘، ’باغ بهار‘، ’ڏاڏيءَ جون
آکاڻيون‘، ’ڀارت درشن‘، ’مزيدار گيت‘، ’چوٿون باندر‘، ’رم جهم رم جهم‘
ڪٽي سگهجن ٿا. تنهن هوندي بہ انهيءَ ڪميءَ وڏيڪ ڏيان لهڻو.

## آخر ۾

ڀارت ۾ سيني ٻولين کي پنهنجو پنهنجو پرانت آهي. پنهنجي پرانت
هئڻ ڪري انهن کي اوسر جو پورو پورو موقعو مليو آهي. سنڌي ٻوليءَ کي
پنهنجي زمين ڪانهي. ان ڪري ان کي اهو لاڀ نہ ملي سگهيو آهي.

(١) سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجو پرانت ڪونهي پر سڄي هندستان ۾، هِتي
هُتي، اها پکڙيل آهي.

(٢) سنڌي جاتي ورهاڱي کان پوءِ پنهنجي ٻوليءَ، تعليم، ڪلا ۽ ڪلچر
وغيره جي وجود کي قائم رکڻ جي جدوجهد ڪري رهي آهي.

(٣) سنڌي تعليم تي انگريزي ۽ ٻين مڪاني ٻولين جو اثر حاوي آهي،
ان ڪري سنڌي وديارٿي گهٽجندا ٿا وڃن.

(۴) سنڌي اديبن ۾ ڪوبہ ڪامرشيل/ڦل ٽائيم ليکڪ ڪونهي. ڏنڌي-
نوڪريءَ کان پوءِ ٿورو گهڻو وقت ڪڍي هوُ تخليقي ڪاريہ ڪندا رهن ٿا.

(۵) سنڌي وڪري جو ڪو خاطرخواه بندوبست ڪونهي.

اهڙين حالتن جي باوجود، سنڌيءَ ۾ جيڪو ٻال ساهتيہ لکيو ويو آهي سو
تعداد ۽ معيار جي خيال کان اسان کي پنهنجي ورثي جو تحسين جوڳو
احساس ڪرائي ٿو.

□□

# مددي ڪتاب

## Sindhi Books


(1) سنڌي نثر جي تاريخ (1966)
خواجہ غلام علي الانا
ادبيات پبليڪيشن، حيدراباد سنڌ.

(2) سنڌي نثر جي تاريخ
منگھارام ملڪاڻي
زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد سنڌ.

(3) سنڌي ساھتيہ جو اتھاس (د) (1972)
ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي
سنڌو سماج، نئي دھلي.

(4) ٻال ساھتيہ ۽ سنڌيءَ ۾ ان جي اھميت
سمپادڪ : ھوندراج بلواڻي
ڪويتا ساھتيہ مالھا، احمدآباد.

(5) ’ٻالڪ‘ سووينئر (1967)
ٻال وديا وھار، اُلھاسنگر.

(6) ’گل ڦل‘ ماھوار جا انڪ
سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ.


## English Books


(1) A Critical History of Children's Literature (Revised Edition - 1969) by Cornelia Meigs, Anne Thaxter Eaton, Elizabeth Nesbitt Rath Hill Viguers, The Macmillan Company, London.

(2) The Way to Write for Children (1982)
by Jhon Aiken
E/M Tree Books, London.

(3) Children's Literature : Crticism and Response (1976)
by Mary Lou White
Charles E. Marrill Publishing Co., Columbus, Ochio.

(4) Children's Literature in the Elementary School
(Second Edition)
by Charlotte S. Huch & Doris Young Kuhn Holt
Rinehart and Winston, Inc., New York.

(5) Child Development (Fifth Edition)
by Elizabeth B. Hurlock,
Mc Graw-Hill Kogakusha, Ltd., Tokyo, Japan.

(6) Trends in Juvenile literature in India
Edited by D.P. Pattanayak
Central Institute of Indian Languages, Mysore.

(7) What is Children's Literature? (1982)
by T.V. John
The State Institute of Children's Literature, Trivandrum.

(8) Child Psychology (Second Edition)
by Dorothy Regers
Books/Cole Publishing Company, Monterey, California.

(9) Child Behavior and Development (1976)
by B. Kuppuswamy
Vikas Publishing House Pvt. Ltd., Delhi.

(10) Writing for Children (1982)
by Manorama Jafa
Children's Book Trust, New Delhi.

(11) Children's Literature : Preparation and Evaluation (1982)
Edited by I.S. Sharma
National Council of Educational Research and
Training, New Delhi.

(12) National Conference on Child Education (Souvenir-1987)
Edited by Y.C. Halan, M.S. Agarwal & Sukumar Mahajan
Indian Council for Child Education, New Delhi.

(13) Reflection of Social Values in Children's Literature
Prahlad Kumar Pramanik, Calcutta.

(14) History of Sindhi Literature (1984)
Prof. Popati R. Hiranandani, Bombay.

(15) Children's Literature in Indian Languages (1982)
Editor : Dr. (Miss) K.A. Jamuna,
Publications Division, Govt. of India, New Delhi.

(16) Guide for Child and Youth Welfare Workers (1988)
Dada Shewak Bhojraj, Balkan Ji Bari, Bombay.

(17) Drama in Schools. (1968)
Mina Swaminathan
National Council of Educational Research
and Training, New Delhi.

(18) The Role of Chitrakatha in School Education
India Book House Education Trust, Bombay.

## Hindi Books

(1) हिन्दी बाल साहित्य की रूपरेखा (1985)
डॉ. श्री प्रसाद, लोक भारती प्रकाशन, इलाहाबाद.

(2) हिन्दी बाल साहित्य : एक अध्ययन (1969)
डॉ. हरिकृष्ण देवसरे, आत्माराम एण्ड सन्स, दिल्ली.

(3) बाल साहित्य : रचना और समीक्षा (1979)
संपादक : डॉ. हरिकृष्ण देवसरे, शकुन प्रकाशन, नई दिल्ली.

(4) हिन्दी बाल पत्रकारिता : उद्‌भव और विकास
डॉ. सुरेन्द्र विक्रम, साहित्य वाणी, इलाहाबाद.

(5) बालगीत साहित्य (इतिहास एवं समीक्षा) (1983)
निरंकर देव सेवक
उत्तर प्रदेश हिन्दी संस्थान, लखनऊ.

(6) आधुनिक हिन्दी में बाल साहित्य का विकास (1986)
डॉ. विजयालक्ष्मी सिन्हा, साहित्यवाणी, इलाहाबाद.

(7) हिन्दी बाल साहित्य : परम्परा और प्रयोग (1992)
सम्पादक : डॉ. ओमप्रकाश सिंहल, अनुराग प्रकाशन, नई दिल्ली.

(8) बाल स्वास्थय और बाल शिक्षा (1986)
सत्यपाल रुहेला, प्रकाशन विभाग, नई दिल्ली.

(9) चिड़िया पढ़ाओ (1985) स्मारिका
भारतीय बाल - शिक्षा परिषद, नई दिल्ली.

(10) बाल रंगमंच- : कुछ जरुरी सवाल
संपादक : कृष्ण नारायण कक्कड़,
उत्तर प्रदेश संगीत नाटक अकादमी, लखनऊ.

(11) 'मधुमती' भारतीय बाल साहित्य विवेचन विशेषांक (1967)
संपादक : मनोहर वर्मा

(12) 'संस्कृति' बाल विशेषांक (1979)

(13) 'भाषा' बाल विशेषांक (1979)

(14) 'केशव प्रयास' बाल विशेषांक (1982)

(15) 'हिन्दी प्रकाशक' बाल साहित्य विशेषांक

(16) 'कल्याण' बालक अंक

## Gujarati Books

(૧) ગુજરાતી બાળવાર્તાઓ : સ્વરૂપ અને સમીક્ષા (૧૯૮૪)
ડૉ. ભારતી ઝવેરી, જામનગર.

(૨) બાળનાટક અને એનું સાહિત્ય (૧૯૭૨)
ચંદ્રવદન સી. મહેતા તથા હંસાબહેન મો. પટેલ
યુનિવર્સિટી ગ્રંથ નિર્માણ બોર્ડ, ગુજરાત રાજ્ય, અમદાવાદ.

(૩) ગુજરાતીમાં બાળ સાહિત્ય (૧૯૮૫)
મોહનભાઈ શંકરભાઈ પટેલ,
ગુજરાત વિદ્યાપીઠ, અમદાવાદ.

(૪) બાલકથા : સ્વરૂપ અને તેના પ્રકારો (૧૯૯૧)
ડૉ. શ્રદ્ધા ત્રિવેદી, અમદાવાદ.

(૫) ગુજરાતીમાં બાલકથાનું સ્વરૂપ તથા તેનો વિકાસ (૧૯૮૯)
પી.એચ.ડી. માટે ગુજરાતી યુનિ. માં રજૂ થયેલો શોધ નિબંધ, ડૉ. શ્રધ્ધા ત્રિવેદી.

(૬) વાર્તાનું શાસ્ત્ર (૧૯૮૫)
ગજુભાઈ,
સંસ્કાર સાહિત્ય મંદિર, ભાવનગર.

(૭) બાળનાટ્યનો અભ્યાસક્રમ
વિનલતા મહેતા અને પરાગજી ડોસા.

(૮) બાલમાનસ પરિચય (૧૯૭૧)
દેવશીભાઈ ડી. પટેલ,
અનડા બુક ડીપો, અમદાવાદ.

(૯) બાળમનોવિજ્ઞાનમાં ડોકિયું
શ્રીમતી હર્ષિદા પંડિત,
યુનિવર્સિટી ગ્રંથ નિર્માણ બોર્ડ, ગુજરાત રાજ્ય, અમદાવાદ.

(૧૦) શિશુલોક : પરિસંવાદ વિશેષાંક (૧૯૯૧)
તંત્રી : મોહનભાઈ શં. પટેલ,
ડૉ. કોયા એજ્યુકેશન ટ્રસ્ટ, અમદાવાદ.

(૧૧) 'પરબ' બાળ સાહિત્ય વિશેષાંક (૧૯૮૩)
સંપાદક : કુમારપાળ દેસાઈ,
ગુજરાત સાહિત્ય પરિષદ, અમદાવાદ.

(૧૨) 'ગ્રંથ' બાળ સાહિત્ય વિશેષાંકો (૧૯૬૮, ૧૯૮૨, ૧૯૮૪)
આવતી કાલની પરિકથા વિશેષાંક (૧૯૮૩)
ગિજુભાઈ જન્મ શતાબ્દી બાળ સાહિત્ય વિશેષાંક (૧૯૮૫)

(૧૩) 'ઉદ્‌ગાર' બાળ વિશેષાંક (૧૯૭૯)
સંપાદક, મનહર મોદી.